سٺو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي ؟

تنظيمي معاملن تي ليو شائوچي
جون ناياب تحريرون

ليوشائوچي

عطا محمد ڀنيرو

روشني

سنو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي ؟

(تنظيمي معاملن تي 'ليوشائوچي' جون ناياب تحريرون)

ليوشائوچي

عطا محمد ڀنيرو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2014ع

Roshni Book No. 633

ڪتاب جو نالو: سنو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي؟

ليکڪ: ليو شائوچي

مترجم: عطا محمد ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: © روشني 2014ع

ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

قيمت: -/250 رپيا

SUTHO COMMUNIST KEAN THIJY

By: **Liu Shaoqi**

Translated by: **Atta Muhammad Bhanbhro**

Composed by: Anwer Hussain Soomro

Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad

Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.

Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2014

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد+ پناڻي بوڪ هائوس اورينٽ سينٽر حيدرآباد

ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو+ ڪانياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو

مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو

اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه +المهراڻ ادبي ڪتاب گهر سانگهڙ

مهراڻ ڪتاب گهر کپرو+ العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ.

مهراڻ ڪتاب گهر ميرپورخاص+ اڪرم بڪ اسٽال ميرپورخاص.

سليم نيوز ايجنسي نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو+ مدني اسلامي ڪتب خانو دادو

مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + ٿر ڪتاب گهر، مٺي

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي

مهراڻ مرڪز سکر+ مهراڻ بڪ سينٽر، سکر+ نيو ميمڻ بڪ ڊيپو سکر.

تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا+سارنگ ڪتاب گهر ڪنڊيارو+ قاسميه لائبرير، اسپتال روڊ ڪنڊيارو

ارپنا

شفقت قادريءَ جي نانءُ

فهرست

مهاڳ 7

پورهيت طبقي جو انقلاب ۾ حصو ۽ پورهيت هلچل بابت اسان
جي اختيار ڪيل حڪمت عملي 11

مسٽر ليائو چونگاءِ 4 مزدور ۽ هاري حڪمت عملي 15

ٽريڊ يونين لاءِ ٻه مسئلا 17

- (1) ٽريڊ يونين جون ڪانفرنسون 17
- (2) مختلف ٽريڊ يونينن جو بنياد ۽ تنظيم سازي 18

نعرن جي تبديليءَ بابت 21

پيلو يونينس کي ڇڏڻ لاءِ اختيار ڪيل تدبيرن تي تبصرو 27

مزدورن جي مطالبي جي نئين شڪل ۽ نئون رَويو 34

ڪارخانا بند ڪرڻ ۽ اصولن ضابطن جي انحرافي ڪرڻ وارن
لاڙن کي ختم ڪرڻ 39

گورن جي حڪومت وارين ايراضين ۾ مزدور تحريڪن لاءِ
خصوصي هدايتون 54

اڳواٽڻ مان اصطلاح بازيءَ جي استعمال جو خاتمو ڪرڻ 63

قومي متحد محاذ جي اڳواٽي نازڪ مسئلو آهي 69

گورن جي حڪومت واري علائقي ۾ پارٽي ۽ اتان جي عوام سان
سندس رابطو 78

- هڪ مڪمل تبديلي 78
- پارٽي ۽ عوام وچ ۾ لاڳاپو 82
- ڪليل ۽ ڳجهين سرگرمين جو پاڻ ۾ رابطو 84
- پارٽيءَ جي شڪل صورت جي تبديلي 88

متحد محاذ، پارٽي جي مدد سان قومي سطح تي جمهوريت، ايڪو ۽
قيادت قائم ڪرڻ 99

جپان خلاف ڇاپا مار جهيڙي لاءِ بنيادي مسئلا! 108

- اتر چين ۾ ڇاپا مار جنگ کي اڳتي وڌائڻ وارين حالتون ۽ ڪاميابين
لاءِ سندس روشن مستقبل 110

• جپان خلاف هٿيار بند قوت جو ٺهڻ ۽ ان جي نئين تنظيم ڪرڻ 113
• جپان خلاف گوريلا مرڪزن جو قيام ۽ جپان دشمن حڪومتون 117
اسان جي پارٽي جي اڳواڻيءَ هيٺ جپان دشمن
جمهوري حڪومت جو قيام 120
• شانگزئي، ڪاهار، هيبئي حڪومت جي قيام لاءِ ناءِ رونگچين ڏانهن
موڪليل ٽيليگرام 120
• هي لونگ، گو آن چيانگ پنگ ۽ اتر چين جي ساري علائقي جي پارٽي
تنظيمن ڏانهن موڪليل ٽيليگرام 122
اتر چين ۾ جپان سامراج خلاف گوريلا ويڙهه جي آزاد قسم جي
اڳواڻي ڪريو 125
سنو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي؟ 129
• مارڪس ۽ لينن جا لائق شاگرد 136
• اينگلس ۽ مارڪس 137
• ڪميونسٽ ڏر جي خود اصلاح ۽ عوام جو انقلابي عمل 142
• پارٽي جي ڪارڪن کي گهرجي ته هو پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي
جي مفادن جي تابع رکي 156
• پارٽيءَ ۾ موجود غلط نظرين جا مثال 164
• پارٽيءَ اندر موجود غلط نظريي بابت رويو ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد 184
قدامت پسندن جي سخت حملن کي اٽل ارادن سان تباهه
ڪري ڇڏجي 203
جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت 206
پارٽي جي اندروني جدوجهد 216
• تعارف 216
• اهي خاص حالتون جن دوران چين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد رکيو
ويو هو ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران اختيار ڪيل ۽ معمول کان
هٽيل غلط ڳالهيون 220
• پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ بي دليءَ ۽ انتها پسنديءَ جو اظهار 230
• پارٽيءَ اندر بي اصولي جدوجهد 244
• پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ڪهڙي طريقي سان شروع ڪرڻ گهرجي 253

مهاڳ

اسان جنهن دور ۾ سياست ڪري رهيا آهيون، اُهو 60 ۽ 70 جي ڏهاڪي کان ڪوڙ سارين معنائن ۾ مختلف آهي. عالمي طور تي اشتراڪي روس جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ مائوءَ جو چين سرمائيداراڻي دڳ تي گامزن آهي. اهڙي ريت دهشتگردي مخالف جنگ جي نعري هيٺ عالمي سامراج اڪيلي سگهاري قوت طور تين دنيا جي وسيلن جي ڦُرلٽ ۾ متل مڇ وانگي ٽونا هڻي رهيو آهي. نظرياتي نقطہ نگاهہ کان مارڪسزم تي مابعدالجديديت (Postmodernism) جي فڪر جو گهڻ رخو حملو جاري آهي ۽ ويهين صدي جي قومي آزاديءَ جون جدوجهدون هجن يا پورهيت تحريڪون، انهن منجهان حاصل ٿيل سبقن تي نيو لبرل حال (present) طرفان سواليہ نشان هڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ٿي رهي آهي. ڪيڊر پارٽي کان ماس پارٽي ڏانهن لاڙو، جهموريت جي نالي ۾ ڇڙواڳي ۽ انفراديت جو دفاع، تنقيد ۽ نواڻ جي دليل هيٺ ترميم پسنديءَ جي تشهير سميت اين. جي. اوز جي حمايت هجي يا منظم پارٽين کي ماضيءَ جو قصو چوڻ وارو رجحان، هي سڀ سڌي اڻسڌي ريت انهي مابعدالجديديت جي فڪر جا ڪارناما آهن، جنهن سبب سنڌ جي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري سياست ڏينهن بہ ڏينهن پنهنجي انقلابي ڳر کان ڏور ٿيندي پئي وڃي. نتيجي طور اڄ اسان جي عوامي سياست اندر موقعي پرستيءَ جون پاڙون پهرين کان مظبوط ٿيون آهن. سنڌ ۾ اڄ غير جمهوري قوتن سان مفاهمت کي جمهوريت، سامراج جي ثناخواني کي قومي آزادي ۽ هارين ۽ مزدورن ۾ اين. جي. اوز جا پراجيڪٽ ڪٽي وڃڻ کي طبقاتي جدوجهد سڏيو ٿو وڃي. اهڙي حالتن ۾ جڏهن سنڌ اندر آدرشي سياست کي ديواني جي خواب سان ڀيٽيو وڃي ۽ آزادي ۽ انقلاب جو مقصد رکندڙ پارٽيون تنظيمي ۽ نظرياتي بحران جو شڪار هجن، تڏهن سائين عطا محمد ڀنڀرو صاحب جو هي ترجمو هڪ واقتائتو ۽ تمام گهڻي اهميت وارو پورهيو آهي جنهن تي سائين ڪيرون لهڻي. ساٿي لطيف لغاري جو پورهيو بہ تعريف لائق آهي جنهن ڪتاب کي پنهنجي نظر منجهان ڪڍي، ڇپائيءَ لائق بڻايو.

ليو شائو چي جا هي مظمون دراصل اُهي ليڪچر آهن، جيڪي هُن مارچ 1926ع کان جولاءِ 1939ع تائين جي عرصي منجهه پارٽي ڪارڪنن ۾ ساٿين کي ڏنا. جن کي 1939ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ ليو شائو چي ليڪچرن جو ٻيو اهم سلسلو بہ شامل آهي، جيڪي ليڪچر هن 1941ع ڌاري پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد تي ڏنا. ليو شائو چي جي انهن سمورين ليڪچرن يا لکڻين کي بهتر انداز ۾ سمجهڻ لاءِ چيني انقلاب جي تاريخ جي انهي اهم دور کي ۽ انهيءَ دور جي تضادن کي بہ سمجهڻو پوندو جنهن ۾ چين اندر جاگيرداريءَ خلاف منظم ويڙهہ، ڪميونسٽن ۽ قومپرستن جي اتحاد، 1927ع ۾ انهيءَ اتحاد جو خاتمو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو شهرن سان گڏ ٻهراڙي اندر تنظيم سازي تي زور، مشهور لانگ مارچ ۽ وري ٻي دور ۾ جپاني استماريت خلاف متحد محاذ جهڙا اهم مامرا اچي وڃن ٿا.

ذاتي طور تي ليو شائو چي مونکي ڪجهہ معنائن ۾ روس جي پليخانوف جهڙو پاسندو آهي، جنهن جي ٻي دور جي منشويڪ سياست سان تہ لينن جا سخت اختلاف ٿي ويا هئا پر جنهن جي لکڻين جي اهميت جي حد اها هئي جو لينن کي اهو چوڻو پئجي ويو تہ جيڪو سندس لکڻين کي نہ ٿو پڙهي اُهو هڪ حقيقي ڪميونسٽ نہ ٿو ٿي سگهي. ساڳي ريت ليو شائو چي جي ٻي دور جي سياست سان مائو جا سخت اختلاف بہ پنهنجي جڳهہ تي پر چيني ڪميونسٽ پارٽي جيڪڏهن چيني انقلاب تائين ڪاميابي سان رسي تہ انهيءَ ۾ هزارين ڪارڪنن جي قربانين سان گڏ، مائو ۽ ليو شائوچي سميت ڪوڙ سارن اڳواڻن جي فڪري ۽ عملي رهنمائيءَ جو بہ وڏو ڪردار آهي. اهڙن ئي ڪجهہ فڪري مامرن، ظابطن ۽ رهنمائي وارن اصولن جو اظهار هن ڪتاب منجهان ٿئي ٿو. ليو شائو چي جو هي ڪتاب تنظيم جي عملي ۽ علمي پاسن تي سادن لفظن ۾ کولي کولي ڳالهائي ٿو. منهنجو يقين آهي تہ سوشلزم جو مقصد هجي يا قومي آزادي جو يا وري سماج کي سيڪيولر ۽ جمهوري بنائڻ جا آدرش هجن انهن جي عملي حاصلات، تيار ڪيڊر، هڪ انقلابي پارٽي ۽ عوام جي وڏي اڪثريت جي ساٿ جي بغير ممڪن ڪونهي پر تيار ڪيڊر، انقلابي پارٽي ۽ عوام جو ساٿ ڪيئن حاصل ٿئي؟ هِن ڪتاب ۾ عملي سياست ۽ تنظيم ڪاري جي ڪجهہ بنيادي اهڙن سوالن کي سهنجي انداز ۾ نبيريو ويو آهي جنهن ۾ سامراج مخالف قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سماج جي ڪهڙن طبقن جو

کهڙو انقلابي ڪردار آهي. مزدور، هاري، شاگردن منجهه ڪيئن ڪم ڪجي ۽ پورهيت بين القواميت ڇو ضروري آهي، تبديل ٿيل حالتن ۾ نعرن منجهه تبديلي ڇو ضروري آهي، دشمن خلاف متحده محاذ ناهڻ جي اهميت کهڙي آهي ۽ کهڙين حالتن ۾ متحده محاذ جي پاليسيءَ کي ترڪ ڪجي، رياستي دهشت ۽ پابندين جي سخت ماحول ۾ پارٽي جي ڪم کي کهڙي طريقي سان زير زمين سرگرمين ذريعي جاري رکجي، ڇاپا مار ڪاروائين منجهه بنيادي مسئلا ڪهڙا آهن، عوام جي وسيع تر حمايت کي ڪيئن حاصل ڪجي. سنو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي ۽ پارٽي اندر انقلاب دشمن رجحانن ۽ نظرين سان ڪهڙي ريت وڙهجي جهڙا ڪوڙ سارا بيا سوال اهم آهن. پڙهندڙن کي انهن سوالن جي جوابن کي پنهنجي اڄ جي حالتن منجهه ۽ پنهنجي ماحول مطابق سمجهڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته ليو شائو ڇي سميت ڪنهن به مفڪر کي تقليدي انداز ۾ سمجهڻ سان غلطين جو سرزد ٿيڻ اٽتر ٿي پوندو آهي.پر انهيءَ جو اهو مقصد ڪونهي ته ماضي جي انقلابن ۽ تحريڪن منجهان حاصل ٿيل سمورن سبقن کي ميساري ڇڏجي ۽ تاريخ ۾ بين سماجن جي اوسر جي پوري عمل کي سمجهڻ کان نابري واري ويهجي. ايئن ڪرڻ سان اسان نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي حالتن جو ڇيد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿينداسين پر سماج جي انقلابي بدلاءُ ۾ به ڪمزور ثابت ٿينداسين.

حيدرآباد
11-07-2013

بخشل ٿلهو

پورهيت طبقي جو انقلاب ۾ حصو ۽ پورهيت هلچل بابت اسان جي اختيار ڪيل حڪمت عملي

مارچ 1926ع

پَرُ (يعني 1925ع) سال کان چين جي پورهيت هلچل اچرج جهڙي وک اڳتي وڌائي آهي. پر 30 مئي واري هلچل سيني کان وڏيڪ کيرون لهڻي تي، جو اُن اڳتي وڌڻ لاءِ بيٺيون ٻرانگهون ڀريون آهن. قومي انقلاب ۾ پورهيتن عوام جي اڳواڻي ڪري سامراج ۽ ان جي ٻڻ جنگي آقائن مٿان بهادريءَ سان حملا ڪري پاڻ مڃائي ورتو آهي. هڻ تاڙ ۽ عوامي اُڀار کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڏي وسيع پيماني تي مختلف جاين تي قتلام جي اڳئين رٿابندي ڪئي وئي هئي. انهن ۾ مارجي ويل ۽ گهايل ماڻهن جي گهڻائي پورهيتن سان تعلق رکي ٿي. 30 مئي واري سامراج دشمن هلچل ۾ وڏيون قربانيون بہ پورهيتن ڏنيون هيون. وٽن هڪ سڌريل پروگرام هو. ويڙهہ ۾ اٽل ۽ اٽموٽ ڪردار جو اظهار ڪيو هئائون. هڙتالن ۽ مظاهرن دوران بہ هنن پنهنجي اپار سگهہ جو ڏيک ڏنو هو. مختلف قسم جي هلچل مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ قومي انقلابي تحريڪ ۾ پورهيت اڳواڻي ڪرڻ جو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کي رد ڪري نہ ٿو سگهجي.

اڳئين سال دوران ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو نشانو بنايو ويو آهي ۽ جنگي آقائن هنن مٿان زوردار حملا بہ ڪيا هئا. 30 مئي تي فينگشين Fengtian ۽ چلي Zhili جنگي آقائن جي ٽولي پورهيتن تي ڪيس ۽ قهر ڪرڻ ۾ سڀ اخلاقي ليڪا لتاڙي ڇڏيا هئا. هنن حقيقتن مان ائين نظر اچي ٿو تہ چين جا جنگي آقا ٻين جا ٻولڙيا ۽ چاڙتا ۽ سامراج جي پنيان نوس لوس ڪري ڊوڙندڙ پڇ لٽڪائو لوسي ڪتا آهن. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سامراج ۽ جنگي آقا عوام جا دشمن آهن ۽ اهي قومي انقلاب جو حدف آهن. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سامراج دشمن هلچل ۾ سوڀ ماڻڻ لاءِ هنن جنگي آقائن جون پاڙون پٽڻ ضروري آهن.

پر چاڪاڻ تہ چين جي بورزوازي سامراج ۽ جنگي آقائن کي ڏهڪائي ڇڏيو آهي تنهن ڪري امڪان آهي تہ مٿان هو قومي انقلاب ۾ شريڪ ٿي

وچي پر اهو طبقو پنهنجي مصلحت سان واسطو رکي ٿو ۽ هن طبقي ۾ نيت جي سچائي ڪجهه گهٽ هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته پورهيت جڏهن انقلاب ڏانهن اڳتي وڌائيندو يا پنهنجي بهتر حالتن واسطي مطالبا ڪندو ته بورزوا طبقو رجعت پسند ٿي پوندو. 30 مئي واري هلچل دوران شنگهائيءَ جو بورزوا به رجعت پسند ٿي پيو هو جيڪو هن حقيقت جي ثابتي آهي. اسان جي هلچل جي خاص دور جهڙوڪ جڏهن بورزوا ۽ سامراج ۾ موجود تضاد حد کان وڌي ويندا ته سامراج خلاف طاقتور گڏيل محاذ جوڙڻ واسطي مزدورن کي بورزوا سان گڏجي هلڻ گهرجي پر جڏهن بورجوا مصلحت پسنديءَ جو لاڙو ڏيکاري يا هو پورهيتن جي هلچل کي چيپاڻ جا جتن ڪري ٿو ته پورهيت طبقي کي بورجوا خلاف اٿي کڙو ٿيڻ گهرجي ۽ کيس روڪي ته متان اهو اسان کي وڪرو نه ڪري ڇڏي.

چين جي ننڍي بورجوا، ننڍن واپارين ۽ شاگردن کي به قومي انقلاب ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. گذريل سال جي سامراج دشمن هلچل دوران ننڍي بورجوا پنهنجي سگهه کي مڃائي ورتو آهي ۽ پاڻ کي انقلاب جي لائق ثابت ڪري ورتو آهي. پورهيت طبقي کي گهرجي ته هن ننڍي بورجوا سان گڏجي گڏيل محاذ جوڙڻ جي ڪوشش ڪري، هن کي گهرجي ته انهن بورجوائن سان ڪاهي ڏر ڏانهن لڙيل ماڻهن جي همت افزائي ڪري. ننڍي بورجوا ۽ ننڍي واپاري طبقي ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي ڪنهن هڪ جڳهه تي ويهي به ڪونه ٿا سگهن. ساڻن ۾ به سَنمُک ته پئنچن سان به پورا آهن. بيو ته اهي پُراڻ Conservatism جي چار ۾ پڙ جڪڙيا پيا آهن. انهن ماڻهن کي اهڙين گندين ڳالهين کان آجو ڪرڻو آهي. انهيءَ مقصد سان ته متان بورجوا جو وڏو طبقو کين پنهنجي مقصد واسطي استعمال ڪري.

قومي انقلاب ۾ هاري ناري نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. اهي پورهيتن جا سچا پچا ٻانهن ٻيلي ۽ سُپيلي آهن. چين جي قومي انقلاب ۾ پورهيتن لاءِ ضروري آهي ته هو سُونهان ٿين ۽ آئي ويل سندن واهر ڪن. پورهيتن مٿان هي به فرض آهي ته "هاري ائسوسيئيشن" منظم ڪرڻ ۾ هارين سان سهائتا ڪن ۽ کين ٻڌائن ته هلچل جا طور طريقا ڪهڙا آهن ۽ هر قسم جي هلچل ۾ عملي طور اچي پنهنجي هاري ڀائن سان ڀاءُ ٿين. جڏهن پورهيت ڪنهن هلچل هلائڻ لاءِ آچار ويچار ڪن ته هارين نارين جي ڏکن سورن تي سوچڻ به هنن مٿان فرض آهي.

چين جو پورهيت طبقو تنظيم ڪاريءَ Organization ۾ تمام گهٽو

اڳتي نڪري ويو آهي، نہ رڳو قومي ٽريڊ يونين جو حقيقي معنيٰ ۾ تعداد وڌيو آهي پر ميمبر سازيءَ جي تنظيم ڪاريءَ ۾ سڌارو ۽ واڌارو آندو ويو آهي. جتي ڪٿي هڪ گڏيل ٽريڊ يونين کي منظم ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. سندن اها بہ جاکوڙ لڳي پئي آهي تہ "هانگ ڪانگ" ۾ پڻ گڏيل يونين هئڻ کپي، جنهن جو "گئنگ ڊونگ" هڪ مثال آهي. ٻي حقيقت اها بہ آهي تہ انتهائي ڏاڍ ۽ ڌمڪاءُ هوندي بہ شنگهائيءَ جا ٻہ لک مزدور هڪ ڳجهيءَ تنظيم ۾ رهي، ڪن اهم مسئلن تي هلچل شروع ڪري ڏيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي وڃي ٿي تہ ڪابہ رجعت پسند سگهہ چين جي پورهيت طبقي کي ناس ڪري نہ ٿي سگهي.

پورهيتن جون اقتصادي تنظيمون ۽ ٽريڊ يونين هنڌين ماڳين ڪوليون وڃن. هن وقت ٽريڊ يونين کي ڪنهن بہ قسم جو قانوني بچاءُ ڪونہ آهي نہ وري سماج ئي ان کي مڃتا ڏني آهي. پورهيت هلچل جي سڌارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ اها هلچل هلائڻ کپي تہ ٽريڊ يونين کي قانون ساز ادارن ۾ نمائندگي ملڻ کپي. جيڪڏهن پورهيت طبقي کي قانون ساز ادارن ۾ پورهيتن جي نمائندگي حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي نہ ٿي بہ ٿئي تہ ڪابہ وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. پر هن طبقي کي سياسي جدوجهد هلائڻ جو پتو پئجي ويندو. پڪ سمجهو تہ پورهيت هلچل هن جدوجهد دوران ٽريڊ يونين جي آزاديءَ لاءِ گهڻو اڳتي وڌي ايندي.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ اڳئين سال واري سامراج دشمن پورهيت هلچل هڪ سياسي جدوجهد هئي پر چين جي پورهيت طبقي لاءِ ايڏيون ڏکيايون ۽ ڏچا آهن جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ جي پورهيت لاءِ ڪونہ آهن تنهن ڪري چين جي پورهيت طبقي کي گهرجي تہ هن وقت کان وٺي اقتصادي جدوجهد کي هر پاسي کان مضبوط ڪرڻ جي جاکوڙ ڪري. پورهيت ڪڏهن بہ حالتن سڌارڻ ۽ اقتصادي ترقيءَ وارن پنهنجن مطالبن تان هٿ نہ کڻن. کين پنهنجي اقتصادي مفادن واسطي وڙهڻ گهرجي. اقتصادي هلچل جي اڳتي وڌڻ جي معنيٰ آهي، چين جي پورهيت طبقي جي ترقي پسند جدوجهد.

چين جي پورهيت طبقي جي اڳئين سال واريءَ هلچل ساريءَ دنيا کي لوڏي ڇڏيو هو. هر ملڪ جي پورهيت طبقي جي نظر چين جي پورهيت طبقي جي هلچل ۾ کُتل آهي ۽ دنيا جي مزدور تنظيمن چين جي پورهيت طبقي سان ويجها ناتا جوڙي ورتا آهن. مثال طور 30 مئي جي هلچل کان پوءِ

ٽيندڙ هڙتال بعد ڪيترن ملڪن جي ٽريڊ يونين ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن چين جي پورهيتن سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جا پيغام ۽ ٽيليگرام موڪليا آهن. انهن جي پٺڀرائي لاءِ مظاهرا ڪيا ويا آهن. هنن سان رابطي قائم ڪرڻ لاءِ وفد موڪليا ويا آهن ۽ چندا گڏ ڪري اهي به هنن ڏانهن روانا ڪيا ويا آهن. اڳتي لاءِ چين ۾ جڏهن سرگرميءَ ۽ تنظيم ڪاري جي شروعات ڪئي ويندي تہ ساري دنيا جي پورهيت طبقي سان چين جي پورهيت طبقي جو مزدور ڳانڍاپو پڻ موجود هوندو.

چين جي پورهيت طبقي جي هلچل جي سگهاري ۽ تڪڙي واڌ ويجهہ ڏسي غدار وائڙا ۽ چتا ٿي پيا آهن ۽ اسان جي سگهہ کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ فوجين جا ٽولا وٺي اسان جي ڪڍ ڪاهي پيا آهن. اسان کي گهرجي تہ سندن اهڙين سرگرمين تي ڪڙي اک رکون. ٽريڊ يونين کي پنهنجي بچاءَ لاءِ هڪ جدا تنظيم هئڻ کپي.

مسٽر ليائو چونگاءِ Leao Zhongkai 4
مزدور ۽ هاري حڪمت عملي

26 سيپٽمبر 1926ع

چين جي قومي انقلاب کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ سيني طبقن جو عوام هن ۾ شريڪ ٿئي ۽ قومي دشمن خلاف هڪ گڏيل محاذ جوڙي هن قومي انقلاب ۾ حصو وٺندڙ سيني طبقن ۾ مزدور ۽ هاري طبقو سيني کان وڏيڪ اهميت رکي ٿو. هڪ سياسي پارٽي بہ قومي انقلاب جي ذميواري پاڻ تي کڻئي آهي. چين جي ڪومنتانگ پارٽي پورهيت طبقي جي سگهہ کي نهايت اهم سمجهي ٿي. جيڪڏهن چين جي قومي انقلاب کي سوپارو ڪرڻو آهي تہ مزدورن ۽ هارين بابت خاص حڪمت عملي هئڻ گهرجي جيڪا مزدور ۽ هاري تحريڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير سان سهمت هجي.

ڊاڪٽر سن يات سين قومي انقلاب کي سوپاري ڪرڻ لاءِ پورا چاليهہ سال محنت ڪئي هئي پر هو مزدور ۽ هاريءَ جي سرگرمين کي ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي سرگرمين کي پاڻ ۾ ڳنڍي ملائي ڪونہ سگهيو هو. جيڪي چين جون سڀ کان وڏيون طاقتون آهن پر جڏهن ڪومنتانگ مزدورن ۽ هارين جي سگهہ کي مڃيو. انهن جي بهتري سڌاري واڌاري لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪئي، مزدورن ۽ هارين جي مفادن جي تحفظ واسطي سياسي جدوجهد جي شروعات ڪئي. ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبرن کي پنهنجي سياسي پارٽي ۾ شامل ڪيو ان کان پوءِ مزدورن ۽ هارين جي وڏي تعداد قومي انقلاب جي واٽ سان وڌڻ جي شروعات ڪئي هئي. اهڙن قدمن کڻڻ کان پوءِ قومي انقلاب جي طاقت وڌيڪ سگهاري ٿي وئي ۽ پنهنجو پاڻ ۾ گڏجي هڪ شڪل اختيار ڪري وئي هئي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سگهاري ٿيندي پئي وئي.

مسٽر ليائو چونگاءِ چٽيءَ ريت سمجهي رهيو هو تہ ڪومنتانگ مزدور ۽ هاري طبقي کي سماج جي ٻين طبقن کان وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏئي رهي هئي. مزدور ۽ هاري طبقي بابت حڪمت عملي ڊاڪٽر سن يات سين پاڻ جوڙي هئي. ائين ڪرڻ سان مزدورن ۽ هارين جون تمام گهڻيون تنظيمون

جڙي ويون هيون. تنهن ڪري قومي انقلاب لاءِ هاري ۽ مزدور پاڻ ۾ گڏجي ويا هئا. ان جو نتيجو ڏاڍو سنو نڪتو ۽ گڻنگ ڊونگ وارو صوبو متحد ٿي ويو ۽ قومي انقلاب جو بنياد اڳئين کان بہ وڌيڪ سگهارو ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ مزدور ۽ هارين جي اڪثريت کي قومي انقلاب ڏانهن آڻڻو هو ۽ انهن کي ئي قومي دشمن خلاف پنهنجي سگهہ سان وڙهڻو هو. انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ انقلاب ۾ سيني کان وڌيڪ پورهيت طبقي جي مفادن جو تحفظ لاڳاپيل هو. مزدور ۽ هارين کي ڏمڪي دهلاب سان انقلاب ۾ شريڪ ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن اسان هنن جي مفادن جي بچاءَ واسطي لڳاتار هلچل هلائيندا رهنداسون ۽ سندن حالتن کي سڌارڻ لاءِ سندن واهر ڪندا ايندا سون ۽ سندس غربت کان آزادي لاءِ سدائين جاکوڙيندا رهنداسون تہ هو بہ اسان لاءِ ضرور اُڪنڊ ۽ اتساه جو اظهار ڪندا ۽ اسان جي واهر ڪرڻ لاءِ قومي انقلاب ۾ ڏوڪي ڪاهي پوندا. اسان جي گڏجي پوڻ سان قومي انقلاب اسان جي ويجهو ٿي پوندو. مسٽر لياڻو اهو پهريون ماڻهو هو جنهن مزدورن ۽ هارين بابت اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ تي عملي طور جدوجهد ڪئي هئي. هو مزدور ۽ هاري تحريڪن ۾ وڏي اتساهہ سان ڪم ڪندو رهيو ۽ وڏين مشڪلاتن ۽ مصيبتن هوندي بہ هو اورچ ٿي بيٺو. مسٽر لياڻو چين جي قومي انقلاب جي مرحليوار سلسلي کي چڱيءَ ريت سمجهي چڪو هو. ڪيس اها بہ پوري ڄاڻ هئي تہ ان ۾ مزدور ۽ هاري جي ڪردار جي ڪهڙي اهميت آهي. تنهن ڪري سندس ڪردار ڪومنتانگ پارٽيءَ جي سيني ميمبرن جي ڄڻ تہ عظمت آهي.

مزدر ۽ هارين بابت اختيار ڪيل حڪمت عملي تي عملي قدم کڻڻ لاءِ مسٽر لياڻو مزدور ۽ هارين جي اهم مفادن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي ڇڏيو هو. اهڙيون ڳالهيون ڏسي رجعت پسندن کيس قتل ڪرائڻ نهايت ضروري سمجهيو هو. ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي چڪا هئا تہ جيڪڏهن هو زنده رهيو تہ سندن مفادن کي تمام گهڻو ڇيهو رسندو. مزدور ۽ پورهيت لياڻو جي هاڃي کي پنهنجو هاڃو سمجهي رهيا هئا. تنهن ڪري هنن مثان اهو لازم آهي تہ سندس ورسيءَ جي ڏهاڙي کي چڱيءَ ريت ملهائن ۽ پنهنجي عزم کي ورجائن جيڪو ڪم سندس شهادت ڪري اڌورو رهجي ويو آهي تنهن کي توڙ تي پڄائڻ لاءِ پنهنجي اٽل ارادي جو اظهار ڪن ۽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ واسطي پڪو پهہ ڪن. مسٽر لياڻو بہ پنهنجي زندگي اهڙن سونهري اصولن لاءِ قربان ڪئي هئي. هو پنهنجي هن لافاني ڪردار ڪري اَمر ٿي ويو آهي.

ٽريڊ يونين لاءِ ٻه مسئلا

<u>ڊسمبر 1926ع</u>

(1) ٽريڊ يونين جون ڪانفرنسون

ٽريڊ يونين هڪ عوامي تنظيم ۾ هلچل جاري رکڻ جو هڪ ترجمان Organ هوندو آهي. هن وسيلي پورهيتن جي سگهه هڪ جاءِتي ٿي ويندي آهي ۾ منجهن وڙهڻ جي طاقت پيدا ٿي پوندي آهي. هي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ جو هڪ جمهوري طريقو آهي. ٽريڊ يونين وسيلي اڪثريت جي خيالن کان واقف ٿي سگهجي ٿو تنهن ڪري هو اقليت جو هٿيار ڪونه بڻجي سگهندا ۽ نه وري مٿن ٻيجا حڪم هلائي سگهبا.

اسان اڪثريت جي هٿن ۾ موجود طاقت کي جمهوريت جي مرڪزيت سڏيندا آهيون. اها طاقت ڪن فردن جي هٿن ۾ هئڻ بدران ٽريڊ يونين جي ميمبرن جي ڪانفرنس ۾ هوندي آهي. اهڙي طريقي سان فيصلا ٽريڊ يونين جي گڏجاڻين ۾ ميمبرن جي اڪثريت جي راءِ مطابق ٿيندا آهن. جيڪڏهن هڪ ڀيرو فيصلو ٿي ويندو آهي ته ان تي عمل ضرور ڪيو ويندو آهي. فيصلي ٿيڻ کان اڳ ۾ هر ميمبر کي پنهنجي راءِ جي اظهار جو پورو حق هوندو آهي. پر ڪانفرنس ۾ فيصلي کان پوءِ هر ميمبر کي اهو فيصلو مڃڻو پوندو آهي. اهو ڏنو ڪونه ويندو آهي ته اهي ميمبر ڪير آهن. ائين ڪرڻ سان اڪثريت جي راءِ کي نه رڳو اهم ڪري سمجهيو ويندو آهي پر دشمن سان ويڙهه مهم ۾ به مضبوط اتحاد قائم ٿي ويندو آهي. انهيءَ سبب ڪري هر يونين لاءِ اجلاس سڏائڻ ضروري هوندو آهي. اهڙين گڏجاڻين سڏائڻ ڪري طاقت ۾ مرڪزيت پيدا ٿي پوندي آهي ۽ اها ٿورن جي آمريت بدران جمهوري طريقي سان مرڪزيت هوندي آهي، تنهن ڪري ٽريڊ يونين جون گڏجاڻيون ٽريڊ يونين کي طاقت جي مرڪز بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. هر قسم جي طاقت جي مالڪ ڪانفرنس هوندي آهي. هر طريقو مزدورن جي ٻڌي ۾ ايڪي ۾ ٽريڊ يونين جي ترقي ۾ تعمير لاءِ ڏاڍو مددگار ثابت ٿيندو آهي. جيڪڏهن مزدورن جي ڪانفرنس صحيح نه هوندي ته اها عام ماڻهوءَ سان لڳ لاڳاپا پيدا ڪري ڪانه سگهندي آهي.

اهڙي يونين مزدورن جي نہ پر ٿورن اڳواڻن جي يونين هوندي آهي. يونين جڏهن مزدورن کان وانجهي ويڳاڻي ٿي ويندي آهي تہ انهن جي ايڪي ۽ ٻڌي کي تيج سمجهيو ويندو آهي. دشمن اهڙي يونين جي هڪ حصي کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. افواه پکيڙي يونين جي تاجي پيٽي جي ڏاڻي مچ ڏار ڪري ڇڏيندو آهي ۽ عام ماڻهن کي بہ ان خلاف اڀارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (ائين ڪرڻ يونين جي مستقبل سان راند کيڏڻ ۽ ڇيهو رسائڻ هوندو آهي) تنهن ڪري ڪانفرنس يا صلاح مشوري لاءِ گڏجاڻي ٽريڊ يونين جي تنظيم ڪاريءَ لاءِ نهايت ضروري آهي. ائين نہ ڪرڻ سان يونين جو مستقبل خطري ۾ پئجي ويندو آهي ۽ ائين ڪرڻ سان يونين محفوظ ٿي ويندي آهي.

ٽريڊ يونين جي ڪانگريس کي ان (ٽريڊ يونين) جي ڪانفرنس کان وڌيڪ طاقت هوندي آهي. عملي طور ٽريڊ يونين جي ڪانگريس جلد جلد ڪانہ ڪوٺائي ويندي آهي. ٽريڊ يونين جي گهٽي تعداد جي گڏ ٿيڻ ڪري مسئلن تي بحث مباحثا ڏاڍا ڏکيا ٿي پوندا آهن تنهن ڪري هن کي تنظيمي معاملن ۾ ڪانفرنس کان گهڻ اهميت هوندي آهي.

ووهان Wuhan ۾ گهڻيون يونينون آهن جيڪي هاڻ صلاح مشوري لاءِ ڪانفرنس ڪونہ ڪوٺائينديون آهن. اميد آهي تہ اهي هاڻي اسان جي هدايتن مطابق جلدي ئي ڪانفرنس ڪوٺائينديون. جيڪي يونينون اڳيئي صلاح مشوري لاءِ ڪانفرنس سڏائينديون آهن تن ۾ فڪري طور سڌارا ۽ واڌارا ڪنديون آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن صلاح مشوري لاءِ ڪانفرنسون پوري وقت تي ڪوٺايون وڃن ۽ اهڙيون ڪانفرنسون صحيح طريقي سان پنهنجو ڪم ڪار ڪنديون رهن ۽ مختلف يونيون بہ پنهنجا اختيار ڪم آڻينديون رهن. ٽريڊ يونين جي ڪانفرنس سڏائڻ ڪري يونينن ۾ ايڪي، ٻڌي ۽ مضبوطيءَ جي هڪ ضمانت ملي ويندي آهي. تنهن ڪري مزدور دوستن ۽ ٽريڊ يونين جي عهديدارن کي اسان جي صلاح آهي تہ هن اهم ڳالهہ ڏانهن خاص ڌيان ڏين.

(2) مختلف ٽريڊ يونينن جو بنياد ۽ تنظيم سازي

ٽريڊ يونينون عوامي هلچل جو اهم وسيلو هونديون آهن. ان ڪري انقلاب ناتي مٿن اهم ذميواريون رکيل هونديون آهن. جيڪڏهن اهي پنهنجون ذميواريون صحيح نموني سان نڀاهڻ چاهينديون تہ انهن ۾ تڪڙي ۽ ويجهي رابطي جو هڪ منظم چار وچايل ضرور هوندو آهي. ان ويجهي

منظم چار مان اسان جو مطلب آهي تہ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ کان مٿان مزدور صحيح نموني ڪانفرنس ۾ موجود هئڻ کپي. ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ هيٺان عوامي تنظيمن جون بنيادي شاخون ڪم ڪنديون هجن.

ٽريڊ يونين کي وسيع عوامي بنياد هئڻ کپي. جيڪڏهن انهن ۾ مختلف شاخن واري بنيادي تنظيم ڪاري نہ هوندي ۽ فقط ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي هوندي تہ ميمبرن جو تعداد وڌي ويندو پوءِ 'گهٽي مردين هر نہ هلي' جي مثال جيان سدائين انتشار رهندو. ائين ڪرڻ سان يونين ڪنهن هلچل هلائڻ جي لائق نہ رهندي ۽ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي بہ ماٿهن جي صحيح نموني سان اڳواڻي ڪري ڪانہ سگهندي جيڪڏهن فوج ۾ هيڊ ڪوارٽر هجي پر ان هيٺان بٽالين، ڪمپنيون ۽ پلاٽون نہ هونديون تہ هو جنگي ميدان تي لهي ڪانہ سگهندي. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن يونين ۾ بنيادي تنظيمون جهڙوڪ شاخون ۽ سيل نہ آهن يا جيڪڏهن ان ۾ اهڙيون بنيادي تنظيمون موجود تہ آهن پر انهن جي ڪارڪردگي صحيح ڪانہ آهي تہ سمجهبو تہ ان يونين ۾ تنظيم جي کوٽ آهي. تنهن ڪري اها پنهنجي سرگرمين ۾ سوپاري ثابت ٿي ڪانہ سگهندي اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ شاخون ۽ سيل هر ٽريڊ يونين جا بنيادي جزا آهن. ٽريڊ يونين بيٺل بہ هن بنياد تي هوندي آهي. جيڪڏهن شاخون ۽ سيل مضبوط نہ هوندا تہ يونين جو بنياد ڪچو ۽ ڪمزور هوندو. شاخن ۽ سيلن جي مضبوط هئڻ ڪري يونين جو بنياد طاقتور هوندو آهي.

جيڪڏهن شاخون ۽ سيل مضبوط هوندا تہ يونين ڪنهن بہ تيز سرگرميءَ جي لائق هوندي آهي. هنگامي حالتن دوران ايگزيڪيوٽو قرارداد پاس ڪرڻ کان پوءِ اهڙو اطلاع شاخن، سيلن، ميمبرن ۽ اڳواڻن کي ڏيندي ۽ يونين جا سڀ عهديدار ۽ ميمبر هڪ ٻن ڪلاڪن اندر بنا ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي سرگرمين ۾ جنبي ويندا. جيڪڏهن شاخون ۽ سيل ڪونہ آهن تہ پوءِ ڪانفرنس جي گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي، پمفليٽ ۽ پوسٽر ورهايا ويندا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سڀني ميمبرن کي وقت سر چاڻ ڏئي سگهجي. سڀني ڪارڪنن کي گهربل چاڻ ڏيڻ ۾ بہ ٽي ڏينهن لڳي ويندا. هڪ بہ ڏينهن دير هوندي آهي. انهيءَ سان بيڙيءَ جو پور نڪري ويندو ۽ شروع ڪيل سرگرميون اجايون ثابت ٿينديون آهن ۽ ڪوبہ اثر پيدا ڪري ڪونہ سگهنديون آهن. يونين جي ڪم لاءِ اهو چڻ تہ ڪاپاري ڏڪ هوندو آهي.

پر شاخن ۽ سيلن جي هجڻ ڪري يونين پنهنجون ڳجهيون

سرگرميون جاري رکي سگهندي آهي ۽ ڪارڪنن کي سکيا ۽ تعليم ڏئي سگهندي آهي. هر قسم جي ڄاڻ ٻه اک ڇنڀ ۾ گهربل جڳهن تي پهچائي سگهبي آهي. ساڳيءَ ريت يونين به ڪارڪنن جي حالت کان ترت ڄاڻ حاصل ڪري سگهندي آهي. هن کان سواءِ يونين پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي ڄاڻ مختلف شاخن ۽ سيلن تي سولائيءَ سان پهچائي سگهندي آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن ڪارڪنن سان ترت لاڳاپو هجي. ائين ڪرڻ سان غلط فهميون پيدا ڪونه ٿينديون، هڪ ٻئي کان اوپرائي ختم ٿي ويندي ۽ عوامي ايڪي ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ملي ويندي. جيڪڏهن شاخن جي اهڙي تنظيم ڪاري ٿيل ڪانه هوندي ته يونين ڳجهيون سرگرميون قائم رکي ڪانه سگهندي ۽ نه وري ڪارڪنن کي انقلاب جي تربيت ۽ تعليم ڏئي سگهبي. ان کان سواءِ ڪارڪنن ۾ لاڳاپو رهي ڪونه سگهندو جنهن ڪري غلط فهمين پيدا ٿيڻ جو وڌو امڪان هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ يونين جي مضبوط ۽ متحد رهڻ جو امڪان ڪجهه گهٽ هوندو آهي. تنهن ڪري هڪ تنظيم کي يونين اندر نهايت اهم ڪردار ادا ڪرڻو هوندو آهي. تنهن ڪري سيني ٽريڊ يونين ۽ ڪارڪنن کي گهرجي ته بنيادي تنظيمن قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙين.

ٽريڊ يونين کي باضابطه منظم ڪرڻ لاءِ، ڪانفرنس، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۽ شاخن جو هئڻ لازمي هوندو آهي. هنن مان ڪنهن کي غير ضروري ۽ گهٽ سمجهي ڇڏي ڏيڻو نه آهي. موجوده دور ۾ ووهان جي هر ٽريڊ يونين کي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي آهي. انهن مان ڪي اهڙيون به آهن جن کي ڪانفرنس ۽ شاخون ڪونه آهن. يونين جو اقتصادي مسئلو به گهڻو اهم آهي. ووهان جي سيني ٽريڊ يونين کي پگهارن وڌائڻ واري مطالبي تي وڏيڪ متحد ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري اندروني خطرن کي دور ڪرڻ لاءِ اسان ڪيترين راتين جي جاکوڙ ۽ جتن کان پوءِ ٽي پمفليٽ لکيا هئا، جن جا عنوان هي هئا. "Trade Union conference"، "Economic Problems of Trade Unions" ۽ "Basic Organization of Trade" ان کان پوءِ اسان هنن پمفليٽن کي صوبي جي اداري "Federation of Trade Union" جي پروپئگنڊا واري شعبي ڏانهن ڇپائيءَ لاءِ موڪلي ڏنو آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هر ٽريڊ يونين ۽ هر ڪارڪن انهن پمفليٽن ۾ لکيل اصولن ۽ ضابطن تي سختيءَ سان عمل ڪن. اميد آهي ته اسان جا ڪارڪن انهن پامفليٽن جو ڌيان سان اڀياس ڪندا ۽ منجهن غلطين جي اسان کي ڄاڻ ڏيندا.؟

نعرن جي تبديليءَ بابت

5 آڪٽوبر 1928ع

هر قسم جي عوامي هلچل ۾ نعرن کي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. هلچل دوران هنن نعرن وسيلي عوام جي مطالبن ۽ ضرورتن جو اظهار ٿي ويندو آهي. خاص طور تي هنن وسيلي عوام جا حوصلا بلند ٿي ويندا آهن. خاص طور تي سندن مقصدن ۾ مضبوط هم آهنگي ۽ اتفاق پيدا ٿي ويندو آهي جيڪو کين طاقتور سرگرمين ڏانهن مجبور ڪندو آهي. انهيءَ سبب ڪري نعرن جي طرز ۾ تبديلي ۽ نوَن نعرن جي اچڻ مان ئي نئين قسم جي هلچل جو تعين ڪري وٺبو آهي پر جيڪڏهن هلچل ۾ تبديلي اچي ويندي آهي ۽ وقت جي ضرورت مطابق نعرن ۾ تبديلي نه ايندي آهي ته سمجهي وٺبو آهي ته مزدورن جي مقصدن ۾ اتفاق ۽ هم آهنگي ڪانه اچي سگهي آهي ۽ هلچل ۾ اڳتي وڌڻ جي صلاحيت ڪانه هوندي آهي، پنهنجو معيار اثر وڃائي ويهندي آهي ۽ مڪمل طور تي تباه ٿي ويندي آهي. هنن انقلابي قسم جي نعرن جو تعلق نه رڳو قومي مفادن سان هوندو آهي پر هي نعرا ننڍن ڪارخانن ۽ ڳوٺن ۾ وڏي معنيٰ رکندا آهن.

اسان اڪثر ڪري غلطيون ڪيون آهن. ڇاڪاڻ ته اسان هلچل جي صورتحال ۾ تبديلين کي ڇتيءَ ريت محسوس ڪري سگهندا آهيون ۽ ان مطابق اسان پنهنجن نعرن ۾ تبديلي ڪونه آڻيندا آهيون ان جو اهم مثال هي آهي ته اسان ڪيترا هڙا نعرا ڏنا هئا جيڪي حڪمت عمليءَ جي بلڪل خلاف هئا جن ڪري انقلاب لاءِ اسان سان گڏ هلندڙ بورجوا اسان جو ساٿ ڇڏي هليا ويا. ان مان اهم مثال هي آهن جو اسان ڪارخانن ۽ ڳوٺن ۾ ڪابيءَ يا ساڃيءَ ڏر سان لاڳاپيل غلط نعرا ڏنا. اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو اسان نعرن ۾ تبديلي ڪانه آندي جيئن ته اسان کي صورتحال ۾ تبديلي ڏسي هلچل جي شروعات ڪرڻ گهرجي ها. اسان ائين نه ڪيو ته ماڻهو اسان کان الڳ ٿي ويا ۽ هلچل مونجهاري جو شڪار ٿي وئي جيڪا ڪوبه اثر ڪري ڪانه سگهي ۽ آخر ڪار ناڪام ثابت ٿي.

نعرن ڻاهڻ مهل صورتحال جو مختلف پاسن کان ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ

گهرجي. عوام جي مطالبن ۽ ضرورتن ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻو پوندو ۽ اهو جاچڻو ۽ پرکڻو پوندو تہ عوامي هلچل جو اصلي ڪم ڇا آهي. ان وقت اسان کي فقط پنهنجن خيالن تي ڀاڙڻ ۽ نعرن ڏيڻ مهل غير ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ نہ گهرجي ۽ اهڙا نعرا نہ ڏيڻ گهرجن جيڪي عوام جي مطالبن جي نمائندگي نہ ڪندا هجن يا سندن مطالبن جي مخالفت ڪندا هجن. تنهن ڪري اهڙا نعرا عام ماڻهوءَ سان گڏجي ڪونہ هلندا آهن, تنهن ڪري بي اثر ٿي پوندا آهن ۽ ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڪونہ سگهندا آهن.

اصلي صورتحال جي جاچ رکڻ لاءِ اسان کي عام ماڻهوءَ جي مختلف گروهن ۽ طبقن سان ملي ۽ ڪي بنيادي ۽ اهم حقيقتون گڏ ڪرڻ گهرجن. عام ماڻهوءَ جي طرزِ زندگي ۽ انهن جي طبعي لاڙن ڏانهن ڌسڻو وائسڻو پوندو. اسان کي ماڻهن جي هڪ طبقي جي معاملي ۽ سندن معمولي خيالن, وهمن ۽ وسوسن کان متاثر ٿي يا ٿورن اڳواڻن جي وقتي جذباتي ڳالهين ۽ منفي نقطئہ نظر تي لڳي ڪڍهن بہ نعرا ترتيبت ڏيڻ نہ گهرجن. اسان کي اهڙين رپورٽن ۽ اظهارِ خيال ۾ اهو نتيجو ڪڍهن بہ ڪيڻ نہ گهرجي تہ اهڙيون ڳالهيون عوام جي مطالبن ۽ سندن طبعي لاڙن جي نمائندگي ڪن ٿيون. اسان جي اڳين غلطين جي گهٽائي اٽپوري اپياس ۽ صورتحال جي غلط جاچ پرک سان لاڳاپيل آهي.

نعرن جا گهڻا قسم آهن. ھڪڙن نعرن جو تعلق فقط پروپيگنڊا سان هوندو آهي. ڪن نعرن جو واسطو عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي پڙڪائڻ سان هوندو آهي ۽ ڪن جو لاڳاپو سرگرمين سان هوندو آهي. سرگرمين وارن نعرن کي آخر ۾ "رهنمائي لاءِ هدايتن" ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. سڀ نعرا, پروپيگنڊا, جاڳرتا, اُڀار ۽ سرگرمين جي مختلف مرحلن مان گذري پنهنجي صورت وٺندا آهن. هن قسم جي نعرن تي سوچڻ ويچارڻ گهرجي, "جاگيردارن جون زمينون ضبط ڪريو", "سوويت روس جيان پورهيتن, هارين ۽ فوجي سپاهين جي حڪومت قائم ڪريو", "سامراجين کي ختم ڪريو". ڪارخانن لاءِ ٺهيل هنن نعرن تي پڻ ويچار ڪريو "وڌيون پگهارون", "بهتر حالتون" ۽ "ڏينهن ۾ ڪم جو وقت اٺ ڪلاڪ".
هن نڪتي وٽ پهچي نعرن کي هنڌين ماڳين مشهور معروف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهن کي انهن بابت سمجهائڻو پوندو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن عام ماڻهو انهن جي اصلي معنيٰ ۽ مقصد کي سمجهي ۽ قبول ڪري سگهن. هن نڪتي تي اٽل ارادن وارن ماڻهن جي مدد سان

عوامي مرڪزي بنياد ٺاهيو ويندو آهي ۽ اهي ماڻهو انهن نعرن کي عملي جامون بہ پارائيندا آهن. اهڙي قسم جي نعرن کي پروپئگنڊا جو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو آهي. مناسب وقت اچڻ تي انهن نعرن تي عمل بہ ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو تہ عام ماڻهو بہ انهن سان گڏ صفون ٻڌي هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ انهن ۾ وڏيڪ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي منظم بہ ڪيو ويندو آهي. هن جي معنيٰ آهي تہ انهن نعرن کي سچ ثابت ڪري ماڻهن جي قوت کي هڪ جائتو ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ اهڙا نعرا جاڳرتا ۽ اُپار جا نعرا بڻجي ويندا آهن. جڏهن اهڙي عوامي سگهہ وڏي ۾ وڏي تي ويندي آهي تہ نعرن کي سندن اصلي روپ ڏيڻ لاءِ ماڻهن جي ان وقت کي عملي سرگرمين وسيلي تحرڪ ۾ آڻڻ جو امڪان پيدا ٿي ويندو آهي ۽ اهي سرگرمين جا نعرا بڻجي ويندا آهن. جڏهن اسان آخر ۾ ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪندا آهيون ۽ مختلف ماڻهن کي جدا جدا ڪم ورهائي ڏيندا آهيون ۽ عوامي سگهہ کي هنڌين ماڳين پکيڙي ڇڏيندا آهيون. انهيءَ لاءِ تہ جيئن جرئت ۽ عزم جو مظاهرو ڪري انهن نعرن تي عمل ڪرائي سگهجي. ان کان پوءِ اهڙا نعرا پنهنجي دور جو دستور بڻجي ويندا آهن.

اهم قسم جا نعرا اهڙن مرحلن مان گذري چڪا هوندا آهن. انهن کي هڪ حقيقي هلچل کي نظر ۾ رکي پکيڙيو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ تہ سرگرمين وارن نعرن کان اڳ عام ماڻهوءَ کي اهڙي سکيا ڏئي سگهجي جن تي عمل ڪرائڻ لاءِ عام ماڻهو ويڙهہ ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندو آهي. ماضيءَ ۾ اسان نعرن جي مختلف قسمن تي ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو. ان ڪري پروپئگنڊا ۽ جاڳرتا يا اپار وارن نعرن کي سرگرمين ۽ رهبري ڪرڻ وارن نعرن کي هڪ ٻئي کان نکيڙي الڳ ڪري ڪونہ سگهياسون. انهيءَ ڪري مونجهاري جو شڪار ٿي وياسون. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اهڙا سلسلا پيدا ٿي پيا جو اسان ماڻهن کي نعرن تي عمل ڪرائڻ واسطي ۽ منجهن تحريڪ يا بغاوت شروع ڪرڻ واسطي ڪين مجبور ڪيو. ڪي اهڙا بہ معاملا ٿيا جو اسان ماڻهن کي اڳواٽي فراهم ڪري ڪونہ سگهيا هئاسون. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ اسان نعرن کي سرگرمين يا رهبريءَ وارن نعرن ۾ تبديل ڪري ڪونہ سگهيا هئاسون تہ جنهنجو نتيجو اهو نڪتو جو عوامي هلچل مونجهاري جو شڪار ٿي مڪمل طور ناڪام ٿي وئي.

ڪارخانن، ورڪشاپن ۽ ڳوٺن ۾ نعرن جو ساڳيو ڪارج Use آهي. اسان کي مهل تي انقلاب جي حڪمت عملي ۽ اٽڪل جي هر چاڙ هئڻ

ڪپي. ان ڪان سواءِ مزدورن ۽ هارين سان چڱي ڏيٺ ويٺ نفسيات ۽ سندن طرز زندگي ڪان واقف هئڻ بہ لازمي آهي. اسان کي اها بہ سوڌي ڄاڻ هجي تہ عام ماڻهوءَ جي ڏکيائي ڏچو ڪهڙي قسم جو آهي. اهڙي مشڪلات عام يا ڪنهن خاص ماڻهوءَ واسطي آهي. اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي مطالبن جو هڪ لڳاتار سلسلو موجود هئڻ کپي ۽ ڳوٺ، ورڪشاپ يا ڪارخاني اندر سرگرمين جي رٿابندي ڪرڻ گهرجي. هن حقيقت کي بين لفظن ۾ هن ريت بہ چئي سگهجي ٿو تہ عوامي مشڪلاتن ۽ مطالبن کي سولن ۽ سهنجن نعرن ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ پروپئگنڊا، جاڳرتا ۽ ايار واسطي هڪ وڏي مهم شروع ڪجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن عام ماڻهو انهن نعرن جي چوڌاري گڏ ٿي وڃن ۽ سرگرمين جي ابتدا ڪن.

اسان کي پنهنجي نعرن کي عملي صورت ڏيارڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ لاءِ موقعي جي تلاش ۾ رهڻ کپي. اسان کي ڪارخاني ۽ ڳوٺ ۾ موجود مسئلن ڏانهن اکيون ڦاڙي ۽ ڪن اُپڙا ڪري ڌيان ڏيڻو پوندو جن ۾ مارڻ ڪٽڻ، گارين ڏيڻ، پريشانين، انتظامي ڪارروائي، پگهارن ۾ ڪٽوتي، مقرر وقت کان وڌيڪ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ، قرض جي ادائگي ۾ سختي، ڪنهن رقم جي ضروري وصولي ۽ رهيل رقم جي عدم ادائگي جهڙا مسئلا اچي وڃن ٿا. اهڙن معاملن تي بحث مباحثو ۽ چنڊ ڇاڻ ڪجي. اسان کي پنهنجي سرگرمين جي رٿابنديءَ کي آڏو رکي هر هڪ مسئلي لاءِ هڪ سولو نعرو ٺاهڻ کپي. ان لاءِ اسان کي ماڻهن وٽ وڃڻو پوندو ۽ تحريڪ هلائڻ لاءِ پروپئگنڊا، جاڳرتا ۽ اُيار واسطي ڪم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڪنهن عام قسم جي مسئلي تي عوامي اُيار اٿلي پوڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ جنهن ۾ ماڻهن جي وڏي جوش جذبي ۽ ڪاوڙ جي اظهار جو انومان هوندو آهي ۽ اهڙي عوامي اُيار جو لاڳاپو سندن مفادن جي حفاظت سان بہ هوندو آهي تہ پوءِ اسان کي اهڙي تحريڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ ڍاهپ سوچ ۽ سرت کان ڪم وٺڻ کپي. ان وقت اسان کي نعرن جو صحيح استعمال ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي ”وقت“ ۾ بدلائڻو پوندو تہ جيئن اها تحريڪ بغاوت ڏانهن وڌڻ کانسواءِ لڳاتار جاري رهي سگهي ۽ ماڻهن جا اِرادا اٿل ۽ حوصلا بلند رهن. سرگرمين سان لاڳاپيل سيئي نعرا صحيح گهڙيءَ تي جاري هئڻ گهرجن ۽ اهي وقت کان گهڻو اڳ بہ نہ هجن. جيڪڏهن اهي وقت کان اڳ هوندا تہ ماڻهو انهن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيندا. ائين ڪرڻ سان هو وائڙا ۽ پريشان ٿي ويندا پر ڌڄي بہ ويندا. نعرن جو وقت کان گهڻو پوءِ سان

بہ تعلق نہ هئڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو هنيانءَ هاري ويهندا. پاڻ هيٺا ٿي ويندا. منجهن رابطو ۽ واسطو ڇڇي ويندو ۽ اها تحريڪ وڳوڙ جو شڪار ٿي رهجي ويندي. ڪڏهن تہ اهڙي نازڪ صورتحال بہ ٿي ويندي آهي جو ڏهن منٽن اندر پراڻن نعرن تان هٽ ڪٽي نوان نعرا شروع ڪيا ويندا آهن. سرگرمين سان واسطو رکندڙ نعرن کي مختصر، سولو ۽ مشهور هئڻ کپي ۽ اُهي عام قسم جي مطالبن جي نمائندگي ڪندا هجن ۽ سندن تعلق عام ماڻهوءَ جي نفسيات سان هجي. سرگرميءَ سان لاڳاپيل نعرن جو جيترو مختصر وقت سان تعلق هوندو اوترو وڌيڪ مفيد ثابت ٿيندا ۽ وڌيڪ اثر پيدا ڪندا. جيڪڏهن نعرا تمام گهڻا هوندا ڏکيا هوندا ۽ بلند آواز ۾ اچارڻ ۾ ڏکيا هوندا، انهن ۾ موجود پيغام اڻ چٽو هوندو يا عوامي نفسيات ۽ مطالبن سان سهمت نہ هوندا يا اهي گهڻي وقت کان وٺي استعمال ٿيندا آيا هوندا ۽ ماڻهو انهن کان بيزار ٿي ويا هوندا تہ اُهي پاڻ ڏانهن ڏيان ڪونہ ڇڪائي سگهندا. تنهن ڪري اهڙا نعرا عوامي سرگرمي لاءِ ڪو اثر پيدا ڪري ڪونہ سگهندا آهن. ننڍڙين تحريڪن دوران نعرن جي ترتيب ۽ تبديلي مرحلي وار هئڻ کپي ۽ وقت جي اهم يعني مکيہ سياسي ۽ اقتصادي نعري سان گڏوگڏ هئڻ گهرجي.

جڏهن ڏسجي تہ ماڻهو تحريڪ کي ڇڏڻ وارا آهن تہ وقت کي ڏسي نعرن ۾ تبديلي آڻڻ ضروري هوندي آهي ۽ اهڙا نعرا نهايت خبرداري سان ٺاهيا ويندا آهن. اهڙن نعرن جو مقصد عوام کي حوصلن هارڻ ۽ انتشار کان روڪڻ هوندو آهي. انهن جو مقصد اهو بہ هوندو آهي تہ جيئن عوامي تنظيم کي ڀڄڻ کان محفوظ رکجي، اڳتي وڌڻ جي رستي ڏانهن اشارو ڪجي، حوصلن کي بلند رکجي ۽ مستقبل ۾ تحريڪ کي وري اڳتي وڌائڻ جو عزم ۽ تعين ڪرڻ گهرجي.

جڏهن هلچل ختم ٿيڻ واري هجي تہ اهڙا نعرا ڏجن جن جو تعلق ان تحريڪ کان "اڳتي قدم" سان هجي ۽ انهن کي "Post Struggle" نعرا سڏيو ويندو آهي. انهن نعرن وسيلي عوام جو اهم ڪمن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ مقصد هوندو آهي. انهن نعرن جو مقصد اهو بہ هوندو آهي تہ جيئن تحريڪ کي جاري رکڻ لاءِ عوام جا حوصلا بلند ڪري سگهجن. ڪين مستقبل جي وڏي پئماني تي هلندڙ تحريڪ ڏانهن اشارو ڏجي ۽ ماضيءَ جي ڪامياب تحريڪ جي يادگيري ڏيارجي.

ننڍڙن مسئلن تي هلندڙ تحريڪ دوران سندن طبقاتي شعور وڌائڻ ۽

ان جي مکيہ سياسي ۽ اقتصادي نعرن جي مقصد سُلجهائڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. عوام کي هلچل جي بنيادي مقصدن بابت شعور ڏيڻ وقت ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ هو انهن نعرن سان گڏوگڏ هلن. هن جو مطلب آهي تہ اهي پروپئگنڊا ۽ سرگرمين جي نعرن ۽ وقت جي عوامي مطالبن جي فرق کي چٽيءَ ريت سمجهي سگهن. هن مان اهو هرگز مطلب نہ وٺڻ گهرجي تہ هلچل دوران پنهنجي مکيہ سياسي ۽ اقتصادي نعرن کي مشتهر ڪرڻ تان هٿ کڻي ويجون پر ان جي ابتڙ اسان پروپئگنڊا کي ايترو تہ گهڻو وڌايون جو ماڻهن جي دلين مٿان ڇائنجي وڃون.

پيلو يونينس کي ڇڏڻ لاءِ اختيار ڪيل تدبيرن تي تبصرو

18 جنوري 1932ع

مزدورن دارونگ بوڪ ڪمپنيءَ جي ڇپائيءَ جو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. يونين ۽ اسان جي وچ ۾ هڪ بحث ڇڙي ويو آهي. مسئلو هي آهي تہ ريڊ ٽريڊ يونينس، انقلاب۔ مخالف ۽ اهڙن ماڻهن ڏانهن پيلو يونينس کي ڇڏي ڏيڻ جون هدايتون موڪلي يا نہ موڪلي، جن جي اڳواڻي انقلاب مخالف ڪندا آهن (پيلو يونينس اڄ تائين اقليت ۾ آهن).

اسان وٽ پيلو يونينس کي ڇڏڻ جي تدبيرن بابت ڪابہ اهڙي قرارداد پاس ٿيل ڪونہ آهي: اها خبر بہ پئجي ڪانہ ٿي سگهي تہ اسان جا ڪامريڊ دوستن کي هن خاص مهل تي هن قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو مشورو ڇو ٿا ڏين. هڪ ڪامريڊ جو چوڻ آهي تہ موجوده حالتون اڳئين ڪان گهڻيون انوکيون ۽ نراليون آهن. سندس صلاح آهي تہ ڪجهہ مهينا اڳ جيڪڏهن ائين ڪجي ها تہ بلڪل غلط هو. پر اڄ اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ بلڪل صحيح آهن. بدقسمتيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو ڪامريڊ هي حقيقت سمجهائڻ ۾ سوپارو ڪونہ ٿيو آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تبديلي اچڻ ڪري اسان پيلو يونينس لاءِ پنهنجي تدبيرن ۾ آخر ڇو تبديلي آڻيون ۽ پيلو يونينس کي ڇڏي ڏيڻ جو نعرو هڻون. اسان جي قراردادن ۾ هيٺيون ڳالهيون موجود آهن:

ريڊ يونينس پنهنجن ڪارڪنن کي اهڙي پيلو يونين ۾ شامل ڪندي، جن کي عوامي پنيرائي حاصل آهي پر اهڙين پيلو يونينس ۾ پنهنجا ڪارڪن شامل ڪانہ ڪندي جن کي عوامي پنيرائي حاصل ڪانہ آهي. اهڙن ڪارڪنن کي گهرجي تہ پيلو يونين اندر هڪ انقلابي ڌڙو ٺاهن جيڪو پيلو يونين اندر هڪ مخالف ڌر هجي ۽ عوام کي پنهنجي پاسي ڇڪي وٺي. جڏهن سمجهيو وڃي تہ عوام سندن ڪڏ لڳي پيو آهي تہ پيلو يونينس اندر موجود مخالف اڳواڻ انهن کان الڳ ٿي وڃن. هنن قراردادن جي معنيٰ بلڪل سولي آهي.

(1) سياسي شعور رکندڙ ڏاها ڪارڪن پيلو يونينس ۾ داخل ٿيندا.

(2) شرط اهو هوندو ته انهن پيلو يونينس کي عوام ۾ گهٽ ڪارڪنن جي پٺڀرائي حاصل هوندي. اسان هنن ماڻهن ۾ ڪارڪنن جي ويجهو اچي کين پنهنجي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون. اسان کي هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻو ڪونه آهي ته اها خاص يونين فقط هڪ ڪارخاني سان واسطو رکي ٿي يا ان جو تعلق گهڻن ڪارخانن سان آهي يا اها پيلو ٽريڊ يونين آهي يا فيڊريشن آهي.

(3) جڏهن پيلو يونينس ۾ موجود مخالف انقلابي ڏر سمجهي ته هوءَ تمام گهڻن ڪارڪنن کي تيزيءَ پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ سوپاري ٿي وئي آهي ته اها پيلو يونين کان ڇڇي ڌار ٿي وڃي.

(4) هي قرارداد هن ڳالهه جي سفارش ڪري ٿي ته سياسي شعور رکندڙ ڪارڪنن ۾ مخالف انقلابي ڏر لاءِ اهو سولو ۾ مناسب آهي ته اهي پيلو يونينس جي اندر ويٺل ڪارڪنن کي پنهنجي پاسي آڻڻ جي ڪوشش ڪن. پر اهڙين يونينس کان ٻاهر ويٺل ڪارڪنن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ سندن فرضن ۾ شامل ڪونه آهي.

(5) جيڪڏهن مخالف انقلابي ڏر کي فقط هڪ ڪارخاني يا اسٽور اندر مزدورن يا ڪارڪنن جي اڪثريت جي پٺڀرائي حاصل آهي پر پيلو يونين جي ڪل ڪارڪنن جي پيٽ ۾ اجا به اقليت ۾ آهن ته ان حالت ۾ مخالف انقلابي ڏر پيلو يونين کان نه ڌار ٿئي، نه ماٺ ڪري ويهي ۾ نه وري پيلو يونين جي ڪارڪنن کي پنهنجي پاسي آڻڻ وارين ڪوششن مان هٿ ڪڍي

هاڻي اهڙو وقت اچي ويو آهي جو اسان مٿي بيان ڪيل قرادادن تي تڪڙي عمل ڪرڻ لاءِ سوچي ويچاري رهيا آهيون. ڪومنتانگ جا ڪيترا رڪن يونين اندر ۾ ان کان ٻاهر پنهنجي جاکوڙ ۾ لڳا پيا آهن ۾ عوام جي مخالفت جو فائدو وٺي هيڊ آفيس کي پنهنجي ضابطي هيٺ رکڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن وايو منڊل (صورتحال) کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ واسطي ريڊ يونين، مخالف انقلابي ڏر ۾ عوام سان گڏجي هڪ آزاد قسم جي پروپيگنڊا ۾ عوامي اپار لاءِ ڪوشش ڪري ته جيئن ماڻهن ۾ ايڪو ۾ ٻڌي پيدا ٿي سگهي ۾ ڪومنتانگ جي مختلف ٽولن جي مخالفت لاءِ ماڻهن جي رهنمائي ڪجي. ان ڪانسواءِ ڪومنتانگ جي منافقت کي ظاهر ڪجي، پيلو يونينس ۾ هنن جيڪي ڪارڪن ڦاٿيا آهن تن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏجي، عوام جي پٺڀرائيءَ سان نيون ريڊ يونينس کوليون وڃن،

مختلف ڪومنتانگ ٽولين کان تعلقات ختم ڪيا وڃن ۽ پيلو يونينس کي ڇيپاٽي ناس ڪيو وڃي. هن وقت اهڙين تدبيرن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. پر ان جي خلاف اسان کي هن ڳالھ تي وڏيڪ زور ڏيڻ گهرجي تہ مٿين قراردادن تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي. موجوده صورتحال ۾ ڪومنتانگ جي ڪن ٽولين کي عوام جي پٺڀرائي حاصل آهي. جيڪا هو ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ وڃائي ويهندي ساڳئي وقت اهو بہ امڪان آهي تہ ”ري آرگنائزيشن ڪِلڪ“ جون نيون پيلو يونينس بہ نڪري نروار ٿين. اصولي طور تي اسان کي مٿي بيان ڪيل تدبيرن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. اسان کي اهو بہ ضروري نظر ڪونہ ٿو اچي تہ اسان اهڙين پيلو يونينس ۾ شامل ٿيون يا انهن ۾ ڪارڪن طور رهي پئون جن کي عوامي پٺڀرائي حاصل نہ آهي. پر اسان کي انهن پيلو يونينس ۾ شامل ٿيڻ گهرجي يا رهي پوڻ گهرجي جن سان عوام گڏ آهي.

ڪن ماڻهن جي خيال مطابق جيڪڏهن اسان ڪومنتانگ جي هڪ ٽولي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻئي ٽولي سان سهڪار ڪنداسون تہ ائين ٿيندو تہ اسان چيانگ ڪائي شيڪ جي ماڻهن جو وئنگ چِنگ وِي ڪومنتانگ جي ماڻهن سان سودو ڪنداسون. يا اڳتي هلي اسان پنهنجا ماڻهو ڏئي ڪومنتانگ جي ٽولي جا ماڻهو وٺنداسون. هيءَ هڪ اهڙي موقع پرستي آهي جو اسان ڪومنتانگ جا مشروط اطاعت گذار بڻجي ويندا سون پر ٻين ماڻهن کان ڇڇي ڏار ٿي وڃڻ جن کي عوامي پٺڀرائي حاصل آهي تہ ان صورت ۾ يونين جا اڳواڻ چالاڪيءَ ۽ ڏوڪي سان يونين تي قبضو ڪري وٺندا. ان جو نتيجو اهو ٿيندو تہ پيلو يونينس جي وجود جو سلسلو باقي رهجي ويندو. ٻئي ڪامريڊ طبقي جو خيال آهي تہ ڪن ڪارخانن ۽ ٻين جڳهن جهڙو پرنٽرس يونين، نيوز پيپر يونين ۽ پرنٽنگ يونين ۾ پيلويونينس جي اڪثريت آهي. جيڪڏهن مخالف انقلابي ڌر ساريءَ يونين ۾ تہ ٿورائي ۾ آهي پر ڪن ڪارخانن ۾ واضح اڪثريت ۾ آهي، ان صورتحال ۾ هي مخالف انقلابي ڌر جي پيلو يونينس کي ڇڏي پنهنجي ڪارڪنن سان گڏجي هڪ مضبوط ريڊ مخالف انقلابي ڌر بڻجي سگهي ٿي. اهڙيءَ ريت اها ريڊ مخالف انقلابي ڌر ٻين ڪارخانن جي ڪارڪنن کي ساڳي ڪوٽ ڏئي پيلو يونينس جي مخالفت ۾ آزاد قسم جون يونينس بڻائي سگهي ٿي.

اهي ڪامريڊ چاهن ٿا تہ پيلو يونينس مان پنهنجا مزدور ٻاهر ڪڍي انهن کي ناس ڪري ڇڏجي. پر هن قسم جي تدبير ۾ هي غلطيون آهن.

(1) جيڪڏهن ڪارخانن جا مزدور پيلو يونينس مان ٻاهر نڪري ويندا تہ اتي ويٺل اسان جا ڪارڪن ٽورائيءَ ۾ اچي ويندا ۽ يونين جي مخالف انقلابي ڌر تباهہ ٿي ويندي.

(2) ائين ڪرڻ سان مخالف انقلابي ڌر ٻين ڪارڪنن جي مزدورن سان رابطو رکي ڪانہ سگهندي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ اهي پيلو يونينس هيٺ رهجي ويندا ۽ مخالف انقلابي ڌر ڪان ڪٽجي ويندا.

(3) مختلف ڪارخانن ۾ ڪٽي سو ڪٽي بہ ٽي ڏڙن ۽ ڪٽي ڏهہ ٻارهن مزدور آهن جن جو واسطو ريڊ يونين سان آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ هزارين مزدور آهن جن جو واسطو پيلو يونينس سان آهي. اهو مزدورن جي مفاد ۾ نہ آهي تہ هو ان پيلو يونين جي خلاف هڪ آزاد يونين جوڙين، جنهن وٽ هزارين مزدور آهن. (پروفينٽيرن Profintern جي پنجين ڪانگريس ۾ هي قرارداد پاس ڪيو ويو هو جيڪو هن رڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ هر قسم جي حالتن کي نظرانداز ڪري هڪ آزاد قسم جي ٽريڊ يونين جوڙڻ نقصانڪار ثابت ٿيندي).

(4) هڪ متحد ٽريڊ يونين کي ڇني آزاد قسم جون گهڻيون يونينس جوڙڻ (هڪ ڪارخاني ۾ هڪ يونين) انتشار پيدا ڪرڻ واري حڪمت عملي آهي جيڪا پورهيت طبقي لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار آهي. (جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون مزدورن جي مفاد ۾ آهن تہ ٽريڊ يونين ڪان ڇڄي ڌار ٿيڻ ڪان هرگز ڪونہ ٽا ڏجون).

هڪ ڪامريڊ جو خيال آهي تہ پيلو يونين ڪان الڳ ٿيڻ سان ڪارخاني جا مزدور ڪنهن دوکي ۽ دولاب جو شڪار ڪونہ رهندا. ائين ڪرڻ سان پيلو يونين جا اڳواڻ مزدورن جي مفادن کي وڪرو ڪري ڪونہ سگهندا. هن ڪان سواءِ سٺي ڳالهہ هي بہ ٿيندي جو هي مزدور ٻين ڪارخانن جي مزدورن کي سولائي سان پنهنجي پاسي ڪري سگهندا ۽ پنهنجي بنيادن مان هڪ گڏيل محاذ ٺهي پوندو ۽ يونين ۾ هڪ مخالف گروهہ جي شڪل بہ اڀري ايندي. ڪارخاني جا مزدور جيڪڏهن پيلو يونين کي ڇڏي نہ ڏيندا تہ اهي مٿي بيان ڪيل ڪم ڪري ڪونہ سگهندا. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن پيلو يونين جا عهديدار هنن کي ڌوڪي ۽ دولاب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا تہ هو سولائيءَ سان سندن ڄار ۾ ڦاسي پوندا. تنهن ڪري هن ڪامريڊ جو چوڻ آهي تہ ڪين جڳائي تہ پيلو يونين کي اڄ جو اڄ ڇڏي ڏيڻ ئي بهتر ٿيندو. پر پنهنجي خيال ۾ اها بيوقوفيءَ جي ڳالهہ آهي. هي

خيال اسان جي پاس ڪيل قراردادن جي بلڪل خلاف آهي. اسان ته سياسي شعور رکندڙ ڪارڪنن کي چونداسين ته جنهن ييلو يونين کي عوامي پذيرائي حاصل آهي، تنهن ۾ شامل ٿي وڃن ۽ ان يونين ۾ هڪ مخالف ڌر جوڙين. چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان هو عوام جي وڌيڪ ويجهو ٿي ويندا ۽ ييلو يونين جي اڳواڻن جي منافقي ڪان ڪين سوڌي پاڻ ڏي وٺي اچي سگهندا. ائين ڪرڻ سان هنن کي مزدور جي مفادن وڪڻڻ کان روڪي سگهجي ٿو ۽ ييلو يونين جي هر ننڍي وڏي ڪارڪن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي، انهن سان گڏجي ييلو يونين خلاف هڪ گڏيل محاذ به جوڙي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ييلو يونين جون مورڳو پاڙون به پٽي سگهجن ٿيون. جيڪڏهن سياسي شعور رکندڙ ڪارڪنن ييلو يونين اندر وڃي ڪم ڪرڻ بدران ٻاهر ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته ڪارڪنن جو اهڙو ڪم قراردادن جي بلڪل خلاف هوندو جن ۾ چيل آهي ته سياسي شعور رکندڙ ڪارڪن ييلو يونين ۾ شامل ٿي پنهنجي مخالف انقلابي ڌر ٺاهن. جيڪڏهن هن ڪامريڊ جو خيال صحيح آهي ته پوءِ قرارداد واري ييلو يونين اندر مخالف انقلابي ڌر کي هن يونين کي ڇڏي وڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي سياسي شعور رکندڙ ڪارڪنن کي ييلو يونينس ۾ شامل ٿي وڃڻ جي سڏ ڪي به ريڊ يونين جي غلطي سمجهڻ گهرجي.

ڪي مزدور سياسي ڇاڙ رکڻ جي هام هڻندا آهن پر موت کان ڏاڍا ڇرڪيل هوندا آهن. سندن خيال آهي ته جيڪڏهن ييلو يونينس جي اڳواڻن تڪڙي ڪارروائي ڪئي ته هو بچي ڪونه سگهندا. اهڙا ڪارڪن هن صورتحال کي هڪ گهڙيءَ لاءِ به منهن ڏئي ڪونه سگهندا. هو ته ييلو يونين جي نالي ٻڌڻ کان به ڀڄن ٿا. هو ييلو يونينس جي ڌيڻ مان هڪدم نڪري وڃڻ گهرن ٿا. اهو به چاهن ٿا ته ڪين ٻي عيب ۽ ڪمال جو ماڻهو سمجهيو وڃي. هي ماڻهو اهڙيءَ يونين ۾ رهي پنٽي پيل ابوجهه ماڻهن لاءِ هڪ مثال بڻجڻ ٿا چاهن. سندن خواهش هوندي آهي ته هنن جي پير ڪوڙي تعريف ڪئي وڃي ۽ ڪين ٻي مثال اڳواڻ تسليم ڪيو وڃي. جيڪڏهن هنن جي هلت چلت بابت ڪير به اعتراض ڪندو ته هڪدم چوندا ته "اسان ته ييلو يونين وارن کي مڙسيءَ سان مُهاڏو ڏئي رهيا آهيون ۽ اوهان اسان جهڙن مٽير مڙسن جي حوصله شڪني ڪري رهيا آهيو." هيءَ ڪاٻيءَ ڌر سان لاڳاپيل هڪ موقع پرستي آهي جنهن جو ڪو مثال ئي ڪونه آهي، جيڪي ساڄيءَ ڌر جي نڪمائي کي پنهنجي لفاظيءَ جي ڏکي لباس

هيٺان لڪائي ڇڏيندا آهن. اسان هن قسم جي ماڻهن لاءِ فقط ايترو چئي سگهون ٿا تہ ”اوهان واقعي ڀلا هوندا پر اوهان بالشويڪ نہ آهيو. بالشويڪ پيلو يونينس جي ڌڻ ۾ گهڙڻ کان ڪڏهن بہ ڪونہ لنوائيندا آهن. اهي تہ ڏکي وقت لاءِ ڏکيي ڪم ڪرڻ جا هيراڪ هوندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن پنتي پيل مزدور کي بچائي سگهجي جيڪي پيلو يونينس جي چور۔گپ ۾ اوچتو ڦاسي پيا آهن. هڪ ڪامريڊ تہ اهڙي گفتگوئي ٻڌڻ نہ ٿي چاهي ۽ چوڻ لڳو تہ اڪثريت جي باشعور ٿيڻ تائين اسان کي ڪيترو انتظار ڪرڻ گهرجي؟“ هي ”انتظار ڪريو ۽ ڏسو“ واري سوچ آهي. نہ ڪامريڊ اها ڳالهہ ائين ڪانہ آهي. اهو فقط سياسي شعور رکندڙ مزدور کي چوڻ آهي تہ توهان پيلو يونينس ۾ رهي پئو ۽ اهڙين يونينس اندر مخالفت جي پيٽي سگهہ پيدا ڪريو ۽ عام مزدور کي متاثر ڪري پنهنجي پاسي ڪريو. جيڪڏهن هن قسم جي جاڪوڙ ڪئي وئي ۽ اوهان جيڪڏهن هن ڌڻ مان پنهنجا پير کسڪائي ڪڍي وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪئي تہ ان ۾ اوهان کي گهڻا مزدور ويچارا ان چور گپ ۾ ڳتل ڏسڻ ۾ ايندا.

ڇا اسان کي پيلو ٽريڊ يونين جي فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي؟ هن قسم جي سوال وقت اسان کي فقط اهو پڇڻ گهرجي تہ ڇا ان کي عوام جي پذيرائي حاصل آهي؟ ڇا ان ۾ شامل ٿي اسان عوام جي ويجهي پهچي سگهنداسون ۽ اسان پنهنجي نوعيت جي پروپئگنڊا هلائي سگهنداسون؟ جيڪڏهن هنن سوالن جو جواب هاڪاري آهي تہ پوءِ اسان کي پيلو ٽريڊ يونين جي فيڊريشن سان شامل ٿيڻ گهرجي. اها ڳالهہ اسان جي قراردادن ۾ ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي تہ اسان نئين پيلو يونين ۾ شامل ٿيون.

ڪيترن ڪامريڊن جو وري هي بہ خيال آهي تہ پيلو يونين کي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ بہ سندن گڏجاڻين ۾ پنهنجا نمائندا موڪلي ڏيون. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو اتي ويهي اسان جون رٿائون بہ پيش ڪري سگهن. هو ائين ڪيئن ڪري سگهندا سا ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي.

ڪن دوستن جو خيال آهي تہ ريڊ يونينس کي اهو حق ڏنو وڃي تہ هو ڪليءَ ريت ڪم ڪندا رهن ۽ مخالف انقلابي ڊر کي پڻ لازمي طور پيلو يونين کي ڇڏي هڪ آزاد ريڊ يونين قائم ڪرڻ گهرجي. حقيقت هيءَ آهي تہ اهڙيون ڳالهيون اسان کي ڪلئي ريت ڪم ڪرڻ ۾ مدد ڪونہ ڏينديون پر اُلٽو اسان آنڊر گرائونڊ هليا وينداسون.

جيتري قدر ڊاڊونگ بوڪ ڪمپني جي مزدورن جي يونين ڇڏي وڃڻ

جو سوال آهي تہ هن ۾ سرمائيدارَ فورمين کي استعمال ڪري رهيا آهن تہ جيئن هو اتان مزدورن کي ڪيڏي ڇڏي جڏهن هو بک ۽ بدحاليءَ کان تنگ ٿيندا تہ وري اچي سرمائيدارن جي آڏو جهڪندا ۽ کين مزدوري ڏيڻ لاءِ ايلاز منٿون ڪندا. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ اسان اهڙين اتڪل بازين سان سهمت ڪونہ آهيون جيڪي هٿ ٺاڙ ڪي بي اثر ڪري سرمائيدارن جي ڪتب آنديون وڃن.

مزدورن جي مطالبي جي نئين شڪل ۽ نئون رَويو

20 مارچ 1934ع

سوويت انقلاب ڪان پوءِ هارين کي پنهنجون اهي زمينون واپس مليون آهن، جيڪي هنن ڪان هڪ هزار سال اڳ جاگيردارن ڦري ورتيون هيون. جيتوڻيڪ سرمائيدارن ڪان انقلاب جي هن مرحلي دوران سندن شخصي ملڪيتون ضبط ڪونہ ڪيون ويون آهن. اسان بہ هڪ اهڙي طريقۂ ڪار جي شروعات ڪئي آهي جنهن موجب مزدورن کي نظرداريءَ جو ڪم سونپيو ويو آهي. سوويت روس ۾ مزدورن ۽ هارين گڏيل ڪوشش سان ڪارخانن جو بنياد رکيو آهي. اهڙي قسم جي گڏيل سهڪار سان وڏي پئماني تي ادارا قائم ڪيا ويا آهن. اڳي جيڪي ماڻهو جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ پورهيو ڪندا هئا، سي ڦهريون ڀيرو آهي جو هاڻي پنهنجي ۽ ٻين جي سک سُڪائي لاءِ محنت ڪري رهيا آهن.

موجوده دور ۾ سوويت روس اندر انقلابي گهرو ويڙهہ هلي رهي آهي. پورهيت طبقي جي مفادن ۽ پلائي واسطي انقلاب جي مڪمل فتح ۽ سوويت طاقت جو استحڪام، توسيع ۽ ساري ملڪ تي ان حڪومت جو قيام نهايت ضروري آهي. هر شيءِ هن جنگ جي ڪم اچي رهي آهي يعني هر چيز پورهيت طبقي جي ڊگهي عرصي وارن مفادن ماتحت ڪم ڪري رهي آهي. هن جو مطلب آهي تہ سوويت روس جي حدن اندر موجود پورهيت ۽ ملازم طبقو ۽ امداد باهمي وارا ادارا شعوري طور تي هن جنگ لاءِ ڪم ڪندا رهن، انهيءَ لاءِ تہ جيئنءَ ساري پورهيت طبقي جي ڊگهي عرصي وارن مفادن جي تحفظ واسطي سوڀ ماڻي سگهجي. ترقي، استحڪام ۽ ڪارخانن جي وسيع پيداواري سگهہ جو سِڌو اثر هن جنگ ۽ پورهيت طبقي تي پوي ٿو. اهڙيون ڳالهيون مستقبل جي سوشلسٽ انقلاب لاءِ اقتصادي بنياد جي حيثيت رکن ٿيون.

سوويت جو پورهيت، ملازم طبقو ۽ گڏيل سهڪار سان هلندڙ ڪارخانا هيءَ حقيقت ياد ڏيارن ٿا تہ اوهان ڪنهن جاگيردار يا سرمائيدار لاءِ نہ، پر پورهيت طبقي ۽ انسان ذات جي آزاديءَ لاءِ محنت ڪري رهيا

آهيو. اوهان جي پورهئي جي نموني جي تبديلي هڪ وڏي تبديلي آهي جنهن جهڙو مثال اسان جي تاريخ ۾ ڪونہ ٿو ملي. هي پورهئي جو هڪ نئون ۽ نرالو قسم آهي، جيڪو اوهان کان هڪ نئين رويي جي تقاضا ڪري ٿو.

ڪومنتانگ جي حڪومت، سڀ جاگيردار، بورزوا، ڪارخانا، ڪاٺيون پورهئي جا سڀ اوزار ۽ آمد رفت جا سڀ وسيلا سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ ڪومنتانگ جي هٿ هيٺ آهن. بين جو رت چوسي زنده رهندڙ سرمائيدار ۽ جاگيردار بار ڍوئيندڙ جانورن جيان پورهيتن کي بکئي پيٽ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن کين وڌ کان وڌ منافعو ملي سگهي. اهڙين حالتن ڪري مزدورن لاءِ اهو صحيح ۽ ضروري هوندو آهي تہ هو ڪارخاني جي مالڪ ۽ سندس رت چوسڻ واري ڏاڍ خلاف هٿ تاڙ هوريان ڪم ڪرڻ ۽ بين اهڙين حڪمت عملين وسيلي سندن سخت مخالفت ڪن، جو هو ڊانوانڊول ٿي وڃن. ائين ڪرڻ سان سندن ڪم ڪرڻ ۽ زندگيءَ جون حالتون سڌاري سگهجن ٿيون ۽ لنگهڻ ڪاٽڻ کان پڻ بچي پوندا. سوويت حڪومت ۾ اتان جا ڪارخانا ۽ امداد باهمي وسيلي بيون ڪاروباري مهمون مزدورن ۽ هارين کي گڏجي هلائڻ لاءِ حوالي ڪيون ويون آهن. اتي پيداوار وڌائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر اتي مزدورن جو استحصال ڪونہ ٿو ٿئي نہ وري رت چُوس اقليت جي مدد ڪئي وڃي ٿي تہ هو وڌ کان وڌ منافعو ڪمائن، پر اهي سڀ هن جنگ جي مدد ڪري رهيا آهن، مزدورن ۽ هارين جون سڀ ضرورتون پوريون ڪري رهيا آهن ۽ انسان ذات جي سک ۽ سٺائي لاءِ جتن ۽ جاکوڙ ڪري رهيا آهن. تنهن سوويت جا مزدور، ملازم ۽ ڪاروباري مهمن ۾ رڌل ماڻهو ڪارخانا ۽ امداد باهميءَ وسيلي هلندڙ بيا ڌنڌا ڪري رهيا آهن. اهي ڪارخانا سرمائيدارن جا نہ پر ماڻهن جا پنهنجا آهن. ڪم ڪرڻ ۾ اهي ڏاڍي ڏاهپ ۽ سُرت سوچ کي ڪم آڻيندا آهن. انهن ماڻهن پيداوار وڌائڻ لاءِ جڻ تہ پاڻ کي ارپي ۽ وقف ڪري ڇڏيو آهي. مختلف ڪاروباري مهمن کي ترقي ڏيارڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ هو ويهن ئي ننهن جا زور لائي رهيا آهن.

اسان جي ڪاروباري مهمن ۾ جنبيل مزدورن جي گهڻائي ان حقيقت کي چڱيءَ ريت سمجهي چڪي آهي. انهيءَ ڪري هن نئين قسم جي ڪم ڏانهن سندن رويو بہ نئون آهي. اهي هاڻي سمجهي رهيا آهن تہ هو پورهيو ڪنهن ٻئي لاءِ نہ پر پنهنجي لاءِ ڪري رهيا آهن. تنهن ڪري ڪم جي هن

نئين طريقي ۾ دل لائي وڏي اتساهہ سان جنبي ويا آهن. پيداوار ۾ هڪ قسم جي چٽا پيٽي شروع ٿي آهي. منجهيل ڪم ڪي ترت نياهڻ لاءِ مزدورن جو هڪ جٿو موجود آهي. ڪي ماڻهو رضاڪارانہ طور مزدوري ڪري رهيا آهن. ڪي ماڻهو مزدوريءَ جو اجورو گهٽ وٺي رهيا آهن تہ جيئن روس جو سوويت ۽ اتان جي امداد باهمي واري ڪاروباري مهم کي ٽيڪ ۽ سهائتا ڏئي سگهجي. هاڻي ڪين اها سڌ پئجي چڪي آهي تہ هو اهو ڪم ڪنهن ٻئي جي منافعي لاءِ نہ پر پنهنجي لاءِ ڪري رهيا آهن. پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ ڪري رهيا آهن. مزدورن جي جنگ ۽ جدوجهد کي بلند ڪري رهيا آهن ۽ خود مزدورن ۽ هارين نارين لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. پر ان هوندي بہ سوويت ۽ ريڊ آرمي واري شعبي ۾ ڪا اهڙي ٿورائي (اقليت) بہ آهي جنهن هن اهم ڪم کي اجا تائين ڪونہ سمجهيو آهي. ڪم جي نئين طريقي لاءِ سندن رويو اهو ئي پراڻي قسم جو آهي. ان ڪان سواءِ عوامي ڪارخانن ۽ ملڪيتن لاءِ سندن نقطئہ نظر بہ اهو ساڳيو پراڻو آهي. هو هنن ڪارخانن ۽ ملڪيتن کي ائين ڏسي رهيا آهن جڻ اهي اجا تائين ڪنهن سرمائيدار ۽ جاگيردار جون آهن. اهي ڪم گهٽ ڪن ٿا يا بس لبو ٿبو ڪري ڪم پورو ڪري ٿا ڇڏن. جڏهن چاهيندا آهن ڪم ڇڏي هليا ويندا آهن. منجهن هٺ ڇوهائيءَ جي بہ مونجهہ آهي ۽ ننڍي وڏي شيءِ تڳائيڻ ۾ بہ دير ڪونہ ٿا ڪن. عوامي ملڪيت کي نقصان رسائڻ ۾ بہ دير ڪونہ ٿا ڪن. ڪي مزدور جڏهن پنهنجي نگران سان ڪاوڙجي پوندا آهن تہ ڪم هوريان هوريان ڪندا ۽ ڪارخاني جي ضابطي جي ڀڃڪڙي بہ ڪندا آهن. اهي سوويت جي ڪارخانن ۽ ملڪيتن کي تنگدليءَ سان ائين ڏسندا آهن جهڙيءَ ريت اڳي ڏسندا هئا. هتي ڪي انقلاب دشمن زميندار ۽ دولتمند هاري [ڪولاڪ] بہ موجود آهن جيڪي پنهنجن چاڙتن سان گڏجي ڪارخانن ۾ ڪريل سرگرميون ڪندا آهن جهڙوڪ مشينن ۽ اوزارن کي هٿ سان تباهہ ڪرڻ، ڪچي مال جو بيجا استعمال ڪري جڏيون سڏيون شيون تيار ڪرڻ ۽ ٻين کي هڙتال لاءِ چرچ ڏيڻ ۽ هوريان ڪم لاءِ اتساهڻ وغيره.

هيءَ انساني تاريخ جي هڪ وڏي تبديلي آهي. اڳي مزدور ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ سان ٻين جي منافعي لاءِ هڻ هٽان ڪندا هئا. هاڻي اهي ساڳيا ماڻهو پنهنجي فائدي لاءِ پورهيو ڪري رهيا آهن. پر اهڙي تبديلي ڪنهن تڪرار ۽ تڪليف کان سواءِ ڪانہ ايندي. اهڙيون عادتون هزارين سال پراڻيون آهن جن کي تبديل ٿيڻ ۾ گهڻي سمجهائڻ ۽ گهڻي جدوجهد جي ضرورت آهي.

تنهن ڪري ٽريڊ يونين ۽ سياسي طور باشعور سوويت ۽ باهمي امداد تي هلندڙ ڪاروباري مهم جي مزدور لاءِ اهم ڳالهه اها آهي تہ هو مزدورن کي سمجهائن، تہ ڪم جي نئين طريقي لاءِ ڪهڙو نئون رويو هئڻ گهرجي، ڪهڙي طريقي سان محنت لاءِ جوش ۽ جذبو پيدا ڪجي، نئين تخليقي عمل لاءِ ڇا ڪجهہ ڪرڻ گهرجي ۽ پراڻين عادتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون اختيار ڪرڻ گهرجن.

ٽريڊ يونين ۽ سياسي طور باشعور مزدور جي لاءِاهم ڪم اهو آهي تہ هو هر مسئلي بابت سمجهاڻيون ڏين ۽ هلچل هلائن. پوءِ اهو مسئلو ڪٿي ڪيترو ننڍو ڇو نہ هجي. انهن کي گهرجي تہ پيداوار وڌائڻ لاءِ رضاڪارانہ طور ڇتا پيٽي واسطي ڪي جٿا منظم ڪن.

ڏهہ پندرهن منٽ دير سان مزدوري تي چڙهڻ، ڪارخانن جو بارڻ ماني بچائڻ جي ڪم آڻڻ، هوريان ڪم ڪرڻ. پيداوار جي مقرر ڪيل حد نہ ڏيڻ جهڙين ڳالهين کي اخبارن ذريعي وائڪو ڪرڻ يا انهن کي وال پوسٽرن وسيلي ظاهر ڪرڻ بہ ضروري آهي. چاڪاڻ تہ اهڙن يڏن ڪمن تي تنقيد ڪرڻ سان عوام کي اهم چاڻ ملي ويندي، سوويت ڪاورباري مهم ۾ اسان مزدور تنظيم جي پيڪڙين، ڪارخانن لاءِ قائم ڪيل ضابطن ۽ اصولن کان لاپرواهي، عوامي ملڪيت جي چوري، ڪچي مال جي زيان، هوريان ڪم ڪرڻ ۽ غير قانوني موڪل ڪرڻ وارين اوڻاين کي ختم ڪرڻ لاءِ اٽل ارادن ۽ پڪي ويساهہ سان هلچل شروع ڪرڻ گهرجي. نالي چڙهيل ڏوهارين جا نالا بلئڪ بورڊن تي لکيا وڃن، انهن جون ملازمتون يا مزدوريون ختم ڪيون وڃن يا انهن کي جيل ۾ وڌو وڃي. چاڪاڻ تہ اهي مقدس عوامي ملڪيت کي هٿ سان ناس ڪري رهيا آهن. اهي ماڻهو اهڙن ڪڌن ڪمن ڪري عوام جا ويري بڻجي ويا آهن.

اسان کي گهرجي تہ منجهيل مسئلن کي ترت نبيرڻ واري جاکوڙي جتي ۾ موجود ماڻهن ۽ پورهئي ۾ نالو پيدا ڪندڙ محنتي مزدورن جي نالن کي عظيم الشان جي فهرست ۾ داخل ڪريون. عوام جي روبرو اهڙن سٺن ماڻهن جي تعريف ڪئي وڃي. چاڪاڻ تہ اهي هن انقلابي جنگ ۾ پيداوار جي نموني واري محاذ تي اسان جو هر اول دستو آهن.

اسان کي گهرجي تہ ڪڏن مزدورن کي ننديون ۽ پلوڙ پورهيتن جون تعريفون ڪريون. انهيءَ طريقي سان اسان عوام کي چڱيءَ ريت سيکاري سگهنداسون تہ محنت جي نئين محاذ تي پورهئي بابت سندن رَوَيو ڪهڙو

هجڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان ڪين سمجهائي سگهنداسون ته ڪارخانن ۽ ملڪيتن جو وارث عوام آهي ۽ اهي مقدس حيثيت رکن ٿيون. انهن جي تقدس سان هٿ چراند ڪرڻ ڪانه ٿي جڳائي. ڪين اها ساري چاڻ ملي ويندي ته پورهيت طبقي جو مستقل مفاد ڇا ۾ آهي ۽ ڪميونزم جي اصلي ۽ حقيقي معنيٰ ڇا آهي. اهو مقصد فقط تڏهن حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسان عوام کي هيءَ ڳالهه چڱيءَ ريت سمجهائي سگهون ته اسان نهايت ڪاميابيءَ سان محنت ڪرڻ واري جوش جذبي کي وڌائي ۽ سيني وسيلن کي منظم ڪري سگهون ٿا. انهيءَ مقصد سان ته جيئن مزدور پنهنجي سک سٽائي، سوويت جي پلاڻي ۽ انقلابي جنگ واسطي وڌ کان وڌ محنت ڪري سگهن.

ڪارخانا بند ڪرڻ ۽ اصولن ضابطن جي انحرافي ڪرڻ وارن لاڙن کي ختم ڪرڻ

10 اپريل 1936ع

وڏن مسئلن کي نبيرڻ لاءِ لي ليسان Li Lissan وارو طريقو ڪم آندو ويو آهي. هن طريقي سان لاڳاپيل لازمي جزا جهڙوڪ ڪارخانن جا دروازا بند ڪرڻ Closed-doorism ۽ ضابطن اصولن جي انحرافي adventurism آهي. جن جو عملي ڪم سان واسطو آهي. اهڙين ڳالهين جو خاتمو ٿي ڪونه سگهيو آهي جيڪي پارٽيءَ ۾ اڃا سوڌو موجود آهن. اهڙين غلطين پارٽيءَ ۽ انقلاب کي ڏاڍو هاڃو رسايو آهي. ڇاڪاڻ تہ گهڻي عرصي کان وٺي اهڙيون غلطيون ڇچڙ جيان چنبڙيون رهيون آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ پارٽيءَ اهڙين غلطين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪا مناسب هلچل ئي ڪانہ هلائي آهي. ان جو خاص سبب اهو بہ آهي تہ عملي ڪم ۽ تحريڪ دوران اهڙيون غلطيون هڪ بہ دفعا نہ پر هزارين ڀيرا ورجايون ويون آهن. موجوده دور جي سياسي صورتحال جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن ڏٺو ويندو تہ ڪارخانا بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي، پارٽي جي وجود لاءِ هڪ وڏو ڊپ آهي.

اڄ ڪلهہ جو وايو منڊل ڏاڍو مُنڌل آهي. چين جي حيثيت نيم بينڪي راڄ Semi-Colony واري آهي. جنهن کي جپان سامراج مڪمل ۽ پوري طرح بينڪي راڄ بڻائڻ لاءِ لاهي پاهي بيٺو آهي. چين جا ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو آهن جيڪي جپان جي هن بينڪي راڄ جا غلام ٿيڻ چاهن ٿا ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان غداري ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن. پر چين جا گهڻا طبقا ۽ عوام جپان جي هنن ارادن خلاف آهي. اڳي جيڪي ماڻهو انقلاب دشمن هئا يا ڦرڻي گهرڻي سياءَ جا هئا ۽ ڪڏهن هيڏي تہ ڪڏهن هوڏي پيا ڏسبا هئا، سي هاڻي قومي انقلاب جا حامي ٿي پيا آهن. انهن مان ڪي انقلاب سان همدردي ۽ امداد جو اظهار ڪري رهيا آهن ڪي ڪري چڪا آهن ۽ جپان ۽ ان جي ساٿين خلاف ڇاتي نوڪي چوٽ ڏيڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. ان بابت پارٽي جي حڪمت عملي هيءَ آهي تہ چين جي عام ماڻهو سيني طبقن، گروهن، مختلف قوتن ۽ فردن کي هڪ جائتو ڪري

قومي گڏيل محاذ جي شڪل ۾ جپان ۽ چيني غدارن سان مڙسيءَ سان چوٽ کائجي ۽ جپان سامراج ۽ چين جي سندس پڇ لُتڪائو ڪاتڪن کي شڪست ڏيڻ لاءِ مقدس قومي انقلابي جهيڙي جي شروعات ڪجي. چيني قومي انقلاب جي سوڀ لاءِ وسيع قومي انقلابي گڏيل محاذ جو قيام هڪ مرڪزي حيثيت رکي ٿو ۽ اسان جي پارٽيءَ جو به مرڪزي نقطو آهي. بلڪ صورتحال اجهو ائين آهي. اسان جي پارٽي جيڪڏهن ڪارخانا بند ڪرڻ ۽ اصولن ضابطن جي انحرافي جهڙين پڌين ڳالهين کي ختم ڪري نه سگهي ته پوءِ قومي گڏيل محاذ جو وجود ڪاب معنيٰ ڪونه ٿو رکي. ان حالت ۾ اسان جي پارٽيءَ جي اڳواٽي هيٺ جپان ۽ چيني غدارن خلاف هلچل ڪامياب ٿي ڪانه سگهندي اهڙي ريت اسان جي پارٽي جي ناموس ۽ قومي انقلاب کي ڌاڍو هاڃو رسي سگهي ٿو.

عملي طور تي سڀ ڪامريڊ جن کي پارٽيءَ ۾ مان ۽ مرتبو حاصل آهي ۽ خاص طور تي اهي سجاڻ ماڻهو جن کي عوامي هلچل ۾ اڳواٽي ڪرڻ جو تجربو آهي سي اهڙا پڪا مثال ڏئي سمجهائي سگهن ٿا ته ڪارخانن جي دروازن کي بند ڪرڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ واري لاڙي ورهين کان وٺي پارٽيءَ کي ڌاڍو ڇيهو پهچايو آهي. مختصر ته جڏهن "وائيٽ ٽرو" دوران اسان تنظيم قائم ڪرڻ ۾ سوپارا ٿياسون ۽ ڪن ڪارخانن ۽ اسڪولن ۾ پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪيوسون ته ڪارخانن جي دروازن بند ڪرڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارا اهڙين ڳالهين کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيا هئا. پر اسان عوامي ۽ بين سياسي گروهن جي پنيرائي سان ڪليون تنظيمون قائم ڪيون جيڪي جپان دشمن هئا. ڇاڪاڻ ته ڪاهي ڏر وارا بالشويڪ تمام ٿورا هئا ۽ ڪليل تنظيمن لاءِ ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ان کان سواءِ ڪارخانن جي دروازن بند ڪرڻ وارا ماڻهو عوام وٽ وڃي ڪونه ٿي سگهيا ۽ اندر ويهي اجايون ڳالهيون ڪندا هئا. انهن حقيقتن بابت پارٽيءَ اندر ڪهڙو رويو هو؟ اسان جي پارٽيءَ جي انهن ماڻهن اسان جي ڪم ۽ تنظيمن کي لوڏي ڇڏيو هو. اسان جي پنيرائي ڪندڙ عوام ۽ اسان جي اتحادي سياسي گروهن جن کي ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو تن کي انعام ڏنا ويا هئا ۽ کين ترقي ڏئي ذميوار عهدن تي مقرر ڪيو هو. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو خبردار ۽ باشعور هئا ۽ جن اسان جون تنظيمون قائم ڪيون هيون ۽ ڊگهي عرصي تائين جاکوڙيندا رهيا هئا تن تي "پرامن ڳالهين جا حامي ۽ ساڄيءَ ڌر جا موقع پرست" هئڻ جا الزام هنيا ويا هئا. مٿن حملا

ڪيا ويا ۽ ڪين پارٽيءَ جي عهدن تان بہ لاٿو ويو هو. ان جو اهو نتيجو نڪتو جو اسان جي پارٽيءَ جي ماڻهن ساڄي ڏر جي غلطين کان بچڻ لاءِ کابيءَ ڏر ڏانهن لاڙو رکيو. اهڙي تبديليءَ کان پوءِ پارٽيءَ اندر ڪارخانا بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارن ماڻهن جي اڪثريت ٿي وئي.

ڪارخانا بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارن خيالن جا حامي پاڻ کي چوائڻ لڳا تہ اسان حڪمت عملين، تدبيرن ۽ عوامي هلچل جي اڳواٽي ڪرڻ کان واقف ڪونہ آهيون. ڇهينءَ ڪانگريس ۾ "هٿياربند جدوجهد جو قرارداد" پاس ڪيو ويو هو. ان کان ٿورو اڳ سينٽرل ڪميٽي جي سياسي بيورو مزدور طبقي کي وڏيڪ طاقتور بڻائڻ ۽ فيصلہ ڪن جهيڙي جي تياري لاءِ مزدورن جو هڪ رزروايرreservoir قائم ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي. پر ڪارخانا بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارن وڏن شهرن ۾ هن جي ابتڙ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. جڏهن اسان هڪ ٻن ڪارخانن ۽ اسڪولن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي تہ هو پنهنجي طرفان انهن ڪارخانن ۽ اسڪولن کي سياسي هٽ تاڙ ڪرڻ ۽ مظاهرن ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ لڳا. اِهي ڪين ان وقت جهيڙي ڳنڍڻ جي صلاح ڏئي رهيا هئا جڏهن انهن ۾ ايڏي وڏي ڪم ڪرڻ جي ڪا طاقت ئي ڪانہ هئي. اسان جي پارٽي جا ڪامريڊ انهن ڪارخانن ۽ اسڪولن جي دوري ڪرڻ کان پوءِ اخبارن وسيلي دعوائون ڪندا هئا تہ اهي ڪارخانا ۽ اسڪول اسان جي پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو دشمن اسان جي ان سگهہ کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. جنهن طاقت جي بنياد رکڻ جي اسان شروعات ڪئي هئي تنهن کي تباهہ ڪري منتشر ڪيو ويو. ظاهر آهي تہ مزدور طبقي اندر دشمن سان جهيڙي جي مقصد سان رزروائر ٺاهڻ جو اهو طريقو ڪونہ هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جڏهن بہ ڪو اهم وقت (جهڙوڪ 18 سيپٽمبر 1931ع ۽ 28 جنوري 1932ع وارا واقعا) آيو ۽ عوام وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر اسان جي پارٽيءَ چيو تہ اسان اهڙي ڪم ڪرڻ جي اڃا لائق ڪونہ آهيون. ڇاڪاڻ تہ عوام ۾ اسان جو بنياد ۽ طاقت موجود ڪانہ آهي. جڏهن صورتحال اسان لاءِ مناسب ڪونہ هئي تہ دشمن سان جهيڙي ڳنڍڻ واري فيصلي کان پاسو ڪرڻ بہ بهتر هو. دشمن سان ڪامياب ۽ فيصلہ ڪن جهيڙو بہ تڏهن مناسب ٿي سگهي ٿو. جڏهن اسان جا مقصد پورا ٿي وڃن. اسان جون قائم ڪيل تنظيمون ۽ طاقت مضبوط ۽ محفوظ هجي ۽ اهڙن سگهارن بنيادن سان پنهنجي طاقت

چوطرف وڏي ڇڪي هجي. اڪثر ڪري اسان جا ڪجهه ڪامريڊ ڏاڍا تکڙا ۽ لاپرواهه هوندا هئا ۽ نتيجن تي سوچڻ ويچارڻ کان سواءِ اکيون بوٽي سرگرميون شروع ڪري ڏيندا هئا ۽ جنهن پرامن وايومنڊل ۾ اسان ڪم ڪندا هئاسون تنهن کي پڻ بگاڙي کنا کيڙا ڪري ڇڏيندا هئا.

جيڪڏهن اسان جي ريڊ آرمي کي پنهنجي اختيار ڪيل حڪمت عملي ۽ تدبير ڪامياب ٿيندي نظر ڪانه ٿي اچي ۽ اها سمجهي ٿي ته هن وقت دشمن سان مقابلي ڪرڻ سان اسان کي سخت نقصان پوندو ته اهڙي مقابلي ۽ تباهيءَ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڪاميابي سان پنهنجي طاقت کي گڏ ڪري دشمن جي ڪمزور جڳهه تي حملو ڪري گورن جي حڪومت جي وڏن شهرن ۾ عوامي هلچل شروع ڪرڻ مٿئين اصول جي بلڪل خلاف هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته اڳي گڏ ڪيل سگهه کي بچائڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي جڳهه ته ڪوشش ئي ڪانه ڪئي وئي هئي نه وري عوامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي بچائڻ جا جتن ڪيا ويا هئا. اسان بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ اڳ پوءِ ڏسڻ جي دشمن تي حملا ڪري ڏيندا هئاسون. جڏهن روسي انقلاب جو ڪو ڏينهن ملهائيندا هئاسون ته ان وقت به دشمن مٿان حملو ڪري ڏيندا هئاسون. صورتحال تي اک ڪانه رکندا هئاسون. هلچل به انڌن وانگر هلائيندا هئاسون ۽ اهو ڪونه ڏسندا هئاسون ته ڪاميابي حاصل ٿيندي يا ناڪامي نصيب ٿيندي، ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اسان کي فتحيون ته گهٽيون حاصل ٿيون پر گورن جي حڪومت اندر اهم شهرن ۾ اسان جو ته ٿيو ئي اونڌو ٿي ڇڪو هو.

اسان جي پارٽيءَ ۾ موجود اصول جي انحرافي ڪندڙ adventurist گروهه جي ڪن جان نثار ماڻهن جي ورسي ملهائي ويندي هئي. اهڙا ڏهاڙا عيسائين ۽ يهودين جي "بسنت ڏڻ" Sabbatt day جهڙا هئا. انهن ڏهاڙن تي دستور مطابق ڪي اعلان ڪيا ويندا هئا، پامفليٽ ورهايا ويندا هئا. اخبارن ۽ رسالن جون خاص ايڊيشنون جاري ٿينديون هيون. ان ڏينهن ڪوبه پورهيت پورهئي تي ڪونه چڙهندو هو. هڙ تاڙ ڪرڻ ۽ مظاهرن ڪرڻ جا اعلان ٿيندا هئا. فضائن ۾ نعرن جا آواز ٻُرندا هئا ۽ گڏجاڻيون ڪوٺايون وينديون هيون. گورن جي دهشتگرد حڪومت خلاف اهڙيون سرگرميون فقط روايت طور ڪيون وينديون هيون. اهو ڪونه ڏٺو ويندو هو ته ان وقت صورتحال ڪهڙي آهي ۽ حالتن جي تقاضا ڇا آهي. ان ڳالهه کي به ڪونه پروڙيو ويندو هو ته اسان ۾ ڪيتري طاقت آهي ۽ عوام جا حوصلا ڪيترا

بلند آهن. هن ڳالهہ تي بہ سوچيو ويچاريو ڪونہ ويندو هو تہ دشمن اسان جي تاڙ ۾ ويٺو آهي ۽ اسان کي تباهہ ڪرڻ لاءِ گهات گهڙي رهيو آهي. گهڻو ڪري اهو بہ ڏسڻ ۾ آيو تہ جڏهن اسان سان عوام مان هڪ ماڻهو بہ گڏ ڪونہ هوندو هو تہ بہ فقط ڪارڪن ساڳئي طريقي سان جلوس ڪيندا ۽ ساڳيا نعرا هڻندا هئا. پامفليٽ ورهائيندا ۽ جلوس ڪيڻ واري رستي سان پٿربازي بہ ڪندا ويندا هئا. جڏهن ساري صورتحال اسان جي نقصان ۾ هئي تہ اسان اهڙيون سرگرميون ڇو شروع ڪيون. ان وقت اسان کي پوري پڪ بہ هئي تہ دشمن اسان کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيندو. جڏهن اسان جي مظاهرن ۽ جلوسن ڪيڻ لاءِ وايومنڊل پيانڪ هو تہ اهڙي خطرناڪ وقت ۾ ڪارخانن کي بند رکڻ جا حامي ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارا اهڙي نازڪ صورتحال کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ هئا. اهي سمجهي رهيا هئا "بسنت" ڏينهن فقط بسنت ڏينهن هوندو آهي. پوءِ پلي وڏ ڦڙو وسندو هجي يا سج چمڪندو هجي پر اهو ڏينهن ملهائڻو ضرور هو. ان بي گوندرائپءَ جو نتيجو اهو ٿيندو هو جو اسان پنهنجا اڪيچار ڪونڌر کهائي ويهندا هئاسون.

ڪارخانن جا دروازا بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارا ماڻهو عوامي اڳواٽي ڪرڻ واري فن کان ڪورا چٽ هئا. ڪين عوام جي اڳواٽي ۽ پارٽي ڪارڪنن جي اڳواٽي ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نظر ڪونہ ايندو هو. هنن کي اهو بہ پتو ڪونہ هوندو هو تہ پارٽي جي بنيادي نعري، پروگرام ۽ ٺرت سرگرمين جي نعرن ۾ ڪهڙو لاڳاپو هوندو آهي. اسان جا ڪامريڊ اهڙي ڳالهہ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن تہ خاص حالتن، وقت، جڳهہ، عوام جي سياسي شعور کي ڏسي نعرا مطالبا ۽ اصطلاح جوڙيا ويندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي عوامي هلچل شروع ڪرڻ لاءِ عوام وٽ قابل قبول هجن. جيڪڏهن هلچل دوران حالتون تبديل ٿي وڃن ٿيون تہ عوام کي اهو پتو هجي تہ تحريڪ کي هوريان هوريان صفا انتها تي وٺي وڃڻو آهي ۽ ڪين اها بہ سُڌ هجي تہ دشمن سان هئي وڏي جهيڙي جي تياري لاءِ ٿوري وقت لاءِ ڪيترو اڳتي وڌائڻو آهي ۽ پوءِ تحريڪ کي ختم ڪرڻو آهي. انهن جي مرضي هوندي هئي تہ عوام اسان جي پروگرام ۽ نعرن کي برزبان ياد ڪري ڇڏن. تنهن ڪري هنن ماڻهن عوام لاءِ نعرن، مطالبن ۽ هلچل جي نمونن کي ياد ڪرڻ لازمي قرار ڏئي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ عوام کي اهڙن نعرن جي معنيٰ ۽ مطلب جي خبر ڪانہ هئي نہ وري اهڙا نعرا ۽ مطالبا هنن وٽ قابل

قبول هئا پر پوءِ بہ ڪين انهن لاءِ وڙهڻ واسطي مجبور ڪيو ويندو هو. ان سان گڏ عوام جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ هي ڪامريڊ اعلان ڪندا آهن ۽ دستاويز ۽ پامفليٽ ورهائيندا آهن جن تي عوامي تنظيمن جا نالا لکيل هوندا آهن. اهي اعلان، دستاويز ۽ پامفليٽ پارٽيءَ جي اعلان، دستاويزن ۽ پامفليٽن جهڙا هوندا آهن. پر اهي صورتحال مطابق ڪونہ هوندا آهن. اهڙا ڪامريڊ هر عوامي تحريڪ دوران اهو ڪونہ ڏسندا آهن تہ معاملو ڪيئن آهي. پر بنا احساس جي هڪ مشين جيان آخري وقت تائين چنبڙيا پيا هوندا آهن ۽ تيستائين چنبڙيا پيا هوندا آهن جيستائين اسان جي ساري سگهہ ڪڪ پن تي نہ ويندي آهي. حالتون بہ اهڙيون نظر ايندڙيون آهن جو جهيڙي کي اينگهائڻ سان اسان کي هاڃي رسڻ جو امڪان بہ هوندو آهي. پر جيڪڏهن رٿ ڏبي تہ تحريڪ کي ختم ڪري ٿوري وقت لاءِ معطل ڪجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن دشمن سان مقابلي واسطي پنهنجي طاقت کي هڪ جاءِتو ڪجي ۽ مناسب موقعي تي مٿس ڀرپور حملو ڪجي. تنهن تي هو چوندا هئا تہ اوهان موقع پرست آهيو. اهڙيءَ ريت عوامي تحريڪ هلائڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ ٿي پوندي آهي يا جڏهن اسان عوامي هلچل شروع بہ ڪندا هئاسون تہ عوام اسان کي ڇڏي هليو ويندو هو ۽ اسان جي اڳواڻيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيندو هو جو ڪاميابي جا موقعا ۽ اسان جي فائدي واريون حالتون اسان جي هٿن مان نڪري ويندڙيون هيون. ڇاڪاڻ تہ اهڙي هلچل نقصانن پٺيان نقصان سهي ناڪاميءَ جو شڪار ٿي ويندي هئي. اهي ڪامريڊ عوام جي اڳواڻي بہ پارٽي جي تنظيمن جي اڳواڻي جي اصولن مطابق ڪندا هئا. سندن سرگرمين جو طريقو بہ ساڳيو هوندو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيندو هو جو جڏهن دشمن جاسوسي ڪرڻ لڳندو هو تڏهن هو عوامي تنظيمن کي پارٽي تنظيمن ٽيڙڻ کان بچائي ڪونہ سگهندا هئا.

اڪثر ڪري ائين بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ جپان ۽ وقت جي حڪومت خلاف هلچل ۾ حصو وٺندڙ عوام ۽ ڪن سياسي گروهن جا نعرا ۽ پروگرام اسان جي پارٽي جي نعرن ۽ پروگرامن جهڙا ڪونہ هئا. اسان جي ڪامريڊن ان هلچل ۾ حصي وٺڻ يا ان جي تائيد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هنن ماڻهن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي ڪابہ مدد ڪانہ ڪئي هئي نہ وري مطالبن مڃرائڻ لاءِ هنن هلچل کي هنڌين ماڳين پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هو پاسي تي بيهي حالتن جو مشاهدو ڪندا هئا ۽ هلچل، نعرن

۽ پروگرام کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هوندا هئا. چوندا هئا ته هن هلچل ۾ مقصد جي سچائي ڪانه آهي ۽ اهي ماڻهو انقلاب دشمن آهن ۽ هلچل جا اڳواڻ عوام سان ڌوڪو ڪري رهيا آهن. اهي هلچل جي اڳواڻن کي گاريون ڏيندا پٽيندا ۽ پاراتا ڏيندا هئا. اهي ماڻهن وٽ هلي ويندا هئا ۽ کين چوندا هئا ته هو هلچل مان هٿ ڪڍي وجن ۽ اهڙن اڳواڻن جي مخالفت ڪن. اهڙيءَ ريت هنن عوام ۽ اتحادين لاءِ دروازا بند ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن چين جي مشهور شخصيتن عوام کي جپان جي ٿهيل شين خريد نه ڪرڻ جي گذارش ڪئي ته ڪامريڊن انهن شخصيتن ۽ عوام سان گڏ تحريڪ هلائڻ بدران بورجوا نعري کي ننڌڻ سان گڏ هن قسم جي بائيڪاٽ جي مذمت ڪرڻ ۾ به دير ڪانه ڪئي. ان وقت انهن شخصيتن هڪ نعرو به ٺاهي ورتو هو ته ”وٺنگ چينگ ننگ“ کي گولي هڻئين وجي.“ اسان جا ڪامريڊ وري چوڻ لڳا هئا ته اهو نعرو انقلاب_ دشمن آهي جنهن جو مقصد عوام کي ٺڳڻ آهي. ڪن ماڻهن جپان خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ ڪارڪنن کي امداد طور پئسا به آڇيا هئا. ان وقت اسان جي ڪامريڊن سخت قسم جو اعلان ڪيو هو ته اهي ماڻهو تحريڪ جي ڪارڪنن کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ٻين ڪيترن ماڻهن جپان خلاف، مزدورن، هارين، واپارين، دانشورن ۽ فوجي سپاهين جي ٺهيل هڪ اتحاد جي تمام گهڻي آجيان ڪئي هئي. ان وقت اسان جي ڪامريڊن چيو ته ان اتحاد مان ”واپارين“ جو لفظ ڪڍيو وڃي. 18 سيپٽمبر 1931ع کان پوءِ جڏهن جپان منچوريا تي قبضو ڪيو ته اسان جي ڪامريڊن هي نعرو اڳتي آندو ته ”سوويت يونين جي امداد ڪريو.“ هنن اهڙو نعرو ڏئي جپان خلاف چين متحد ٿيڻ واري عمل کي جڙ ٽڇ سمان سمجهيو هو.

اسان محدود پروپئگنڊا ۽ نعرن جي بنياد تي ماڻهن جو تمام گهڻو تعداد ۽ مختلف سياسي گروهن کي گڏ ڪري ورتو هو ۽ هڪ موثر عوامي تنظيم قائم ڪري ورتي هئي ان جي جواب ۾ ڪامريڊ هڪ ٻئي پنيان مختلف پروگرام ڏيندا رهيا ۽ هڪ تحريڪ کان هڪدم پوءِ وري ٻيءَ تحريڪ جو بندوبست ڪرڻ لڳا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو عوام ۽ مختلف اتحادي سياسي گروهه ڇڏيندا ويا ۽ آخر ۾ باقي وڃي ڪامريڊ رهيا. شروعاتي دور ۾ شانگهائي فيڊريشن آف لئبر يونين، ائنٽي امپيريلسٽ ليگ، دي پيپلس فيڊريشن فار ريزسٽنگ جپان، دي ليگ آف چائنيز ليفٽ ونگ رائيٽرس، دي ليگ آف چائنيز سوشل سائنٽس ۽ ٻين ڪيترن ئي ٽريڊ

يونينس کي تمام گهڻن ماڻهن جي پنيرائي حاصل هئي. اسان جي ڪامريڊن پنيرائي ڪندڙ ماڻهن کي جاڪوڙ ڪري ڪونہ وڌايو ان جي ابتڙ سندن ڪوشش اها هئي تہ ماڻهو اهڙيون تحريڪون ڇڏي هليا وڃن. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو آخر ۾ ڪي بہ ٿي ماڻهو وڃي بچيا هئا. ڪامريڊ ايتري ۾ بہ راضي ڪونہ ٿيا. هنن سان گڏ ڪم ڪندڙ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن جي بہ هٽ ڌوئي ڪيڏ لڳي پيا هئا. سندن هن ڳالهہ تي زور هو تہ اڳواڻ باڊيون ساڳي تنظيم honogenesou مان هئڻ گهرجن. ييلو ٽريڊ يونين جي ڪارڪنن کي مجائڻ ڪان جلد ئي پوءِ انهن کي ريڊ ٽريڊ يونين ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ تيستائين ماٺ ڪري ڪونہ ويٺا جيستائين انهن جو ڊينگو ڊيري نہ ڪري ڇڏيائون. ڪارخانن بند رکڻ ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ سان ماڻهو اهو ڏسي سهي ڪونہ سگهندا هئا تہ پارٽي ڪان ٻاهر بہ ڪا تنظيم موجود هجي.

ڪارخانا بند رکڻ ۽ اصولن ڪان انحراف ڪرڻ وارن ماڻهن کي اهو شعور ئي ڪونہ هو تہ دشمن ڌر ۾ موجود تضادن کي ڪهڙي نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو ڪين اها خبر بہ ڪانہ هئي تہ سندن اختلافن کي ڪهڙي طريقي سان اڳتي وڌائجي جو اهي ڇڇي ڪٽو ڪٽو ٿي وڃن. ڪين اهو بہ خيال ڪونہ هو تہ دشمن ڪئمپ ۾ موجود ڌرين سان گڏجي مکيہ دشمن خلاف ٿورے وقتو اتحاد ڪهڙي طريقي سان ٺاڻجي جو هو اسان سان سهڪار ڪن يا انهن ماڻهن کي پاڻ سان ڪيئن ملائجي جيڪي اڃا تائين مکيہ دشمن طور اسان جي آڏو ڪونہ آيا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن دشمن کي مجموعي طور ڪمزور ڪري ڇڏجي ۽ جيڪي اسان جي خلاف اتحاد جوڙين تن کي پڻ وقت ڪان اڳ ناس ڪري ڇڏجي. اسان وارا ڪامريڊ پاڻ کي انتها درجي جا انقلابي ۽ قومي جوش جذبن سان ڀريل ڪارڪن تصور ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي، دشمن، ڌارئي سامراج، فوجي سپهہ سالارن، ڏيهي ڇاڙتن، غدار قسم جي امير ماڻهن، جاگيردارن، سرمائيدارن، دولتمند هارين، انقلاب دشمن گروهن ۽ ييلو ٽريڊ يونين جي دشمن هئڻ جي هام هڻندا هئا. وٽن نہ ڪا مصلحت هئي نہ رعايت ۽ هو هر شيءِ کي اڇلي ڇڏڻ جا حامي هيا پر حقيقت اها هئي تہ هو ڪا بہ شيءِ اڇلائي ڪونہ ڇڏيندا هئا هنن ماڻهن انهن اتحادين کي بہ ڪڏي ڇڏيو جن اسان سان ٿوري وقت لاءِ سهڪار ڪيو هو ۽ ڪين ڌڪي وڃي رجعت پسندن جي ڪئمپ ۾ ويهاريو هئائون. ائين ڪرڻ سان دشمن کي موقعو ملي ويو

جنهن اسان جي خلاف پنهنجي اتحادين کي پاڻ سان ملائي ورتو ۽ مجموعي طور تي هڪ وڏي طاقت حاصل ڪري ورتي هئي.

ڪارخانن جي دروازن بند ڪرڻ Closed doorists ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ adventurists وارا ماڻهو هنن ڳالهين کان بہ اڻ واقف هئا تہ ڪهڙا ڪم لڪ لڪوتي ۾ ۽ ڪهڙا ڪم کليا ڪلايا ڪيا ويندا آهن. گورن جي ظالم حڪومت ۾ ڪليل قسم جا Over work وسيع پيماني تي ڪرڻ گهرجن. جيڪي ڪم کلئي نموني جهڙا آهن تن کي کلئي طريقي سان ڪرڻ گهرجن. پر جيڪي لڪ لڪوتيءَ وارا ڪم آهن جيترو بہ ٿي سگهي ايترا گهٽائي ڇڏجن. اهڙا ڪم جيڪي کلئي نموني نہ ٿا ڪري سگهجن سي ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪرڻ کپن. اسان جي ڪامريڊن ڪيو وري ان جي ابتڙ. ڳوٺ لڏڻ ۾ ۽ چري اڏڻ ۾. هنن جي هٿ ۾ اسان جون انڊر گرائونڊ تنظيمون هيون جن لڪ لڪوتيءَ ۾ گهٽو ڪم ڪيو هو جيڪو ڪين کليو ڪلايو ڪرڻ گهرجي ها. هنن ڪيترا اهڙا بيان ۽ مقالا ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڇاپيا هئا جيڪي اهڙا هئا جو ظاهر ظهور ڇاپيا وڃن ها جن ۾ پڻ ڪي پامفليٽ ۽ اعلان بہ شامل هئا. ائين ڪري هنن ڇڻ ظاهر ظهور ڪم ڪرڻ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا هئا ۽ ڳجهہ ڳوهہ واري ڪم کي ويتر وڌيڪ وڌائي ڇڏيو. ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڇاپيا ويندڙ دستاويز ۽ بيون شيون گهٽيون ڏکيون هونديون هيون ۽ جن جو تعداد بہ گهٽو هوندو هو. هنن جو اسلوب بہ نهايت سخت ۽ رکو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو عوام ۾ ٿيندڙ ڪم جي رفتار گهٽجي وئي. هر هنڌ موجود ڳجهيون تنظيمون ايتريون تہ گهٽيون ٿي ويون جو دشمن جي جاسوسن کي انهن کي گهاڙڻ ۽ تاڙڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪانہ ٿي رهي هئي. اصولي طور تي شڪل ۽ طريقہ ڪار ۾ ڳجهي ۽ ظاهر ظهور واري ڪم ۾ فرق موجود هئڻ کپي. هن اصول جي نهايت سختيءَ سان پابندي ڪرڻ لازمي آهي. پر سياسي مقصدن ۽ اصلي مواد جي نقطئہ نظر کان انهن ٻنهي ۾ ويجهو لاڳاپو موجود هئڻ کپي. ليڪن اسان ڇا ڪيو جو ٻنهي کي گڏائي وچڙائي معاملي کي ئي منجهائي ڇڏيو. انهن جي مختلف شڪلين ۽ انهن جي مختلف طريقئہ ڪار کي بہ اسان ڏار سمجهي ۽ ڏار رکي ڪونہ سگهياسون. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ٻئي ڪم پنهنجي اهميت ئي وڃائي ويهي رهيا. اسان جي ڪامريڊ دوستن ڳجهيءَ ريت هلندڙ تصنيفن ۾ انهن عوامي سرگرمين، عوامي تنظيمن، ڪارخانن، اسڪولن جا نالا بہ ظاهر ڪري ڇڏيا هئا جن جو انتظام پارٽيءَ جي هٿ هيٺ هو. هنن اهڙيون

ڳالهيون بہ ڇاپي پڌريون ڪري ڇڏيون هيون تہ ڳجهيون گڏجاڻيون ڪٿي ۽ ڪهڙي وقت سڏايون ويون هيون ۽ انهن گڏجاڻين ۾ ڪهڙي قسم جا فيصلا ڪيا ويا هئا. ائين ڪرڻ سان دشمن کي هڪ سونهري وجهہ ملي ويو تہ هو اسان مٿان جاسوس ويهاري تاڙ رکي سگهي. ڪي اهڙيون جڳهون ۽ اهڙا ڪارخانا هئا جتي ڳجهيون سرگرميون هلنديون هيون، ڳجهيون گڏجاڻيون سڏائي اهم فيصلا ڪيا ويندا هئا. هنن جڳهن جي دشمن جي جوڻ کي بہ خبر ڪانہ هئي. تنهن ڪري ان جي نظر کان بچيا رهيا هئا. پر اسان جي ڪامريڊن پارٽي جا ڳجها پامفليٽ ۽ نعرا ڇاپي ورهايا جنهن ۾ سڀ ڳجهہ پڌرا ڪري وجي پار پيا. اهي مڪمل طور غير ضروري سرگرميون هيون جن جي آڌر تي دشمن اسان کي ڏاڍيءَ سولائيءَ سان گهاڙي ورتو هو. هنن عوامي تنظيمن کي ڪلئي نمونې وڏيڪ سرگرم ڪرڻ ۽ گهٽين ايراضين ۾ پکيڙڻ بدران وڏيڪ سوڙهو ۽ محدود ڪري ڇڏيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي ڪليءَ ريت ڪم ڪرڻ جي لائق ئي ڪونہ رهيون هيون. هنن اهو بہ ڪيو تہ مزدورن جي ڪن ڪليل ۽ ظاهر ظهور اڻ ڏرين تنظيمن کي ريڊ ٽريڊ يونين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳا تہ "اهو ٽريڊ يونين جو مرڪزي ڪردار آهي." ان جو نتيجو اهو نڪتو جو جيڪو ڪلئي نمونې سان تنظيمي ڪم هلندو هو سو ٺپ بيهي ويو ۽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل سڀ تنظيمون لڪي ويون ۽ ڳجهيءَ ريت ڪم ڪرڻ لڳيون.

ڪلوز ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ کي ايتري ڄاڻ بہ ڪانہ هئي تہ اقتصادي ۽ سياسي عوامي تحريڪ وچ ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي. هنن اقتصادي تحريڪن کي غير اهم سمجهي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو اهو بہ نہ سمجهندا هئا تہ عوامي اقتصادي جدوجهد سياسي تحريڪ آهي. تنهن ڪري هنن بنا ڪنهن سوچ سمجهہ جي سياسي مطالبا اقتصادي مطالبن سان ڳنڍي ڇڏيا.

ڪلوزڊ- ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ اهڙن اتحادين کي سهوليت ڏيڻ جي اهميت کي محسوس ئي ڪري ڪونہ ٿا سگهن، جيڪي اسان سان گڏيل سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ آتا آهن. اهو بہ سمجهي ڪونہ ٿا سگهن تہ ائين ڪرڻ سان اسان سندن ڪيڊ ايندڙ عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪري سگهنداسون. اُنهن ڪامريڊن اهڙا سخت پروگرام ۽ نعرا ڏنا جن جو تحريڪ جي هر مرحلي ۾ انهن اتحادين سان ڪوبہ تعلق ڪونہ هو آخر ۾ هنن ڪامريڊن انهن اتحادين کي ڪيڏي ڇڏيو.

ڪلوز. ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ هنن ڳالهين ۾ بہ مشهور آهن تہ هو پارٽيءَ اندر تنظيمي معاملن ۾ ڪجهہ وڌيڪ سخت آهن. انهن جي ترجمانن ننڍي بورجوا ۽ دانشورن جي مخالفت ڪئي هئي. ڪين پارٽي ڪارڪن ٻڌائڻ کان ڊڄي رهيا هئا. پر خاص ڪري پارٽيءَ ۾ موجود ڪي فوجي ڪي سماجي حيثيت رکندڙ ماڻهو ائين ڪرڻ کان ڇرڪي رهيا هئا. پارٽي جون اندروني ڪيتريون تحريڪون بنا ڪنهن سوچ ويچار جي هلي رهيون هيون، جيڪي پنهنجي اصليت کان گهڻو اڳتي وڌيل هيون. جيتري قدر اهڙن ڪامريڊن جو سوال آهي تہ اهي غلطيون انهيءَ ڪري ڪندا هئا جو ڪين نظرين ۽ اصولن جي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ هئي. ڪلوزڊ. ڊورسٽ وارن واري "سڌي واٽ جي اندازي" Straight line inference واري اصول پٺيان لڳي پيا هئا جنهن مٿن چالاڪ موقع پرست Systemation opportunists جو الزام هنيو هو. اهڙيءَ ريت هنن پنهنجي غلطين ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو تخليق ڪري ورتو هو. پارٽيءَ اندر ننڍي وڏي ڪارڪن ۾ روشنائي initiative ۽ تخليقي صلاحيت Creativity ۽ پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪرڻ وڏي غلطي سمجهي ٿي وئي. جيڪا معاف ڪرڻ جوڳي ئي ڪانہ هئي. سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ ڄڻ هو ساڄي ڌر ڏانهن جهڪي پيا هئا پر ڏيکاريندا ائين هئا تہ ڄڻ سنڌن واسطو "کابيءَ ڌر" سان هجي. اهڙي ماحول ۾ ڄڻ جو اصلي ڪارڻ ڪهڙو هو؟ ان لاءِ ڪنهن کي ذميوار سمجهڻ کپي؟ اها هڪ حقيقت آهي تہ اهڙا الزام پارٽي جي عام ڪارڪنن تي مڙهي ڪونہ ٿا سگهجن. پر هن ڏوهہ جا ڏوهاري اڳواڻ ڌريون آهن. جن پارٽيءَ جي اندروني تحريڪن ۾ غلطيون ڪيون هيون، جن اڪثر ڪري ڪامريڊن ۽ عام ڪارڪنن تي حملا ڪيا پر انهن ڪين سچن ڪامريڊن جيان سنئين دڳ ڪونہ لاتو نہ انهن کي شعور ڏئي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن پارٽيءَ جي عام ڪارڪنن ۽ تنظيمن جي شعور ۽ هدايتن ڏيڻ بدران تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. ائين ڪرڻ سان سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ اها تحريڪ انهن ئي ڪارڪنن خلاف هئي جيڪي ماڻهو مذڪوره تحريڪ هلائي رهيا هئا ۽ ائين ڪرڻ بلڪل غلط هو. اسان پنهنجي پارٽيءَ ۾ موجود ڪامريڊن کي هن اتساهہ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيا هئاسون تہ غلطين ڪرڻ کان هرگز ڊڄڻ نہ گهرجي. پر تنقيد جي پڙ آجيان ڪرڻ گهرجي ۽ جرئت ۽ جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي. هيءُ جذبو پارٽي جي عام ڪارڪنن ۾ روشنائي جي ترقيءَ ۽ تخليقي سگهہ جي علامت هوندو آهي.

ڪلوزڊ- ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ جي متي بيان ڪيل لڳاتار غلطين ڪري پارٽيءَ سان لاڳاپيل عوام پارٽيءَ کان ويڳاڻو ٿي ويو. اتحادين جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ پارٽي ڇڙ ته اڪيلي ٿي پئي هئي. ائين ٿيڻ سان عوام ۾ ۽ همدردن ۾ پارٽي لاءِ ڪي شڪ شبها پيدا ٿي پيا هئا. سنا ڪامريڊ ۽ سٺي ذهنيت وارو عوام اسان سان ملڻ کان ڇرڪڻ لڳو هو جيڪو مختلف ڪاروبارن ۾ رڌل هو. اسان جو ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو. ڪيترين تنظيمون ڊهي ناس ٿي ويون. ڪيترا ڪامريڊ ۽ عام ڪارڪن جهلجي پيا ۽ بي ڪفنا ٿي مارجي ويا. اهڙن واقعن کان بچي به سگهجي پيو. ٻئي طرف ڪلوزڊ- ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ ڏڙي Rightists ۽ ڪاروبار کي ڇڏي ڏيڻ واري ڏر liquidationests کي پارٽيءَ تي حملي ڪرڻ جا بهانا تيار ڪري ڏنا هئا. ان کان سواءِ هنن ساڄيءَ ڏر جي موقع پرستن کي همٿايو ته جيئن دشمن ڏر جا ڇاڙتا ۽ جاسوس اسان جي سرگرمين کي ختم ڪري سگهن. وڏيڪ تباهي انهن جڳهن تي ڪئي وئي جتي اسان تمام گهڻو ڪم ڪيو هو جهڙوڪ شنگهائي، هنڪوئو گئونگ چائو هانگ ڪانگ، تياجين ۽ بيجنگ وغيره. انهن وڏن شهرن ۾ اسان جو بنياد ڇڙ ته ڪمزور ٿي چڪو آهي. آخر ڇو؟ انهيءَ لاءِ گوري حڪومت ۽ غدارن جون تخريب ڪاريءَ جون ڪارروايون ذميوار آهن. پر انهيءَ سان گڏ اهم ڪوزڊ- ڊوريم ۽ ايڊوينچرزم جون داخلي غلطيون آهن جن اسان کي لوڏي رکيو هو.

ڪلوزڊ- ڊوررزم انقلاب دشمن گروهن جي خوف جو نتيجو آهي. تنهن ڪري ڪارخانن بند رکڻ وارا ڪلوزڊ- ڊورسٽ نظريي جا ماڻهو هنن گروهن سان تحريڪ هلائڻ واسطي ٽور- وقتو اتحاد جوڙي ڪونه ٿا سگهن. هو هنن سان ڪو واسطو ئي ڪونه رکندا آهن نه وري ساڻن ڳالهائڻ پسند ڪندا آهن. ڪلوزڊ- ڊورسٽ وارن جو پنهنجو پاڻ تي به ويساهه ڪونه هوندو آهي. اهي ته رجعت پسندن کان ڇرڪندا آهن ته متان هو ڪين متاثر ڪري وجهن. تنهن ڪري هنن پاڻ کي بند ڪري ڇڏيو آهي. هو موجوده صورتحال کي به ڪجهه ڪونه ٿا سمجهن. ڪين اهو امڪان ئي نظر ڪونه ٿو اچي ته متان سماج جا وچولي ۽ مٿئين طبقي وارا ماڻهو وڏي اچي انقلاب ۾ شريڪ ٿين. تنهن ڪري اهي متحد محاذ ۾ شامل ٿيڻ به ڪونه ٿا گهرن. ڪلوزڊ- ڊورسٽ وارو ظاهري واسطو کاٻيءَ ڏر سان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر هنن جو اصل تعلق ساڄيءَ ڏر جي موقع پرست ٽولي سان آهي.

کاٻي ڏر سان واسطو رکندڙ اهي ڪلوزڊ- ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ

صورتحال کي صحيح طريقي سان جاچڻ پرکڻ بدران هرويرو وڏائي اينگهائي پيش ڪندا آهن. جيتري قدر وڏن شهرن جهڙوڪ شنگهائي ۽ تيجين جو تعلق آهي ۽ جتي سامر جي ڏر ۽ چين جا انقلاب دشمن ماڻهو مرڪز بنايو ويٺا آهن ته انهن بابت هنن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهي شهر جلد ئي سوويت ايراضي بڻجڻ وارا آهن. تنهن ڪري هنن سرگرمين جو وڏي جرئت سان اظهار ڪيو آهي ۽ ڪين هن ڳالهه جو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اتي دشمن سان هڪ فيصلہ ڪن جنگ وڙهي سگهجي ٿي جنهن ۾ سخت جاکوڙ ۽ وڏي انقلابي طاقت ڏاهڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ پوندي. سندن خيال آهي ته ڪارخاني اندر هٿ ٺاڙ جي صورت ۾ هو وري تجزيو هن ريت ڪندا ته دنيا جي انقلابي صورتحال اسان جي فائدي ۾ آهي. ان ڪان پوءِ اهو مطالبو ڪندا ته اهو ڪارخانو دشمن سان فيصلہ ڪن جهيڙو ڳنڍي وجهي. هن جو مطلب اهو ٿيندو ته ڪارخاني ۾ دشمن وچ ۾ جهيڙن شروع ٿيڻ سان ان ئي ڏينهن انقلابي دنيا اچي ڪارخاني سان گڏ بيهندي ۽ سيني دشمنن سان وڙهڻ شروع ڪري ڏيندي. ڪارخاني اندر انقلاب ۽ انقلاب دشمن طاقت جي توازن کي ڏسڻ جي بہ ضرورت ڪانہ پوندي نہ وري تحريڪ دوران ڪنهن تدبير ۽ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي لوڙ آهي. شنگهائي ۾ مظاهرو ناڪام ٿيو هو ۽ اسان کي تمام گهڻو هاڃو رسيو هو. پر هنن پنهنجي اندازي موجب هي اعلان ڪيو هو ته اهو مظاهرو نهايت ڪامياب ثابت ٿيو آهي ۽ نهايت اهم آهي جنهن ڪيترن ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي. هن مظاهري ڪري انقلاب اڳتي وڌيو آهي ۽ رجعت پرست حڪومت جي جلدي خاتمي جو ڪارڻ بڻيو آهي ۽ اهو فلاڻن ۽ فلاڻن واقعن جو پيش رو ثابت ٿيندو. هنن اهو بہ چيو هو ته موقع پرستن سان وڙهڻ ضروري هو جنهن کي اڳي گهٽ اهميت ڏني پئي وئي. شايد هن حقيقت کي ڪونہ سمجهيو ويو آهي نہ وري اهي سمجهڻ جي ئي ڪوشش ڪندا ته اسان جي ڪارڪنن جو هڪ وڏو تعداد جهلجي ويو آهي ۽ تنظيمي نقطہ نظر کان اسان کي ڪيڏو وڏو هاڃو رسيو آهي. هنن لاءِ اهڙو نقصان ته ڪجهہ بہ ڪونہ آهي ۽ انقلاب جي فتح کان فقط هڪ ڏينهن پوءِ اهڙين سيني ڳالهين جو ازالو ٿي ويندو. ان صورتحال لاءِ اهڙا انداز بي معنيٰ ۽ اجايا آهن. اڪثر ڪري اهڙيون ڳالهيون ايڊوينچرزم لاءِ ڏاڍيون سنيون هونديون آهن.

ڪلوزڊ- ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ هنن حقيقتن ڀڏائڻ جي ڪڏهن بہ

همت ڪانہ ڪئي آهي. شنگهائي، هئنڪوئو ۽ تيانچين هن وقت تائين آخر سوويت ٻڻجي چونہ سگهيا آهن ۽ 1927ع واري وڏي انقلاب جي شڪست کي ڀريا نَو سال بہ گذري چڪا آهن. جيڪڏهن اهي هن قسم جي صورتحال تي ويچارن ها ۽ انقلاب لاءِ گهربل طاقت واسطي هي گذريل نَوَ سال جاکوڙيندا رهن ها تہ هو اسان جي گڏ ٿيل طاقت ائين تباهہ ڪانہ ڪن ها جهڙي ريت هنن ڪئي آهي. هو انقلاب جي ضرورت کي ميچي چڪا هجن ها ۽ پارٽيءَ جي عام ڪارڪنن کي بچائڻ جي ضرورت کي محسوس ڪن ها.

1927ع واري وڏي انقلاب جي شڪست کان پوءِ پارٽيءَ اندر ڪلوز۔ ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ تمام گهڻو وڏي ويا هئا ۽ لي لسان لائين واري دور ۾ سندن انگ تمام گهڻو وڏي ويو هو. فورٿ پلينري سيشن Fourth Plenary Session کانپوءِ ڪجهہ اصلاح ڪئي وئي هئي پر ان هوندي بہ ڪا بنيادي تبديلي ڪانہ آئي هئي. وڌيڪ ڳالهہ هيءَ تي تہ انهن غلطين جو اثر اڄ سوڌو پارٽيءَ ۾ موجود آهي. ڪلوزڊ۔ ڊوريزم ۽ ايڊويڇريزم جي غلط ڳالهين کي وائکو ڪرڻ ۽ انهن سان مقابلو ڪرڻ اسان واسطي مناسب ڪونہ هو. اسان جا ڪامريڊ دوست پارٽيءَ کي پهتل نقصان کي اڃا تائين بہ محسوس ڪري ڪونہ سگهيا آهن. ماضيءَ ۾ اسان ڪلوزڊ ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ جي هٿان ڏاڍا ڏک ڪاڏا هئا جيڪي ڏاڍا اٽانگا هئا. اسان جي ڪم کي ۽ اسان جي تنظيمن کي نهوڙي ناس بہ ڪامريڊن ڪيو هو. اسان جو انهن حقيقتن ڏانهن تہ ڪو خيال ئي ڪونہ ويو هو نہ تہ جيڪر اجرت وڌائڻ لاءِ هلايل تحريڪ دوران ڪامريڊن کي تربيت ۽ شعور ڏيڻ جي مقصد سان مٿن ضرور انتظامي قدم کنيا وڃن ها. جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ ڪلوز ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ گهڻي وقت تائين پارٽيءَ ۾ موجود ئي ڪونہ هجن ها ۽ نہ وري اسان اهڙا اُڪرا نتيجا ڀوڳيون ها.

اڄ بہ پارٽي جا جاني دشمن ڪلوزڊ ڊورسٽ ۽ ايڊوينچرسٽ آهن اسان کي گهرجي تہ اسان انهن غلطين کي ڪيڏون ۽ مٿن سخت قسم جا وار ڪري پارٽيءَ کي انهن مان نجات ڏياريون. اسان مٿان اهو بہ فرض آهي تہ ڪامريڊن کي عوامي اڳواڻيءَ جو هنر سيکاريون ۽ ڪي تدبيرون ۽ حڪمت عمليون اختيار ڪريون. ان کان سواءِ پارٽيءَ جي عام ڪارڪنن ۽ ڪامريڊن کي عوام سان رابطن رکڻ ۾ ڪليو ڇڏي ڏيون. انهيءَ طريقي سان اسان جپان ۽ غدارن خلاف هڪ قومي متحد محاذ ناهي سگهڻ ۾ ڪامياب

ٿي ويندا سون. ائين ڪرڻ سان اسان جا ڪي ڪامريڊ ۽ عام قسم جا ڪارڪن ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستن جهڙيون غلطيون ڪري وجهندا. پر جيئن تہ اسان جي پارٽي سالن کان هيٺ مٿاهينءَ مان گذري آهي تنهن ڪري ان کي وسيع تجربو آهي. ان کان سواءِ اسان جي ڪامريڊن ۽ عام ڪارڪنن جو انقلاب ۾ تمام گهڻو ويساهہ آهي. اسان کي پڪ آهي تہ اسان اهڙين غلطين کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهون ٿا. پر شرط اهو آهي تہ اسان کي حالتن مٿان انقلابي نظر سان نگراني ڪرڻي پوندي. اهڙين غلطين کان اسان کي گهبرائڻ نہ کپي. ڇاڪاڻ تہ اسان کي جپان سامراج ۽ ان جي چيني ڇاڙتن کي ذليل شڪست ڏيڻ جي ارادي سان لکن انقلابين جي اڳواڻي ڪرڻي آهي.

گورن جي حڪومت وارين ايراضين ۾ مزدور تحريڪن لاءِ خصوصي هدايتون

اپريل 1936ع

وڏا شهر ۽ اهم صنعتي مرڪز ردعمل جي اظهار لاءِ مضبوط مورچا هوندا آهن جتي انقلاب دشمن ڌر بـ نهايت طاقتور هوندي آهي. اهڙين جاين تي انقلاب دشمن ڌر انقلاب خلاف وڏيءَ طاقت جو استعمال ڪندي آهي. پر اسان جي پارٽيءَ جي ڪم جو بنياد ۽ تنظيم تمام ڪمزور آهي. تنهن ڪري انهن اهم شهرن ۽ صنعتي مرڪزن ۾ اسان جي پارٽي کي اتان جي عوام ۽ مزدورن جي گهٽائي کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ تمام وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ مستقبل جي فيصلـ ڪن هلچل لاءِ پورهيت ڪلاس کي تيار ڪرڻو پوندو. پر هاڻي انقلاب دشمن ڌر خلاف هلچل جو وقت ڪونـ آهي. تنهن ڪري انقلابي ڌر لاءِ ضروري آهي تـ اهڙيءَ هلچل کان پاسو ڪري ۽ ان وقت تائين لنوائيندو رهجي. جيستائين حالتون اسان جي فائدي ۾ نـ آهن.

پورهيت طبقي اندر طاقت کي هڪ جائتي ڪرڻ لاءِ پهريائين پارٽيءَ جي ڪاميابين ۽ تنظيمن کي محفوظ ۽ مضبوط ڪارخانن ۽ ٻين ڪاروباري جڳهن تي قائم ٽريڊ يونينس کي سگهارو ڪرڻو پوندو. اهڙن اهم ڪمن کي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي تنظيمن کي هنڌين ماڳين پکيڙڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪاميابين کي اڳتي وڌائڻو پوندو. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي پهريائين ڪلوزڊ ڊوريزم ۽ ايڊويچريزم کي فنا ڪرڻو آهي. اهي ٻئي ڳالهيون اسان جي ڪم اندر موجود آهن. ان کان سواءِ اسان کي پارٽي جي "ڳجهي ڪرتِ" Under ground work ڏانهن چڱيءَ ريت ڌيان ڏيڻو پوندو. اسان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي تـ اسان جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ جيڪي ڪک پن گڏ ڪري تنظيمون جوڙيون آهن تن کي ڪو هاڃو نـ رسندو ۽ جيڪڏهن دشمن هنن مٿان اوچتو اچي ڪڙڪندو تـ ان کي مڙسيءَ سان مهاڏو ڏئي سگهنديون هي پورهيت طبقي کي وڏيڪ طاقتور بڻائڻ لاءِ ڪي اڳواٽ شرط آهن جن کي پورو ڪرڻو پوندو.

جڏهن اسان ڪنهن ڪارخاني يا ڪاروباري جڳهه تي هڪ مضبوط تنظيم ناهڻ ۾ سوپارا ٿينداسون ۽ سمجهنداسون ته اها تنظيم ان حيثيت ۾ آهي جو مزدورن جي گهٽائيءَ جي اڳواٽي ڪري سگهي ٿي ته پوءِ اسان کي هن قسم جا ڪم ڪرڻا پوندا.

تنظيم کي اڃا به وڌيڪ مضبوط ڪرڻو پوندو ۽ مزدور ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي وڌيڪ سکيا ڏيڻي پوندي.

اتان مزدور ڪارڪنن کي ٻين ڪارخانن ۽ ڪاروباري جڳهن ڏانهن موڪلڻو پوندو. انهيءَ مقصد سان هو اتي وڃي مزدورن ۾ ڪم ڪن ۽ مزدور تنظيمون ناهن.

هو ڳوٺن ۾ وڃي ڇاپا مار ويڙهه لاءِ گوريلا ۽ رضاڪار تيار ڪن.

سياسي ۽ عوامي سرگرمين ۾ شريڪ ٿين.

اسان جو اهم مقصد هي آهي ته اسان اهڙين ڳالهين کي قائم ڪندا رهون ۽ ڪارخانن ۽ ٻين ڪاروباري جڳهن تي اسان پنهنجي مرڪزن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهون. اسان جا اهي به جتن هئڻ کپن ته جيئن اسان دشمن سان اڪيلا هٿ نه ڳنديون نه ته هڪ هڪ تي بي ڪفنا تي اڇايو مارجي ويندا سون.

عوام کي پنهنجي پاسي ڪرڻ، پورهيت طبقي کي سکيا ڏيڻ ۽ کين مضبوط ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڳالهه ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻو پوندو ته جيئن مزدور اٿيهئي ٿيندڙ اقتصادي ۽ سياسي هلچل ۾ اڳواٽي ڪري سگهن. ائين ڪرڻ لاءِ اسان کي ڌسڻو پوندو ته ڪاميابيون ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون. پلي پوءِ اهي ڪاميابيون ڪٽي اهم ۽ وڏيون نه به هجن. انهن هلچلن ۾ ڪيل مطالبن کي پوري ڪرڻ واسطي ننهن چوٽيءَ جا زور لڳائڻ کپن. جيڪڏهن سمجهجي ته هن هلچل ۾ سوپ جي آس گهٽ آهي ته اهڙي هلچل مأن هٿ ڪڍي وڃجي. جڏهن ڏسجي ته هلچل جي ڊگهي ٿيڻ مان پورهيتن کي فائدو ڪونه ٿو پهچي ته سوچڻ کپي ڪهڙين مناسب حالتن ۾ ۽ ڪهڙي بهتر مرحلي دوران هلچل کي ٿوري وقت لاءِ ختم ڪري ڇڏجي. جيتوڻيڪ اسان اسولي طور ڪومنتانگ جي ضروري فيصلن جي بلڪل خلاف آهيون. پر عوامي هلچل جي ڪاميابيءَ واسطي عملي طور سندس "ٺياڪڙي" ۽ "فيصلن" کي هڪدم رد ڪري ڇڏڻ نه گهرجي. ڪڏهن حالتون اهڙيون پيدا ٿي وينديون آهن جو اهڙي "ٺياڪڙي" mediation ۽ ٺياڪڙي وارو "فيصلو" arbitration عوامي مطالبن کي مڃائڻ لاءِ ڏاڍو ڪم

اچي ويندو آهي ۽ سندن هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ اسان کي پڻ آساني ٿي پوندي آهي.

ڪومنتانگ مزدورن جي مخالفت ڪرڻ ۽ هلچل تي پابندي وجهڻ جي مقصد سان ”فيڪٽري لا“ ۽ ”ٽريڊ يونين لا“ جي هڪ هڪ فقري کي استعمال ڪندي آهي. پر هن قسم جي قانون جو اهم سبب پورهيتن کي ڏوڪي ۾ رکڻ آهي. ڪين اهڙن قانونن ۾ ڪي ڳالهيون شامل ڪرائڻيون آهن جيڪي پورهيتن جي ڀلائيءَ سان تعلق رکن ٿيون جهروڪ ڪن حالتن هيٺ ٽريڊ يونين جو قيام هٿ تاڙ ڪرڻ جو حق، ڪن ڏينهن ۾ ڏهه ڪلاڪ ڪم، وڏن ڏڻن ۽ آچر تي موڪل، بيماري، پوڙهائپ ۽ موت جي حالتن ۾ پورهيتن کي ڪي سهوليتون ۽ رعايتون ڏيڻ. اسان جو اهم ڪم اهو هوندو ته فئڪٽري قانون ۽ ٽريڊ يونين قانون جي فقرن کي ڪم آڻيون جن ۾ مزدورن جي ڀلائيءَ ڀير آهن ۽ اهڙن سڌارن جي مطالبن لاءِ پورهيت هلچل شروع ڪئي وڃي جن کي مٿي بيان ڪيل قانونن جي فقرن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان ڪومنتانگ جون ساريون منافقيون پڌريون ٿي پونديون. هن قسم جي پورهيت هلچل کي هنڌين ماڳين پکيڙڻ اسان جي ڪوشش جي ڪاميابي سمجهي ويندي. جيڪڏهن اسان ”فيڪٽري لا“ ۽ ”ٽريڊ يونين لا“ خلاف رويو اختيار ڪنداسون ۽ زور زور سان هي نعرا هڻنداسون ته، ”فيڪٽري لا“ (يعني ڪارخانن جا قانون) ختم ڪيا وڃن ۽ اسان ”سوويت ليبر لا“ چاهيون ٿا ته اهڙيون ڳالهيون ڪوبه اثر پيدا ڪونه ڪنديون ڇاڪاڻ ته اهڙا نعرا فقط انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ فائدو ڏئي سگهن ٿا. ڪلوزڊ ڊورزم ليننِي اصول جي خلاف آهي ۽ اهڙيون ڳالهيون حقيقت جي خلاف آهن. (اهڙي تصديق ڪارخانن ۽ ٽريڊ يونين جي قانونن خلاف هلايل تحريڪن جي سالن جي تجربي سان به ٿي وڃي ٿي.)

ڪومنتانگ حڪومت جي ”فئڪٽري لا“ ۽ ”ٽريڊ يونين لا“ جا ڪجهه فقرا پورهيتن جي موجوده حالتن جي بهتري لاءِ وڌيڪ مناسب آهن. تنهن ڪري اسان کي مطالبا ڪرڻ گهرجن ته انهن قانوني فقرن تي هڪدم عمل ڪيو وڃي. پر ڏنو وڃي ته اهڙي قسم جا فقرا تمام ٿورا آهن. اسان کي مطالبا ڪرڻ گهرجن ته پورهيتن جي ڀلائي وارا اهڙا فقرا تمام گهڻا هئڻ گهرجن. اهڙن فقرن جي مخالفت ڪرڻي آهي جيڪي پورهيت طبقي لاءِ هاڃيڪار آهن. تنهن ڪري اسان کي ڪومنتانگ حڪومت طرفان جوڙيل ڪارخانن ۽ ٽريڊ يونين جي قانونن خلاف زور ڊلو رکڻ کپي. موجوده دور ۾

گوري حڪومت وارين ايراضين ۾ "سوويت ليبر لا" نافذ نہ ٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري هن وقت ان مطالبي کي پروپئگنڊا جو دستاويز سڏي سگهجي ٿو.

اسان کي نہ رڳو ڪارخانن ۾ ٽريڊ يونين جي قانونن کي استعمال ڪرڻو آهي پر ڪومنتانگ جيڪي مزدورن ۾ مهم جهڙوڪ صفائيءَ مهم، ثقافتي مهم، قبرن تي ٻهاري ڏيڻ ۽ صفائي ڪرڻ جي مهم، تفريح جي مهم، قومي ڏينهن، ٻارن جي ڏينهن ملهائڻ جي مهم، ٻيلا وڏي زمين صاف ڪرڻ جي مهم ۽ نئين زندگي جي تحريڪ New life Movement مان بہ فائدو وٺڻو آهي. اسان کي اهڙن موقعن تي مزدورن جي مطالبن کي اڳتي آڻڻو پوندو، مزدورن اندر ڪم ڪرڻو ۽ کين هلچل لاءِ تيار ڪرڻو پوندو. ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن مزدور مطالبا ڪندا تہ ڪومنتانگ وارا ۽ سرمائيدار اهڙن مطالبن جي مخالفت ڪانہ ڪندا ۽ اسان کي مزدورن جي هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ جو هڪ قانوني حق ملي پوندو. سندن مطالبن کي ميڄتا ملي ويندي ۽ سندن هلچل کي فتح حاصل ٿي ويندي. جيئن ٽئنگ جي مزدورن نيو لائيف موومينٽ جي موقعي کي استعمال ڪيو هو ۽ جيئن، باٿ رومن ۾ ڪم ڪرڻ وارن نون ڪپڙن جا مطالبا ڪيا هئا. جيڪا هڪ سٺي ڳالهہ هئي. هنن نيو لائيف موومينٽ ۾ ڪلوزڊ ڊور وارين "ڪئٽگوريڪل اپوزيشن" Categorical Opposition جي حڪمت عملي اختيار ڪانہ ڪئي هئي.

اسان جي هٿ وس جيڪي بہ وسيلا آهن تن کي ڪتب آڻڻو پوندو ۽ مزدور سان رابطن قائم ڪرڻ ۽ کين منظم ڪرڻ لاءِ هر امڪاني سرگرمي اختيار ڪئي ويندي جن ڪارخانن ۾ ٻين ڪاروباري جڳهن تي ڪومنتانگ ۽ ييلو يونينس جي ڳالهہ ٻيئل آهي اتي ڪامريڊن ۽ انقلابين کي گڏجي يونين ناهڻي پوندي، ڪم ۽ ٻين سرگرمين ۾ هڪ ٻئي سان شريڪ ٿيڻو پوندو. اهڙين يونينس کي مزدورن کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو ۽ مزدور تحريڪ هلائڻي پوندي. اسان کي اهڙين ييلو يونينس کي پاڻ سان شامل ڪرڻو پوندو جن کي اڃا عوامي تائيد حاصل نہ ٿي آهي. يونين جي سماجي حيثيت ۽ نالي کي استعمال ڪرڻ ضروري هوندو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اسان مزدورن کي کُليءَ ريت پاڻ سان ملائي سگهون ۽ انهن جي تنظيم جوڙي سگهون. جن ڪارخانن ۽ ڪاروباري جڳهن ۾ ييلو يونين جو اثر ڪونہ آهي تہ اتي اسان کي مزدورن کي کلئي نموني سان وسيع پئماني تي منظم ڪرڻ لاءِ سڀ قانوني ۽ نيم قانوني ذريعا ڪتب آڻڻا

پوندا. ان کان سواءِ اسان کي سيني تنظيمن جهڙوڪ "فيلو ٽائون شپ ايسوسيئيشن"، "ميچوئل ائڊ سوسائٽيز"، "ائنٽي اوپيم سوسائٽي"، "ائنٽي ڊرنڪنگ سوسائٽي" کي بہ پاڻ سان ملائڻو پوندو. مزدورن کي منظم ڪرڻ جي گهڻن طريقن استعمال ڪرڻ سان گڏ ٿوري وقت لاءِ آزاد "ريڊ يونينس" کي منظم ڪرڻ وارو ڪم ڇڏي ڏيڻو پوندو ۽ ڪجهن ريڊ يونين کي ختم ڪرڻو پوندو جيڪي اسان ڪجهہ وقت اڳ قائم ڪيون هيون. پارٽيءَ جي هر تنظيم ۾ لئبر ڊپارٽمينٽ جي نالي سان هڪ شعبو قائم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن مزدور تحريڪ واري ڪم لاءِ هڪ اڳواڻ سگهہ موجود هجي.

غير منظم مزدورن لاءِ جيڪڏهن اسان ڪومنتانگ ٽريڊ يونين جي قانون مطابق ڪليل نموني واريون تنظيمون قائم ڪنداسون تہ اسان کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ملي ويندا. اهو ڪم ايڏو سنو تہ نظر ڪونہ ايندو. ان کان سواءِ هن مٿان ڪومنتانگ جون نافذ ڪيل سخت قسم جون پابنديون بہ هونديون. ائين ڪرڻ کان پوءِ رجسٽريشن لاءِ حڪومت وٽ درخواست ڏني ويندي آهي ۽ ڪومنتانگ وارا پنهنجا سياسي نگران موڪليندا آهن. ٽريڊ يونين جون جڏهن چونڊون ٿينديون آهن ان ۾ بہ بيجا دخل اندازي ڪندا آهن ۽ پنهنجي پسند مطابق اميدوارن جي فهرست سان هٿ چراند بہ ڪري وٺندا آهن. پر ائين ڪرڻ سان هڪ موقعو ملي وڃي ٿو جنهن مان فائدو ضرور وٺڻ کپي ۽ پابندين هوندي بہ مزدورن کي منظم ڪرڻ لاءِ ٽريڊ يونين کي کلئي طريقي سان ڪتب آڻڻ گهرجي. هن قسم جي گندي ڪم کان نہ ڊڄڻ کپي ۽ نہ وري ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪجي. جڏهن بہ امڪان نظر اچي تہ ڪومنتانگ ٽريڊ يونين جي قانون موجب هر ڪارخاني ۽ ڪاروباري جڳهہ تي غير منظم مزدورن جي ٽريڊ يونين ناهڻ گهرجي. هن کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪومنتانگ وارا ٽريڊ يونين قائم ڪرڻ جي اجازت نہ ٿا ڏين تہ پوءِ اسان کي هنن حقيقتن وسيلي اها ثابتي ملي ويندي تہ سندس ناهيل ٽريڊ يونين جا قانون ٺڳيءَ جي ٺاهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهن. اسان کي ڪي قانوني ڳالهيون بہ ڪرڻ ڪونہ ڏنيون وينديون. پر مزدورن کي منظم ڪرڻ لاءِ قانوني نڪتن کي ضرور استعمال ڪيو ويندو. جيڪڏهن سندن ناهيل قانون اندر رهي پنهنجي مقصد جون ڪي ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون تہ پوءِ اسان کي ائين ڇو نہ ڪرڻ کپي.

ماضيءَ ۾ هن قسم جي حڪمت عمليءَ تي ڪيترن ماڻهن چوهہ چنڊيا

هئا. ٽريڊ يونينس بہ هن قسم جي طرز عمل کي، ”تئين قسم جي ٽريڊ يونين ۽ موقعي پرستيءَ“ جو نالو ڏنو هو. هن قسم جي نڪتہ چيني صحيح ڪانہ آهي. اسان جي اها بہ ڪوشش آهي تہ پيلو يونينس ۾ بہ اڳواٽيءَ واري حيثيت حاصل ڪريون ۽ سندن اڳواٽيءَ وارن عنصرن تي آڪرائي حاصل ڪريون. جيڪڏهن ڪن حالتن هيٺ اسان هڪ وک اڳتي وڌي هڪ ٽريڊ يونين کي منظم ڪري ٿا ۽ ٿون جنهن جي اڳواٽي اسان پاڻ ڪنداسون پوءِ آخر ائين ڇو نہ ڪرڻ گهرجي؟ فقط اهي ماڻهو هن موقعي مان فائدو ڪونہ وٺندا جيڪي ڪلوزڊ ڊور ڏوهہ جا ڏوهاري هوندا. اسان کي ان وقت تائين ٽريڊ يونين کي قائم رکڻو ۽ منظم ڪرڻو آهي جيستائين ريڊ ٽريڊ يونين جو سارو پروگرام عوام وٽ مقبول نہ ٿي وڃي، ۽ انقلاب جي ڪامياب ٿيڻ واري گهڙي تائين اسان کي اتي رهڻو آهي. ان وقت تائين اسان کي پوري اطمينان سان محدود ڳجهن يونين ۾ رهڻو آهي.

پيلو يونين ۾ موجود رهڻ وقت انقلابين جي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ ڏانهن تمام گهڻو ڌيان ڏيڻو پوندو. اهڙي ڪوشش ڪرڻ کپي تہ جيئن پيلو يونين جي هر چونڊ ۾ اسان ڪٿون ۽ ڪائنن ساري اڳواٽي ڪسي ونون يعني هيٺان کان وٺي مٿي تائين. جيڪيڏهن پيلو يونين ۾ اسان کي مڪمل ڪاميابي حاصل بہ ٿي وڃي ٿي، عوام ۽ پيلو يونين جي اڳواٽي بہ اسان جي ضابطي هيٺ اچي ٿي تہ پوءِ بہ اسان کي پيلو يونين کي ريڊ يونين ۾ تبديل ڪرڻ ۾ تڪڙ نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڪومنتانگ حڪومت هيٺ ريڊ يونين بچي ڪانہ سگهندي. ان جي ظاهري شڪل پيلو يونين جهڙي هوندي اها ڪومنتانگ حڪومت جي عملدارن سان ملڻ لاءِ ڪائنن وقت گهرندي جيڪڏهن ڪومنتانگ جا نمائندا هن سان ملڻ لاءِ ايندا تہ انهن کي مزدورن جي مطالبن کان بہ آگاهہ ڪندي ۽ اهڙن مطالبن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪين گذارش بہ ڪندي پر اسان کي پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هر قسم جا وسيلا ڪم آڻڻا پوندا. مزدورن کي وڌ ۾ وڌ فائدن ڏيارڻ جي ڪوشش جاري رهندي ۽ پارٽي جي عام ڪارڪنن کي تربيت ڏيڻ جو پڻ بندوبست ڪيو ويندو. جڏهن انقلاب جي گهڙي اچڻ واري هوندي تہ ان وقت پيلو يونين کي ريڊ يونين ۾ تبديل ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت بچاءَ لاءِ باهرينءَ ڪل جي ضرورت ڪانہ هوندي.

سرمائيدارن، جپان ۽ چين جي غدارن خلاف نعري هيٺ اسان سيني سياسي گروهن ۽ مزدور اڳواٽن سان گڏجي هڪ متحد محاذ جوڙي سگهون

ٿا. هن محاذ جي خاص ڪري ان وقت اشد ضرورت آهي. جڏهن اسان گڏيل قسم جي سرگرمين جهڙوڪ هٽ تاڙ مظاهرا، جپان جي تيار مال کان بائيڪاٽ جپان خلاف هر تحريڪ ۾ شرڪت ڪنداسون. اسان گهرو ويڙهہ جي خاتمي لاءِ مزدورن اندر پروپيگنڊا ۽ جپان خلاف تحريڪ شروع ڪنداسون. ان کان سواءِ ييلو يونينس کي بہ پڙڪايو ويندو تہ جپان جي مزاحمت ۽ قومي آجپي لاءِ هو بہ اچي اسان سان هن قومي تحريڪ ۾ پانهن بيلي ٿين. هن سان گڏ ساري ملڪ جي سيني پارٽين ۽ گروپن کي ساٿ ڏيڻ لاءِ سڏيو ويندو تہ جيئن جپان کي مهاڏو ڏئي قوم کي ناس ٿيڻ کان بچائي وٺجي. ان کانسواءِ فوج کي گذارش ڪئي ويندي تہ هوءَ ريڊ آرمي ۽ سوويت ايراضيءَ تي حملا نہ ڪري ۽ چين مان جپان کي لوڏي ڪيڻ لاءِ اسان جو ساٿ ڏئي. اهو پڻ سڏ ڏنو ويندو تہ قوم جي بچاءَ لاءِ هڪ گڏيل حڪومت جوڙي وڃي تہ جيئن جپاني اڳرائي ۽ چيني غدارن سان نبري سگهجي ۽ جپان کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ گڏيل فوج جوڙي وڃي. اسان جي اها بہ ڪوشش هوندي تہ هر وڏي شهر جي مزدور تنظيمن هر ڪارخاني جي مزدورن سان گڏجي جپان کي ڪيڻ ۽ قوم کي بچائڻ لاءِ وسيع اتحاد جوڙجي. مزدورن کي متحد ڪري ڀهراڙين ڏانهن موڪليندا سون تہ هو اتي پهچي هارين نارين کي جپان خلاف پڙڪائن ۽ کين چون تہ ريڊ آرمي سان گڏجي جپانين ۽ غدارن خلاف ڇاپا مار جنگ لاءِ تياري ڪن. هنن کي اها بہ صلاح ڏني ويندي تہ هو مائٽن ۽ دوستن کي ڪومنتانگ فوج ۾ اندر ڪم ڪرڻ لاءِ موڪلن. جڏهن اها فوج سندن ڳالهين کان متاثر ٿي ويندي تہ جپان کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪري ايندي ۽ جڏهن چيانگ ڪائي شيڪ هنن کي ريڊ آرمي مٿان حملي ڪرڻ جو حڪم ڏيندو تہ مجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي. اسان جي ڪوشش هوندي تہ جيئن مزدورن کي فوج ۾ پرتي ڪري سگهجي جتي هو وڃي جپان خلاف مزاحمت لاءِ پروپيگنڊا ۽ گهرو ويڙهہ جي مخالفت ڪندا.

اسان ڪجهہ وقت اڳ مختلف سياسي گروهن جي مزدور اڳواڻن تي حملا ڪري کين ڪيڏي ڇڏيو هو جيڪي هٽ تاڙ ڪميٽي ۽ جپان خلاف اتحادن association ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. هن وقت اهي اسان جي تمام گهڻي مدد ڪن ها. اسان اهو غلط ڪيو هو. اسان سان ڪن پروگرامن ۾ هنن ايمانداري سان گڏجي ڪم ڪيو هو. انهن سان اسان جو اتحاد ضروري آهي ۽ اسان کي گهرجي تہ سندن همت افزائي ڪريون تہ جيئن هو اٽل ارادن سان

مزدورن سان گڏجي ڪم ڪن ۽ جپان ۽ چيني غدارن خلاف قومي محاذ جوڙن ۽ عوامي سطح تي اهڙين سرگرمين جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ سندن مدد ڪرڻ نهايت ضروري آهي. جيتري قدر سندن غلطين جو سوال آهي ته اسان مٿن تنقيد ٿڌي ۽ ياڻپي واري نموني سان ڪنداسون. اسان جي ڪوشش اها هجڻ کپي ته مزدورن اندر موجود غدارن کي چونڊي ٻاهر ڪڍيو وڃي.

اسان کي انهن سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي جيڪي عوام اندر ۽ مختلف ڪاروباري جڳهن تي ڪم ڪري رهيا آهن. ڪارخانن ۾ موجود اسان جي پارٽي جي شاخن ۾ ڪم ڪندڙ ڪامريڊن کي هر هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ نه گهرجي نه وري ٻاهرين سرگرمين ۾ حصو وٺڻ کپي. جيڪڏهن اسان جو ڪامريڊ يا همدرد هڪ ٻن تحريڪن جي اڳواڻي ڪري ٿو ته هو ٻين تحريڪن جي اڳواڻي ڪرڻ ڇڏي ڏئي. سندس جاءِ تي ڪو ٻيو ڪامريڊ اچڻ کپي ۽ ڪيس پارٽي جي هڪ عام ڪارڪن يا همدرد سان هلچل ۾ مدد ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هو عوام ۾ گڏجي ويندو ۽ سندس بچاءُ ٿي ويندو. انهيءَ طريقي سان اسان مختلف اڳواڻن ۽ ٻين ماڻهن کي اڳواڻي ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسون.

اسان جا ڪيترا ڪامريڊ محدود حالتن اندر ڳجهيءَ ريت ڪم ڪرڻ تي هري ويا آهن. اسان هاڻي ڪين چونداسون ته هو عوام وٽ وڃن ۽ ظاهر ظهور ساڻن گڏجي هڪ وسيع گڏيل محاذ ٺاهڻ جون تدبيرون ڪن. ڪين منجهيل ماحول ۾ ڪومنتانگ جي ڏوڪي باز ماڻهن ييلو يونين اڳواڻن ۽ ٻين مختلف گروهن سان منهن ڏيڻو آهي.

اهي غلطيون به ڪندا، ڪيترا دشمن کان متاثر به ٿي ويندا. ڪيترن کي بيوقوف بڻايو ويندو ڪي ڌهڪائجي ويندا ۽ ڪيترن کي استعمال به ڪيو ويندو پر اهڙيون ڳالهيون فطري آهن. امڪان آهي ته ڪي پنهنجا ارادا بدلائي ڇڏن ۽ ڪي اسان وٽان ڀڄي وڃي دشمن سان ملن. اسان هاڻي ڪنهن هڪ جاءِ تي بند ٿي ويهڻ ڪونه ٿا چاهيون. چاڪاڻ ته اسان کي خبر آهي مٿي بيان ڪيل ڳالهيون واقع ٿي سگهن ٿيون. اهڙين ڳالهين کان فقط هن طريقي سان بچي سگهجي ته اسان ڪامريڊن کي چئون ته عوام ۾ وڃو ۽ هن منجهيل ماحول ۾ وڃي سندن اڳواڻي ڪريون. ان طريقي سان اسان هڪ لائق سچي بالشويڪ کي عوام جي اڳواڻ ٿيڻ جو هنر سيکاري وٺنداسون.

اسان ڪامريڊن کي ظاهر ظهور ٻڌائي ڇڏينداسون ته حالتون ڪهڙيون به منجهيل هجن، صورتحال ڪيڏو به جلدي جلدي تبديل ٿيندڙ هجي، رجعت

پسندن سان اسان جي اختيار ڪيل تدبير پلي لچڪدار هجي پر اسان کي مزدور تحريڪ کان هڪ گهڙيءَ واسطي بہ غافل هئڻ نہ گهرجي. اسان جي دماغ ۾ جيڪي بہ پروگرام آهن تن کان ڪنهن وقت بہ ويسلو رهڻو ڪونہ آهي. دهشتگرد گوري حڪومت هيٺ انهن پروگرامن تي عمل ڪرڻ جو موقعو گهٽ ملندو. پر اسان کي جڏهن بہ وجهہ ملي تہ ان جي ٿوري حصي کي عملي جامون پارائي ڇڏجي. ان واسطي اسان کي اهو ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جو پڪ ٿي وڃي تہ مزدور جا مطالبا اسان جي بنيادي پروگرام سان ساڳيائپ رکن ٿا. جيڪڏهن اسان مختلف سياسي گروهن سان لاڳاپيل مزدورن ۾ گڏجي ڪم ڪنداسون يا انهن سان سهڪار ڪنداسون تہ اهو سمجهڻ نہ کپي تہ اسان ٻين پارٽين ۽ سياسي گروهن سان اهڙي مدد ڪري پنهنجي پروگرام تان هٿ کڻي ويا آهيون. پر حقيقت اها آهي تہ اسان ائين ڪري پنهنجي پروگرام کي هنڌين ماڳين مشهور ۽ مقبول ڪري رهيا آهيون ۽ پنهنجي اتحادين کي متاثر ڪري رهيا آهيون. اسان کي گهرجي اسان هر وقت پنهنجي آزاد سرگرمين جو حق محفوظ رکون. جيڪڏهن اسان جا اتحادي ڇڏي ٿا وڃن يا دشمن سان ملي ٿا وڃن ۽ سندس چار ۾ ڦاسي ٿا وڃن تہ ان وقت اسان کي تنقيد ڪرڻ جو هٿيار استعمال ڪرڻ گهرجي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان عوام اندر گهڙي وڃون پنهنجيءَ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ڪريون ۽ پنهنجي اثر کي وڌايون. ان سان گڏ اسان کي پنهنجي سياسي ضابطي کي بہ وڌائڻو پوندو ۽ پارٽي جي هر چرپر تي نظرداري ڪرڻي پوندي. اهو ئي طريقو آهي جو اسان ساڄيءَ ڏر جي غلطين مٿان آڪرا ۽ غالب ٿي سگهون ٿا.

اڳواٽن مان اصطلاح بازيءَ جي استعمال جو خاتمو ڪرڻ

جولاءِ 1936ع

اسان جي پارٽيءَ جي اتر پار وارين تنظيمن ۾ خالي قسم جي اصطلاحن ڪتب آڻڻ جو لاڙو نظر اچي ٿو. جيڪو اتي اسان جي تنظيمي ڪمن جي هڪ وڏي رنڊڪ بڻيل آهي. جيستائين اسان هن ڳالهه کي ختم نه ڪنداسون يا ان ۾ ڪنهن قسم جو سڌارو نه آڻينداسون تيستائين اسان جي پارٽيءَ جو تنظيمي ڪم نه اڳتي وڌي سگهندو نه وري ترقي ڪري سگهندو.

اسان کي هن ڳالهه تي زور ڏيڻو پوندو ته اسان جي شاخن ۾ اهڙن اصطلاحن ڪتب آڻڻ جو ڪو رواج ڪونه آهي نه وري اهڙي ڳالهه اسان کي انهن ڪامريڊن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي جيڪي سامراجين ۽ چيني غدارن خلاف هلچل ۾ عوامي اڳواڻي ڪري رهيا آهن. اهڙو لاڙو اسان جي فقط وڏن ۽ وچولي قسم جي پارٽي عهديدارن ۽ ڪامريڊن ۾ ڏسجي ٿو. منهنجو مطلب آهي ته اهڙي ڳالهه اسان کي سندن مزاج ۽ اڳواڻي واري حيثيت ۾ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري مان خاص طور صوبائي ڪائونٽي ۽ شهر جي اڳواڻ ڪامريڊن کي گذارش ڪندس ته هو سخت قسم جي نگراني ڪن ۽ پنهنجي ڪم جي طريقي جو پاڻ کان پڇاڻو ڪن ۽ پنهنجي اڳواڻ حيثيت کي به چڱيءَ ريت جاچي پرکي ڏسن. اسان کي اهڙي قسم جا اصطلاح ڪم آڻڻ نه گهرجن جيڪو اسان جي ڪامريڊن ڏانهن گار جو اشارو هجي يا انهن ڪارڪنن ڏانهن اُچل ڏنل هجي جيڪي ويچارا عام ماڻهن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

منهنجي نظر مان رهنمائي لاءِ ڪي هدايتون گذريون آهن جيڪي دستاويزن، خطن، ڪارڪردگي جي رپورٽ ۽ سياسي رپورٽ جي شڪل ۾ آهن. اهي اجايون ڊگهيون آهن. منجهن تمام گهڻو ورجاءُ به ڏسجي ٿو. پڙهي ماڻهو بيزار ٿيو پوي مواد بي مقصد ۽ منجهيل هوندو آهي. ڪيترن ڪامريڊن پنهنجي دستاويزن ۽ هدايتن ۾ پراڻو راويتي طريقو ڪتب آندو آهي. اهي ايترا ته حقيقت پسند "Concrete" هوندا آهن جو بنا ڪنهن چنڊ چاڻ جي غير اهم شيون به لکي ڇڏيندا آهن. انهن ۾ منظم قسم جو سلسلو

هوندو آهي نہ وري ڪو مرڪزي خيال موجود هوندو آهي. سمجهندا آهن تہ صورتحال سان سندن ويجهو لاڳاپو هئڻ ضروري آهي. چين ۽ دنيا جي حالتن جي جائزي پيش ڪرڻ ۾ اجائي اينگهہ ڪندا آهن. سياسي لفاظيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ آڪڙ ۽ آڪرائيءَ سان هر شيءِ تي نڪتہ چيني ڪندا آهن. اڪثر ڪري ٿيندو ائين آهي جو جڏهن آءٌ سانت ۽ صبر سان هڪ مضمون تي ويهي ڪا تحرير پڙهندو آهيان تہ مون کي اهو پتو پئجي ڪونہ سگهندو آهي تہ اها لکت ڪهڙي موضوع سان واسطو رکي ٿي ۽ ان ۾ ڪهڙي شيءِ تي بحث ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اسان هن قسم جي مضمونن کي رهبريءَ لاءِ ڪم آڻيندا سون يا ڪامريڊن کي سکيا ڏيڻ ۾ استعمال ڪنداسون تہ قيامت اچي ويندي. ايسٽرن هيبتي Eastern Hebti ۽ بوڊنگ Boading جي اسپيشل ڪميٽي4 جي ڪارڪنن جا خيال ڪجهہ مختلف آهن. سندن ويساهہ آهي تہ جهڙي طريقي سان هو ڪم ڪري رهيا آهن تنهن مان ڪنهن بہ قسم جو فائدو ڪونہ ٿيندو. اسان جا ڪامريڊ اڳواڻ بہ اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا جن مان ڪنهن بہ قسم جو اطمينان ڪونہ ٿو ٿئي. پر رهندو بہ انهن تي موقع پرستيءَ جا الزام هڻي ٿا ڇڏن. ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو مسئلن حل ٿي وڃڻ بدران نوان مسئلا پيدا ٿي ٿا پون.

اسان چئون ٿا تہ ڪلوزڊ ڊوريزم ۽ ايڊوينچريزم بند ڪرڻ ضرروي آهي. پر گهڻن علائقن ۾ هن ڳالهہ کي ٻڌن جي "اميتاپ" ڪان وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏني وئي. جيڪڏهن اسان ڪلوزڊ ڊوزيزم ۽ ايڊوينچرزم کي پاڪ لفظن جيان هزار ڀيرا بہ جهونگاريندا رهنداسون تہ آخر ڪهڙو فائدو رسندو. اسان جي ڪيترن ڪارڪنن کي هنن لفظن جي معنيٰ مفهوم جي ڪا خبر ڪانہ آهي. ڪين اها بہ ڄاڻ ڪانہ آهي تہ سندن ڪم ڪرڻ وارن جڳهن تي اهڙن نالن واريون شيون موجود آهن يا نہ.

هاڻي تازو ڪي ڳالهيون پاڻهرتو ٿيڻديون نظر اچن ٿيون ۽ هڪ جاندار مسئلو اصطلاح باز ماڻهوءَ جي ور چڙهي وڃي ٿو تہ هڪ لاش بڻجي ٿو وڃي. ڪامريڊ جيڪي ڪڏهن ڏاڍا پرجوش لڳندا آهن تہ اصطلاح بازن جي غلط استعمال ڪري هو منجهي ڳڳ ٿڏا ٿي ويندا آهن.

اهڙا ڪامريڊ بنا مقصد واري خالي اصطلاح نقصان ڪان سواءِ ڪو ڪم ڪري ڪونہ سگهندا آهن. اميد آهي تہ ڪامريڊ خاص ڪري اڳواڻ ڪامريڊ اهڙين اجاين ڳالهين ۾ نہ ڦاسن. توهان کي ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ حقيقت پسند، سوچ فڪر جو صاحب ۽ وڌيڪ مخلص هئڻ کپي. اوهان کي

جيڪو ڪجهه چوڻو آهي سڌو سنئون چئي ڏيو. جيڪڏهن اوهان ڪا ڳالهه سمجهي چڪا آهيو تہ چئي ڏيو تہ اسان سمجهون ٿا. جيڪڏهن ڪنهن حقيقت ۾ ناهي سمجهيو تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي ڏيو تہ اسان ناهي سمجهيو. اوهان هر شيءِ جو ڳوڙهو اڀياس ڪريو. جنهن مسئلي کي اوهان ناهي سمجهيو ان کي چٽيءَ ريت سمجهڻ لاءِ ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن اوهان پاڻ ڪنهن ڳالهہ کي ناهي سمجهيو تہ اها ڳالهہ ٻين کي سمجهائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. بهتر آهي تہ توهان هيٺين ڪارڪنن کي گهٽ جاڻ ڏيو پر ڪين غلط جاڻ ڏئي گمراهہ نہ ڪريو.

مان هيءَ بہ سفارش ڪريان ٿو تہ ڪنهن اهم ضرورت ڪانسواءِ اوهان هيٺين ڪارڪنن کي هدايتون ۽ حڪم نہ ڏيو. پر صلاح مشوري، سفارشن ۽ بحث مباحثي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. قطعي نوعيت جا بيان بلڪل ٿورا هجن ۽ اصلاح کي اهميت ڏني وڃي. هيٺين ڪارڪنن کي تنبيهہ گهٽ پر سندن مدد وڌيڪ ڪئي وڃي. توهان هيٺين ڪارڪن يا ڪامريڊ کي موقع پرست هئڻ جي الزام هڻڻ کان پاسو ڪريو. جيڪڏهن انهن هيٺين ماڻهن ڪنهن سوال کي ناهي سمجهيو يا غلط سمجهيو آهي تہ توهان تي فرض آهي تہ معاملي کي صحيح ڪريو ۽ انهن جي صحيح سمجهڻ ۾ مدد ڪريو. انهن جيڪڏهن ڪنهن مسئلي ڏانهن ڌيان نہ ڏنو آهي ۽ جيڪڏهن ڏنو آهي تہ مڪمل نہ ڏنو آهي تہ ان صورت ۾ اوهان تي لازم آهي تہ توهان انهن مسئلن ڏانهن سندن مڪمل ڌيان ڇڪايو. پر پرائمري جي استاد جيان ڪين چڙٻون نہ ڏيو. توهان جو اهڙو رويو ڪڏهن بہ فائدي وارو ثابت ڪونہ ٿيندو.

موجوده دور ۾ اسان جو مجموعي ڪم جپان ۽ غدارن خلاف وڏي پئماني تي تياري ڪرڻ آهي. هن ڪم جي عام طور حڪمت عملي اها آهي تہ اسان هڪ وسيع قومي محاذ جوڙيون. هي نتيجو اسان دنيا ۽ چين جي حالتن جو تفصيلي تجزيي ڪان پوءِ ڪڍيو آهي. سيني ڪامريڊن تي بہ لازم آهي تہ هو بہ هن مسئلي تي چڱيءَ ريت سوچين ويچارين ۽ واقف ٿين. هن معاملي کي چٽيءَ ريت سمجهڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪي اهم تبديليون نہ ٿيون آهن تہ پوءِ بين الاقوامي ۽ چين جي صورتحال کي دستاويزن ۽ تقريرن ۾ ورجائڻ غير ضروري آهي. (اج ڪلهہ اهڙو لاڙو عام آهي. جڏهن اسان ڪنهن موضوع تي بحث ڪندا آهيون تہ ڪي مختصر ماڻهو هوندا آهن. جيڪي خاص صورتحال بابت سنجيدگي سان اڀياس ڪندا آهن)

ڪي ڪامريڊ شو منتر جيان هي لفظ اچاريندا آهن. "مزاحمت لاءِ تيار رهو" يا "متحد محاذ جوڙيو". جڏهن ته اهي ڪي مقدس لفظ هجن جن جي معنيٰ مفهوم جي ڪين ڪا خبر ڪانه هوندي آهي. ڪامريڊن کي گهرجي ته خاص ماڻهن مطابق حقيقي قسم جي مزاحمتي جنگ لاءِ تياريون ڪن ۽ حقيقي قسم جي متحد محاذ جوڙڻ لاءِ ڪوششون ڪن ۽ هر علائقي، ڪارخاني، اسڪول، ڳوٺ ۽ فوجي ماڻهن ۾ وڃي ڪم ڪن. پر مجموعي طور تي ڪم هڪ ۽ حڪمت عملي به هڪ هوندي آهي. جڏهن حقيقي ڪم ڪرڻ جو ٽائو پهچي ويندو آهي ته هر علائقو پنهنجي ڪان اختلاف ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. ڪامريڊن کي گهرجي ته هر علائقي جو خاص صورتحال مطابق فڪري تجزيو ڪن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن اندازو ڪري سگهجي ته ڪهڙي ڪارخاني يا ڳوٺ ۾ ڪهڙي ڏينهن تي ڪهڙي سرگرميءَ جو فيصلو ڪيو وڃي ۽ ان مان ڪهڙي نوعيت جا فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. انهيءَ لاءِ ڪهڙا وسيلا ڪم آڻجن. ڪاميابي ماڻڻ ڪانپوءِ سياڻي جا ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان جا ڪامريڊ انهيءَ طريقي سان ڪم ڪندا ته اسان ڪڏهن به حقيقت کان پٽڪي ڪونه ويندا سون.

ڪن ڳوٺن جا هاري قومي مسئلن جي شدت کي سمجهي ڪونه سگهيا آهن. اهي پنهنجي ڏهاڙي اقتصادي مسئلن ۾ ڦاٿا پيا آهن. جيڪڏهن هن خاص حالتن کي ٿوري وقت لاءِ پاسي تي رکي ڪامريڊ انهن ڳوٺن ڏانهن هليا وڃن ۽ هارين کي جپان خلاف مظاهرن ڪرڻ ۽ گڏيل محاذ جوڙڻ لاءِ تيار ڪن ته اها بيڪار ڳالهه ٿيندي ان جي ابتڙ بيجنگ ۽ تيانمين جي شاگردن ۾ اهڙيون اجايون ڳالهيون ڪونه ڏسبيون. حقيقي ۽ سچو پچو ڪم اهو هوندو آهي جيڪو گهربل علائقي جي صورتحال جي روشنيءَ ۾ ڪيل فيصلي مطابق ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اسان خاص صورتحال ڏانهن ڌيان نه ڏينداسون ته اسان جي بهترين قرارداد به اجائي بڪواس هوندا آهن. اسان هن قسم جي خيال جا حامي ڪونه آهيون ته ٻهراڙي هڪ جدا معاملو آهي. چاڪاڻ ته اتان جي ترجمانن جو خيال آهي اتي جپان دشمن تحريڪون منظم ڪري ڪونه ٿيون سگهجن. جيڪڏهن اسان هارين جي ڏهاڙي جي اقتصادي مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ تحريڪ جي شروعات ڪري سگهون ٿا. ان وقت اسان کين قومي مسئلن بابت چڱيءَ ريت سمجهائي سگهنداسون. اهو به ممڪن آهي ته اسان سندن اقتصادي مسئلن تي شروع ڪيل تحريڪ دوران کين قومي تحريڪ ڏانهن وٺي اچون.

اسان جي ڪامريڊن کي هن مسئلي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڌرڻ کپي ته اسان کي ڪم جي شروعات ڪٿان ڪان ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ ريت ڪارخاني، اسڪول يا ڳوٺ جي حالتن ۾ ڪامريڊن جي لياقت کي نظر ۾ رکي فيصلا ڪيا وڃن. هڪ ماڻهو هڪ جاءِ تي اخبار جاري ڪري ڪم جي شروعات ڪري سگهي ٿو. پر ٻئي هنڌ ڪم جي ابتدا "اسٽڊي سرڪل" جي قيام سان ڪري سگهجي ٿي. ان جاءِ تي ڪو ماڻهو اقتصادي هلچل جي شروعات ڪري سگهي ٿو نه وري ٻيو ماڻهو ڪتابن ۽ اخبارن بابت ڳالهيون ڪندو ڏسبو. جيڪڏهن اسان پهرين وک سوچي سمجهي وڌائينداسون ته اسان ٻي وک به چڱيءَ ريت وڌائي سگهنداسون. جيڪڏهن اسان پهرئين رابطي کي پوريءَ سگهه سان جهلي سگهنداسون ته ٻئي کي پڻ طاقت سان سوگهو ڪري سگهنداسون.

اڳواڻ ڪامريڊن کي هر جاءِ تي اهم شاخن، عوامي تنظيمن ۽ انفرادي طور ڪامريڊن ڏانهن به ڌيان ڏيڻ کپي ته هي ماڻهو هن ڪم ڪرڻ جي لائق آهن. جيڪڏهن هنن کي مدد ۽ سکيا ڏبي، اڳتي وڌائبو ته هو هن مقصد لاءِ پاڻ کي وقف ڪري سگهندا ۽ ڪامياب ثابت ٿي سگهندا. ان ڪان پوءِ اهڙا ڪامريڊ ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ پارٽي جي شاخن، تنظيمن ۽ ٻين ڪامريڊن تي اعتماد ڪري سگهندا.

مان ڪامريڊن کي هي ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو ته هو پارٽي جي قراردادن ۽ دستاويزن جو پڻ اڀياس ڪن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو موجوده حالتن ۾ پارٽيءَ جي حڪمت عملي ۽ ڪم ڪان چڱيءَ ريت واقف ٿي سگهن. هي پهريون قدم آهي جنهن وسيلي اسان پنهنجي سرگرمين کي حقيقت مطابق هلائي سگهون ٿا. اسان کي اڪيون ٻوٽي اعتبار ڪرڻ نه گهرجي ۽ نه وري اسان کي اکيون ٻوٽي ڪُنهن جي حڪم جي پابندي ڪرڻ کپي. اسان کي اهڙن ڪامريڊن جي ضرورت آهي جيڪي اسان جي پارٽي جي حڪمت عملي کان واقف آهن ۽ ڪين اها به خبر آهي ته اسان جون سرگرميون ڪهڙيون آهن ۽ اهڙيءَ چاڙ کي مختلف قسمن جي حالتن کي سمجهڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. مون کي گهڻو ڪري هن ڳالهه تي اچرج ٿيندو آهي ته جڏهن اسان ڪو نئون قرارداد پاس ڪندا آهيون ۽ نئين تدبير اختيار ڪندا آهيون ۽ اتر پاسي وارن تنظيمن کي اهڙي چاڙ ملي به ويندي آهي ته اتان جا ڪامريڊ نه بحث مباحثو ڪندا آهن نه ڪنهن شڪ شبهي جو اظهار ڪندا آهن. هن مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته اسان جي ڪامريڊن لاءِ ڪي مسئلا ڪونه آهن.

حقيقت اها آهي تہ هو نئين اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ کي سمجهي ڪونہ سگهندا آهن. جيتوڻيڪ ڪيترن اديبن انهيءَ حڪمت جي تائيد بہ ڪئي آهي تہ انهيءَ ناتي بين اديبن تي الزام بہ هڻندا آهن. هن ڳالهہ مان ظاهر ائين ٿئي ٿو تہ انهن ڪامريڊن جو اسان جي پارٽي قراردادن بابت بيورو ڪرٽڪ bureaucratic ۽ اصطلاح ڏاهي منسوب ڪرڻ وارو رويو آهي. اسان سندن اهڙي رويي جي مخالفت ڪونہ ٿا ڪريون پر جيڪڏهن ڪامريڊ اسان جي پارٽيءَ قراردادن تي ۽ دستاويزن تي بحث مباحثو ڪندا ۽ انهن ۾ شڪ شبهي جو اظهار ڪندا تہ اسان سندن اهڙين ڳالهين جي دلي آجيان ڪنداسون ۽ جيڪڏهن اسان کان "سبب ڄاڻايو" جو مطالبو ڪندا تہ اسان کي خوشي ٿيندي. عملي ڪم تي مباحثو ڪرڻ تہ هڪ سٺي ڳالهہ آهي. پر اهو مباحثو اصطلاح جوڙڻ جي مقصد سان نہ ڪيو وڃي. پر اهڙو هئڻ کپي جنهن مان اسان جي پارٽيءَ جي سرگرمين کي فائدو پهچي.

جيڪڏهن اسان محسوس ڪيو تہ اهڙي اصطلاح سازي اسان جي پارٽيءَ جي ڪارڪردگي کي نقصان پهچائي رهي آهي تہ ان جي مخالفت ڪرڻ پاڻ تي لازم سمجهيو ويندو. اسان خالي ڳالهين جو جواب خالي ڳالهين ۽ خاص قسم جي تحريرن سان ڪونہ ڏينداسون. اسان فقط اصطلاحن جي طرز ۽ خالي طرز جي اڳواٽيءَ کي تبديل ڪري ڇڏينداسون. اسان کي گهرجي تہ اسان مسئلن کي سمجهون ۽ حالتن تي غور ڪريون ۽ پنهنجي سرگرمين جو رخ حقيقت ڏانهن موڙيون، مناسب رٿابندي ڪريون ۽ مقصد جو تعين ڪريون.

قومي متحد محاذ جي اڳواڻي نازڪ مسئلو آهي

20 نومبر 1936ع

اها هڪ سڃي ڳالهه آهي جو بورجوا قومي متحد محاذ ۾ شامل ٿي ويا آهن. پر خطري جو احساس به ٿئي ٿو. خوف اهو آهي ته متان بورجوا قومي متحد محاذ جي اڳواڻي کسي نه وڃن. انهن حالتن ۾ متحد محاذ ڇڇي ويندو انقلاب کي ڏاڍو هاڃو رسندو پر سڀ کان گهڻو نقصان پرولتاري يا پورهيت طبقي کي پهچندو. هن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش به ڪانه آهي ته بورجوا هميشه هڪ پاسي جا ٿي ڪونه رهندا آهن. تنهن ڪري ڪانئن غدار ٿيڻ جو گهڻو پوَ هوندو آهي ۽ متحد محاذ ۾ ڏچي پيدا ٿي پوڻ جو پڻ امڪان هوندو آهي. اهڙي ڏچي جو سارو دارومدار بورجوا جي ان وقت جي طاقت، ننڍي بورجوا کي سندن اثر، هاري، فوج ۽ پرولتاري طبقي جي قوت ۽ حڪمت عمليءَ تي آهي. اهڙي ڏپ کي گهٽائڻ واسطي ۽ اهو ڏسڻ واسطي ته سندن متحد محاذ ۾ شامل ٿيڻ انقلاب لاءِ هاڃيڪار ته نه آهي، پرولتارين کي، بورجوا جي متحد محاذ ۾ شامل ٿيڻ واري ڏينهن کان وٺي، اها ڪوشش ڪرڻي پوندي ته جيئن ننڍي بورجوا، هاري ۽ فوج تي وڏي بورجوا جي اثر کي ختم ڪري سگهجي ۽ پنهنجي اثر کي وڌيڪ طاقتور بنائيندو رهجي. پورهيت طبقي کي ڪڏهن به ڊڄڻ نه گهرجي نه وري ڏپ کان پٺي وڃڻ گهرجي. پر اهڙي خوف متان غالب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري، هن قسم جي خوف ڪري متحد محاذ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار نه ڪجي. پورهيت طبقي لاءِ هن محاذ ۾ شامل ٿيڻ نهايت ضروري آهي ۽ سرگرمين جي هڪ ڊگهي سلسلي دوران اهڙي خوف خطري کي دل مان ڪڍي ڇڏي. هتي اهم مسئلو اهو آهي ته پورهيت طبقو متحد محاذ جي اڳواڻي لاءِ ضرور ڪوشش ڪري.

موجوده دور تائين قومي متحد محاذ جڙي راس ڪونه ٿيو آهي. قومي متحد محاذ جي قيام لاءِ ڪابه ڏر وارو نظريو رنڊڪ بڻيل آهي. پر محاذ جي ٺهڻ وڃڻ کان پوءِ هوريان هوريان ساڄي ڏر جو نظريو خطري جي علامت بڻجي ويندو.

ساڄيءَ ڏر جا موقع پرست ماڻهو جنهن به ايراضيءَ ۾ گهڻا هوندا اتي

ضرور متحد محاذ ۾ شريڪ ٿيندا ۽ اتي انقلاب جي اڳواڻيءَ جو سوال بہ اٿي سگهي ٿو جيڪو نهايت اهم آهي. بورجوا طاقت بابت غلط اندازو لڳائڻ، انقلابي تبديلين کي نہ سمجهڻ، پرولتاري سگهہ کي گهٽ تصور ڪرڻ، متحد محاذ ۾ طبقاتي جدوجهد ۾ باهمي اتفاق هئڻ ڪري ساڄي ڌر جي مٿي ايري اچڻ جا پڻ چٽا امڪان آهن. تنهن ڪري پرولتاري ڌر متحد محاذ جي اڳواڻيءَ کان ضرور پاسو ڪري ويندي، پنهنجي آزاد حيثيت کان هٿ کڻي ويندي ۽ پاڻ کي رڳو طبقاتي جدوجهد جي اڳواڻي تائين محدود رکندي اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ پنهنجي اتحادين تي تنقيد ڪرڻ، آزاد نموني واري تنظيمي ڪم ڪرڻ، مزدورن ۽ هارين کي شعور ڏيڻ ۽ فوج جي اڳواڻي ڪرڻ بہ ڇڏي ڏيندي. اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ ساڄي ڌر وارو موقع پرست ڏڙو متحد محاذ ۽ قومي انقلاب جو خاتمو ڪري سگهي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو جڏهن اسان قومي متحد محاذ جو سوال اٿاريندا سون تہ اسان کي اهڙن معاملن ڏانهن خاص توجهہ ڏيڻو پوندو ۽ ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستي تي چڱيءَ ريت نظر رکڻي پوندي.

* * *

انقلاب ۾ اڳواڻيءَ جو سوال اهو آهي تہ هارين ۽ بورجوا جي اڳواڻي ڪير ڪندو؟ بورجوا ڪندو يا پرولتاري طبقو؟ هن قسم جي سوال جي باري ۾ بورجوا جي انقلابي طاقت ۽ خاصيت جو غلط اندازو لڳايو ويندو ۽ پرولتاري قوت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي ويندي. چيو ويندو تہ چين جي انقلاب جو اڳواڻ بورجوا آهي. اهو تصور ڪيو ويندو تہ چين جو انقلاب بورجوائي جمهوري انقلاب آهي. تنهن ڪري اها هڪ فطري ڳالهہ آهي ان انقلاب جو اڳواڻ بورجوا هئڻ گهرجي. انهن ماڻهن جي دعويٰ آهي تہ پرولتاري طبقو انقلاب ۾ فقط بورجوا جي مدد ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪري ڪونہ ٿو سگهي. بورجوا جمهوري انقلاب جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ پرولتاري طبقو سوشلسٽ انقلاب آڻيندو ۽ بورجوا جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري پرولتاري متحد محاذ جي انقلابي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اها بورجوا جي حڪومت آهي. جيتوڻيڪ موجوده وقت دوران پرولتاري بورجوا جي مدد ڪري رهيا آهن پر اڳتي هلي بورجوا جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا آهن. هي ساڄي ڌر جي موقع پرستن جو نقطۂ نظر آهي. اهڙي قسم جي تصور ڪري 1927ع وارو عظيم انقلاب ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو هو. اهو ساڳيو تصور هاڻي قومي انقلاب کي هاڃو رسائيندو.

هن وقت چين جون قومي انقلاب جون تياريون پنهنجي عروج تي آهن ۽ هتان جا ڪجهہ بورجوا ٿوري وقت لاءِ انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. پر سندن اهڙو ڪردار محدود آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي بلڪل ڪمزور آهن. ان جو ڪارڻ آهي تہ سندن ويجها تعلقات سامراجي ڌر ۽ جاگيردارن سان آهن جيڪي اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۾ هڪ جهڙا آهن. هن جو ٻيو ڪارڻ هي بہ آهي تہ پرولتاري ڌر هنن سيني لاءِ هڪ گڏيل خطرو آهي. اهي جمهوري انقلاب جي مطالبي کان ڪوهين ڏور آهن ۽ چين جو بورجوا انهيءَ جي مخالفت ڪري رهيو آهي. جمهوري انقلاب بورجوا جي اڳواڻي هيٺ نہ ٿو اٿي سگهجي. اڳواڻيءَ لاءِ بورجوا سان جدوجهد ڪري اهو انقلاب پرولتاري طبقي کي اٿڻو پوندو. اهڙيءَ ريت بورجوا کي انقلاب جو فطري اڳواڻ سمجهڻ انقلاب کي نهوڙي ناس ڪرڻ برابر آهي.

چين جي پرولتاري طبقي کي غير اهم سمجهندي ڪن ماڻهن کي شڪ آهي تہ اهي پرولتاري انقلاب دوران هاري طبقي، ننڍي بورجوا ۽ دانشورن جي اڳواڻي ڪري ڪونہ سگهندا. هنن ماڻهن کي چيني بورجوا جي سُستيءَ ۽ ڪاهليءَ جي ڪا خبر ڪانہ آهي نہ ڪين چين جي پورهيت طبقي جي اصلي طاقت جو پتو آهي. سامراج جي چين ۾ ڪيل سيڙپ، ڪاروباري مرڪزن ۾ چيني قوم پرستن جو اهم ڪردار، ڪيمونسٽ پارٽي جي تنظيم ۽ اڳواڻي پرولتاري طبقي کي سياسي ۽ تعداد ۾ بورجوا کان وڌيڪ سگهارو بنائي ڇڏيو آهي. پرولتاري طبقو پنهنجي آزاديءَ واسطي پکريائين جاگيردارن ۽ پوءِ سامراجين کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ پرولتاري طبقو هاري ۽ ننڍي بورجوا جي اڳواڻي ڪري سگهي ٿو ۽ سندن حقن جي نمائندگي ڪري سگهي ٿو ۽ کين مڪمل طور آزاد بہ ڪرائي سگهي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ بورجوا هنن لاءِ ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ ٿو سگهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پرولتاري انقلاب دوران هنن سيني جي اڳواڻي ڪري سگهي ٿو. هن مرحلي تي انقلاب جي اڳواڻي پرولتاري طبقي کي ملڻ گهرجي. بورجوا جي ڦرڻي گهرڻي مزاج کي ڀنجي ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ ننڍي بورجوا ۽ هاري طبقي جي اڳواڻي پرولتاري طبقو ڪري، جيڪو کين جمهوري انقلاب ڏانهن وٺي ويندو. اهڙي انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ سندس ٻي منزل سوشلسٽ انقلاب هوندو. اهو ئي سبب آهي جو پرولتاري نہ رڳو بورجوا جو ساٿي ۽ مددگار آهي پر کيس آزاد اڳواڻيءَ جي پڻ ڪوشش ڪرڻي آهي.

❊ ❊ ❊

انقلاب ۾ سندس اڳواڻي کي قائم ڪرڻ ۽ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي مقصد سان پرولتاري طبقي کي پنهنجو پاڻ کي منظم ڪري هڪ آزاد قوت بنائڻ گهرجي. سندس سگهه جي لڳاتار وڌڻ سان هو ننڍي بورجوا ۽ هاري طبقي کي پاڻ سان ملائڻ جي لائق ٿي ويندو سيئي گروهه سندس عزت ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا ۽ متحد محاذ ۾ به سندس اهميت کي محسوس ڪيو ويندو. طاقت کي منظم ڪرڻ ۽ وڌائڻ پارٽي واسطي ضروري آهي ته تنظيم کي اڳتي وڌائي ۽ وڌيڪ مضبوط ڪري، ريڊ آرمي کي وڌيڪ طاقتور ڪري ۽ ان جو تعداد به وڌائي، سوويت کي مضبوط ڪري ٽريڊ يونين کي سگهارو ڪري، سياسي اثر کي وسيع ڪري، ننڍي بورجوا ۽ هاري طبقي کي پاڻ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪڏهن متحد محاذ ناهڻ کان لاپرواهه ٿي وڃبو ته هڪ خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي يعني ساڄي ڌر جهڙيون غلطيون ٿي سگهن ٿيون. تنهن ڪري قومي متحد محاذ واري تحريڪ لاءِ اهو سوچڻ غلط ٿيندو ته اسان پارٽي ميمبرن کي شريڪ ڪرڻ لاءِ ان جي معيار کي گهٽائي سگهنداسون، پارٽي نظم ۽ ضبط ۾ ٿوري نرمي ڪنداسون، يعني ٿورو آزاد قسم جو رويو رکنداسون. پرائين ڪرڻ سان پارٽي اندر اصول ۽ روايتن کي ڇڏي روزگار هٿ ڪرڻ جو غلط لاڙو پيدا ٿي سگهي ٿو. اهڙي سوچ آزاديءَ ۽ پارٽي اتحاد کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندي، بورجوا اندر هليا ايندا ۽ پارٽي مونجهاري جو شڪار بڻجي سگهي ٿي. اهو سوچڻ به غلط آهي قومي متحد محاذ تحريڪ دوران، مزدور تحريڪ ۾ تنظيم جي ڪم کي ڍرو ڪري ڇڏينداسون ۽ پارٽيءَ جي سياسي پروگرام کي هڪ پاسي تي ڍڪي رکي ڇڏينداسون. ائين ڪرڻ سان پارٽيءَ جي آزادي خطري ۾ پئجي سگهي ٿي.

پرولتاري طبقي کي گهرجي ته ٻين سان اتحاد ڪرڻ کان پهريائين پنهنجي پيرن تي بيهڻ واسطي اڻ ٿڪ ڪوششون ڪري. جيڪڏهن اها پنهنجي آزاد حيثيت برقرار رکي ڪانه ٿي سگهي يا پنهنجي آزاد حيثيت تان پاڻ هٿ کڻي ٿي وڃي ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو ته اها ٻين سان اتحاد نه ٿي ڪري بلڪ ٻين جي هٿن ۾ استعمال ٿيڻ لاءِ تيار آهي. جيڪڏهن پرولتاري طبقي جا اهڙا هيٺا حال هوندا ته پوءِ هو متحده محاذ ۾ پنهنجي سگهه ۽ آزاد حيثيت ڪهڙي طريقي سان برقرار رکي سگهندي؟ پرولتاري طبقو ڪهڙي به وقت ۽ ڪنهن به معاملي ۾ پنهنجي آزاد حيثيت تان ڪڏهن به هٿ نه کڻي ۽ پنهنجي بنيادي مقصد کي ڪڏهن به نه وساري، ان کي گهرجي ته هر وڏي واقعي ۽ اهم معاملي جو پنهنجي نقطئه نظر کي آڏو

رکي تجزيو ڪري، پنهنجون الڳ حڪمت عمليون جوڙي ۽ ان مطابق هلي. پنهنجي نقطهٔ نظر ۽ حڪمت عملي بابت ماڻهن کي وڌ ۾ وڌ معلومات ڏئي ۽ متاثر ڪري ۽ ٻين پارٽين ۽ گروهن جي نقطهٔ نظر ۽ حڪمت عمليءَ تي ڀرپور تنقيد ڪري انهيءَ مقصد سان ته جيئن هن ۽ ٻين پارٽين ۽ گروهن جي نقطهٔ نظر ۽ حڪمت عملي وچ ۾ موجود فرق بابت عوام کي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهجي. پوءِ عوام پنهنجي پسند مطابق ڪنهن پارٽيءَ جي چونڊ ڪندو. ان کي گهرجي ته پنهنجي آزاد قسم واري تنظيم جوڙي ۽ پرولتاري خيالن واري عوام جي طاقت کي هڪ جائتو ڪري. ان کان سواءِ اسان جي پارٽي جي تنظيم ڪري ۽ ان ۾ مقصد جي ساڳيائپ پيدا ڪري. پرولتاري طبقي کي گهرجي ته اها پنهنجي بلند حوصلن ۽ اٽل ارادن سان پنهنجي پيرن تي بيهي. ان کان پوءِ ئي صحيح انقلابي حڪمت عملي اختيار ڪري سگهجي ٿي، ٻين کي متاثر ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن کي هنن حڪمت عملين تي عمل ڪرائي سگهي ٿو. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته ٻيا ڪيس متاثر ڪندا ۽ مٿس حڪم هلائيندا. پنهنجين حڪمت عملين موجب هلائيندا ۽ پوءِ سدائين اها ٻين جي پڇ ۾ لٽڪيل هوندي.

پرولتاري طبقي لاءِ لازمي آهي ته دشمن سان جهيڙي ۾ پنهنجي اتحادين سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي. ان کي رڳو ٻانهن ٻيلي ٿيڻو نه آهي. پر دشمن سان جهيڙي مهل پاڻ به اڳتي وڌي ان کي مهاڏو ڏئي ۽ پهرينءَ صف ۾ موجود هجي. پنهنجي اتحادين ۾ جيڪي اوڻايون هجن تنهن تي اڻ ڊري تنقيد ڪري ۽ هنن جيڪي غلطيون ڪيون آهن تن کي وائکو ڪري. جهيڙي دوران پنهنجي هڪ آزاد حڪمت عملي جوڙي ۽ پنهنجي اتحادين ۽ عوام کي ان کان واقف ڪرڻو آهي. تازو اوير سوئيائون Suiyuan واري واقعي دوران، قومي نجات سان تعلق رکندڙ ڪن گروهن هن واقعي بابت پنهنجي حڪمت عمليءَ کي واضح ڪرڻ جي مقصد سان ڪي مڪمل بيان ڪونه ڏنا هئا. نه وري هنن شانگزي ۽ سوئيائون جي اختياريءَ تي ڪا تنقيد ڪئي هئي. چاڪاڻ جو انهن بچاءَ واري حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي نه وري هنن هيبئي ڪاهار Hebie Qahar ۽ نانجنگ Nanjing جي غلطين ڪري مٿن نڪته چيني ڪئي هئي. هن جهيڙي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رضاڪار فوج به ڪانه جوڙي هئي. پر هنن رڳو چندا گڏ ڪري ڪين پهچايا هئا. اها سندن وڏي غلطي سمجهڻ کپي.

❊ ❊ ❊

متحده محاذ ۾ غلطين ڪري خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. اتحادين جي وفادارين جي تبديليءَ ۽ بيوفائي وقت کان اڳي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. تنهن ڪري پرولتاري طبقي کي گهرجي تہ نگراني ڪرڻ لاءِ نظر کي تيز ڪري ۽ مختلف ڌرين جي مزاج جي ڦير گهير تي گهڻو ڌيان ڏئي. پوءِ ڪٿي وفاداري تبديل ڪرڻ وارو اتحادين جو عمل نئيندو ئي ڇو نہ هجي. اتحادين تي تنقيد ڪرڻ واري حق تان دستبردار ٿيڻ نہ گهرجي. اتحادين جو وفاداري تبديل ڪرڻ وارو عمل يا ڪا غلطي متحده محاذ لاءِ وڏو ڏچو پيدا ڪري سگهي ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ اها پرولتاري طبقي کي ڇڏي وڃڻ جي ابتدائي ڪوشش هجي. جيڪڏهن پرولتاري وفاداري تبديل ڪرڻ يا غلطي ڪرڻ تي اتحادين کي واڪو نہ ڪندا يا تنقيد نہ ڪندو تہ هو عوام کي، سخت نگراني ڪرڻ، اتحادين کي وفاداري تبديل ڪرڻ کان روڪڻ، متحد محاذ کي مضبوط ڪرڻ، عوام کي پنهنجو نقطہ نظر ٻڌائڻ، منجهن اثر وڌائڻ ۽ بورجوا اثر ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ سگهندا. پر اها تنقيد پرامن ۽ ايماندارانہ هئڻ کپي. ان ۾ نظرياتي مونجهارو هئڻ نہ گهرجي ۽ تنقيد جو عمل هميشہ جاري هئڻ لازمي سمجهيو وڃي. اسان کي گهرجي تہ غير اهم ڳالهين تي اتحادين سان غير ضروري اختلاف پيدا نہ ڪريون. پر اهم معاملن تي پنهنجي اختلاف راءِ واري حق کي ڇڏي ڏيڻو نہ آهي. ان سان گڏ هي بہ ڪرڻو آهي تہ تنقيد کلئي نموني ۽ عام ماڻهن ۾ هئڻ کپي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ اتحادين تي کلئي عام تنقيد کين تباهہ ڪري ڇڏيندي جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو تہ هو پرولتاري ڌر کان ڇڇي ڌار ٿي ويندا. جيڪڏهن تنقيد جي هٿيار کي استعمال ڪرڻ کان ڊڄي ماڻهو متحد محاذ ۾ اتحادين سان فقط پرامن نموني گڏ تہ رهندو پر سياسي اختلافن کي ڌيان تي ڪونہ آڻيندو ۽ اصولي اختلافن کي بہ وساري ڇڏيندو. سوچ جو اهو طريقو بلڪل غلط آهي جيڪو خطري کان خالي ڪونہ آهي.

ڪي ماڻهو وري هن خيال جا آهن تہ متحد محاذ جي هلچل دوران طبقاتي جدوجهد کي ٿڏو ڪري ڇڏجي. اهي سمجهن ٿا تہ طبقاتي جدوجهد ۽ متحاد محاذ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ڪونہ آهن پر هڪ ٻئي جي مخالف آهن. هن قسم جو خيال ساڄيءَ ڌر سان واسطو رکي ٿو جيڪو غلط آهي. متحده محاذ اهو ڪونہ ٿو چاهي تہ سماج اندر مختلف طبقن جي تضادن ۽ اختلافن کي ختم ڪيو وڃي. اهڙي قسم جا تضاد ۽ اختلاف اڄ بہ قومي متحده محاذ ۾ موجود آهن. اهڙا ساڳيا تضاد خود طبقاتي جدوجهد اندر بہ

آهن. مزدور ۽ هاري طرفان شروع ڪيل طبقاتي جدوجهد، متحده محاذ جي سامراج ۽ جاگيرداري خلاف هلايل تحريڪ کان مختلف آهي جيڪا ان کي نقصان پهچائڻ بدران وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿي.

مزدور، هاري، سامراج ۽ جاگيرداري جي پاڙُن پٽڻ واري انقلاب ۾ اهم طاقت جي حيثيت رکن ٿا. هنن جي پرجوش شرڪت ۽ تائيد کان سواءِ قومي متحده محاذ کي مضبوط بنيادن تي قائم ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. نہ وري انقلاب ڪامياب ٿي سگهندو. پر هي بئي ڏريون تخليقي امڪاني قوت ٻڌجڻ جي لائق ڪونہ آهن. ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۽ ماڻهن بچائڻ وارو سندن جوش ۽ جذبو مٿن استعمال ڪيل، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ ڪري تمام گهٽو گهٽجي ويو آهي. ۽ سندن حياتي ڏک ۽ ڏچي سان ٽمٽار لڳي پئي آهي. اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هو پنهنجي زندگي سک ۽ سٺائي سان گذاري سگهن، جڏهن سندن سماجي حيثيت بلند ٿئي ۽ مٿن ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ ختم ٿئي. ان ڪانپوءِ انقلاب لاءِ سندن جذبا ۽ وفاداري جوان ٿي ويندي. تنهن ڪري متحده محاذ جي تحريڪ دوران پرولتاري طبقي کي مزدور ۽ هارين جي زندگي جي معيار وڌائڻ لاءِ ۽ هارين جي زمين وارن مطالبن لاءِ جهيڙڻو پوندو. جيڪڏهن هنن جا مطالبا مڃيا ويا تہ هاري ۽ مزدور لکن جي تعداد ۾ ٻاهر نڪري ايندا ۽ سر ترين تي رکي بهادريءَ جا ڪم سرانجام ڏيندا ۽ قومي انقلاب جي جنگي ميدان تي بہ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اهڙيءَ ريت هڪ اهڙي اجيت سگهہ جوڙي سگهجي ٿي جنهن کي سامراجي طاقت ننهن چوٽيءَ جي زور لائڻ کان پوءِ بہ جيتي ڪانہ سگهندي. قومي متحده محاذ پاڻ کي سگهاري ڪرڻ لاءِ هن عظيم طاقت کي پاڻ سان گڏ رکڻ واسطي مستقل ڪوشش ڪندو رهي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ مزدورن ۽ هارين جي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ بدران سندن مطالبن جهڙوڪ: بهتر زندگي ۽ زمين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش جي تائيد ڪئي وڃي. جيترو هن طبقي جي تحريڪ تڪڙي، موثر ۽ صحيح هوندي اوترو جلد متحده محاذ طاقتور ٿيندو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان هن قسم جي جدوجهد کي دٻائينداسون، رنڊڪون وجهنداسون تہ اسان جڻ پاڻ متحده محاذ کي ڪمزور ڪري رهيا هونداسون. ائين ڪري جڻ تہ اسان مزدورن ۽ هارين جي مدد ۽ سرگرم ڪارڪردگي کي هٿ سان ڇني ڌار ڪري رهيا آهيون. اهڙيءَ ريت محاذ اڪيلو ٿي پوندو ۽ دشمن ان کي سولائيءَ سان شڪست ڏئي سگهندو. هي سوال قومي متحده محاذ لاءِ نهايت اهم آهي.

هي طبقاتي جدوجهد مزدور ۽ هاري جي اڳواڻيءَ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. جيڪا جاگيردارن ۽ بورجوا جي مفادن خلاف آهي ۽ هنن لاءِ هڪ خطري جي حيثيت رکي ٿي. تنهن ڪري اهي گروهه هن تحريڪ جي ضرور مخالفت ڪندا جيڪا هڪ فطري ڳالهه آهي. ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستن لاءِ جاگيرداري ۽ بورجوا جو خاتمو به خطري جي نشاني آهي. تنهن ڪري مزدورن ۽ هارين جي هلايل هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ سندن مفادن مطابق آهي. پر پرولتاري طبقي کي گهرجي ته ڇا به ٿئي ته به هن تحريڪ کي پوري طاقت سان هلائيندا اچن. جاگيردار زميندار اها پلي زمين آهي جتي فقط غداري اپائي ويندي آهي. جنهن کي سامراج خلاف جهيڙي دوران نهوڙي ناس ڪرڻو پوندو. جيان خلاف جهيڙي ۾ رڌل مزدورن ۽ هارين جي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ جاگيردارن جي مفادن کي قربان ڪرڻو پوندو. امڪان آهي ته طبقاتي تحريڪ دوران قومپرست بورجوا کي ٿورو نقصان رسي. پر انهن کي اڳتي هلي ضرور فائدو ملندو. جنهن ڪاروبار جي ترقيءَ ۾ هن پئسا سيڙايا آهن تنهن کي هن ريت فائدو پهچي سگهي ٿو ته مزدور ۽ هاري جي سامراج خلاف تحريڪ ۾ ڪسٽم جي بحالي، سامراج طرفان تيار ڪيل مال کان بائڪاٽ ڪري قومپرست بورجوا جي صنعت جو مال چين جي مارڪيٽ ۾ پهچي ويندو. ان ڪانسواءِ مزدور ۽ هاري ۾ خريد ڪرڻ جي سگهه اچي ويندي. هن هلچل جو مطلب سرمائيداريءَ جو نقصان نه آهي. امڪان آهي ته ڪجهه سرمائيدار قومي متحده محاذ ۾ شامل ٿي وڃن.

❊❊❊

متحده محاذ ۾ پرولتاري طبقي کي طبقاتي جدوجهد کي ڇڏي ڏيڻ نه کپي. ڇاڪاڻ ته متحده محاذ کي خود پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ طبقاتي جدوجهد جي ضرورت پوندي. اهڙي تحريڪ هلائڻ دوران پرولتاري طبقي لاءِ اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ ضروري آهن جو بورجوا سان ڪي شديد قسم جا اختلاف پيدا نه ٿين. مثال طور هلچل دوران اهو نعرو نه هنيو وڃي ته "سرمائيداري ختم ڪريو." ساڳيءَ ريت غير ضروري هٽ تاڙ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ آهستي ڪم ڪرڻ واري ڳالهه تان به هٿ کنيو وڃي ۽ ڌنو وڃي ته اهڙيون ڳالهيون جيان خلاف هلايل تحريڪ کي ڪو نقصان نه ڪونه ٿيون پهچائين. ان جي جاءِ تي حڪومت قانون وسيلي مزدورن کي جيڪي سهوليتون ڏنيون آهن. ان تي پابنديءَ سان عمل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن. پر جيڪڏهن سرمائيدار مزدورن جي مطالبن کي نه

ٿا مڃين ۽ انهن مطالبن کي مڃائڻ لاءِ مزدورن کي هٿ تاڙ ڪرڻ کان سواءِ ڪو بيو ڳتو ڪونه آهي ته پوءِ مزدورن کي ائين ڪرڻ کان هرگز گهبرائڻ نه گهرجي. پر پرولتاري طبقي کي گهرجي ته تحريڪ دوران هو ننڍين بورجوا جي مفادن جو ضرور تحفظ ڪن ته جيئن سندن مفادن کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچي. جيڪڏهن مزدورن جي مطالبن کي تسليم ڪيو وڃي ته مزدورن کي ٿوري گهڻي قرباني ڏيڻ گهرجي. ان جي بدران پرولتاري بيو فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا يعني هو محصولن ۾ گهٽتائي ڪري سگهن ٿا.

متحده محاذ فقط تڏهن انقلابي چئي سگهجي ٿو جڏهن پرولتاري تنظيمن ۽ تحريڪن جي آزادي تي پابندي نه مڙهي. جيڪڏهن متحده محاذ ۾ متئين طبقي Upper Starta کي شريڪ ڪبو ته ان جي معنيٰ اها ٿيندي ته اسان عوام جي تنظيم جي اصلي بنيادن کي به سهولتون ڏئي رهيا آهيون. جيڪڏهن متحده محاذ ۾ پرولتاري پنهنجي طرفان عوامي تنظيم جي اصلي بنيادن جي تنظيم تي پابندي رکي يا ان کي ختم ڪري ڇڏي ٿو ته اهو انقلاب لاءِ ۽ پڻ خود پرولتاري ڌر لاءِ هڪ ڀيانڪ خطرو آهي.

❋ ❋ ❋

جيڪڏهن رهنمائي لاءِ صحيح حڪمت عملي ۽ تدبير موجود آهي ته جپان سامراج جاگيردارن ۽ غدارن کي شڪست ڏيڻ لاءِ انقلابي قوت جي اڳواڻي پرولتاري ڌر ڪري سگهي ٿي. ان سان گڏ بورجوا جي وفادارين متاثڻ واري سوچ به متجي سگهي ٿي. ائين ٿيڻ سان جپاني سامراج ۽ جاگيردارن جي مفادن خلاف جمهوري انقلاب سوڀ ماڻي سگهي ٿو ۽ سوشلزم جي هڪ شاندار خواب کي عملي جامون پارائي سگهجي ٿو.

گورن جي حڪومت واري علائقي ۾ پارٽي ۽ اتان جي عوام سان سندس رابطو

مئي 1937ع

هڪ مڪمل تبديلي

اتان جي پارٽيءَ ۽ عوام ۾ هڪ قسم جي مڪمل ۽ عام قسم جي تبديلي هئڻ گهرجي پر ڇو؟

ان جو هڪ جواب آهي تہ جپان سامراج ايشيا ڪنڊ بابت اختيار ڪيل پنهنجي حڪمت عمليءَ تحت چين کي غلام ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. ٻئي پاسي اسان جي پارٽيءَ جپان خلاف قومي متحد محاذ جوڙڻ واري حڪمت عملي اختيار ڪري ورتي آهي. جنهن ڪري ساري ملڪ اندر سياسي صورتحال ۽ سماجي لاڳاپن ۾ اهم تبديليون اچي ويون آهن. ڪومنتانگ ۽ سندس ڪارڪن گذريل ڏهن سالن کان وٺي رجعت پسند ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. بورجوا طبقو بہ هڪ پيرو بيهر جپان سامراج خلاف مزاحمتي تحريڪ ۾ اچي شريڪ ٿيو آهي. ٻنهي حڪومتن وچ ۾ هلندڙ دشمني واضح ٿي چڪي آهي ۽ اندروني امن خطري ۾ پئجي ويو آهي. انهن ڳنڀير حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ اتحاد قائم ڪري ورتو آهي. عوام بہ جپان خلاف قومي انقلابي تحريڪ ۾ وڏي پئماني تي شريڪ ٿي رهيو آهي. اهڙين تبديلين ساري ماحول کي متاثر ڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ اهڙيون تبديليون اينديون رهنديون. ماحول جي اهڙي ڦير گهير ڪري اسان جو ڪم بہ اڳتي وڌي رهيو آهي. اهڙي ڦير گهير ڪري سرگرمين، نعرن ۽ حڪمت عملي ۾ هڪ قسم جي تبديلي نظر اچي رهي آهي.

ڪامريڊ مائوزيتونگ پنهنجي هڪ سياسي رپورٽ ۾ هن قسم جو بيان ڏنو آهي تہ موجوده مرحلو چيني انقلاب جي نئين دور جو ٻيو مرحلو آهي. هن مرحلي تي "گهرو ويڙهہ بند ڪريو" ۽ "امن لاءِ جنگ" جهڙا نعرا پراڻا ٿي ويا آهن. موجوده دور جا نعرا هي هئڻ کپن، "اندروني امن کي

مضبوط ڪريو"، "جمهوري حقن لاءِ ويڙهه ڪريو" ۽ "جپان سامراج خلاف مزاحمت جي جنگ جي ابتدا ڪريو". سندس وڏيڪ بيان هن ريت آهي ته موجوده دور جي سرگرمين ۾ جمهوريت لاءِ جهيڙو مرڪزي حيثيت رکي ٿو. تنهن ڪري جمهوريت لاءِ ساري ملڪ اندر هڪ وسيع پئماني واري ويڙهه جي ضرورت آهي. اهڙي جاکوڙ جي سوپ ۽ جپاني سامراج جي شڪست لاءِ قومي متحد محاذ جا مختلف جاين تي مرڪز قائم ٿيڻ گهرجن ۽ مذڪوره شڪست اسان جي پارٽيءَ جي تنظيمي تبديلين تي مدار رکي ٿي.

ساري ماحول ۾ تبديلي، سرگرمين ۾ نواڻ ۽ نعرن ۾ جدت آندي وئي هئي. تنهنڪري پارٽي جي تنظيمي معاملن تحريڪ ۽ ٻين سرگرمين ۾ تبديليون ڪرڻ اسان لاءِ لازم ٿي ويون هيون. اهو صورتحال جو فقط هڪ پاسو آهي. ٻيو طرف هي آهي ته اسان جي پارٽيءَ ۾ عوامي جدوجهد اندر ڪلوزڊ ڊوريزم جون روايتون، سخت قسم جي فرقه پرستي ۽ اصولن جي انحرافي ڪرڻ وارا ايڊوينچرسٽ اڃا به موجود آهن. هن قسم جون ڏنگيون ڏايون روايتون خفيه قسم جي بغاوت سان 7 آگسٽ واري اجلاس ۾ اوچتو ظاهر ٿي پيون هيون جن کي گهڻي عرصي گذرڻ باوجود ختم ڪري ڪونه سگهيا آهيون. جيڪو پارٽيءَ جي ڇهين سينٽرل ڪميٽي جي پلينري سيشن Plenary Session تي ختم ٿيو هو. تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون گهڻن ڪامريڊن جي دماغ ۾ گهر ڪري ويهي ويون آهن. انهن جو اثر پارٽي جي حسب معمول عوام اندر تنظيمي ڪمن ۽ خود عوام ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اها نفرت جوڳي هِڏڪ ۽ هير آهي. اهڙيون ڳالهيون اڄ تائين اسان جي پارٽي جي سيني ڪامريڊن جي روبرو ظاهر ڪونه ڪيون ويون آهن. هنن کي ختم ڪرڻ کپندو هو. اهڙيون گنديون (ڳالهيون) قوميِ متحده محاذ ۽ موجوده دور ۾ عوام کي پنهنجي طرف آڻڻ ۾ وڏي رنڊڪ بڻيل آهن. هن قسم جي خراب روايتن کي اسان جي ڪمن مان ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته نئين قسم جون تنظيمون قائم ڪيون وڃن. تحريڪ ۽ ٻين سرگرمين ۾ ڪي نيون تبديليون آنديون وڃن. ان ڪان سواءِ پارٽي جي مجموعي تنظيمي معاملن ۾ نواڻ آندي وڃي. تنهن ڪري موجوده دوَر ۾ پارٽي جي تنظيمي معاملن جا ٻه پاسا آهن. (1) سڄي ماحول اندر تبديلي جنهن جي معنيٰ آهي حڪمت عملين ۾ تبديلي، جنهن جي تقاضا آهي، هلچل، تنظيم ۽ پارٽي جي سرگرمين ۾ تبديلي. (2) پارٽيءَ ۾ عوام ۾ ڪي غلط ۽ نفرت جوڳيون روايتون موجود آهن جن کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ ڪي تبديليون آڻيون

پونديون. مٿي بيان ڪيل پهرين ڳالهه ۾ اهڙيون تبديليون فوجي ڪارروايون کان پرامن ماحول تائين هونديون. غير قانوني ڳالهين کي قانوني شڪل صورت ڏني ويندي، ڳجهن سرگرمين کي کليل ڪارروايون ۾ تبديل ڪيو ويندو هلچل ۽ پنهنجي اتحادين سان سهڪار ڪرڻ ۾ پڻ تبديليون آنديون وينديون. مٿي بيان ڪيل تنظيمي معاملن جي ٻئي پاسي، هي تبديليون ڪيون وينديون ته مسئلن جي غير احساسي، غير جذباتي، ذهني علم کي تبديل ڪري احساسن ۽ جذبن سان ڀرپور هڪ ظاهري شڪل ڏني ويندي، تقريرن ۽ ڳالهين ڪرڻ بدران انهن کي حقيقي جدوجهد ۾ تبديل ڪيو ويندو ۽ باطني قسم جي فلسفي کي بدلائي جدلياتي شڪل ڏني ويندي. اهڙيءَ ريت پارٽيءَ ۽ عوام اندر ٿيندڙ هي تبديليون بلڪل جامع ۽ واضح آهن. اهو اسان لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو. پر جيڪڏهن هن معاملي کي سهڻي نموني سان اڪلائبو ته ٻين معاملن تي هن جو فيصلہ ڪن اثر ٿيندو. ڪامريڊ اسٽالن جو چوڻ آهي ته ". . . سياسي طريقۂ ڪار جي صحيح ٿيڻ کانپوءِ تنظيمي سرگرميون سڀ معاملا صحيح نموني حل ڪري سگهنديون. . " هن اهم تبديليءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪامريڊن کي ڏاڍي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ گهڻو اڀياس ڪرڻو پوندو.

مان هن حقيقت ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائڻ لازمي ٿو سمجهان ته پارٽي اندر اهڙيون تبديليون ٽئين سال جي ڊسمبر کان شروع ٿيون آهن. اسان کي هاڻي هن قسم جو سوال پڇڻ گهرجي ته "اسان ان ۾ ڪيتري حد تائين سوڀارا ٿيا آهيون؟" ۽ "اسان تبديلين کي ڪيترو ڪامياب ڪيو آهي؟"

ڪيترين جاين تي سياسي نعرن ۽ پروپئگنڊا ۾ تمام گهڻي تبديلي آندي وئي آهي هن معاملي ۾ اسان تمام گهڻا سوڀارا ٿي چڪا آهيون. پارٽي جو سياسي اثر اڳئين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو وڌي ويو آهي ۽ مقبول عام ٿي ويو آهي. عام ماڻهو به هن سان همدردي ڪري ٿو ۽ هر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پر ان هوندي به تنظيمي معاملن ۾ اهڙي تبديلي اطمينان بخش ڪانه آهي. بيجنگ، تانڊن ۽ اتر چين توڙي ٻين وڏن شهرن ۾ بنيادي تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون آهن. اتي عوام اندر ٿيندڙ ڪم ڏاڍو تيزيءَ سان هلي رهيو آهي ۽ پارٽيءَ جي تنظيم به وسيع پئماني تي ٿي رهي آهي. پارٽي تنظيم، عوامي هلچل نهايت ڪاميابي سان لڳاتار اڳتي وڌي رهي آهي. اهڙيءَ ريت پارٽيءَ کي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ مضبوط بنياد ۽ بهتر صورتحال ميسر ٿي رهي آهي. پر ٻين جڳهن تي اهڙيون تبديليون تمام گهٽ ڏسڻ ۾

اچن ٿيون يا تہ اهي اجا شروع ئي ڪونہ ڪيون ويون آهن ۽ پراڻي طريقي ڪي باضابطہ طور هلايو پيو وڃي ۽ ان تي عمل ڪيو پيو وڃي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اتي اسان جي پارٽيءَ ۾ عوام اندر ٿيندڙ ڪم ۾ ڪو سڌارو واڌارو ٿي ڪونہ سگهيو آهي. انهن جاين تي اڳيئي موجود عوامي تنظيمون يا تہ انتشار جو شڪار بڻجي ويون هيون، سندن تعداد بہ مختصر ٿي ويو ۽ زير زمين Under ground ٿي ويون هيون.

اهو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو اسان جي پارٽيءَ ۾ عوام ۾ ٿيندڙ ڪم اندر ڪي خاص تبديليون ڪونہ آيون هيون؟

انهيءَ جا سبب هي آهن. (1) ماضيءَ ۾ اسان ۽ ٻين ڪامريڊن کي اهو احساس ڪونہ هو تہ انهيءَ تبديليءَ جا بہ نقطہ نظر آهن. اها تبديلي نهايت اهم آهي جيڪا وڏي جاکوڙ جي تقاضا ڪري ٿي. پارٽيءَ اندر اسان جو فقط هن ڳالهہ تي زور هوندو هو تہ صورتحال جي تبديلين کي نظر ۾ رکي حڪمت عملي ۾ تبديليون آنديون وڃن. اهو ڪم سولائيءَ سان مڪمل ڪرڻ جهڙو هو. پر اسان ڪلوزڊ ڊوزيزم ۽ ايڊوينچريزم جي روايتن کي تبديل ڪرڻ ڏانهن ڪڌهن بہ زور ڪونہ ڏنو هو. اهڙي صورتحال پورا ڏهہ سال هلي. اسان کي پورو ويساهہ هو تہ اها حڪمت عملي نهايت صحيح آهي ۽ اهو ڪم ڏاڍو مشڪل آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان جي پارٽي کي هڪ مجموعي ۽ مڪمل تبديليءَ جو احساس ئي ڪونہ ٿيو هو. اسان جي ڪامريڊن کي بہ اهو خيال ڪونہ هو تہ پارٽي جي تنظيمي معاملن ۽ عوام اندر هلندڙ ڪم ڪرڻ جا طريقا پراڻا ۽ مدي خارج ۽ غلط آهن جن کي تبديل ڪرڻ لازمي آهي. تنهن ڪري هو خود اعتماديءَ سان اهڙين ڳالهين جو ورجاءُ ڪندا رهيا. چاڪاڻ تہ اسان اهڙين گندين روايتن کي واڌڪو ڪرڻ ۽ ان تي نڪتہ چيني ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيا هئاسون. ان کان سواءِ غلط اصول کي رد ڪري انهن جي جاءِ تي صحيح ڳالهين کي آڏي ڪونہ سگهيا هئاسون. اسان جي ڪامريڊن جو ڏهاڙيءَ جي معمول وارو ڪم بہ انهن پراڻن اصولن جي رهبريءَ هيٺ ٿيندو رهندو هو. هن سان گڏ هڪ ٻي بہ ڳالهہ هئي تہ ڪيترين جڳهن تي سينٽرل ڪميٽي ۽ پارٽي جي تنظيمن ۾ نفاق موجود هو. تنهن ڪري تبديلي سست رفتاريءَ جو شڪار ٿي وئي هئي.

ڪيترن ڪامريڊن جو خيال آهي تہ اهي تبديليون اسان جي حڪمت عمليءَ جو حصو آهن. تنهن ڪري هو متحد محاذ لاءِ چار نعرا

هٿي آرام سان ويٺا هوندا آهن. سندن خيال آهي تہ اها تبديلي پراڻن نعرن جي جاءِ نون نعرن کي آڻڻ لاءِ آهي. سندن نقطہ نظر آهي تہ بيون تبديليون غير ضروري آهن. جيتوڻيڪ هنن متحد محاذ ناهڻ لاءِ سوين نہ پر هزارين پيرا زور پريو آهي. ليڪن هنن اهڙي محاذ جوڙڻ لاءِ رنڊڪون وڌيون آهن ۽ پنهنجي عملي سرگرمين ۾ هن ڳالهہ کي اهميت ڪانہ ڏني آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اسان جي اختيار ڪيل نين حڪمت عملين تي حقيقي معنيٰ ۾ ڪم ڪرڻ بدران ان کي فقط خالي ڳالهين ڪرڻ جو موضوع بڻايو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت پارٽي جي ڪارڪردگي ۽ عوام ۾ ٿيندڙ ڪم جي صورت تبديل ڪرڻ لاءِ بين ڳالهين کان سواءِ اسان جي ڪامريڊن کي موجوده ماحول ۾ ايندڙ تبديلين ۽ نئين حڪمت عمليءَ بابت سمجهائجي. ڪين اهو بہ چئجي تہ اڳين غلط قسم جي روايتن ڏانهن ڏيان ڏنو وڃي ۽ پارٽيءَ اندر سوال اٿاريو وڃي تہ پارٽي سرگرمين اندر مجموعي ۽ اهم تبديلي اچڻ گهرجي. اهڙيون تبديليون انهيءَ ڪري ضروري آهن جو نين حالتن ۾ سرگرمين کي منهن ڏيڻو آهي. بيو تہ هن وقت تائين جيڪي طريقا استعمال ڪندا آيا آهيون سي منڊ کان وٺي غلط هئا.

پارٽي ۽ عوام وچ ۾ لاڳاپو

لکن ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۽ پارٽي اڳواڻي هيٺ قومي انقلاب جي جنگ لاءِ انهن کي منظم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پارٽيءَ ۽ عوام وچ ۾ صحيح لاڳاپا موجود هجن. منجهن ڪليل ۽ ڳجهين سرگرمين لاءِ رابطو هئڻ کپي ۽ مختلف حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ عوامي اڳواڻي لاءِ ماڻهن کي سکيا ۽ تربيت ڏيڻ کپي. اسان کي چٽي ريت سمجهڻ کپي تہ پارٽي تنظيم جي اڳواڻي، عوامي اڳواڻيءَ کان بلڪل نرالي ۽ انوکي آهي. ان کان سواءِ پارٽي اندر ڪم ڪرڻ عوام اندر ڪم ڪرڻ کان بلڪل نيارو آهي. جيڪڏهن اسان جا ڪامريڊ هن حقيقت تي واضح ڪونہ آهن پوءِ اسان کي لکين بلڪ ڪروڙين عوام جي اڳواڻي جا خواب ڏسڻ نہ گهرجن.

پارٽيءَ ۽ عوام ۾ تعلقات ڪهڙي ريت قائم ڪري سگهجن ٿا؟

پارٽي، عوام جو اڳواڻ ۽ هر اول دستو هوندي آهي. پر عوام اندر ڪم ڪندڙ پارٽي جا ڪارڪن عوامي اڳواڻ ٿي سگهن ٿا يا نہ؟ (يعني اهو پاڻهرتو نہ پر ماڻهن ڪيس پنهنجو اڳواڻ مڃيو هجي) اهڙي اڳواڻيءَ جو تعين نہ قانوني نقطو آهي نہ وري پارٽي طرفان اهڙي تور تڪ ٿيندي آهي. پر

پارٽيءَ جا اهڙا ڪارڪن ماڻهن کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندا آهن، پنهنجا ذاتي مفاد قربان ڪري ڇڏيندا آهن ۽ عوامي مفادن کي نهايت اخلاص ۽ ايمانداريءَ سان اوليت ڏيندا آهن ۽ سالن جي ڏکهي هلچل وسيلي ماڻهن کي چڱيءَ طرح سمجهائي سگهندا آهن تہ اسان جا خيال ۽ نظريا ٻجَ وانگي نِجُ ۽ سچا آهن. جيڪڏهن عوام ڏسندو تہ سندن اڳواڻ پارٽيءَ ۽ ڪامريڊن سان تعلق رکن ٿا تہ پوءِ اکيون ٻوٽي موت ۽ زندگي واري هلچل ۾ ڏوڪي ڪاهي پوندا. اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان پنهنجي ضمير جي آواز مطابق گهٽي وقت کان وٺي محنت ڪندا اچون.

تنظيمي نقطءِ نگاهہ کان اسان ماڻهن کي پابند نہ ٿا بڻائي سگهون تہ هو اسان جي حڪمن مطابق هلن. نہ وري اسان سندن تنظيمن تي زور ڀريندا سون تہ پارٽي جي حڪمن تي عمل ڪن. پر اسان جي ڪوشش اها هوندي تہ عوام پارٽيءَ جي حيثيت پاڻ قبول ڪري. جڏهن اسان عوام کي پنهنجي پارٽي جي حيثيت مڃڻ لاءِ چونداسون تہ پوءِ عوام جي تنظيمن جي تنظيمي آزادي جمهوري حق ۽ اظهار خيال کي تسليم ڪرڻو پوندو.

جيتوڻيڪ اسان جي حيثيت جي فقط ٿورا ماڻهو تائيدا ڪندا، پر پنهنجي حيثيت جي حفاظت ڪندي، سرگرمين دوران اسان کي اڪثريت جي خيالن کي مڃڻو پوندو. جڏهن اسان اڪثريت ۾ هونداسون تہ فقط ان وقت پنهنجي مخالف اقليت کي چونداسون تہ اسان جي نقطءِ نظر کي تسليم ڪري.

عوام اسان کي عزت تڏهن ڏيندو ۽ اسان ۾ ويساهہ بہ تڏهن ڪندو جڏهن اسان جا ڪامريڊ عوام جو احترام ڪندا ۽ مٿن ڀروسو ڪندا. اسان عوام وٽ انهيءَ ڪري ويندا آهيون جو اسان انهن جو حصو هوندا آهيون. انهن آڏو اسان پنهنجو نقطئہ نظر ۽ طريقءِ ڪار رکندا آهيون. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو اسان جي نقطئہ نظر ۽ طريقءِ ڪار کي پنهنجو ڪري سمجهن ۽ رضاڪارانہ طور اسان سان گڏ سرگرمين ۾ شريڪ ٿي وڃن. اسان پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ميمبر يا خود ساختہ اڳواڻ سمجهي مٿن حڪم هلائي ڪونہ ٿا سگهون.

هن حقيقت مان واضح ٿي وڃي ٿو تہ پارٽي ڪارڪنن ۽ عوام وچ ۾ صحيح قسم جا لاڳاپا هئڻ کپن. اسان جا گهڻا ڪامريڊ هن ڳالهہ کي سمجهي ڪونہ ٿا سگهن. ڪيترا ڪامريڊ اهڙا بہ آهن جيڪي چاهن ٿا تہ عوام سندن چئي آکئي ۾ هجي ۽ سندن حڪمن تي فرمانبرداريءَ سان عمل

ڪري پر هو پاڻ تي عوام جي عزت واجب ڪونہ ٿا سمجهن، نہ وري سندن خواهشن جو احترام ڪندا آهن. سندن اها بہ سوچ آهي تہ عوام جو اڳواڻ خود ساختہ هئڻ کپي، يا پارٽي جي قرارداد مطابق ڪيس مقرر ڪيو وڃي. پارٽي جي ساري معاملي کي پنهنجي ذاتي خواهش مطابق هلائيندا آهن ۽ پنهنجي مرضيءَ کي ماڻهن مٿان مڙهيندا آهن. ائين ڪرڻ سان عوامي تنظيم جي آزادي ختم ٿي ويندي آهي ۽ سندن جمهوري حق بہ پامال ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ائين ڪيو ويندو تہ اهڙي غلطي سان پارٽي جي انهن ڪوششن تي پاڻي ڦري ويندو جيڪي انهن ماڻهن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ ڪيون ويون آهن.

هي غلطي اها آهي تہ پڇ جيان عوام جي ڪڍ ڦرندو نہ رهجي. جڏهن عوام اسان جو صحيح نقطءِ نظر نہ مڃيندو آهي تہ اسان ڏاڍا مايوس ٿي ويندا آهيون ۽ سندن غلط قسم جي نظرين کي مڃي وٺندا آهيون ۽ پڇ بنجي سندن پٺيان لڳي پوندا آهيون. ان جي بدران هئڻ ائين کپي تہ اسان انهن کي ٺڏي سيني سان پنهنجي نقطءِ کان واقف ڪريون ۽ کين سياسي شعور ڏيون. اسان جي پارٽي ۽ ڪومنتانگ جو عوامي اڳواڻي جي معاملي تان اختلاف هلندڙ آهي. تنهن ڪري اسان لاءِ اشد ضروري آهي تہ اسان جو عوام سان سهڻو سلوڪ ۽ ماڻ مرجاتا وارو رابطو هجي. ڪومنتانگ وارا عوام جي عزت ڪانہ ڪندا آهن نہ وري سندن حقن جو احترام ڪندا آهن، مٿن حڪم هلائيندا آهن ۽ ڏاڍ ڏمر ڪرڻ کان بہ ڪونہ گسندا آهن. جيڪڏهن اسان جو ساڻن رويو هن جي خلاف هوندو تہ عوام ڪومنتانگ کي ڇڏي اچي اسان جو پاسو وٺندا ۽ اسان جي ڪامريڊن کي پنهنجو اڳواڻ تسليم ڪندا.

کليل ۽ ڳجهين سرگرمين جو پاڻ ۾ رابطو

کليل سرگرمين کي ڳجهين سرگرمين سان ڪهڙي نموني سان پاڻ ۾ ڳنڍي سگهجي ٿو؟

حقيقت ۾ هي سوال پارٽي جي ڳجهين تنظيمن ۽ عوام جي وچ ۾ لاڳاپو هوندو آهي.

مختلف جڳهن تي موجود ڪامريڊن کي گهرجي تہ هو پنهنجي اندازي مطابق پهريائين خاص وقت تي خاص علائقي جي صورتحال جو اڀياس ڪن ۽ تعين ڪن تہ ڪهڙي قسم جي تنظيم ڪاري، سرگرمي کي ظاهر نيم ظاهر يا ڳجهو ڪري هلائجي، جيڪا ان صورتحال ۽ وقت جي نزاڪت

سان سهمت هجي. ان سان گڏ اهو به ڏسڻو پوندو ته ڪهڙيون قانوني تنظيمون (پلي اهي ڪڏهن رجعت پسند به رهيون هجن)، سياسي قسم جا ادارا عوام سان تعلق ۾ آهن (مثال طور ڳوٺاڻي پنچائت سان) جيڪي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪيا ويا آهن. اسان انهن تنظيمن ۽ ادارن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪلي سگهون ٿا. جيڪي هنن سان گڏجي ڪم ڪندا. اهڙي قسم جي اندازن ۽ جاچ پرک کان پوءِ تعين ڪري سگهنداسون ته ڪهڙيءَ ايراضيءَ ۾ سرگرمين جي ظاهري شروعات ڪري سگهجي ٿي انهيءَ مقصد سان جيئن اسان پنهنجي زير زمين ڳجهن مرڪزن سان ظاهري يا کليل سرگرمين واسطي رابطو ڪري سگهون. ماضيءَ ۾ اسان اهڙي جاچ پرک ۽ تئونڪرو ڪونه ڪندا هئاسون. ان جو نتيجو اهو نڪرندو هو جو اسان کان وڏيون غلطيون ٿي ويندڻيون هيون. عام اندازو اهو آهي ته عام ماڻهو ۾ تبديليءَ جو امڪان آهي جنهن ۾ اسان جون سرگرميون جاري رهنديون آهن. جيڪڏهن امن امان قائم ٿي ويندو ۽ ڪومنتانگ۔ ڪميونسٽ باهمي اتحاد قائم رهيو ته اهڙو امڪان موجود آهي ساري ملڪ ۾ اسان جون کليل سرگرميون شروع ٿي وڃن. پر اهي کليل قسم جون سرگرميون مختلف جڳهين تي مختلف قسم جون هونديون. ڪن جڳهين تي اسان جو مکيه ڪم قانوني سرگرميون هونديون. ڪن جاين تي اسان جون فقط اڌ سرگرميون ظاهر يا کليل هونديون. ٿي سگهي ٿو ته اتي کليل سرگرمين جو امڪان گهٽ هجي. تنهن ڪري اسان جو مکيه ڪم ڳجهين سرگرمين وسيلي ڪيو ويندو. جيڪي علائقا جپان جي هٿ هيٺ آهن يا جپان پسند عنصر يا انهيءَ جي حمايتن جي حڪومت هيٺ آهن ته اهڙن علائقن ۾ اسان جي حڪمت عملي ضرور ڳجهي رهندي. اهڙيون امڪاني تبديليون اسان جي دماغ ۾ موجود آهن ته ڪٿي کليل ۽ ڪٿي اڌ ڳجهيون اڌ کليل سرگرميون جاري رکيون وينديون جيڪي وسيع پئماني تي هونديون ۽ کليل ڳجهين سرگرمين وچ ۾ رابطي جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويندي. اهڙيءَ ريت کليل ۽ ڳجهين سرگرمين وچ ۾ موجود رابطي جي اهميت ڪي هر حالت ۾ بحال ڪيو ويندو ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ڪانه ايندي. جيڪڏهن اهو نه هوندو ته اهو نهايت اهميت وارو سوال هوندو.

جيتري قدر حالتون اجازت ڏينديون ته اسان جون امڪاني حد تائين سرگرميون قانوني ۽ کليل هونديون. ڳجهي پارٽي پنهنجو گهڻو ڪم کلئي

طريقي سان ڪري ڪانہ سگهندي آهي. پر ڪي ڪم اهڙا آهن جن کي کلئي طريقي سان ڪري سگهجي ٿو. کليءَ ريت ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي موقعي جي تلاش ۾ رهڻ گهرجي. اهڙا ڪم محدود ضرور آهن پر اهم وڏيڪ آهن. جڏهن موقعو ملي تہ ڪي ابتدائي قسم جا اسڪول قائم ڪيا وڃن يا اڻ ڏري ۽ کليل قسم جي تنظيم قائم ڪئي وڃي. يا ڪو غير وابستہ قسم جو رسالو جاري ڪيو وڃي. جنهن تي جلد ئي قبضو ڪري وٺنداسون. هتي ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جو چوڻ آهي تہ "اسان هن جيان اڏ کليل ڪم کلئي طريقي سان ڪونہ ڪري سگهنداسون ۽ کليل سرگرمين تائين اوهان پلي اسان کي ڪيڏي چڏيو." چو؟ سندن چوڻ آهي تہ ائين ڪرڻ سان پنهنجي پارٽيءَ جو پروگرام جو ننڍڙو حصو بہ کليءَ ريت ٻڌائي ڪونہ ٿا سگهون. تنهن ڪري هنن ماضي جي اهڙي کليل قسم جي ڪمن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. تبديل ٿيندڙ حالتن اندر اسان کي پتو ڪونہ ٿو پوي تہ کليل قسم جون سرگرميون الائي وڌي وينديون الائي گهٽجي وينديون پر اسان کي ايتري حد تائين اڳتي وڌڻ گهرجي جيتري حالتون اجازت ڏين. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ کليل قسم جون تنظيمون ۽ سرگرميون اڏ کليل ۽ ڳجهن سرگرمين ۾ ورهائجي وينديون. کليل سرگرمين جي معنيٰ آهي اهو ڪم جنهن جي قانوني طور اجازت هجي قانوني هجڻ مان فائدو حاصل ڪرڻ جي معنيٰ قانون پرستي ڪانہ آهي. ماضيءَ ۾ اسان قانون پرستي خلاف تحريڪ هلائي هئي. پنهنجي خيال جو اظهار هن ريت ڪيو هو تہ جيڪو ڪم قانوني طور ڪيو وڃي ٿو اها قانون پرستي آهي. اها بلڪل غلط ڳالهہ هئي تہ جيڪڏهن حالتون اجازت نہ ڏين تہ اڻ ڏرين تنظيمن ۽ پيلو يونينس کي ريڊ يونينس ۾ بدلائي ڇڏجي. حالتن ڪان مجبور ٿي ڪيتريون تنظيمون زير زمين هليون ويون. ڪيئي ماڻهو جان جوکي ۾ وجهي کليءَ ريت ڪم ڪرڻ لڳا هئا. اصول مطابق عوامي ڪم کليءَ ريت هئڻ کپي. ڪن حالتن اندر اهو جزوي طور کليل يا ظاهر هوندو آهي. پر پارٽي اندر ٿيندڙ ڪم ڳجهو هئڻ کپي يا جڏهن ممڪن هجي تہ جزوي طور کليل هجي. پر پارٽيءَ اندر ٿيندڙ ڪم جو طريقو عوام اندر ڪتب نہ آڻجي. جيڪو ڪامريڊ عوامي طريقي سان انهن ۾ کليءَ ريت ڪم ڪري رهيو آهي. کيس گهرجي تہ هو اهو نہ ڏيکاري تہ هو ڪو مختلف ماڻهو يا ڪميونسٽ آهي. جيڪڏهن ڪو ڪامريڊ عوام اندر کليءَ ريت ڪم ڪري رهو آهي تہ کيس گڏوگڏ پارٽي تنظيم اندر ڳجهين سرگرمين ۾ ڪم

ڪرڻ نہ گھرجي. هن کي جڳائي تہ ساٿن سڀ لڳ لاڳاپا ڇني ڇڏي، پارٽي سان سندس واسطو هڪ اهڙي چمڙا پوش ڪامريڊ وسيلي هئڻ کپي جنهن کي پارٽي هن ڪم لاءِ مقرر ڪيو آهي. پارٽيءَ جا ڳجها دستاويز عوامي تنظيمن کان پري رکيا وڃن. دشمن کي کليءَ ريت ڪم ڪندڙ ڪامريڊن وسيلي اهڙو وجهہ نہ ملڻ کپي جو ڪيس پارٽي تنظيم جي واسطن رابطن بابت ڄاڻ ملي وڃي.

کليل قسم جي تنظيمن جو حساب ڪتاب پارٽي دستاويزن ۽ تصنيفن سان گڏ نہ رکڻ گھرجي. انهيءَ لاءِ تہ متان دشمن کي اهو پتو پئجي وڃي تہ پارٽيءَ جو عوامي تنظيمن سان ڪو لڳ لاڳاپو موجود آهي. طريقا بہ بلڪل مختلف ڪم آندا وڃن. پارٽيءَ اندر ڪم ڪرڻ لاءِ جدا ڪارڪن هئڻ کپن ۽ عوام اندر ڪم ڪرڻ لاءِ جدا ڪارڪن هئڻ گھرجن. اهڙيءَ ريت ڳجهي ۽ کليل تنظيمن لاءِ بہ جدا جدا ڪارڪن مقرر ڪيا وڃن. هڪ پاسي جي تنظيم ٻئي سان گڏائي وچڙائي نہ وڃي. نہ وري هڪ جي طريقن کي ٻيءَ ۾ استعمال ڪيو وڃي. ماضيءَ ۾ ٻنهي قسم جي تنظيمن کي هڪ ٻئي سان گڏايو وچڙايو ويو هو جيڪا وڏي غلطي هئي ۽ طريقہ ڪار بہ ساڳيو رکيو ويو هو. جيڪڏهن کليل تنظيم کو ڪم ڪندي هئي تہ اهو ساڳيو ڪم ڳجهي تنظيم بہ ڪندي هئي. جيڪڏهن ڪو ڪم ڳجهي تنظيم ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪندي هئي سو ڪم کلي تنظيم بہ ڪندي هئي جنهن ۾ وڏو جوکو هوندو هو. (مثال طور هڪ ماڻهو زيرِ زمين تنظيم جو نگران آهي تنهن کي کليءَ تنظيم جو پڻ عهديدار مقرر ڪيو ويو آهي.) اهڙيءَ ريت جيڪي ڪم کليءَ ريت يا ڳجهيءَ ريت ڪيا ويا سي چڱيءَ ريت ڪري ڪونہ سگهيا ويا. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو پارٽيءَ جون ۽ عوامي سرگرميون تباهہ ٿي ويون.

ماضيءَ ۾ ڳجهن ۽ کليل سرگرمين وچ ۾ رابطي واري سوال کي نظرانداز ڪيو ويو هو جيڪا هڪ وڏي غلطي هئي. اسان هي سوال پارٽيءَ ۾ بہ ڪونہ اٿاريو هو ۽ حل ٿيڻ جي ضرورت تي زور بہ ڪونہ ڏنو هو. لينن چيو آهي تہ . . . جيڪڏهن پرولتاري انقلابي پارٽي پنهنجي زوردار تحريڪ دوران هن نظريي جي حامي نہ هجي تہ قانوني ۽ غير قانوني تحريڪن کي پاڻ ۾ ملائي هلائڻ ضروري آهي. نہ رڳو اهو پر رجعت پسند پارليامينٽ ۽ ٻين ادارن ۾ بہ اندر گھڙي وڃو جن کي رجعت پسند قانونن ممنوع قرار ڏئي ڇڏيو آهي، تہ 1908ع کان 1914ع تائين بالشويڪ پارٽي بچي ڪانہ سگهي

ها (جيڪا طاقتور ٿيڻ، اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي طاقت گڏ ڪرڻ لاءِ اڪيلي رهجي وڃي ها) (sick benefit societir etc)

چيني پارٽي پنهنجي جدوجهد جي تاريخ ۾ لينن جي هن قسم جي اظهارِ خيال کي سچو سمجهيو آهي. ماضيءَ ۾ اسان گوري حڪومت کان پنهنجي تنظيمن کي بچائي ڪونہ سگهيا آهيون. ان ڪري مضبوط ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ جي باري ۾ ڪجھ بہ چئي ڪونہ ٿا سگهون.

موجوده دور ۾ اسان کي هڪ طرف ڪومتنانگ حڪومت کان هن مطالبي ڪرڻ لاءِ عوام کي گڏ ڪرڻ گهرجي تہ قومي نجات جي مقصد سان لاڳاپيل سيني اتحادن کي کليءَ ريت ڪم ڪرڻ جي اجازت ملڻ گهرجي، سيني غير قانوني تنظيمن کي رجسٽر ڪري کين قانوني حيثيت ڏني وڃي، عوام کي جلسن جلوسن ڪيڻ، تقرير ڪرڻ ۽ هڙتاڙ ڪرڻ جو حق ملڻ کپي. ٻي ڳالھ تہ ماڻهن کي ڪن اڻ ڏرين تنظيمن وسيلي منظم ڪيو وڃي جيڪي هتي اڳ ۾ ئي موجود آهن ۽ اتي وڃي تنظيمي ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. ڪامريڊن کي انهن اڻ ڏرين تنظيمن ۾ وڃي نهايت اخلاص ۽ ايمانداري سان ڪم ڪرڻ گهرجي تہ جيئن عوام جي مطالبن مطابق ڪم ڪري سگهجي ۽ اسان کي اڳواڻيءَ جي حيثيت ملي وڃي. انهن کي گهرجي تہ هنن تنظيمن کي ”ريڊ تنظيمن“ ۾ تبديل نہ ڪن ۽ اڻ ڏرين تنظيمن ۾ رهن ۽ قانوني روپ ۾ رهن.

جپان جي هٿ هيٺ وارين ايراضين ۽ سندن حمايتي ماڻهن جي ضابطي وارن علائقن ۾ اها عقلمنديءَ جي ڳالھ ڪانہ ٿيندي تہ قومي نجات لاءِ وڙهندڙ تنظيمن ٻين اهڙن نالن وارن اتحادن يا ماڻهن کي منظم ڪجي. انهن علائقن ۾ ماڻهن کي منظم ۽ متحد رکڻ جو سنو طريقو اهو آهي تہ انهن کي اڻ ڏرين تنظيمن ۽ قانوني قسم جي تنظيمن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو وڃي جيڪي هنن علائقن ۾ اڳئي موجود آهن.

پارٽيءَ جي شڪل صورت جي تبديلي

پارٽي کي بالشويڪ طريقي مطابق هلائڻ ۽ تنظيمن کي وڌيڪ پڪيرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ سان جپان کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي ۽ عوامي اڳواڻي پرولتاري ڏر جي حوالي ڪري سگهجي ٿي.

سينٽرل ڪميٽي جي مدد سان مختلف جاين تي قائم ڪيل مرڪزن کي بنا ڪنهن دير جي بحال ڪيو وڃي ۽ پارٽي ڪارڪنن جي چوند بہ سوچي سمجهي ڪئي وڃي.

پارٽيءَ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪرڻ، ترقي ۽ سرگرمين لاءِ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اتحاد ضروري آهي. هن جو امڪاني نتيجو اهو به پيدا ٿي سگهي ٿو ته بورجوا، پارٽي مٿان اثر انداز ٿيڻ شروع ڪندو ۽ اندروني ڪوشش ڪندو ته ان جي اهميت ختم ٿي وڃي. ان ڪري پارٽي جي آزادي ۽ اتحاد قائم رکڻ لاءِ اسان کي هي ڳالهيون ڪرڻيون پونديون.

(1) پارٽيءَ ۾ داخلا لاءِ گنجائش رکي ويندي ۽ ڪين ٿوري وقت لاءِ آزمائشي طور رکيو ويندو. پر ڪارڪنن کي اهڙين ڳالهين کان آجو رکيو ويندو.

(2) پارٽي ڪارڪنن کي پارٽي اصولن کان باشعور رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

(3) پارٽي اندر جمهوري اصولن جي پابندي ڪرڻ سان گڏ نظم ۽ ضبط جو سخت خيال ڪيو ويندو.

(4) پارٽي ڪارڪنن جي چونڊ نهايت خبرداريءَ سان ڪئي ويندي.

(5) ساڄيءَ ڌُر ڌانهن لڙڻ واري لاڙي ڌانهن ڌيان ڏيڻ جي سخت ڪوشش ڪئي ويندي. مٿي پارٽي ڪارڪنن جي شامل ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ پارٽي جي ڳجهي تنظيم سختيءَ کان ڪم نه وٺندي.

ڪن جڳهن تي پارٽي تنظيمن کي بحال ڪرڻ ۽ انهن کي هنڌين ماڳين قائم ڪرڻ جو ڪم پارٽيءَ جي مکيه ۽ عام ڪارڪنن تي مدار رکي ٿو جيڪي پارٽيءَ سان سچا ۽ مخلص آهن. اهڙن ماڻهن کي سعيو ڪري ڪيڏانهن بئي پاسي بدلي ڪرڻ نه گهرجي.

پارٽي اندر ڪم ۽ ٻاهر عوام اندر ٿيندڙ ڪم ۾ فرق سمجهڻ گهرجي. پارٽي اندر ٿيندڙ ۽ تنظيمي ڪم کي ڳجهو رکڻ ضروري آهي. عام ڪارڪن اهڙن ڪمن کان واقف هئڻ نه کپي. خاص ڪري انهن ڪارڪنن کي پارٽي اندر ٿيندڙ ڪم کان پري رکيو وڃي جيڪي ٻاهر عوام ۾ ڪم ڪندا هجن.

پارٽي جو حصو مختصر هئڻ کپي. غير ضروري تنظيمن ۽ طبقن واري روايتن کي ختم ڪيو وڃي. سندن ٻين ماڻهن سان واسطا خاص طور تي انهن ڪامريڊن سان قائم ڪيا وڃن جيڪي ٻاهر ڪلئي نموني ڪم ڪري رهيا آهن. پر ان ۾ ٿوري اٽڪل بازي ۽ چالاڪي هئڻ کپي. هي زير زمين ڪم ڏکيو آهي پر نهايت اهم آهي. هنن ننڍڙين زير زمين يا ڳجهين تنظيمن کي ان وقت به محفوظ هجڻ کپي جڏهن صورتحال سرگرمين شروع ڪرڻ جي اجازت به ڏئي. جڏهن ٻاهرينءَ کليل ڪارڪردگي جا امڪان روشن هجن ته عوامي تنظيمون ۾ ڪامريڊ عوامي خدمت لاءِ جاڪوڙ ڪن.

جيتري قدر پارٽي جي ڳجهي سرگرميءَ جو تعلق آهي تہ اسان کي سچيتائي، اورچائي ۽ صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ جلد بازيءَ ۽ لاپرواهيءَ کان پاسو ڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ صورتحال تبديل ٿيڻ سان جيڪي شيون اڄ غير اهم نظر اچي رهيون آهن سي سڀاڻي ڦري وڏيڪ اهم حيثيت وٺي سگهن ٿيون ۽ جيڪو ڪم اسان اڄ ڪري رهيا آهيون سو متان سڀاڻي جي ابتدا هجي. ماضيءَ ۾ اسان جي ڪامريڊن وٽ ڪوبہ ڏگهو نقطئہ نظر ۽ صبر ڪونہ هو. وٽن اڻ سهڻ جوڳي جلد بازي هوندي هئي ۽ گهڻا لاپرواهہ بہ هوندا هئا. اڄ بہ سندن حال اهو آهي جو جيڪڏهن ڪين ڪو ڪم حوالي ڪيو وڃي ٿو تہ موجوده حالتن جو تہ ڪو خيال ئي ڪونہ ٿا ڪن نہ وري مستقبل جي امڪاني صورتحال جو ڪين تؤنڪرو آهي. اهي پارٽي ڪارڪن بہ عام ماڻهن جي روبرو پڌرتي ڪندا آهن، انقلاب ۾ برتري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڪڏهن جو فصل ڪٽي ديرن ۾ سڪڻ لاءِ رکڻ واسطي مهم هلائيندا آهن، پارٽي جي ڪارڪنن جي بدلي ۽ پارٽي تنظيم جي ردوبدل بہ مرضيءَ مطابق ڪندا آهن سندن اهڙي جرئت ۽ ڏاڍائي ڪري هن کان پوءِ موت جي خوف کان ڏجي ڪامريڊن جي اوڻاين تي انصاف سان تنقيد بہ ڪانہ ڪري سگهبي يا تنقيد ڪرڻ کان هترائجي وڃبو. پارٽيءَ جي زيرِ زمين واري حصي ۾ بدنظميون موجود آهن جنهن کي بند ڪرڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن اسان جي زيرِ زمين يا ڳجهيءَ تنظيم ۾ بدنظمي موجود آهي تہ سرگرميون بند ڪرڻ گهرجن. صورتحال خراب هئڻ جي حالت ۾ اتي رهندڙ اٿالي کي ٿوري وقت لاءِ نڪري وڃڻ گهرجي. (جيڪڏهن ممڪن آهي تہ). حفاظت جي يقين دهاني کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جي سرگرمي شروع ڪرڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن ڪم صحيح نموني سان نہ ٿيو آهي تہ ڪنهن بہ قسم جي فڪر جي ڳالهہ ڪانہ آهي. پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ تنظيم کي تباهہ ٿيڻ نہ گهرجي. اسان کي گهرجي تہ زيرِ زمين تنظيمي حصن کي قائم ڪرڻ ۾ خاص ڌيان ڏيون ۽ انهن کي وڏين مصيبتن ۾ لڏڻ لمڻ نہ کپي.

اسان کي انهن ڪامريڊن خلاف سخت قدم کڻڻ کپي جيڪي زيرِ زمين سرگرمين جي اصولن ضابطن کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

اسان دشمن جي چاڙتن سان ان وقت مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهنداسون جڏهن اسان ٻاهرئين ظاهر ڪم کي زيرِ زمين ڪم سان ملائي

اڳتي وڌنداسون ۽ زيرِ زمين تنظيم پنهنجون سرگرميون نظم ضبط سان هلائيندي ۽ ڪنهن لاپرواهي ۽ سستيءَ کان ڪم نہ ورتو ويندو. اهو بہ ٽئونڪرو (خدشو) آهي تہ متان دشمن جا ڇاڙتا اسان جي پارٽي يا تنظيم اندر گهڙي اچن تنهن ڪري ڪارڪنن جي چونڊ نهايت خبرداريءَ سان ڪرڻي پوندي. اسان کي ڪوشش ڪرڻي پوندي تہ جيئن دشمن ڌر جو جاسوس اسان کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچائي سگهي. تنهن ڪري ٻاهرئين ۽ زيرِ زمين سرگرمين ۾ رابطي رکڻ مهل نهايت سُرت ۽ سچيتائي کان ڪم وٺڻ کپي.

جيڪڏهن حالتون اجازت ڏين تہ پارٽيءَ جي اندروني جمهوريت کي اڳتي وڌائڻ گهرجي. پارٽيءَ اڳواڻ ڌرين کي هر ننڍي وڏي ڪارڪن سان لاڳاپي رکڻ جي موڪل ڏني وڃي. اڳواڻن تي تنقيد ڪرڻ جي همت افزائي ڪئي وڃي ۽ پاڻ ۾ بحث مباحثي ڪرڻ جي روايت پيدا ڪئي وڃي. اسان کي نہ رڳو جمهوري سلسلو شروع ڪرڻ گهرجي پر اسان کي پنهنجي سرگرمين اندر پڻ جمهوري ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ ۽ وڪالت ڪرڻ کپي. اڳواڻ ڌرين کي ڪامريڊن جي نقطئہ نظر تي خبرداريءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. کين جيڪي حق مليل آهن تن جو خيال ڪرڻ نهايت ضروري آهي. پارٽي اندر اڳواڻ ڪارڪنن کي ڪنهن بہ قسم جي رعايت مليل ڪانہ آهي. انهن کي پنهنجي اڳواڻ حيثيت تي فخر ۽ آڪڙ ڪرڻ نہ کپي. کين گهرجي تہ اڪثريت کي عزت ڏين، نظم ۽ ضبط اختيار ڪن، ماتحتن جي تنقيد سهن، هيٺان موڪليل رپورٽن تي چڱيءَ ريت ڌيان ڏين ۽ لاڳاپيل ڪامريڊن کي تفصيل سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن. هي هڪ جمهوري اصول آهي جنهن جي پارٽيءَ جي هر ڪارڪن کي عزت ڪرڻي پوندي. هي جمهوريت جو جوهر ۽ طرز فڪر آهي، جيڪو پاڻ کي هر وقت نئين ترتيب ۾ پيش ڪندو آهي. جنهن جي مدد سان بين ڪامريڊن کي پڻ سيکاري سگهبو آهي. هن جمهوري اصول جي پارٽيءَ ۾ بہ ضرورت هوندي آهي.

پارٽيءَ ۾ حڪم هلائڻ ۽ سزائن ڏيڻ جا تمام گهڻا مثال موجود آهن. اسان جا ڪامريڊ سياسي ۽ اصولي نقطئہ نگاهہ کان مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. ان بدران نظم ضبط ۽ تنظيم ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳا آهن. ڪي ڪامريڊ اهڙا آهن جيڪي نظم ۽ ضبط سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ جي لائق ڪونہ آهن. هن کان سواءِ انهن ۾ جوش ۽ احساس ڪونہ آهي هر قسم جو ڪم مشين وانگي ڪندا آهن اڳواڻ ٿيڻ لاءِ سندن

ارادا اڻل ۽ قطعي هوندا آهن. سندن اهو عمل غير جمهوري آهي. هر مسئلو سياسي ۽ اصولي طرح حل ڪيو وڃي. ان ڪان پوءِ تنظيمي ۽ نظم ضبط سان لاڳاپيل مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. پارٽيءَ اندر نظم ۽ ضبط discipline تمام ضروري هوندو آهي. جنهن تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي. پر ان ۾ سختي تڏهن ڪئي وڃي جڏهن ڏسجي ته انهيءَ ڪان سواءِ ڪو ٻيو گس ڪونه آهي. نظم ضبط جو مطلب آهي ته ڪامريڊ پارٽي تنظيم ۽ اڪثريت جي چونڊ ۾ هجن ۽ پاڻ کي ان جو ماتحت سمجهن. ان جو مطلب اهو ڪونه آهي ته پارٽي اڳواڻ ڪامريڊن کي سزا ڏيڻ لاءِ نظم ضبط جي معاملي کي اٿاريو بيٺا هجن. پر ڏٺو وڃي ته حقيقت ان جي ابتڙ آهي ته پارٽي اڳواڻ جيتريون وڏيڪ سزائون ڏيندا اوترو وڌيڪ نظم ضبط جي حالت خراب ٿيندي

پارٽي نظم ضبط مان اسان جي مراد اها ڪانه آهي ته پارٽي اندر ڪامريڊ پنهنجي اڳواڻن خلاف پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ڪونه ٿا سگهن پر اسان جو مطلب آهي ته اهي سرگرمين ۾ اڪثريت جي ماتحت هئڻ گهرجن ۽ اڳواڻن سان اختلاف راءِ رکندي به سندن فيصلن کي مڃن.

جيڪڏهن اسان جي پارٽي اندر لوهه جهڙو سخت نظم ضبط هوندو ته دشمن جو چاڙتو اسان کي گهٽ ڪري ڪونه سمجهندو. پر سزائون ڏئي ۽ حاڪم بڻجي حڪم هلائي اسان جڻ دشمن جي چاڙتن جي مدد ڪري رهيا آهيون.

پارٽيءَ جي گڏيل اڳواڻي جمهوري اصولن وسيلي قائم ڪري سگهجي ٿي. ان کي گڏيل اڳواڻي فقط تڏهن چئي سگهجي ٿو جڏهن ان ۾ ڪامريڊن جو تجربو ۽ سندن مفيد خيال شامل هوندا.

جمهوري مرڪزيت ۽ انفرادي ذميواري جي طريقي کي هٿ هٿ ۾ ڏئي گڏجي هلڻ گهرجي. وڏن ۽ اهم معاملن تي جمهوريت جي اصول مطابق فيصلا ڪيا وڃن ۽ انهن فيصلن تي عمل ڪرائڻ ڪارڪنن جي انفرادي ذميواري آهي. فيصلن تي عمل ڪرائڻ واري تنظيمي حصي کي پنهنجي ذميواري سُچيتا ئي ۽ سيبتائيءَ سان سرانجام ڏيڻ کپي. اڳواڻن جي ذميواري آهي ته هو اهڙن ڪمن جي نگراني ۽ جاچ پڙتال ڪندا رهن.

صحيح جمهوري روح کي ڪميونسٽ اخلاقيات ۽ بي لوثيت کان جدا ڪري ڪونه ٿو سگهجي جنهن جو ضد خود غرضي آهي. آڪڙ، خود نمائي ۽ شخصي ڪردار کي اهم سمجهڻ خود غرض سوچ فڪر سان تعلق رکڻ آهي. جيڪي ماڻهو ائين سوچيندا آهن سي ٻئي جو حاڪم ٿيڻ چاهيندا آهن. پر ڪنهن ٻئي جي چونڊ مڃڻ لاءِ تيار ڪونه ڏسبا آهن. ڪين ٻين کي

حڪم ڏيڻ جو حق هوندو آهي ۽ اهو پسند ڪونہ ڪندا تہ هنن کي ٻيو ڪو حڪم ڏئي. هو جڏهن بہ چاهيندا آهن ٻين تي تنقيد ڪري وٺندا آهن ۽ ڪين گاريون بہ ڏئي وٺندا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ سندن فيصلا ضرور مڃيا وڃن. پر اهي پاڻ پارٽي تنظيم جي فيصلن کي ڪونہ مڃيندا آهن. سندن خيال هوندو آهي تہ سندن حڪم نہ مڃڻ مرڪزيت جي اصول ۽ نظم ضبط جي ڀڃڪڙي آهي. جمهوري اصولن جون ڀڃڪڙيون بہ نظم ضبط جون ڀڃڪڙيون هونديون آهن ۽ اهڙين ڀڃڪڙين جا مجرم پاڻ هوندا آهن. پر مڃيندا ئي ڪونہ آهن تہ "اسان پاڻ بہ اهڙين ساڳين ڀڃڪڙين جا ڏوهاري آهيون." ڪين سدائين پنهنجي شخصي ترقيءَ ۽ اڳتي وڌڻ جي ڳڻتي لڳل هوندي آهي ۽ ٻين جي حقن کي ريٽي پنهنجو مقصد ماٺي وٺندا آهن. اهڙا ماڻهو پارٽيءَ جي اُها باقيات آهن جن جو تعلق قديم سماجي نظرين سان آهي. جيڪي جمهوريت جي سوچ فڪر جي بلڪل ابتڙ هوندا آهن.

پارٽي اندر جمهوري اصولن کي عام ڪرڻ لاءِ ڀهرين ڳالهہ هيءَ هوندي آهي تہ پارٽي جي ڪارڪن کي جمهوري اصولن جي پوري ڄاڻ هجي ۽ ڪامريڊن ۽ عوام کي جمهوري اصولن تي عمل ڪرڻ جي تربيت ڏيڻ کان اڳ ۾ هو پاڻ بہ سرگرمين دوران جمهوري اصولن جي پابنديءَ جو مظاهرو ڪن. ماضيءَ ۾ پارٽي جا ميمبر ۽ عام ڪارڪن ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ کان ڇرڪندا هئا تہ متان سندن واتئون ڪا غلط ڳالهہ نڪري وڃي ۽ ڪين ان لاءِ ذميوار سڏيو وڃي. هن مان اسان کي معلوم ٿي ويندو تہ پارٽيءَ ۾ جمهوريت ڪانہ هوندي هئي. ڪنهن ڪارڪن کي ڪا ڳالهہ مڃائڻ يا شعور ڏيڻ لاءِ ننڍي کان ننڍي ڪامريڊ جي همت افزائي ڪئي وڃي. ڪم ڪرڻ واسطي اسان انهن کي ڇڙٻيندا ۽ ڇهنبيندا هئاسون. هي عمل جمهوري ڪونہ هو. ائين ڪرڻ سان ويچارا ڪامريڊ ڊڄ کان ڳالهائي ڪونہ سگهندا هئا ۽ ڪين طاقت جي استعمال جو بہ ڊپ هوندو هو. طاقت جو استعمال فقط تڏهن ڪيو ويندو هو جڏهن ڪارڪن بار بار هدايتن جي باوجود بہ غلطيون ڪندو رهندو هو اپياس ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو ۽ سنئين راهہ اختيار نہ ڪندو هو. پر ان جو مقصد ڪارڪن کي شعور ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

نظرياتي جدوجهد دوران ڪامريڊن مٿان حملا ڪرڻ غلط هو ۽ انهن تي موقع پرستيءَ جو الزام هڻي ڪم تان لاهي ڇڏڻ بہ غير مناسب هو. سندن ڏوهہ فقط اهو هوندو هو جو انهن جو نقطئہ نظر مختلف هو. ان جو نتيجو اهو

نڪتو هو جو جيڪي ڪامريڊ مختلف نظريي جا قائل هئا. سي پنهنجي خيال جي اظهار کان ڊاڍو ڊڄندا هئا. هن طرزعمل سان بيو ڪجهه ٻہ نہ. تہ بہ سياسي ۽ اصولي معاملن تي موجود اختلاف ختم ٿي ڪونہ سگهندو هو پر دٻجي ضرور ويندو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيندو هو تہ ڪامريڊن ۾ پارٽي اڳواڻن وچ ۾ اختلاف ختم تہ ٿي ڪونہ سگهندو هو پر رهندو بہ وڌي ويندو هو. تنهن ڪري ڪامريڊ اڳواڻن جي مدد ڪرڻ بدران سندن عيب پيا ڳوليندا هئا ۽ هڪ ٻي اصولي مخالفت پيدا ٿي پوندي هئي.

خيالن جي اظهار ۾ اختلاف نہ هجڻ سدائين سٺو بہ ڪونہ هوندو آهي.

جڏهن اسان چوندا آهيون تہ نظرياتي تحريڪ ۾ اسان جو ڪامريڊن تي حملو ڪنهن بدنيتي تي ٻيٺل نہ هجي تڏهن اسان جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ شروعات هن ڳالهہ کان ڪريون تہ اسان جي ڪامريڊن ۾ سياسي معاملن تي ۽ اصولن تي اختلاف راءِ نہ هوندو آهي. ان جي ابتڙ اسان تہ چاهيون ٿا تہ ڪامريڊ پنهنجيءَ راءِ جو مڪمل اظهار ڪن. ڪيترا اختلاف انهن ڪي آماده ڪري ختم ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪن اختلافن کي بحث مباحثي وسيلي ختم ڪري سگهجي ٿو.

اسان کي هن ڳالهہ کان پڻ خبردار رهڻ کپي تہ سياسي معاملن ۽ اصولن ۾ اختلاف هئڻ ڪري ڪين ڪڏي نہ ڇڏجي. اسان کي اهڙي ڪارروائي فقط تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن ڏسون تہ ڪامريڊ تنظيم جي نظم و ضبط جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ کي سڌارڻ جون ڪوششون ڪونہ ڪري رهيا آهن.

هر هڪ تبديليءَ جو دارومدار اسان جي پارٽي جي ڪارڪنن تي آهي. تنهن ڪري پارٽيءَ اندر ڪارڪنن جو سوال نهايت اهم ۽ نازڪ هوندو آهي. ڪنهن بہ پارٽيءَ جو اهم ڪم ڪارڪنن جي گهٽي تعداد کي سکيا ڏيڻ هوندو آهي ۽ ڪين گهٽن محاذن تي ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي. مقامي تنظيمن تي اهو فرض هوندو آهي تہ سکيا لاءِ ڪارڪنن جي چونڊ مهل ڏيان کان ڪم ورتو وڃي.

ڪامريڊ مائوزيتونگ پنهنجي اظهارِ خيال جي پڇاڙيءَ ۾ تنقيد ڪندي چيو آهي تہ موجوده دور ۾ ڪهڙي قسم جي پارٽي ڪارڪنن جي ضرورت آهي. سندن چوڻ آهي تہ اهي لينن ۽ مارڪس جي نظرين ۽ اصولن کان چڱيءَ ريت باخبر هجن. ڪين سياسي شعور هئڻ کپي، ڪم ڪرڻ جي لائق هجن، منجهن جان نثاري جو جذبو هجي، مصيبتن ۾ بہ مستقل مزاجي

سان مسئلن جي حل ڪرڻ جو منجهن حوصلو هئڻ کپي. قوم جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ جي جذبي سان سرشار هجن. طبقي ۽ پارٽي واري خود غرضيءَ کان پري شخصي بهادريءَ جي غرور کان دور هئڻ کپي. اسان جي پارٽي جو هر ڪارڪن مٿي بيان ڪيل معيار مطابق هجڻ گهرجي.

موجوده دور ۾ مستقبل جي ڪارڪن کي انهيءَ معيار مطابق بنائڻ لاءِ پارٽيءَ ڪارڪنن کي سخت محنت ڪرڻي پوندي. ڪارڪنن کي جاچڻ، پرکڻ ۽ ڪڍي ڇڏڻ واسطي هن معيار کي ڪتب آڻڻ نه گهرجي. اها حقيقت آهي ته اسان جي ڪارڪنن ۾ گهڻيون اوڻايون آهن جن جو واسطو سياست ۽ اهليت سان آهي. ان کان سواءِ اهي نظرياتي ۽ فڪري طور به ڪچا آهن. انهن مان ڪيترا قديم سماج جي گندين عادتن ۾ پڻ وچڙيل آهن. اسان جو مقصد آهي ته انهن کي نئين سکيا ڏئي گهربل معيار مطابق تيار ڪجي پر تباهه نه ڪجي. اهڙي تربيت ڏيڻ ڏکي ڳالهه آهي پر ائين ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ ته اسان ساري انسان ذات کي نئين طريقي سان سکيا ڏيڻ گهرون ٿا.

اسان کي پابنديءَ سان سياسي ڪارڪنن کي جاچڻو پرکڻو آهي ۽ کين اهڙو مناسب ڪم ڪار ڏيڻو آهي جيڪو هو چڱيءَ ريت ڪري سگهندا هجن. اسان تي اهو فرض آهي ته سندن هر ڪم ڪار ۾ مدد ڪريون. هن معاملي ۾ ڪيترن جاين تي پارٽي اڳواڻن غلطيون به ڪيون آهن جن جي اصلاح ڪرڻ ضروري آهي.

موجوده دور ۾ پرڻي ڪيل نون ڪارڪنن جي ترقي هڪ اهم معاملو آهي پر سندن ترقي مرحليوار ٿيندي. اسان کي گهرجي ته انهن کي هڪدم وڏن عهدن تي مقرر نه ڪريون. اهڙيون غلطيون اسان ماضيءَ ۾ ڪري چڪا آهيون. اسان اهڙن ماڻهن مٿان غالب پوڻ جي ارادي سان ائين ڪندا هئاسون.

اتر چين ۾ پراڻن ۽ نون ڪارڪنن وچ ۾ ايڪي ۽ ٻڌي ۾ ڪجهه ڪڙيون پيدا ٿي چڪيون آهن. اهي ڌيان ڇڪائڻ جهڙيون ڳالهيون آهن. تجربيڪار ۽ نون ڪارڪنن ۾ ڪي خاصيتون ڌاڌيون پليون آهن پر منجهن ڪي اوڻايون به آهن. بهتر ائين ٿيندو ته هو هڪ ٻئي کان سکن ۽ هڪ ٻئي جو احترام ڪن. انهيءَ مقصد سان جيئن هو هڪ ٻئي کان سٺيون ڳالهيون سکي وٺن ۽ پاڻ مان اوڻايون ڪڍي ڇڏين. ائين ڪرڻ سان هڪ گڏيل مضبوط اڳواڻي نکري نروار ٿي سگهي ٿي.

عوامي تنظيمن ۾ شريڪ ٿيندڙ پارٽي ڪارڪنن کي جڳائي ته هو

پارٽي جي اڳواڻ گروهن کي اڳتي آڻين. پر انهن پارٽي ڪارڪنن کي جن وٽ اهڙي ڪم جو ڏانءُ هجي. پارٽي جي اڳواڻ گروهه کي گهرجي تہ پارٽي هيڊ ڪوارٽر جي مساوي قيادت وارو عهدو ۽ پارٽيءَ اندر اعليٰ قيادت وارو عهدو قبول ڪن. پارٽي گروهه کي قيادت ڏيڻ ۾ پارٽي هيڊ ڪوارٽر کي سُرت ۽ سچيتائيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي. انهن لاءِ ضروري آهي تہ اُهي گروهن جي ڪامريڊن سان سڀني ننڍن معاملن بابت بحث مباحثو ڪن. هن جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪن خاص معاملن جي اڳواٽي سندن حوالي نہ ڪئي وڃي. پر هن جي معنيٰ آهي تہ سندن اڳواٽي متحرڪ هئڻ گهرجي.

ڪامريڊن جي جنهن ڪم ۾ تربيت ۽ طريقو نہ هجي تنهن کي هڪدم تبديل ڪرڻ گهرجي. ڪين مرڪزي قسم جي ڪم ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ کپي. ڪين گهرجي تہ هر ڪم ترتيب ۽ طريقي سان ڪري پورو ڪن. هننکي اهو بہ ڏسڻ کپي تہ ڪهڙي مرحلي تي ڪهڙا ڪم اڳ ۾ ڪيا وڃن. سڀني ڪامريڊن جي دلين ۾ انقلاب لاءِ وڏا ولولا ۽ جوش موجود آهن جن کي وڌيڪ حقيقت پسند جذبن سان ملائي اڳتي وڌڻ گهرجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سندن ڪمن ۾ انقلاب کي هڪ طاقت ملي سگهي. هو هڪ پيرو جيڪڏهن ان خاص ڪم جي نوعيت کي سمجهي ويا تہ هو طاقت آزمائيءَ لاءِ سندرو ٻڌي بيهي رهندا ۽ ڪم کي چڱيءَ ريت مڪمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. فقط انقلابي ۽ عملي ڪم جي جوهر کي ذرو ذرو ڪري هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ سان ئي خالي ڳالهين ڪرڻ واري عادت ۽ هڏڪي کي ختم ڪري سگهندا ۽ خودسريءَ مٿان غالب پئجي سگهندا.

اسان جي پروپئگنڊا وارين سرگرمين ۾ پڻ تبديليون آنديون وڃن، توڙي جو اسان انهيءَ وسيلي ماضيءَ ۾ ڪيتريون ڪاميابيون يا سويون ماڻيون ورتيون آهن.

ماضيءَ ۾ گهڻا ڪامريڊ پروپئگنڊا جي نعري ۽ سرگرمين واري نعري وچ ۾ موجود فرق کي سمجهي ڪونہ سگهندا هئا. ڪين اهو بہ پتو ڪونہ هو تہ پارٽيءَ جي اندروني تربيت ۽ عوامي پروپئگنڊا. پارٽي لاءِ نعري ۽ عوام لاءِ نعري، پارٽي پروپئگنڊا ۽ عوام جي اپيلن وچ ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو آهي. سندن اڪثر نعرا هي هوندا هئا تہ "هٿيار کڻو ۽ سوويت يونين جي مدد لاءِ اٿي کڙا ٿيو." يا "هٿيار کڻو ۽ قومي انقلابي جنگ جي شروعات ڪريو." اهڙا نعرا تڏهن هنيا ويندا هئا جڏهن عوام کي سرگرمين لاءِ گڏ ڪندا هئاسون. هنن نعرن هٿڻ سان گڏ جپاني حملہ آورن کي چين مان ڪڍڻ لاءِ هٿ تاڙ جا

مطالبا بہ ڪندا هئاسون. اڪثر ڪري اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ پارٽيءَ جي اندروني مسئلن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکيا ويندا هئا جن ۾ اعلان ڪيو ويندو هو تہ پارٽي هي تنظيمون يا پروگرام هلائي رهي آهي. هن کان سواءِ اسان جي پروپئگنڊا لڳاتار روايتي ۽ بنا ڪنهن احساس ۽ جذبي جي هلندي رهي آهي جنهن ۾ ڪا بہ حقيقت ڪانہ هوندي هئي. رڳو وڏاءَ کان ڪم ورتو ويندو هو. اسان جا دستاويز بہ خاص نوعيت جا هوندا هئا. اهڙين غلط ڳالهين جون پاڙون پٽڻ نهايت ضروري آهن. هن وقت کان پوءِ پارٽيءَ جي نظرياتي مطالعي ۽ پروپئگنڊا کي نهايت اهم حيثيت ڏني ويندي ۽ انهن کي امڪاني عِوامي معلوماتي ذريعن جهڙوڪ سيمينار ۽ نشر و اشاعت جي ادارن وسيلي صحيح طريقي سان هلايو ويندو.

پارٽيءَ ۾ داخلي ۽ دستوري پابنديءَ سان لاڳاپيل ڪي شديد نوعيت جون ڳالهيون آهن جن کي ختم ڪيو وڃي. اهڙيون ڳالهيون اسان جي ڪم اندر رنڊڪ آهن. جن کي ختم ڪيو وڃي. اهڙيون ڳالهيون اسان جي ڪم اندر مختلف شڪلين ۾ چٽيون نظر اچن ٿيون جن جو اسان جي ڪامريڊن تي تمام گهڻو اثر آهي. انهن ڪامريڊن جو سارو ڌيان شيءِ جي ٻاهرئين پاسي واري شڪل تي آهي ۽ سندن انهن جي زندگيءَ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. ڪين مارڪسي فلاسافيءَ جا رڳو اصطلاح ياد آهن جن کي حقيقي انداز ۾ حالتن سان نافذ ڪونہ ڪندا آهن. اهي ڳجهين يا زيرِ زمين ڪمن کي کليل يا ظاهري ڪمن سان گڏائي وچڙائي منجهائي ڇڏيندا آهن ۽ عوامي بغاوت دوران بغاوت جهڙين سرگرمين جو اظهار ڪندا آهن اهي ڪومنتانگ جي سامراجي علائقي ۾ واقع شنگهائي ۾ هن قسم جا نعرا هڻندا هئا، "سويت ۽ ريڊ آرمي جي مدد ڪريو". هٿ تاڙ وقت وري هن قسم جا نعرا هڻندا هئا، "سوويت لئبر لا Labour Law تي عمل ڪيو وڃي." ڪامريڊ پروپئگنڊا ۽ سرگرمين جي نعرن کي پاڻ ۾ گڏائي وچڙائي ڇڏيندا هئا. ان کانسواءِ اسان جي دستاويزن ۽ تصنيفن کي دستوري شڪل ڏئي ڇڏيندا هئا. هي ماڻهو ڪميونسٽ انٽرنيشنل کي مدد ڪرڻ جو ۽ لي ليسان واري نظريي جي مخالفت جو هزارين ڀيرا ورجاءُ ڪندا هئا. عملي ڪم ۾ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي مخالفت ۽ لي لسان نظريي جا حامي ٿي پوندا هئا. مسئلن کي نبيرڻ جو سندن طريقو مشيني قسم جو هو. جنهن ۾ سندن ڪو جذبو يا احساس شامل ڪونہ ڏسبو هو ۽ هر معاملي کي گهڙيل ٺهيل اصول مطابق حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو

جو ڪامريڊ پنهنجي اهميت وڃائي چڪا هئا ۽ مسئلن کي نبيرڻ لاءِ پنهنجي دماغ کي ڪڏهن به استعمال ڪونه ڪندا هئا. هنن ڪامريڊن جي اهڙين غلط ڳالهين ڪري پارٽي کي تمام گهڻو نقصان سهڻو پيو هو جيڪو سندن غير حقيقي سوچ ۽ فڪر ڪري ٿيو هو.

اسان جي ڪامريڊن کي گهرجي ته اهڙين داخلي ۽ دستوري شڪل صورت وارن ڳالهين کي ڇڏي ڏين ۽ انهن جي جاءِ تي مارڪسي جدليات جي اصولن کي اڳتي آڻن ۽ ڪلوزڊ ڊوريزم ۽ ائڊوينچرزم جي پاڙن پٽڻ لاءِ جاکوڙ ڪن ۽ انهن جي جاءِ تي بالشويڪ نظرين کي ڪتب آڻن. اسان ماضي جي غلطين جي ڪهڙي طريقي سان اصلاح ڪري سگهون ٿا؟ انهيءَ لاءِ ڪامريڊن کي گهرجي ته ايياس ڪن ۽ مارڪسي- ليننن نظرين ۽ طريقن جو مطالعو ڪن. جيڪڏهن اسان هنن اصولن تي عمل ڪيو ته سولائيءَ سان اڳتي وڌي سگهنداسون. اهڙيءَ ريت اسان پارٽيءَ جي عوامي ڪم ۾ هڪ تبديلي آڻي سگهون ٿا. تنهن ڪري اوهان مطالعو، مطالعو ۽ وري به مطالعو ڪريو.

جيڪڏهن اسان پاڻ کي مارڪسي- ليننن اصولن سان هٿياربند ڪنداسون ته انهن غلطين جو ازالو ڪري سگهنداسون جيڪي اسان ماضيءَ ۾ ڪيون آهن. ائين ڪرڻ سان ئي اسان عوام کي جپاني سامراج ۽ چين جي غدارن خلاف ميدان ۾ آڻي سگهنداسون.

متحد محاذ ۾ پارٽي جي مدد سان قومي سطح تي جمهوريت ۾ ايڪو ۽ قيادت قائم ڪرڻ

مئي 1937ع

ڪامريڊ دوستو!

آئون ڪامريڊ مائوزيتونگ جي رپورٽ سان متفق آهيان. تنهن ڪري آئون پنهنجي خيالن کي هيٺ ڏنل ٻن سوالن تائين محدود رکندس.

موجوده دور ۾ چين جي نجات ۽ آزاديءَ لاءِ جپان خلاف وڏيڪ مؤثر حڪمت عملي قومي متحد محاذ واري تدبير آهي. متحد محاذ واريءَ هن ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي پارٽيءَ گذريل ٻن سالن اندر تمام سٺيون سٺيون ماٺي ورتيون آهن. اندروني امن، امان وارو مقصد بہ حاصل ٿي ويو آهي. اندروني سياسي صورتحال بہ بلڪل ائين ٿي وئي آهي. جهڙيءَ ريت اسان چاهيو پئي يعني جمهوريت ۽ جپان سامراج خلاف مزاحمت. اسان جي پارٽيءَ جو سياسي اثر ساري ملڪ تي ڇانئجي ويو آهي. تنظيمي نقطۂ نظر کان پارٽيءَ ساري ملڪ ۾ جپان خلاف تحريڪ جي اڳواٽي ڪئي آهي.

چين ۾ ريپبلڪ جي بنياد رکڻ کان پوءِ هي ملڪ پورا ڇوويهہ سال گهرو ويڙهہ جي چڪيءَ ۾ پيسبو رهيو آهي. ان عرصي دوران هن ڌرتيءَ امن امان جي ڪا سونهاري گهڙي تہ ڏٺي ئي ڪانہ آهي. گهرو ويڙهہ جو خاتمو ۽ امن امان جو قيام هن ريپبلڪ واسطي نهايت اهم واقعو آهي. ائين ٿيڻ ڪري چين جڻ تہ گهڻو اڳتي وڌي ويو آهي. اهڙو اهم اڳتي قدم هن پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ وڌايو ويو آهي. ان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ سندس اهميت کي نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي.

هي امن امان ڪهڙن طريقن اختيار ڪرڻ لاءِ حاصل ٿي سگهيو آهي؟ پهريون سبب اهو آهي تہ جپان پنهنجي ايشيائي حڪمت عمليءَ ۾ طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ هو چين کي غلام بنائي پوءِ ساهہ پٽيندو. هن کان سواءِ ٻيا ڪارڻ هي آهن.

(1) چين جي بورجوا جپان مزاحمت ڏانهن منهن موڙڻ.

(2) برطانيہ، آمريڪا ۽ فرانس جي ان حڪمت عملي کي مڙسيءَ سان

مهاڏو ڏيڻ جنهن تحت هو چين کي مختلف ڀاڱن ۾ ورهائي رهيا آهن.

(3) عوام جي هڪ طاقتور تحريڪ جنهن جو مقصد گهرو ويڙهه بند ڪرڻ آهي.

(4) سيني کان وڏيڪ اهم ڪارڻ اهو آهي ته پارٽي ۽ ريڊ آرميءَ جي صحيح حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرڻ ۽ ريڊ آرميءَ ۽ وڏنڊڙ طاقت سان سهڪار ڪرڻ. اها هڪ چٽي پڌري ڳالهه آهي ته جيڪڏهن پارٽي متحد محاذ واري حڪمت عمليءَ کي اڳتي نه آڻي ها ۽ عوامي تحريڪ جي اڳواڻي نه ڪري ها يا ايڪيان واقعي Xian incident بابت غلط موقف اختيار ڪري ها ته امن امان وارو مقصد ڪڏهن حاصل ٿي ڪونه سگهي ها.

جيتوڻيڪ امن امان جي اهميت کي محسوس ڪيو ويو آهي، پر اسان کي تئونکرو (خدشو) آهي متان جپان سامراج ۽ ان جا چيني چاڙتا پنهنجي مفاد خاطر چين جي امن امان ۽ اتحاد کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏن. تنهن ڪري ماٿهن اهڙو سوال اٿاريو هو ته چين جي اندروني امن کي بچائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ڪيا وڃن. ان جي جواب ۾ اسان چيو آهي ته جپاني چاڙتن وارن علائقن ۾ جمهوريت جو قيام ۽ جپاني سامراج جي مزاحمت. جمهوريت جي قيام ۽ جپان خلاف مزاحمتي عمل کان سواءِ اندروني امن امن بحال ٿي ڪونه ٿو سگهي نه وري ان کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو.

اندروني امن امان ۽ جمهوريت چين کي متحد رکي سگهن ٿا. اسان چين کي حصن ڀاڱن ۾ ورهائڻ بدران سندس متحد حيثيت جا حامي آهيون. هي ڪم جپان سامراج جي شڪست لاءِ اهم شرط آهي. پر اسان چين جي متحد حيثيت بحال رکڻ لاءِ چيانگ ڪائي شيڪ جي خيالن سان متفق ڪونه آهيون. سندس ويچار آهي ته چين کي متحد رکڻ لاءِ فوجي مهم ۽ سياسي چالبازيون اختيار ڪيون وڃن. هن طريقي سان سيئي سياسي قوتون ٻاهر نڪري وينديون ۽ ختم ٿي وينديون ۽ سندس آمريت قائم ٿي ويندي. ان جي ڀيٽ ۾ اسان سياسي پارٽين جي عارضي اتحاد، گڏيل جمهوري طريقي ۽ عوامي طاقت وسيلي چين کي هڪ ملڪ جي متحد صورت ۾ محفوظ رکڻ جا حامي آهيون. چيانگ ڪائي شيڪ جو اختيار ڪيل طريقو چين کي ڪڏهن به متحد رکڻ ۾ سوڀارو ڪونه ٿيندو. اسان جي مرضي آهي ته چين اندر امن امان رکڻ لاءِ ڪيس اڪيلو ڇڏيو وڃي. چين کي متحد رکڻ جو وڏيڪ سنو طريقو اهو آهي جيڪو اسان اختيار ڪيو آهي.

جيڪڏهن نانجنگ جي مرڪزي حڪومت عوام جي سياسي حقن جو احترام نہ ٿي ڪري ۽ انهن ڪي سياسي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جي موڪل نہ ٿي ڏئي ۽ علاقائي گروهن کي چوي ٿي تہ پنهنجون فوجون، سرڪاري انتظام، علائقا، خزانو چيانگ ڪائي شيڪ جي حوالي ڪيا وڃن تہ ائين ڪرڻ سان اجا بہ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ٿي سگهن ٿيون. هو ڪليل جمهوري اصولن بدران پنهنجي طاقت ۽ اٽڪل بازي وسيلي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. ائين ڪري هو اندروني امن امان جا ڪنا کيرا ڪري چين کي حصن ۾ ورهائڻ لاءِ رستو هموار ڪري رهي آهي. ان مقصد واسطي هو پنهنجي فوج جي ڪجهہ اعليٰ عملدارن جون خدمتون جپاني فوج جي حوالي ڪري رهي آهي. ساڳئي وقت چين جي ورهاڱي جا حامي جاگيردار، چيانگ ۽ چين جي ورهاڱي جا حامي سندس ساري اسٽيبلشمينٽ خلاف سندن سرگرمين کي هڪ جواز بنائي سگهن ٿا. چيانگ ڪائي شيڪ جي پهريائين مرضي اها هئي تہ ريڊ آرمي سميت سيني پارٽين ۽ سياسي گروهن کي تباهہ ڪري ۽ پنهنجي آمريت قائم ڪري چين کي متحد رکڻ جي ڪوشش ڪري پر هو جپان جي حملي سبب ۽ ٻين ڪارڻن ڪري پنهنجو پراڻو طريقو قائم رکي ڪونہ سگهيو. هاڻي هن لاءِ فقط ٻہ رستا کليل آهن. هڪ تہ هو جپان جو غلام بنجي وڃي يا ٻيو تہ هو ان جي مزاحمت ڪري، پر صورتحال کي جيئن جو تيئن رکڻ ممڪن ڪونہ هو. هن وقت چيانگ پويون رستو اختيار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اهو سندس اڳئين ارادي جي خلاف آهي. ٿوري وقت لاءِ هو ريڊ آرمي ۽ ٻين سياسي گروهن کي ختم ڪرڻ لاءِ طاقت جي استعمال تان هٿ ڪڻي ويو آهي. ان بدران اهڙا طريقا ڪم آڻي رهيو آهي جن ۾ فوج کي ڪٽب آندو ڪونہ ٿو وڃي. جهڙوڪ اٽڪل بازيون ڪرڻ، اختلاف ۽ نفاق پيدا ڪرڻ، رشوت ۽ ڌمڪيون وغيره ڏيڻ تہ جيئن مختلف ڌرين کي ڪمزور ڪري ختم ڪري سگهجي.

اسان کي مطالبو ڪرڻ کپي تہ نانجنگ جي حڪومت جمهوريت قائم ڪري. ان سان گڏ اهو بہ مطالبو ڪنداسون تہ ساڳئي وقت علاقائي حڪومتن کي جمهوري اصول قائم ڪرڻ گهرجن. اسان نانجنگ حڪومت خلاف دشمني وارو رويو اختيار ڪونہ ڪنداسون پر فقط مختلف سياسي گروهن سان گڏجي حڪومت تي جمهوريت جي قيام لاءِ زور ڀريندا سون. انهيءَ دوران اسان علاقائي طاقتور گروهن اندر ڪم ڪرڻ ڇڏي ڪونہ

ڏينداسون. اسان انهن علائقائي گروهن سان گڏجي چيانگ خلاف مطالبا ڪونہ ڪنداسون. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان جپان جي همت افزائي ٿيندي نہ وري اسان چيانگ جي هن مطالبي جي پٺڀرائي ڪنداسون تہ علائقائي گروهن کي ٻاهر ڪڍيو يا انهن کي ختم ڪيو وڃي. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ بہ جپان جي مدد ڪرڻ برابر آهي. اسان فقط انهن سياسي گروهن تي تنقيد ڪنداسون جيڪي چيانگ جي مخالفت ڪري رهيا آهن. ساڳئي وقت اسان چيانگ جي ان منصوبي جي بہ مخالفت ڪنداسون جنهن مطابق هو "نارٿ ايسٽرن آرمي" ۽ "نارٿ ويسٽرن آرمي" کي ورهائڻ، ڪمزور يا تباهہ ڪرڻ ۽ ڪن سياسي گروهن کي نهوڙي ناس ڪرڻ چاهي ٿو.

اسان جا ڪامريڊ هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ مختلف سياسي گروهن طرفان پلي چيانگ خلاف نعرا هنيا وڃن پر اهو طريقو بلڪل غلط آهي. اسان اهو بہ غلط سمجهون ٿا تہ چيانگ جي اختيار ڪيل اٽڪل بازين تي تنقيد ڪرڻ کان ڪنهن ڊر کي نہ روڪيون جنهن جو منصوبو آهي تہ جيڪو سندس ڳالهہ کي نٿو مڃي تنهن کي ختم ڪيو وڃي.

جيڪڏهن چيانگ ڪائي شيڪ کي پنهنجي پسند مطابق هر ڪم ڪرڻ جي ڇڙواڳي ملي وئي تہ هن قسم جي نازڪ صورتحال هوندي بہ اسان کي تباهہ ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽائيندو. جيڪڏهن رڳو هن صورتحال تي سوچجي ويچارجي ٿو تہ چين جي اندروني صورتحال جي ڪابہ ضمانت نہ ٿي ڏئي سگهجي. جيڪڏهن ڏسجي تہ امن جي ضمانت هن قسم جي صورتحال سان بہ لاڳاپيل ڪانہ آهي. پر ان جو دارومدار ظاهر نظر ايندڙ ڪن حقيقتن تي آهي.

(1) جپاني حملي جي جاري رهڻ جو امڪان.

(2) ريڊ آرمي نهايت طاقتور آهي ۽ سندس جنگي جوش ۽ جذبي ۾ ڪابہ گهٽتائي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي ۽ هر حالت ۾ دشمن کي مُهاڏو ڏيندي ايندي، چيانگ ڪائي شيڪ ۽ سندس ٽولي جي چالاڪين ۽ اٽڪل بازين تي سندس تکي تاڙ رهندي ايندي.

(3) ساري ملڪ جو عوام ۽ هٿياربند فوج، ريڊ آرمي ۽ اسان جي پارٽي سان همدردي رکي ٿي ۽ گهرو ويڙهہ جي سخت خلاف آهي.

(4) هڪ طرف جپان سامراج ۽ ٻين سامراجي ڌرين، جپان ۽ جپان جي حمايتي ٽولن ۾ اختلاف ۽ تضاد موجود آهن تہ ٻئي طرف وري انهن سيني ڌرين جا چيانگ ڪائي شيڪ سان اختلاف آهن. نظر ايندڙ اهڙي

صورتحال اندروني امن جي ڇڙ ته ضمانت آهي. ان ڪانسواءِ ڪيترين جاين تي اسان صحيح حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. اسان جو بهترين سياسي ڪم ۽ جمهوريت جو قيام به اهڙو سبب آهي جو اندروني امن کي ڪوبه لهر لوڏو ڪونه آهي. جيڪڏهن اسان موجوده حالتن جو غلط اندازو لڳايو ۽ فقط چيانگ ڪائي شيڪ کي ختم ڪرڻ واري نيت ڏانهن ڏسندا رهياسون ته اهو غلط آهي. جيڪڏهن وري اسان کي اهو احساس ڪونه آهي ته چيانگ اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي جن مان محسوس ٿئي ٿو ته هن اسان خلاف طاقت جو استعمال ڇڏي ڏنو آهي يا هو اسان کي اڪيلو ڪرڻ ۽ ختم ڪرڻ ڪونه ٿو چاهي ۽ اسان سچيتائي ۽ تؤنکرو ڇڏي ڏيون ته اها به اسان جي غلطي هوندي. تنهن ڪري اسان کي هوشياري ۽ خبرداري کان ڪم وٺڻ گهرجي. ريڊ آرمي ۽ سوويت ايراضي ۾ اسان کي اهڙيءَ هوشياري ۾ وڌيڪ سختي ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته انهن ايراضين ۾ اندران ۽ ٻاهران انقلاب دشمن سرگرمين جو سدائين خطرو آهي.

اسان جي پارٽيءَ ايڪسيان واقعي بابت ڪي محدود رعايتون ڪيون هيون جيڪي صحيح ۽ لازمي هيون. جنهن سبب امن پريو ثاهه ٿي ويو هو. ان ڪري اسان کي گوري حڪومت واري ايراضي اندر عوام ۾ ڪم ڪرڻ جون سهوليتون ملي ويون هيون. ايڪسيان ۾ اسان کين ڪي فوجي رعايتون ڏنيون هيون جيڪي جپان سامراج، جپاني ڇاڙتن ۽ ڪميونسٽ دشمن ڌرين خلاف اسان جو سياسي حملو هو. ايڪسيان واقعي دوران اسان جي پارٽيءَ صحيح حڪمت عملي اختيار ڪري ڇڙ چين کي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ وڏي ڀرهانگ ڪٽڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

ڪن ڪامريڊن هي سوال اٿاريو آهي ته اسان قومي سطح تي جمهوريت ڪهڙي طريقي سان ڪَٺي سگهنداسون. هي هڪ اهم ۽ پيچيده قسم جو سوال آهي جنهن تي تفصيلي بحث جي ضرورت آهي. جمهوريت واري تحريڪ ۾ اهم مسئلو قومي اسيمبليءَ جو قيام ۽ آئين آهي، پر هنن مسئلن ڪانسواءِ اسان کي قانوني ادارن ۾ قانون پاس ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي تحريڪون شروع ڪرڻيون آهن. جهڙوڪ هارين، مزدورن ۽ عورتن لاءِ قانون جوڙڻ. اسان کي عوام جي ان هر مطالبي ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو جنهن جو واسطو جمهوري حقن سان هوندو. جمهوريت جي نفاذ لاءِ سوويت علائقا هڪ ماڊل جو ڪم ڏيندا.

ڪن ڪامريڊن جو خيال آهي ته جمهوريت جي مطالبن تي عوام کي

گڏ ڪري ڪونہ سگھبو. سندن اهو ويچار غلط آهي. عوام کي سولائيءَ سان جمهوريت جي نعرن وسيلي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري سگھجي ٿو. مثال طور هارين کي زمين جي مطالبي سان ۽ مزدور کي بهتر حالتن جي نعري سان گڏ ڪرڻ سولو آهي. موجوده وقت ۾ اسان جون ساريون ڪوششون جمهوريت ۽ جپان کي لوڏي ڪيڍڻ لاءِ آهن. اسان عوام کي جمهوريت ۽ جپان خلاف مزاحمت جي وچ ۾ موجود تعلق جي اهميت بابت ضرور سمجهايون.

موجوده دور جي قومي متحد محاذ ۽ ڪومنتانگ، ڪميونسٽ پارٽي اتحاد ڪيئن نظر اچي رهيا آهن؟ هي هڪ اهم سوال آهي. سيني ڪامريڊن کي گهرجي تہ هن سوال جو تمام گهڻو مطالعو ڪن. ڇاڪاڻ تہ هن جو اسان جي مستقبل ۽ جدوجهد جي چاڻ سان تمام گهڻو واسطو آهي.

جيڪڏهن مختلف تاريخي واقعن کي پيٽي ڏسڻ صحيح آهي تہ موجوده قومي متحد محاذ ۽ ڪومنتانگ، ڪميونسٽ اتحاد ۽ 1927ع واري اتحاد ۾ هينين نقطن جو فرق آهي.

(1) اسان جي اتحادين کي اسان سان 1927ع تائين اتحاد ڪرڻ جو تجربو آهي. ان کان سواءِ گهرو ويڙهہ وارا ڏهہ سال بہ اسان سان گڏ رهيا آهن.

(2) 1927ع کان اڳ قومي مسئلا ايترا خطرناڪ ڪونہ هئا جيترا اڄ آهن. انهيءَ زماني ۾ متحد محاذ جا مکيہ مخالف اتر وارا فوجي سپهہ سالار هئا پر هاڻي اسان سڌو سنئون ڏاريءَ طاقت سان وڙهندا اسون.

(3) 1927ع تائين بين الاقوامي سامراج، چين جي انقلاب جو دشمن هو. پر هاڻي ڪيترا سامراجي ملڪ جپان خلاف اسان جي مزاحمتي ويڙهہ جي خلاف ڪونہ آهن. برطانيہ، آمريڪا ۽ فرانس ٿورو گهڻو اسان جي فائدي ۾ آهن. بين الاقوامي امن محاذ ۽ بين الاقوامي اڳرائي وچ ۾ هلندڙ جهيڙي ۾ فتح ۽ شڪست سان لاڳاپيل ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي فيصلو ڪنديون تہ جپان خلاف هلندڙ هن ويڙهہ ۾ چين هارائيندو يا سوڀاري ٿيندو.

(4) 1927ع تائين اتحاد فقط هڪ پارٽيءَ سان هو پر هاڻي اهو سيني پارٽين وچ ۾ آهي.

(5) ملڪ تي ڪومنتانگ جي حڪومت آهي پر اندروني طور اهو گهڻن پاڱن ۾ ورهايل آهي ۽ پورن ڏهن سالن تائين رجعت پرست سرگرمين ۾ رڌل رهي آهي جنهن جو ملڪ جي ماڻهن تي نهايت خراب اثر پيو آهي.

(6) جيتوڻيڪ ڪميونسٽ پارٽي جا اهم ڪارڪن مارجي ويا آهن پر هن پارٽي کي عظيم انقلاب "Great Revolution" جو تجربو آهي. تنهن

ڪري سويت علائقي ۽ ريڊ آرمي ۾ هن جو وڏو اثر موجود آهي. اهو اثر گذريل ڏهاڪي دوران سوويت تحريڪ ساري ملڪ جي عوام تي پڻ استعمال ڪيو هو.

(7) سوويت يونين هاڻي هڪ طاقت آهيَ ۽ دنيا پرولتاري انقلاب جي ويجهو اچي پهتي آهي.

مٿي بيان ڪيل ست نقطا داخلي ۽ خارجي حالتون آهن. جيڪي ڪومنتانگ، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اتحاد کي گهڻو متاثر ڪري سگهن ٿيون. ان ڪانپوءِ ڏسبو تہ ڪهڙي قيادت اڳتي ايري سگهي ٿي. پر عام طور تي اهو محسوس ڪيو پيو وڃي تہ اهڙيون حالتون اسان جي پارٽي ۽ پرولتاري ڏر جي فائدي ۾ ڪونہ آهن. جڏهن تہ ڪومنتانگ سياسي طور ساري ملڪ تي ڇانيل آهي. وٽس تمام گهڻي فوج آهي. ان ڪان سواءِ برطانيہ ۽ آمريڪا سندس پاسي آهن.

اسان کي هاڻي هن سوال تي سوچڻ گهرجي تہ قومي متحد محاذ، ڪومنتانگ، ڪميونسٽ اتحاد جو نتيجو ڇا نڪرندو ۽ ان ۾ ڪهڙيون اميدون رکي سگهجن ٿيون؟ پر هتي ڏسڻو اهو پوندو تہ متحد محاذ جي اڳواڻ ڪهڙي ڏر آهي پر جيڪڏهن اڳواڻ ڏر بورجوا آهي تہ پوءِ جپان خلاف مڪمل فتح ناممڪن آهي. جيڪڏهن اها قيادت پرولتاري ڏر جي حوالي آهي تہ جپان خلاف مڪمل فتح جي توقع آهي. ان ڪان پوءِ سوشلسٽ انقلاب جو قوي امڪان موجود آهي. هيءَ ڳالهہ هن اتحاد جي پس منظر ۾ هڪ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. نظر ائين اچي ٿو تہ حالتون چين جي پرولتاري طبقي جي فائدي ۾ آهن ۽ توقع آهي تہ آخري فتح بہ هنن جي ٿيندي پر اصولي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اڳواڻ واري حيثيت ڪانہ آهي. بورجوا ۽ ٿيڻ قوت سان لاڳاپيل عوام بہ قيادت جي جاکوڙ ۾ لڳو پيو آهي. سندس ڪوشش اها آهي تہ چين کي ٿئين (سرمائيدار) رستي سان هلايو وڃي پر اهڙي رستي جو امڪان گهٽ آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين ٿيڻ سان چين هڪ بينڪي راڄ Colony بنجي ويندي. اسان کي ڪامياب ٿيڻ لاءِ صحيح قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي ۽ جاکوڙ بہ تمام گهڻي ڪرڻي پوندي. اسان کي هن مسئلي ڪان لنوائڻ يا سُستي ڪرڻ وارن لاڙن تي سخت قسم جي تنقيد ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪرڻو پوندو.

ڪميونسٽ پارٽي ڪهڙيءَ ريت قيادت حاصل ڪري سگهي ٿي؟ هن لاءِ چيئرمين مائوءَ اڳتي چار اصول طئي ڪري ڇڏيا آهن جيڪي بلڪل

صحيح آهن. اسان کي خاص ڌيان انهن حالتن ڏانهن ڏيڻ گهرجي جن تحت ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽي اتحاد ڪم ڪري رهيون آهن. جيڪڏهن اسان انهن حالتن جو دانشمندانہ تجزيو ڪنداسون تہ اسان پنهنجون اوٽايون ڪڍي طاقتور بڻجي سگهنداسون ۽ دشمن جي اوٽاين مان گهڻو فائدو بہ حاصل ڪري سگهنداسون ۽ سندس طاقت کي ختم بہ ڪري سگهنداسون.

اسان جو مکيہ مقصد بورجوا کي اڪيلو ڪرڻ آهي. جنهن جي ڪوشش اسان کي اڪيلي ڪرڻ جي آهي. هي هلچل ڏکي آهي. جنهن جي شدت کي گهٽائي بہ ڪونہ ٿو سگهجي پر هن جدوجهد اجا هٿياربند صورت اختيار ڪانہ ڪئي آهي.

جڏهن اسان مٿي بيان ڪيل ستن نقطن کي سمجهي وياسون تہ پوءِ اسان کي معلوم ٿي ويندو تہ جدوجهد کي ڪهڙي طريقي سان هلائجي. هن کان سواءِ چيئرمين مائو پنهنجي طرفان چار نقطا پيش ڪيا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ انهن جي آڌار هيٺيان سوال اٿاري سگهجن ٿا.

پهريون تہ بورجوا پرولتاري ڏڙ خلاف تحريڪ هلائڻ ۾ هوشيار آهي. تنهن ڪري اسان کي اڳتي وڌڻ دوران اتڪل بازيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي لباڙي ۽ اصطلاح پسند ماڻهن کان ٿوري وقت لاءِ الڳ ٿيڻو پوندو. اسان جي اها حڪمت عملي رڳو هڪ ڏيکاءُ هوندي. اسان جو ظاهر مقصد اهو هوندو تہ اسان بورجوا طبقي کي پڙڪائڻ ڪونہ ٿا چاهيون. ان جو نتيجو اهو ٿيندو جو هو اسان کان لاپرواهہ ٿي ۽ ڌيان ڪونہ ڏريندو. اسان ڳجهہ ڳوهہ ۾ بنيادي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏينداسون ۽ خالي ٻناڪون هٽي دشمن کي ڊيڄاري خبردار ڪونہ ڪنداسون.

ٻي ڳالهہ هيءَ ڪنداسون جو متحد محاذ لاءِ بہ اسان کي منصوبہ بندي ڪرڻي پوندي. اسان جا گهڻا ڪامريڊ ڪومنتانگ جي رٿابندين کان واقف آهن. اسان کي هن معاملي ۾ ڪجهہ لچڪدار ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي پارٽي جي مفادن کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ انهن ماڻهن سان لاڳاپا وڌائڻا پوندا. هن جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ پنهنجي پارٽيءَ جي سالميت لاءِ اسان کي دروازا بند ڪري ويهڻو آهي. پر ان کي منجهيل ماحول اندر بحال رکڻو آهي.

ٽيون نقطو هي آهي تہ اسان کي پنهنجي سياسي ڪارڪنن ۽ فوجين کي خاص قسم جي تربيت ڏيڻي پوندي. اسان جي سٽن ۽ تجربيڪار ڪارڪنن هن مقصد لاءِ پنهنجون زندگيون قربان ڪري ڇڏيون آهن. هن نقصان جي ترت ازالي لاءِ پارٽي جي هزارن ڪارڪنن کي اهڙي سکيا ڏني

ويندي انهيءَ سکيا لاءِ ريڊ آرمي کي اسڪول بڻجڻو پوندو. ان ڪري اسان کي ريڊ آرمي جي ڪجهه ماڻهن کي ميداني سرگرمين کان الڳ ڪري، پارٽي جي ڪارڪنن کي فوجي سکيا ڏني ويندي انهيءَ مقصد سان ته جيئن گوري حڪومت وارن علائقن لاءِ فوجي ڪارڪن پيدا ڪري سگهجن. ان سان گڏ سوويت علائقي جو هر ماڻهو فوجي هئڻ گهرجي. اسان لاءِ عظيم انقلاب جو مطالعو ڪرڻ به اهم آهي. انهيءَ وسيلي اسان نون ڪامريڊن کي سياسي شعور ڏئي سگهنداسون. چوٿين ڳالهه هيءَ آهي ته اسان پارٽي جي ڪارڪنن ۽ عوام کي بين الاقوامي صورتحال بابت ضرور ڄاڻ ڏيون. اسان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي حڪمت عمليءَ بابت فيصلن ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي صورتحال تي نظر رکون. ڇاڪاڻ ته هن جو چين تي 1927ع وارين حالتن کان وڌيڪ فيصلو ڪن اثر ٿيندو. اهو لازم آهي ته اسان چيني انقلاب کي دنيا جي پرولتاري انقلاب جي وڌيڪ ويجهو آڻيون.

پنجون نقطو هي آهي ته ڪومنتانگ خلاف هٿياربند جدوجهد جي ختم ٿي وڃڻ کانپوءِ حڪمت عملي، اصولن ۽ نظرين بابت اسان جي جدوجهد گهٽي اهميت اختيار ڪري وئي آهي. ڪومنتانگ ۽ ٻين ماڻهن خلاف اسان جي تنقيد نهايت طاقتور هئڻ کپي ۽ عوامي کي ڪميونزم بابت شعور ڏيڻ به ضروري آهي.

مٿي بيان ڪيل نقطن جو تعلق عملي جدوجهد سان آهي. چيئرمين مائو جا چار نقطا نهايت اهم آهن. ان کان سواءِ ريڊ آرمي، خاص خاص علائقن جو اهم ڪردار، ڪميونسٽ پارٽي جي ترقي ۽ طاقت، عوامي تنظيمن جو هنڌين ماڳين پکڙجڻ ۽ ڪومنتانگ فوج کي متاثر ڪرڻ به نهايت اهم ڳالهيون آهن. جيڪڏهن اسان جو هر ڪامريڊ اٽل ارادي سان انقلابي دستي سان ۽ صحيح طريقي سان ڪم ڪندو رهندو ته اسان جي سوڀ اٽل آهي. هن سان گڏ جمهوري چين اڳتي وڌي سوشلسٽ ملڪ بڻجي ويندو. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته انقلاب کي ٻيهر شڪست ڏيڻ ناممڪن ڪونه آهي.

جپان خلاف ڇاپا مار جهيڙي لاءِ بنيادي مسئلا!

16 آڪٽوبر 1937ع

اتر چين جي ماڻهن واسطي جپان خلاف جدوجهد لاءِ ڇاپا مار ويڙهه وڏيڪ سني آهي.

لوگائو چيائو Lugouqiao جي واقعي کان اڳ چيني ماڻهن جو جپاني اڳرائي خلاف جدوجهد جو مکيه نمونو غير فوجي هو. اهو طريقو جپاني مال جي بائڪاٽ، مظاهرن ۽ هڙتالن تي مشتمل هو. جنهن ۾ سياسي طور باشعور شاگرد ۽ دانشور اڳواٽي ڪندا هئا. مٿي ذڪر ڪيل واقعي کان پوءِ هٿياربند جدوجهد ۽ مقابلا شروع ٿي ويا آهن. هيءَ هڪ نئون مرحلو آهي يعني هي مرحلو جپان خلاف ڇڙ جنگ جو اعلان آهي. هاڻي جپان خلاف فوج ۽ هٿياربند عوام پهرينءَ صف ۾ وڙهي رهيو آهي.

عام طور هٿياربند جدوجهد هيٺين ٽن شڪلين ۾ هوندي آهي.

(1) باضابطه جنگ

(2) ڇاپا مار ويڙهه

(3) هٿياربند بغاوت.

موجوده دور ۾ سياسي طور ملڪ لاءِ مجموعي طور ويڙهه جو مکيه طريقو باضابطه جنگ آهي جيڪو جپان سامراج کي لوڏي ڪيڻ لاءِ ڪم آندو پيو وڃي. اتر چين ۾ به ويڙهه جو هي ساڳيو طريقو ڪتب آندو پيو وڃي.

بدقسمتي سان هن باضابطه جنگ ۾ ڪي اوڻايون موجود آهن. هن جنگ جي قيادت سياسي پارٽيون، فوج ۽ وقت جي حڪومت ڪري رهيون آهن جيڪي اجا تائين ڪن غلط اصولن کي چنبڙيا پيا آهن ۽ صحيح حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ثابت ٿيا آهن. هن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اتر چين ۾ جپان سامراج خلاف باضابطه جنگ جو طريقو شڪست کائي ويو آهي. جتي وڏا شهر ملڪ جو حصو ۽ رابطي جا اهم رستا دشمن جي هٿن ۾ اچي ويا آهن. جن کي اندروني ملڪ جي حملي لاءِ جپان استعمال ڪري رهيو آهي. باضابطه جنگ ۾ موجود ڪي اوڻايون ۽ ڪيل غلطين جو ازالو هڪ ڏينهن يا هڪ مهيني ۾ ڪرڻ ممڪن ڪونه

آهي. هن کان سواءِ جپان خلاف اتر چين ۾ باضابطہ جنگ ۾ ايٽٿ روٽ آرمي Eighth Route Army کي مکيہ قوت طور استعمال ئي ڪونہ ڪيو ويو. هو. عوام کي اجا تائين وسيع پئماني تي منظم طريقي سان هٿياربند ڪرڻ شروع ئي ڪونہ ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري اتر چين ۾ جپان خلاف باضابطہ جنگ ۾ زبردست شڪست کائڻ جا امڪان موجود آهن.

جيڪڏهن اسان جنگ جي هن طريقي ۾ شڪستون کاڌيون تہ اتر چين جپان جي مزاحمت لاءِ ڇاپا مار ويڙهہ جو طريقو ڪتب آڻيندو ڇاڪاڻ تہ جپان کي مُهاڏي ڏيڻ لاءِ ڇاپا مار ويڙهہ کان وڌيڪ موثر جنگ جو طريقو ٻيو ڪونہ آهي، پر مجموعي طور چين لاءِ جدوجهد جو اهم طريقو باضابطہ جنگ آهي.

اج ڪلهہ اتر چين جي ماڻهن واسطي اهم ڪم هي آهي تہ جپان خلاف ڇاپا مار ويڙهہ جي طريقي کي هنڌين ماڳين پکيڙيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هتي جپان کي مهاڏي ڏيڻ جو هي ڪامياب طريقو آهي. جيڪو ماڻهو جپان خلاف وڙهڻ چاهي ٿو تنهن کي هن قسم جي ڇاپا مار ويڙهہ کان نتائڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن اسان اتر چين ۾ ڇاپا مار جنگ جي مقصد سان سوين، هزارين بلڪ لکين ماڻهو تيار ڪريون تہ اسان هڪ روشن مستقبل جي توقع ڪري سگهون ٿا. اهڙي صورتحال لاءِ اسان کي هيٺيون سياسي ۽ فوجي قسم جون ڳالهيون نظر ۾ رکڻيون پونديون.

(1) ائين ڪرڻ سان جپاني قوت کي اتر چين ۾ رڌائي رکبو ۽ وچ ۽ ڏکڻ چين ۾ سندس باضابطہ جنگ جو باهمي لاڳاپو ڇڄي ويندو.

(2) اتر چين جي ڇاپا مار جنگ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڏکڻ چين ۾ جپان خلاف مزاحمتي جنگ ڊگهي ٿي ويندي ۽ سندس شڪست يقيني ٿي ويندي.

(3) جپان جيڪڏهن چين جي اندروني حصن تي حملو ڪندو تہ عوام سندس چوڌاري ڪڙو چاڙهي ڇڏيندو جنهن جي نتيجي ۾ جپاني فوج ناس ٿي ويندي ۽ سندس فتح ڪيل چين جو علائقو اسان جي هٿ هيٺ اچي ويندو.

(4) اتر چين جي ماڻهن کي ڪاميابي حاصل ٿي ويندي ۽ جپان جي حمايتن کي عبرتناڪ سزا ڏئي سگهبي. ان کان سواءِ جپان جي فرمانبردار ماڻهن کي واڪو ڪري سگهبو ۽ انهن ماڻهن کي بہ سمجهي وٺبو جيڪي پنهنجي قوم جي شڪست جا حامي هئا. هن سان گڏ جپان سان مصلحت ڪندڙ ماڻهن جي چڱيءَ ريت نگراني ڪري سگهبي. ڇاپا مار جنگ وسيلي ساري دنيا کي پتو پئجي ويندو تہ چين جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي جي هڪ هڪ انچ لاءِ آخري وقت تائين وڙهي سگهن ٿا.

(5) جيڪڏهن گوريلا يا ڇاپا مار ويڙهه هنڌين ماڳين پکڙجي وئي ۽ فتحون حاصل ڪندي رهي، ته هن ڇاپا مار ويڙهه کي باضابطه جنگ جي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. جيڪا جپان کي لوڏي ڪيڻ واسطي اتر چين جي ماڻهن جي ويڙهه جو مکيه طريقو هوندي.

گهڻا ماڻهو اتر چين ۾ ڇاپا مار يا گوريلا ويڙهه جي چوڌاري پکڙجي ويڻ جي سياسي ۽ فوجي اهميت کي سمجهن نه ٿا ۽ کين ان جي مستقبل ۾ شڪ آهي. اهي پڇن ٿا اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو جو منتشر ڇاپا مار ويڙهاڪن جون ٽوليون جپان جي ايڏي وڏيءَ ريگولر فوج کي شڪست ڏينديون. جيڪي عام ماڻهن مان ڪنيون ويون آهن ۽ جن کي وڙهڻ جي ڪابه سکيا ڪانه ڏني وئي آهي. جڏهن اتر چين جي تربيت يافته لکن جي تعداد ۾ ريگيولر فوج جپاني حملہ آور فوج کي روڪڻ جي بدران هر جڳهه تي شڪست کاڌي هئي. پر هن قسم جي سوچ بلڪل غلط آهي. کين اهو احساس ڪونه آهي ته اسان جي اتر چين واري فوج يا عوام تي شڪست جو الزام مڙهڻ غلط آهي. اهو نه سمجهيو وڃي ته اتر چين جي ايڏيءَ وڏي فوج جپان هٿان شڪست ڇو کاڌي هئي. جنهن سان اتان جو عوام به گڏ هو پر حقيقت اها هئي جو ايتري وڏيءَ فوج جو پاڻ ۾ رابطو گهٽ هو ۽ ان جي بي پايان سگهه کي منظم نموني سان ڪتب ڪونه آندو ويو هو. هن شڪست لاءِ حڪومت کي ذميوار سمجهڻ کپي. انهن سڀني غلطين ۽ اوڻاين جو ازالو اتر چين واري هي گوريلا ويڙهه ڪري ڇڏيندي هن عوامي ڇاپا مار جنگ جو مستقبل نهايت روشن آهي.

اتر چين ۾ ڇاپا مار جنگ کي اڳتي وڌائڻ واريون حالتون ۽ ڪاميابين لاءِ سندس روشن مستقبل

جيڪڏهن اتر چين جا مکيه رستا، وڏا ۽ اهم شهر دشمن جي قبضي هيٺ هجن ته اهڙين حالتن هيٺ جپان دشمن قوت کي ڪهڙي طريقي سان وڙهڻ گهرجي؟

دشمن جي فائدي ۾ هيٺيون ڳالهيون آهن.

پهريون ته هن پنهنجي فوجي سگهه کي وڏن شهرن، فوجي نوعيت جي اهم جڳهن تي وڏيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي. هي ريلوي، شاهراهن ۽ صنعتي مرڪزن کي استعمال ڪري پنهنجي فوج کي جتي به چاهي پهچائي سگهي ٿو.

ٻي ڳالهہ تہ دشمن وٽ جنگي هٿيار ۽ اوزار وڌيڪ طاقتور آهن.
ٽين ڳالهہ تہ اتر چين جا ماڻهو هر جڳهہ تي دشمن ڪي مُهاڏو ڏئي رهيا آهن.
چوٿون نقطو هي آهي تہ دشمن پنهنجي پنئين پاسي کان بچاءَ کان سواءِ وڙهي ڪونہ سگهندو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ان علائقي مان کيس کاڌ خوراڪ ۽ ٻي رسد پهچي نہ سگهندي تہ گهڻو وقت وڙهي ڪونہ سگهندو.
پنجين ڳالهہ تہ دشمن پنهنجي فوج کي اتر چين جي ٻهراڙين تائين پکيڙي ڪونہ سگهندو. تنهن ڪري ڊگهيون شاهراهون ۽ آمد رفت وارا وسيلا هر جڳهہ تي حملي ڪرڻ جوڳا آهن. ڇاپا مار ويڙهاڪن جون ٽوليون جتي بہ چاهين سندن رابطي ۽ اهڙن وسيلن کي ڏانوانڊول ڪري سگهن ٿيون.
ڇهين ڳالهہ تہ دشمن جي گهٽي ۾ گهٽي فوج اتر چين موڪلي وئي آهي.
ستين نقطن ۾ اتر چين ۾ دشمن جي طاقت ۽ ڪمزورين کي چٽو ڪري بيهاريو ويو آهي.
هاڻي اسان کي ڏسڻو اهو آهي تہ اسان جي فوج ۽ ڇاپا مار ويڙهاڪ ٽولين جون ڪهڙيون ڪمزوريون آهن؟
پهريون، خاص حڪمت عمليءَ جي نقطہ نظر کان اسان اندروني رستن تي ڪارروايون ڪري رهيا آهيون. جيئن تہ اسان جون سرگرميون دشمن جي پنئين پاسي کان يا پاسن کان ٿي رهيون آهن ان ڪري اسان لاءِ گهربل جڳهہ تي فوج ۽ رسد موڪلڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو ۽ ٻاهرئين پاسي کان بہ ڪنهن بہ قسم جي رسد ملي ڪانہ سگهندي
ٻيو تہ دشمن جي ڀيٽ ۾ اسان جا هٿيار معياري ڪونہ آهن.
ٽين ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان هر جڳهہ تي عوامي امداد حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان کي زمين جي مٿاڇري، مقامي حالتن ۽ رسم رواج جي پوري خبر آهي.
چوٿين ڳالهہ هيءَ آهي تہ هتي وسيع جابلو علائقو ۽ ڪشادا کليل ميدان آهن. تنهن ڪري دشمن هتي پنهنجي فوج ڊگهي عرصي تائين رهائي ڪونہ سگهندو. هي علائقو اهڙو آهي جو گوريلا ويڙهاڪن جو اهم مرڪز بڻجي سگهي ٿو.
پنجون تہ اسان جا فوجي عملدار ۽ ماڻهو پنهنجي نموني سان وڙهي رهيا آهيون.
ڇهين ڳالهہ تہ اسان وٽ اتر چين ۾ فوجي مرڪزي طاقت، ايٽٿ رؤٽ آرمي موجود آهي جيڪا گوريلا ويڙهہ ۽ هر جڳهہ تي پهچي دشمن تي جَهٽ هڻڻ جي ماهر آهي.

هن سان گڏ حڪومت جا اهلڪار جاگيردار ۽ سرمائيدار عوام جو استحصال ڪري رهيا آهن مٿن ڏاڍو ظلم ڪري رهيا آهن. سندن ڏکن ڏولائن واري زندگي ۾ سڌارو ڪونہ آيو آهي. جپان دشمن طاقت جيڪا هاڻي هن خلاف ڪارروايئن ۾ رڌل آهي تنهن ۾ نظم ضبط نالي واري ڪا شيءِ موجود ئي ڪانہ آهي جنهن جو عوام تي ڏاڍو خراب اثر پئجي رهيو آهي. گهڻي عرصي کان وٺي ماڻهن کي جمهوري حق حاصل ڪونہ آهن. نہ وري اهي اُتي ڪا تنظيم جوڙي سگهيا آهن. چيني حڪومت منگوليا جي هوئي Hui ۽ اتر اولهہ جي ٻين اقليتن لاءِ غلط قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. اتر چين ۾ ڪن ڳجهين تنظيمن ۽ ڌاڙيلن جو راڄ آهي. هي اهڙيون ڳالهيون آهن جن تي اسان کي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻو آهي ۽ ڇاپا مار ويڙهہ کي وسيع پئماني تي پکيڙڻو آهي. هن قسم جي جهيڙي ۾ اسان کي خاص نوعيت جي تدبير ۽ حڪمت عملي اختيار ڪرڻي آهي. جڏهن گوريلا ويڙهہ وسيع پئماني تي پکڙجي ويندي ۽ اسان جي تدبير ۽ حڪمت عملي سوپاري ٿيندي تہ پوءِ هوريان هوريان سڀ ڳالهيون اسان جي فائدي ۾ ٿينديون وينديون.

مٿي اهڙيون حالتون ٻڌايون ويون آهن جن تحت اتر چين ۾ جپان دشمن قوتون اڳتي هلي وڌنديون. اسان اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکي تدبيرن، حڪمت عملين ۽ جنگ جي فن جو تعين ڪري سگهنداسون. ڇاپا مار جنگ جي فن ۽ حڪمت عملي تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. تنهن ڪري آئون هن موضوع تي بحث ڪرڻ ڪونہ ٿو گهران. مون کي هتي فقط هي چوڻو آهي تہ اسان کي ڇاپا مار ويڙهہ کي جتي ڪٿي پکيڙڻو آهي ۽ صحيح جنگي فن، حڪمت عملين ۽ تدبيرن تي عمل ڪرڻو آهي. پوءِ جيڪڏهن دشمن اندرين علائقن ۾ گهڙي آيو تہ پنهنجي ڇڏي آيل علائقن سان سندس رابطو رکڻ مشڪل ٿي پوندو. ريلوي پٽڙيون ۽ روڊ هزارن ميلن ۾ پکڙيل آهن جن تي گوريلا جهٽ هٽي دشمن جي رابطي کي ختم ڪري سگهبو. تنهن ڪري دشمن رابطي کي قائم ڪرڻ لاءِ بي انتها فوج کي هزارن ميلن جي ريلوي پٽڙين ۽ روڊن تي ويهاري ڇڏيندو. اهڙي ريت اندرين علائقن ۾ موڪليل فوج کي رستن جي پهريداري ۾ رڌائي ڇڏينداسون. اسان جي ريگيولر فوج کين تباهہ ڪرڻ ۽ دشمن جي قبضي هيٺ آيل علائقي کي واپس وٺڻ ۾ سوپاري ٿي سگهندي مختصر تہ گوريلا پنهنجي تعداد آڏار تمام گهڻيءَ دشمن کي مهاڏو ڏئي سگهندا ۽ ڪاميابيون ماڻي سگهندا. اتر اوپر چين جي رضاڪار ويڙهاڪن کي ڇاپا مار ويڙهہ جو گهڻو تجربو آهي. ان کان سواءِ ايٺٿ روٽ آرمي کي انهيءَ قسم جي

ويڙهه جو به گهڻو تجربو آهي. هنن پنهنجي ويڙهاڪ ڌرين کي هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو: اوهان ان دشمن جي وڏيءَ فوج کي گوريلا ويڙهه وسيلي هڪ ذليل شڪست ڏئي سگهو ٿا جنهن اوهان جي لکين ريگيولر فوج کي شڪست ڏني آهي. تنهن ڪري اتر چين ۾ گوريلا ويڙهه جو مستقبل روشن آهي.

دشمن کي شڪست ڏيڻ جي مقصد سان جنگي فن ۽ حڪمت عملين تي صحيح طريقي سان عمل ڪرڻ کان سواءِ هيٺ ڏنل نقطن تي پڻ سوچڻو ويچارڻو پوندو.

(1) کين عوام جي منظم امداد حاصل ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو پنهنجي سرگرمين کي ڳجهو رکي سگهن. هنن کي دشمن جي ساري چرپر جو پتو هئڻ کپي ۽ عوام کان کاڌ خوراڪ ۽ ويڙهه لاءِ ماڻهو طلب ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته هو گهڻو وقت دشمن سان مقابلو ڪري ڪونه سگهندا نه وري اڪيلي سر سوڀ حاصل ڪري سگهندا.

(2) ماڻهن جي اهڙي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي مفادن جي تحفظ واسطي ڪي واضح حڪمت عمليون اختيار ڪرڻيون پونديون ۽ سندن خواهشن جو احترام ڪرڻو پوندو.

(3) پنهنجن مختلف حڪمت عملين کي عملي جامي پارائڻ جي ضمانت ڏيڻ واسطي کين سياسي ۽ فوجي طور نظم ضبط رکڻو پوندو. عملدارن ۽ عوام وچ ۾ هڪ جهڙائي رکڻي پوندي. جيڪڏهن هنن ٽن ڳالهين تي عمل نه ڪيو ويو ته ڪيترين صحيح حڪمت عملين ۽ جنگي فن جي استعمال ڪرڻ کان پوءِ به اوهان ڪاميابي حاصل ڪري ڪونه سگهندا. تنهن ڪري يقيني ڪاميابيءَ واسطي ڇاپا مار ويڙهه کي وسيع پيماني تي پکيڙڻ سان گڏ ڇاپا مارن جي اهڙي جوڙجڪ رکڻي پوندي جنهن کي صحيح قسم جون حڪمت عمليون اختيار ڪرڻيون پونديون ۽ ڇاپا مار ويڙهاڪن جون جيڪي ٽوليون پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ ناڪام ٿيون هجن، تن جي نئين سر تنظيم ڪرڻي ۽ سندن دل وڌائڻي پوندي. اسان کي جپان خلاف ڇاپا مار مرڪز قائم ڪرڻا پوندا. جيڪي چين اندر جپاني حڪومت خلاف ڪارروايون ۽ ڇاپا مار سرگرمين جي اڳواڻي ڪندا رهندا.

جپان خلاف هٿيار بند قوت جو نهڻ ۽ ان جي نئين تنظيم ڪرڻ

جيڪڏهن اتر چين تي جپان سامراج قبضو ڪري وجي ٿو ته ڪميونسٽ پارٽي اڪيلي سر ان سان مهاڏو ڏئي ڪانه سگهندي ان حالت ۾ سڀ پارٽيون، گروهه، فوج، عوام ۽ ٻيون قومپرست ڌريون جپان خلاف وڙهڻ جو

تعين ڪنديون ۽ ڇاپا مار ويڙهاڪن سان هٿ هٿ ۾ ملائي ڌرتيءَ جي دشمن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون. ائين ٿيڻ سان اتر چين ۾ ڇاپا مار ويڙهه جي باهه ڇوڏس پکڙجي ويندي جيڪا هڪ سٺي ڳالهه آهي. هن جو نتيجو هي به ٿي سگهي ٿو ته هٿياربند قوت عام گروهن سان گڏجي ڪانه سگهندي امڪان آهي ته اهي پنهنجي الڳ جنگي حڪمت عملي اختيار ڪن ۽ سندن نقطئہ نظر به مختلف هجي. هنن امڪاني ڳالهين کي نظر ۾ رکندي آئون هيءَ رٿ ڏئي رهيو آهيان ته جپان دشمن ويڙهه ۾ جنبيل سيني ڌرين جو پاڻ ۾ هڪ باهمي اتحاد هئڻ کپي ۽ انهن مرڪزي حڪمت عملين تي عمل ڪيو وڃي جيڪي سيني ڌرين اتفاق راءِ سان منظور ڪيون هونديون.

اندازو اهو آهي ته اڄ ڪان پوءِ جپان دشمن قوتون هيٺئين قسم جي ڌرين جي اتحاد تي مشتمل هونديون.

(1) اهي قوتون جن جي سڌي سنئين اڳواڻي ڪميونسٽ پارٽي ڪري رهي آهي.

(2) انهن فوجين جا ڪجهه حصا جن هن علائقي ۾ جپان خلاف مزاحمتي ويڙهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪي هاڻي مختلف گروهن ماتحت سرگرم آهن.

(3) مختلف هٿياربند جٿا جيڪي اڳ جاگيردارن جا ملازم هئا.

(4) اهي هٿياربند جٿا جيڪي عوام پاڻهرتو منظم ڪيا آهن.

(5) هٿياربند ڏاڙيل ۽ ڳجهيون سوسائٽيون.

(6) فوجي جوان جيڪي هٿ ٺوڪي منگوليا جي لشڪر مان ڀڄي نڪتا آهن.

(7) منگوليا ۾ هوئي جي عوام جون جوڙيل تنظيمون.

(8) امڪان آهي ته مستقبل جي مزاحمتي جنگ ۾ جپان خلاف بغاوت ڪندڙ ۽ ان ويڙهه ۾ حصو وٺندڙ ماڻهو به اچي شريڪ ٿين. خاص طور اهي ڌريون جيڪي جپان کي مهاڏي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيڻ لاءِ متفق ٿينديون. پر پنهنجي حڪمت عملين ۽ نقطئہ نظر ۾ هڪ ٻئي کان مختلف هونديون پر طاقتور جپان سامراج کي شڪست ڏيڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ضرور سوچڻو ويچارڻو پوندو:

(1) اتر چين جون سڀ هٿياربند قوتون جپان خلاف سرگرمين لاءِ هڪ متحد فوج منظم ڪن. هڪ گڏيل هيڊ ڪوارٽر جوڙن ۽ قومي حڪومت جي مرڪزي ملٽري ڪائونسل جي اڳواڻي قبول ڪن.

(2) متحد فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽر ۽ متحد فوج جي هر شاخ واري فوجي علائقي ۾ هڪ فوجي ڪائونسل جوڙي وڃي، جيڪا جپان دشمن قوتن جي نمائندن تي مشتمل هجي. هنن ڪائونسلن جو ڪم جنگي حڪمت عملين ۽ جنگي تدبيرن بابت فيصلا ڪرڻ هوندو. ان کان سواءِ دشمن خلاف جنگ ڪرڻ جي منصوبہ بندي ڪرڻ ۽ متحد فوج جا ڪمانڊر چونڊڻ بہ سندن ذميواري هوندي.

(3) جنگ کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ منتشر قوتن کي هڪ ٻئي سان ملائي جپان خلاف هڪ باضابطہ فوج تشڪيل ڪرڻي پوندي. جڏهن ممڪن ٿئي تہ ڪميونسٽ پارٽي بہ ڪوشش ڪري پنهنجي مختلف ڌرين کي گڏي، هڪ ٻئي سان ملائي هڪ باضابطہ فوج جوڙڻ جي ڪوشش ڪري پر هي سڀ ڳالهيون رضاڪارانہ طور ڪيون وڃن ۽ ڪنهن جي مرضيءَ خلاف هڪ ڌر کي ٻيءَ سان ملائڻ نہ گهرجي نہ وري ڪنهن نئين تنظيم جي جوڙجڪ ڪرڻ گهرجي.

(4) جيڪڏهن ڪميونسٽ پارٽي کي جپان خلاف جهيڙي ۾ فتح نصيب ٿئي ٿي تہ اهڙي ڪاميابي ۽ نيڪ نامي نہ رڳو پنهنجي لاءِ هوندي پر پنهنجي فوجي ساٿين لاءِ بہ هوندي. فتح حاصل ڪرڻ دوران جيڪي ڪيس نوان تجربا حاصل ٿيا هوندا تن کان ساٿي فوجي جٿن کي ضرور واقف ڪندي. ان سان گڏ ايمانداريءَ ۽ ڪليءَ دل سان جپان دشمن قوتن جي سياسي، فوجي ۽ تنظيمي معاملن جي نئين سر جوڙجڪ ۾ مدد ڪندي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اهي بہ مضبوط ويڙهاڪ يونٽ بڻجي سگهن. هن کان سواءِ ڪيس بنا ڪنهن لحاظ جي پنهنجي اتحادي فوجن جي غلطين ۽ اوڻاين تي ڀرپور تنقيد بہ ڪرڻ گهرجي.

جپان خلاف مزاحمتي جنگ ۾ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ هر جاءِ تي فوج کي منظم ڪرڻ کان سواءِ موجود فوجي قوتن کي متحد ڪيو وڃي، کين هڪ ٻئي سان ملايو وڃي ۽ منجهن مرڪزيت پيدا ڪئي وڃي. هن سبب ڪري ڪميونسٽ پارٽي، نانجنگ جي مرڪزي حڪومت ۽ مقامي اختيارين وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا آهن. پوين ٻنهي ڌرين جي خواهش آهي تہ جپان دشمن ويڙهہ ۾ عوام کي شريڪ نہ ڪيو وڃي. پر ان جي ابتڙ اسان جو خيال آهي تہ ماڻهن کي هٿياربند ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي. کين رائفلون ڏنيون وڃن ۽ سندن ٻي مدد پڻ ڪئي وڃي. هن ۾ ڏجڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونہ آهي تہ جپان دشمن قوتون تمام گهڻيون ٿي وينديون ۽ سندن نظريا ۽ سرگرميون بہ مختلف هونديون. ساڳئي وقت ڪميونسٽ پارٽي ۾ الڳ رهڻ جو لاڙو آهي. هڪ طرف

اها جپان سامراج سان پنهنجي جدا حيثيت ۾ مهاڏي ڏيڻ جو سوچي رهي آهي جنهن ڪي ٻيون جپان دشمن قوتون انفرادي طور پسند ڪونه ٿيون ڪن. ٻئي طرف هيءَ پارٽي اهو به چاهي ٿي ته انهن جو زبردست اتحاد جڙڻ کپي. اها ڳالهه اتحاد, مرڪزيت ۽ جمهوري اصولن مطابق هئڻ کپي.

اسان سمجهون ٿا ته جپان خلاف مزاحمت ۾ حصو وٺندڙ قوتن کي نئين سر تنظيم جي سخت ضرورت آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته هنن کي نه ڪاميابي حاصل ٿي سگهندي نه اڳتي وڌي سگهندا پر هن علائقي ۾ سندن وجود به خطري ۾ پئجي ويندو. نئين سر تنظيم مان اسان جو هي مطلب آهي: پهريون ته اسان انهن قوتن کي جپان خلاف وڙهڻ لاءِ سياسي محور ڏينداسون, ڪين سياسي طور مضبوط ڪنداسون, ان سان نظم و ضبط سولائيءَ سان قائم ڪري سگهبو سندن حوصلا بلند ٿي ويندا, منجهن جان نثاري جو جذبو پيدا ڪري سگهبو.

ٻيو اسان عام خاص ماڻهوءَ سان موجود سلوڪ کي سڌاري سگهنداسون ساڻن سنو سلوڪ ڪونه ٿو رکيو وڃي. ڪين ماريو ٿو وڃي, گاريون ڏنيون ٿيون وڃن ۽ سندن بي عزتيون ڪيون ٿيون وڃن سي ختم ٿي وينديون ۽ هر عملدار ۽ عام ماڻهوءَ ۾ هڪ جهڙائي قائم ڪئي ويندي چاڪاڻ ته گوريلا ويڙهه نهايت خراب حالتن دوران وڙهي پئي وڃي ۽ فوجي جوان ڪي پگهاردار ڪونه آهن. ڪين فقط چار ڏوڪڙ ۽ کاڌ خوراڪ ڏني وڃي ٿي پر هو پنهنجي ڌرتي ۽ قوم کي بچائڻ ۽ جپان کي مهاڏو ڏيڻ لاءِ سر ترياءَ تي کڻي وڙهي رهيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان چاهيون ٿا ته ڪين ماريو نه وڃي, انهن کي گاريون نه ڏنيون وڃن نه وري ساڻن ڪو ٻيو اڻ سُونهرو سلوڪ ڪيو وڃي ۽ گهٽ نه سمجهيو وڃي. جيڪڏهن جپان جي فوجين سان اهڙو اڻنگو سلوڪ ڪيو وڃي ته هوند هو فوج ڇڏي هليا وڃن ۽ ڪير به فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ پسند ڪونه ڪري جيڪڏهن پنهنجي فوجين سان اهڙو رويو رکيو ويندو ته حوصلا هاري ويهندا ۽ جپان جي فوج سان وڙهڻ ئي ڪونه چاهيندا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو نه اسان جهيڙو ڪتي سگهنداسون ۽ نه وري هتي زنده رهي سگهنداسون.

ٽيون نقطو هي آهي ته آمدني جي ذريعن جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي. اهڙو انتظام هلائڻ لاءِ فوجي مناسب ماڻهن جي چونڊ ڪندا. ائين ڪرڻ سان فوجين ۾ ڪاپي جي شين جي نه ملڻ ڪري جيڪو هڪ ٻئي خلاف ساڙ ۽ ڪينو آهي سو به ختم ٿي ويندو ۽ خراب ماڻهن کي پنهنجي کيسن ڀرڻ واري رستي کي به روڪي سگهبو.

چوٿين ڳالهہ تہ هر يونٽ مان ٻڌتر وارو ماڻهو ٻاهر ڪڍي سگهبو ۽ مستقل مزاجيءَ جو پتو پئجي سگهندو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن جپان خلاف ڏگهي مزاحمتي ويڙهہ ۾ سوپ حاصل ٿيڻ تائين وڙهندو رهجي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جو خيال آهي تہ جنهن يونٽ ۾ متي ڄاڻايل اوڻايون آهن. تنهن جي نئين سر تنظيم ڪئي وڃي. هي اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جيڪو هن سرگرميءَ لاءِ مفيد هوندو. ساڳئي وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ کي گهرجي تہ اها ڪجهہ عرصي لاءِ اهو ذمو اختيار ڪري ۽ پنهنجي ساٿي فوجي يونٽن جي تجربن مان سگهاريون ڳالهيون چونڊي ۽ سکي ۽ پنهنجي يونٽن جي نئين سر تنظيم ۾ شامل ڪري.

جپان خلاف گوريلا مرڪزن جو قيام ۽ جپان دشمن حڪومتون

گوريلا ويڙهہ لاءِ ڪي مقرر ٿاڪ يا اڏا ضروري هوندا آهن. جيڪڏهن ڇاپا مار ويڙهاڪن لاءِ ٿاڪ نہ هوندا تہ هو مقابلا ڪري ڪونہ سگهندا نہ وري پاڻ سنڀالي سگهندا. جيتوڻيڪ اتر چين جا رابطي جا مکيہ ذريعا ۽ وڏا شهر جپاني فوج جي قبضي ۾ آهن. پر ٻهراڙيون جابلو جُوءِ ۽ ڪيترن صوبن جون وسيع ايراضيون جپاني فوج جي پهچ کان پري آهن يا هنن لاءِ اتي گهٽي عرصي لاءِ ترسي پوڻ ممڪن ڪونہ آهي. اسان کي گهرجي تہ اهڙين جاين تي جپان دشمن اڏا ٺاهيون جيڪي گوريلا ويڙهاڪن جي سرگرمين لاءِ محفوظ هجن.

ڪي اهڙيون ايراضيون جيڪي اصلوڪين حڪومتن جي سرحدن اندر موجود آهن. هنن مان ڪجهہ حڪومتون جپان خلاف مهاڏو ڏيڻ ۽ ڪي جپان جي ڏنُ ڀرڻ لاءِ تيار آهن ۽ ڪي وري سندس ٻانهن ٻيلي ۽ ير جَهلُو ٿيڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. مهاڏي ڏيڻ واريون ڪجهہ حڪومتون ختم ٿي ويون آهن ۽ حڪمران بہ نڪري هليا ويا آهن جن تي جپان جي ڪا نہ ڪا حمايتي حڪومت اچي قبضو ڪيو آهي. نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجو هڪ اتحاد جوڙي ورتو آهي. اسان چاهيون ٿا تہ انهن علائقن ۾ جپان دشمن عوامي حڪومتون قائم ڪريون. ان لاءِ اسان جو نعرو آهي، "حمايتي حڪومتون ۽ نظم ضبط رکڻ لاءِ سندن اتحاد ختم ڪيا وڃن"، "ڏنُ ڀرو حڪومتن سان جنگ ڪريو" ۽ "هڪ پارٽيءَ جي آمريت ختم ڪريو انهيءَ جاءِ تي جپان دشمن عوامي حڪومت قائم ڪريو". اسان اهڙيون جپان دشمن سگهاريون حڪومتون قائم ڪرڻ چاهيون ٿا جن جا بنياد عوام ۾ هجن جيڪي ويڙهہ جي اڳواٽي ڪن، اڳوٽي راجائي انتظام جي جاءِ تي جمهوريت قائم ڪن.

هن لاءِ پهرين اهم ڳالهه هيءَ آهي تہ سيني پارٽين، گروهن، تنظيمن ۽ اصلي حڪومتن جي هٿياربند قوتن جي نمائندن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وڃي. ان سان گڏ عوام جي چونڊيل نمائندن کي پڻ ڪوٺايو وڃي. اهي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري صوبائي حڪومت هلائڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهن. اهڙي علاقائي حڪومت جي اڳواڻي هيٺ ڪائونٽي County، ضلع، شهر ۽ ڳوٺن جي انتظاميہ ساڳيءَ ريت گڏجاڻيون ڪوٺائي نئينءَ سر تنظيم سازي ڪري. هي اضافي قسم جي عبوري انتظاميہ راڄنيتڪ وهنوار هلائيندي روايتي حڪومت جي قيام لاءِ بہ هي عبوري انتظاميہ ڪوشش ڪندي هن کي هڪ تنظيمي پروگرام جي رٿابندي ڪرڻي پوندي ۽ چونڊ جو قانون تيار ڪرڻو پوندو ۽ حڪومت جي هر سطح لاءِ چونڊن جو انتظام ڪرڻو پوندو. جيئن ئي ڪنهن خاص علائقي جي اڪثريت ۾ ڪَٽي آيل نمائندن جو اجلاس ٿيندو ۽ روايتي حڪومت جڙي راس ٿيندي تيئن ئي قائم ڪيل عبوري حڪومت پنهنجون ذميواريون چونڊيل نئينءَ حڪومت جي حوالي ڪندي ۽ پاڻ آجي ٿي ويندي. مٿي حڪومت جي نئين سر تشڪيل جو هڪ صحيح طريقو ٻڌايو ويو آهي.

هن حڪومت کي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪهڙو طريقو ڪتب آڻڻ کپي؟ ان جو جواب آهي جمهوري طريقو. هن کي چونڊ جي عام اصول مطابق ۽ ڳجهي ووٽ وسيلي انتخاب ڪرائڻو پوندو. شروعات ۾ اڻ سڌيون چونڊون ڪرائي سگهجي ٿي. ان علائقي جي ان هر مرد ۽ عورت کي چونڊ جو ۽ چونڊجڻ جو حق آهي جنهن جي عمر 18 سال يا ان کان وڌيڪ آهي ۽ ڪنهن دماغي مرض ۾ مبتلا نہ آهي. حڪومت هر سطح تي ڪميٽي قائم ڪندي جنهن کي هر ڪاتي جي سربراهہ جو انتخاب ڪرڻو پوندو ۽ اڪثريت جي بنياد تي فيصلا ڪرڻ بہ سندن ذميوارين ۾ شامل هوندو.

هن قسم جون حڪومتون چين جي ريپبلڪ جون مڪاني حڪومتون Local government هونديون جيڪي مرڪزي حڪومت جي نگرانيءَ ۾ پنهنجو انتظامي ڪاروبار هلائينديون. تنهن ڪري اهڙين حڪومتن جو قيام ان جي رضامندي سان ٿيندو ۽ انهن کي هن مرڪزي حڪومت جي قانون ۽ فيصلن سان ٻڌل رهڻو پوندو. اهڙيون حڪومتون مڪاني خود حڪومت Local self government جو حصو هونديون. انهن کي پنهنجي قانون ٺاهڻ ۽ فيصلن ڪرڻ جو پورو حق هوندو جيڪي فقط ان حڪومت جي حدن واري ايراضيءَ ۾ موثر هوندا.

اهڙيون حڪومتون مقامي ۽ متحد محاذ جون حڪومتون هونديون. موجوده دور ۾ مرڪزي ۽ مڪاني طرز جون حڪومتون هڪ پارٽي يعني ڪومنتانگ جي آمريت هيٺ ڪم ڪري رهيون آهن. هن قسم جي حڪومت ۾ سيني پارٽين، تنظيمن، هٿيار بند قوتن ۽ انفرادي طور ماڻهن کي نمائندگيءَ جو حق هوندو جن جپان دشمن سرگرمين ۾ حصو ورتو هوندو ۽ عوام جو منجهن اعتماد هوندو. ساڳئي وقت انهن کي قومي انقلابي ويڙهه واسطي پروگرام مرتب ڪرڻو پوندو ۽ حڪومتي انتظام لاءِ ڪي رستا وضح ڪرڻا پوندا.

موجوده دور ۾ هن قسم جي حڪومتن جي اهم ذميواري هي آهي ته جپان دشمن گوريلا ويڙهه جي اڳواڻي ڪن. تنهن ڪري هنن حڪومتن جا اهم انتظامي ڪم هن ريت ٿي سگهن ٿا.

(1) هر هڪ ماڻهوءَ کي هٿيار بند ڪيو وڃي ۽ کين جپان دشمن جنگ لاءِ متحد ڪيو وڃي.

(2) ماڻهن کي جمهوري حقن جي ضمانت ڏني وڃي.

(3) ماڻهن جي زندگي ۾ سڌارو ۽ واڌارو آندو وڃي.

(4) جپان جي حمايتن کي ختم ڪيو وڃي ۽ جپان دشمن جهيڙي جي رستي ۾ سڀ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن.

جيڪڏهن هن قسم جون حڪومتون مٿي بيان ڪيل ذميواريون ڪاميابيءَ سان سرانجام ڪنديون ته عوام جو مڪمل اعتماد حاصل ڪري وٺنديون ۽ عوام کي جپان دشمن جهيڙي لاءِ متحد ڪري سرگرمين ۾ شريڪ ڪري سگهن ٿيون. اهڙي همت افزائيءَ ڪري عوام تنظيمن ۾ حصو وٺندو ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو ۽ جپان دشمن جهيڙي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حڪومت کي آڇ ڏيندو. اهڙيءَ ريت اهو سارو علائقو جپان دشمن جنگ جو هڪ سگهارو اڏو بڻجي ويندو جتان گوريلا ويڙهاڪ زندگيءَ جون ضرورتون سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهندا. هتان گوريلا ويڙهاڪن جي پرتي به ممڪن ٿي سگهندي ۽ دشمن کي ڏوڪي ۽ دولاب سان هن علائقي ۾ آڻي ناس به ڪري سگهبو. عوام به وڏي جوش ۽ جذبي سان ٻاهر نڪري ايندا ۽ حڪومت سان هر معاملي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ان سان گڏ گوريلا ويڙهاڪن جي دل وڏي ويندي جيڪي فتح حاصل ڪرڻ تائين دشمن کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا.

اسان جي پارٽي جي اڳواڻيءَ هيٺ جپان دشمن جمهوري حڪومت جو قيام

20 آڪٽوبر 1937ع

شانگزئي، ڪاهار، هيبئي حڪومت جي قيام لاءِ ناءِ رونگچين ڏانهن موڪليل ٽيليگرام

(1) شانگزئي، ڪاهار هيبئي علائقي ۾ سياسي ۽ فوجي اڳواڻي متحد ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ متحد محاذ جي جمهوري حڪومت جي نئين سر تنظيم لاءِ جلد ئي شروعات ڪئي وڃي. انهيءَ لاءِ اوهان کي هي ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

(i)ضلع ۽ شهر جي عبوري حڪومت جي ڪميٽي قائم ڪرڻ واسطي جلد ئي عام چونڊون ڪرايون وڃن.

(ii) ڪائونٽيءَ جي ٽور- وقتي حڪومت لاءِ ڪميٽي کي منظم ڪيو وڃي جيڪا هٿياربند قوت، مختلف سياسي پارٽين ۽ تنظيمن جي مقامي نمائندن تي مشتمل هجي. ڪائونٽيءَ جي هڪ لائق مئجسٽريٽ کي ان جو چيئرمين هئڻ کپي.

(iii) سرحدي ايراضي جي حڪومت جي قيام لاءِ هڪدم تياريون ڪيون وڃن ۽ ان کي شانگزئي، ڪاهار هيبئي سرحدي حڪومت ڪميٽي جي نالي سان سڏيو وڃي جنهن جو چيئرمين سونگ شائو وين Song Shaowen کي بنايو وڃي.

(iv) فوجي علائقي جي هيڊڪوارٽر جي قيام جو به جلد ئي اعلان ٿيڻ کپي.

(2) عبوري سرحدي حڪومت لاءِ هڪ منظم قسم جي قانون کي رائج ڪيو وڃي جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون هئڻ کپن:

(i) مختلف سطحن تي سرڪاري اهم ڪامورن کي چونڊڻ جو طريقو وضح ڪرڻ.

(ii) ڪميٽي ۽ جمهوريت جي مرڪزيت جي طريقهٔ ڪار کي نافذ ڪرڻ.

(iii) حڪومت جي هيٺئين سطح لاءِ منظم قانون، سرحدي حڪومت، ڪائونٽي ۽ ضلعن ۾ هي ڪاتا هجڻ کپن جهڙوڪ مالياتي ۽ اقتصادي ڪاتو فوجي

ڪاتو يا عوامي فوجي ڪاتو زراعت ڪاتو جنهن جو لاڳاپو هارين ۽ زمين سان هوندو مزدور ڪاتو اندروني معاملن وارو ڪاتو جنهن ۾ پيپلس پوليس بيورو يا ان جي برابر ڪو بيو بيورو ڪم ڪندو. (جپان جي حمايتن ۽ مقامي هٿياربند ٽولين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪاتي بڻائڻ جي ضرورت ڪانه آهي. مناسب موقعي تي پوليس ڪاتو ختم ڪيو ويندو). تعليم ڪاتو ٽرانسپورٽ ڪاتو (جنهن کي فوجي ٽرانسپورٽ ۾ تبديل ڪيو وڃي). قانون جو ڪاتو (قائم ٿيل اڳين ڪورٽن کي نئين سر منظم ڪيو وڃي. هاڻ ڪورٽن ۾ بين مقامي ڪورٽن جو تعداد وڌايو وڃي. جڄن جي مقرري حڪومتي ڪميٽي ڪندي) ۽ نگراني ڪرڻ وارو ڪاتو.

(iv) ضلعي سرڪار ۾ نگراني ڪرڻ وارو ڪاتو ۽ لا ڪورٽ وارو ڪاتو ڪونه هو. هنن ٻنهي ڪاتن جي نگراني ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر ڪندو.

(v) پگهارن ڏيڻ وارو نظام ختم ڪيو وڃي. هر سرڪاري عملدار جي حيثيت مطابق سندن زندگيءَ جي خرچن جو اندازو لڳايو ويندو ۽ اهو خرچ سرڪار جي ذمي هوندو.

(3) هر هڪ علائقي ۾ عبوري حڪومت جي قيام کان پوءِ اسان جي پارٽي ڏهه نڪاتي پروگرام جي آڌار تي قوم ۽ حڪمت عملي کي بچائڻ جي نقطئہ نگاهہ کان جپان سامراج کي مڙسيءَ سان مهاڏو ڏيندي. انهيءَ مقصد سان حڪومتي ڪميٽي کي مختلف قانونن ۽ فيصلن ڪرڻ جي رٽ ڏني وڃي ٿي. جن مان مکيه "مزدورن لاءِ قانون سازي" ۽ "هارين لاءِ قانون سازي" آهي. محصول جا اڳيان قانون هڪدم رد ڪيا وڃن ۽ اهڙا قانون يڪسان قسم جا هئڻ کپن. جپان جي حمايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪيا وڃن.

(4) فوجي ايراضيءَ جي هيڊ ڪوارٽر کي کپي ته پنهنجي قيام بابت جلد اعلان ڪري ۽ فوجي ڪانفرنس لاءِ جپان خلاف وڙهندڙ هٿياربند قوتن جي نمائندن کي دعوت ڏني وڃي.

(5) سرحدي ايراضي جي ٽريڊ يونين هاري اتحادن، قومي هر اول دستن ۽ عورت اتحادن جي قيام واسطي جدا آفيسون جوڙيون وڃن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن قوم جو بچاءُ ۽ جپاني اڳرائي جي مزاحمت ڪري سگهجي. هن سان گڏ سياسي شعور ۽ فوجي تربيت لاءِ اسڪول پڻ تعمير ڪيا وڃن جن وسيلي هارين نارين کي اهڙي سکيا ڏئي پارٽيءَ جو سنو ڪارڪن بڻائي سگهجي ٿو.

(6) سرحدي حڪومت ۽ فوجي ايراضيءَ جي هيڊڪوارٽر جي قيام واسطي تيارين دوران اهو معاملو چيانگ ڪائي شيڪ ۽ يان گزيشان جي سامهون رکو ۽ ڪوشش ڪريو ته جيئن هو ٻئي، جتا هنن ڳالهين کي قبول

ڪن. جيڪڏهن عوام اسان جي هنن ڳالهين کي قبول ڪن تا تہ اهڙيون خبرون ساري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايون وڃن. هن مان مقصد اهو آهي، تہ جيئن ٻيون سرحدي ايراضيون بہ ائين ڪن. جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون نہ ٿيون مڃيون وڃن تہ ان حالت ۾ سرحدي حڪومت، هيڊڪوارٽر ۽ سندن هيٺيان ادارا هن قسم جي ڳالهين کي قومي سطح تائين مشهور نہ ڪن.

هي ٽيليگرام سرحدي ايراضيءَ جي صوبائي پارٽي ڪميٽي ڏانهن موڪليو ويو هو. هن قسم جي اصولن کي هوريان هوريان ڪري اتر "شانگزي" ۽ "سوئي يوآن" ۾ بہ نافذ ڪيو ويندو پر مقامي حالتن کي نظر ۾ ضرور رکيو ويندو.

هي لونگ، گو آن چيانگ ينگ ۽ اتر چين جي ساري علائقي جي پارٽي تنظيمن ڏانهن موڪليل ٽيليگرام

(1) فئنشي، ڊائگزيان، گئوزيان، نِنگوُو ۽ شينچي ۽ شانگزي جي علائقي ۾ جيان هيبئي، ڪاهار شانگزي ۽ سوئي يو آن جون اصلي حڪومتون ختم ڪيون ويون آهن. اتان جا حڪمران يا تہ ڀڄي نڪري ويا آهن يا جپان جا ڏن پرو ٿي ويا آهن پر ٻهراڙيءَ جي وسيع علائقي ۾ جپاني فوج اڃا ويهاري ڪانہ وئي آهي نہ وري جپان جي ڏن پرو حڪومتن انهيءَ تي قبضو ڪيو آهي. اتان جي مقامي سرگرمين واسطي اسان جي حڪمت عملي هن ريت هئڻ گهرجي:

(i) ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ ايٽٿ روٽ آرمي جي سياسي ڪاتي جي نالي ۾ ماٺهن کي سرگرمين لاءِ سڏو سنئون متحد ڪيو وڃي. جيڪڏهن ان علائقي ۾ ڪي دوست فوجي جٿا، سياسي پارٽيون، يا ڪي ٻيون سياسي تنظيمون موجود آهن تہ انهن سان اتحاد ڪريو ۽ انهن سان گڏجي عوام کي "بيٽل فيلڊ موبلائيزيشن ڪميٽي" جي نالي ۾ متحد ڪريو ۽ سرگرمين لاءِ تيار ڪريو.

(ii) جپان دشمن هٿياربند قوتون پيدا ڪري جهڙوڪ گوريلا ويڙهاڪن جا جٿا، يا سيلف ڊفينس تنظيمون ناهيو ۽ مقامي حڪومت جي اڳواڻيءَ ۾ هيڏي هوڏي پکڙيل هٿياربند قوتن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪريو ۽ کين متحد ڪريو.

(iii) علائقي جي مقامي حڪومتن جي زير انتظام جپان دشمن سرگرمين لاءِ متحد محاذ ناهيو ۽ اڳيئي موجود حڪومتن کي اهڙي مقصد لاءِ منظم ڪريو. اوهان ٻهريائين ڪائونٽي جي عبوري حڪومت جون ڪميٽيون ناهيو. جيڪي مقامي هٿياربند قوتن، مختلف پارٽين ۽ تنظيمن ۽ عوامي نمائندن تي

مشتمل هجن. ساڳيءَ ريت اوهان ضلع ڪميٽيون، شهر ڪميٽيون ۽ ڳوٺ ڪميٽيون ٺاهيو. ڪائونٽي ۽ ضلع ڪميٽيون في الحال عبوري حڪومت جي هٿ هيٺ ڪم ڪنديون رهنديون جنهن جو مثال شانگزي آهي. عبوري حڪومت تي هي فرض آهي: (الف) جپان سامراج کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ ماڻهن کي هٿياربند ڪرڻ ۽ ان جهيڙي لاءِ عوام جي وڏي تعداد کي متحد ڪرڻ. (ب) عوام کي جمهوري حقن ڏيڻ ۽ محصول گهٽائڻ لاءِ حڪم جاري ڪرڻ ۽ جهيڙي واري جُوءِ ۾ ڍل محصول معاف ڪري ڇڏڻ. وياج جي شرح گهٽائڻ، پگهارون وڌائڻ، عوام جي زندگيءَ جو معيار وڌائڻ (ٻ) جپان جي حمايتن کي ختم ڪرڻ، جاگيردارن تي پابنديون وجهڻ جيڪي عوامي تحريڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. (ڀ) ڪائونٽي ضلع ۽ شهر جي حڪومتن کي جمهوري بڻائڻ لاءِ عام قانون ۽ انتخابي قانون نافذ ڪرڻ ۽ روايتي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ چونڊن جو بندوبست ڪرڻ.

(iv) مزدورن جو ٽريڊ يونين، هارين جا اتحاد، عورتن ۽ ٻارن جون تنظيمون جوڙيون وڃن. ان لاءِ اوهان کي اهڙي ڪميٽي جوڙڻي پوندي جيڪا ٽريڊ يونين ۽ هارين جا اتحاد جوڙيندي. ان جا فرض هي هوندا. (الف) دستور يا آئين ٺاهڻ (ب) مقامي مزدورن ۽ هارين جي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ پروگرام جوڙڻ ۽ بهتر طرز زندگي لاءِ جدوجهد واسطي عوام کي منظم ڪرڻ. (ٻ) پارٽي جي ڪارڪنن کي ٽريڊ يونين ۽ هاري اتحادن لاءِ تربيت ڏيڻ (ڀ) ٽريڊ يونين ۽ هاري اتحادن جوڙڻ لاءِ ماڻهن کي هر ضلعي ۽ ڳوٺ ڏانهن موڪلڻ (ت) ماڻهن کي "سيلف ڊفينس" جي عملي ۽ گوريلا ويڙهاڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ واسطي آماده ڪرڻ. کين اهو مشورو ڏيڻ ته حڪومت سان هر قسم جي مدد ڪن.

(2) جن علائقن ۾ دشمن اڃا پير نه پاتو آهي ۽ مقامي حڪومتون حسب معمول ڪم ڪري رهيون آهن ته اتي اسان جي ڪم جو طريقو هن ريت هئڻ گهرجي:

(i) ڪميونسٽ پارٽي ۽ ايٽ روٽ آرمي جي سياسي ڪاتي کي گڏجي عوامي تحريڪ جي اڳواڻي ڪرڻ گهرجي ۽ پارٽي جي مقامي ڪارڪنن کي گهرجي ته هو عوام ۾ ترقي پسند سوچ جو مظاهرو ڪن. جيڪڏهن انهن علائقن ۾ همدرد فوج موجود آهي يا قومي آجپي سان لاڳاپيل سيلف سئڪريفسز ليگ League of self sacrifices آهي ته ساڻن گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي يا کين مجبور ڪجي ته گڏجي ڀرپور قسم جي تحريڪ

هلائين. اهڙيون سرگرميون بيٽل فيلڊ موبلائيزيشن ڪميٽي Battle Field Mobilization Committee جي نالي شروع ڪيون ويون.

(ii) توهان مقامي حڪومتن کي اڳتي وڌڻ لاءِ مجبور ڪريو ۽ ماڻهن کي هٿياربند ٿيڻ لاءِ چئو. هنن کي اها بہ تاڪيد ڪريو تہ هو عوام جي زندگيءَ جي معيار وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪن. گندن ۽ ڪريل ڪامورن کي خراب ڪم کان روڪيو وڃي تہ جيئن عوامي تحريڪ وسيلي هوريان هوريان حڪومت جي چونڊ لاءِ ماحول سازگار ڪيو وڃي.

(iii) اوهان جي ڪم جي ڪنجي عوام ۾ اتساهہ اڀارڻ ۾ آهي. توهان کي گهرجي تہ عوام کي هن سياسي نعري هيٺ متحد ۽ منظم ڪرڻ گهرجي تہ "جپان سامراج کي مهاڏو ڏيو ۽ قوم کي بچايو." اوهان هن اقتصادي نعري سان بہ کين گڏ ڪري سگهو ٿا تہ "زندگيءَ جو معيار بلند ڪيو وڃي." ان کان سواءِ پيپلس سيلف ڊفينس ڪميٽيون جوڙڻ لاءِ عوام جي مدد ڪئي وڃي.

(iv) پهريائين اوهان کي ڪائونٽي سطح تي هڪ اهڙي ڪميٽي جوڙڻ کپي جيڪا ٽريڊ يونين ۽ هارين جي ائسوسيئيشن ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪري. ان ڪميٽي جي فرضن کي مٿي بيان ڪيو ويو آهي. توهان ماڻهن کي هن مطالبي لاءِ منظم ڪيو تہ پگهارون وڌايون وڃن. ڪِرائي يا مسواڙ ۾ پنجويهہ سيڪڙو لاٿ آندي وڃي. غريبن کان چندو وٺڻ ختم ڪيو وڃي. اوترو چندو شاهوڪارن کان وڌائي ورتو وڃي ۽ فوجين جي خاندانن سان رعايتون ڪيون وڃن. ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار وڌائڻ لاءِ عوام جي هلايل هر تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي وڃي. اوهان کي گهرجي تہ سياسي ۽ اقتصادي نعرن کي ملايو. ٻين لفظن ۾ هن ڳالهہ کي هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ قوم کي بچائڻ واسطي جاکوڙڻ کان اڳ غريبن وٽ کائڻ هنڊائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ هئڻ گهرجي.

(3) هر علائقي ۾ ڀلي اهو دشمن جي قبضي هيٺ آهي يا نہ. اوهان کي وسيع پئماني تي پارٽي جي تنظيم ڪرڻ کپي ۽ انهن سياسي ڪارڪنن ۽ هارين کي متاثر ڪري پارٽي ۾ آڻڻ گهرجي جن جپان سامراج خلاف هلچل ۾ سرگرم حصو ورتو هجي. ان سان گڏ انهن دانشورن کي بہ پارٽيءَ ۾ شامل ڪريو جيڪي هلچل جي آزمائش مان پار اڪري چڪا آهن. اوهان کي کپي تہ هر ڪائونٽي ۾ پارٽيءَ جي هڪ ورڪنگ ڪميٽي جوڙيو جنهن جو ڪم شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پارٽيءَ جون شاخون ٺاهڻ هجي.

اتر چين ۾ جپان سامراج خلاف گوريلا ويڙهه جي آزاد قسم جي اڳواڻي ڪريو

15 نومبر 1937ع

(1) اسان پاڻ کي هڪ خطرناڪ عبوري دور مان گذرندي محسوس ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ فوج جپان جي ناليِ ماتر مزاحمت ڪري رهي آهي جيڪا جپان جي وڏيءَ طاقت جو مقابلو ڪري ڪانه سگهندي ۽ وطن کي بچائڻ لاءِ قومي مزاحمتي جنگ اڃا شروع ئي ڪانه ٿي آهي. اتر چين ۾ باضابطه جنگ به گهٽ وڌ ختم ٿي چڪي آهي جنهن ۾ ڏرتيءَ ڏٽين جي هار ٿي آهي. اهڙي صورتحال ڪان پوءِ "ايٽٿ روٽ آرمي" پنهنجي مزاحمتي ويڙهه جي شروعات ڪرڻ واري آهي. اهڙين حالتن کي ڏسي حڪمران طبقي لڏڻ لمڻ شروع ڪري ڏنو آهي ۽ جپان جا حمايتي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ذريعي انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي چڪا آهن. هنن مان ڪجهه حڪمران طبقا، فوجي سپهه سالار ۽ سياسي اڳواڻ جپان سان ناهه ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي چڪا آهن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن سندن ملڪيتون ۽ اقتدار بچي وڃي. ان ڏوڪي ۽ دولاب واري ناهه کي بين الاقوامي طور تي اڳتي وڌيو پيو وڃي ۽ "چين جپان جي تصادم کي ٿڌي ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هنن مان ڪجهه سياسي ۽ فوجي اڳواڻ جيڪي اڳ "هئانگ هي" درياهه جي اتر پاسي دشمن سان ويڙهه ۾ جنبيل هئا سي هاڻي صورتحال ڪان مجبور ٿي پنهنجي بچاءَ لاءِ درياهه اڪري ڏکڻ پاسي ڏانهن وڌڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن پر ڪي حڪمران طبقا، فوجي سپهه سالار ۽ سياسي اڳواڻ عوامي تحريڪن مٿان پابنديون نرم ڪري رهيا آهن ۽ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽي سان اتحاد ڪري پنهنجي طاقت کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهيا آهن ۽ عوامي مدد سان مزاحمتي ويڙهه جي دائري کي اڃا به ڪجهه وسيع ڪري رهيا آهن.

(2) اتر چين اڳيئي گوريلا ويڙهه جي نئي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. اتر چين ۾ اسان جي پارٽي واضح اڪثريت ۾ آهي ۽ ايٽٿ روٽ آرمي گوريلا ويڙهه ۾ ماهر آهي. تنهن ڪري جپان خلاف گوريلا ويڙهه جي اڳواڻي

جو سارو بار اسان جي پارٽيءَ جي ڪلهن تي اچڻو آهي. جيتوڻيڪ اتر چين ۾ ڪم ڪندڙ ڪي سياسي گروهه جپان سامراج ختم ڪري ڇڏيا آهن. جپان ۽ ان جي حمايتي حڪومتن اتر چين جي وسيع ٻهراڙين يا گهٽ شهرن ۾ پنهنجي حڪومت بنائي ڪونه سگهيون آهن. تنهن ڪري هتي اسان جي پارٽي کي عوام کي متحد ۽ هٿياربند ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي روڪ ٽوڪ ڪانه آهي ۽ هوءَ سڌي ۽ ڪليل طريقي ائين ڪري سگهي ٿي. پارٽيءَ لاءِ هن وقت اهم ڪم آزاد طريقي سان گوريلا ويڙهه جي اڳواڻي ڪرڻ ماڻهن کي متحد ڪري گوريلا ويڙهه ۾ شريڪ ڪرڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪي گوريلا ويڙهه لاءِ مرڪز بڻائڻ آهي. هن ڪم مان اسان جو مقصد آهي ته جيئن وچ ۽ ڏکڻ چين جي باضابطه جنگ سان گوريلا ويڙهه کي هم آهنگ ڪري سگهجي. ان سان گڏ ڪومنتانگ، قومي حڪومت ۽ فوج ۾ سڌارن کي ڪجهه اڳتي وڌائي سگهجي.

(3) جيڪڏهن وچ ۽ ڏکڻ چين ۾ باضابطه جنگ جاري رکي يا ڇوڏس وڌائي ڪونه ٿي سگهجي ته پوءِ اسان کي ڪهڙين به ڏکين حالتن ۾ جپان خلاف ويڙهه کي ڳنڍي رکڻو آهي پر اسان جون تڪليفون اتر جي رضاڪارن جي ڀيٽ ۾ ايڏيون وڏيون ڪونه آهن. اسان کي آس ۽ آسرو آهي ته اتر چين گوريلا ويڙهه کي باضابطه جهيڙي ۾ ضرور تبديل ڪندو ۽ جپان سامراج کي ڏکي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو. اهڙي تبديلي هن ڳالهه تي مدار رکي ٿي ته ايٽٿ روٽ آرمي پنهنجي موجود طاقت کان گهڻو وڌيڪ سگهاري بڻجي وڃي، عوام کي هٿياربند ڪري ويڙهه لاءِ تيار ڪيو وڃي ۽ هٿياربند قوتن کي پنهنجي پاسي ڪري منجهن سڌارا آڻجن تنهن ڪري هڪ طرف اسان جي پارٽي کي دشمن کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ عوام کي متحرڪ ۽ متحد ڪرڻو آهي ته جيئن ڪي ڏريون امن لاءِ جپان سان سوديبازي نه ڪن. ان سان گڏو گڏ پوئتي هٽڻ واري عمل جي مخالفت ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن چين جي نقصان تي بين الاقوامي طور صلح جون ڪوششون ٿين تن جي پڻ مخالفت ڪئي وڃي. ٻئي طرف اسان جي ڀرپور ڪوشش اها هوندي ته جيئن عوام کي متحرڪ ۽ متحد ڪريون. "ايٽٿ روٽ آرمي" جي تعداد کي وڌايون ۽ دوست هٿياربند قوتن کي پنهنجي پاسي آڻيون ۽ گوريلا ويڙهاڪن کي وڌيڪ منظم ڪريون. اسان لاءِ ڊگهي عرصي واري ويڙهه ۽ جپان خلاف مزاحمت لاءِ شديد تڪليف هوندي به تيار رهڻ گهرجي ۽ ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته جيئن گوريلا ويڙهه ۾ سوپارا ٿيون.

(4) متحد محاذ جي اصولن جي پابندي ڪندي اسان جي پارٽي کي وڏيڪ آزاديءَ سان عوامي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيڻ گهرجي. سياسي پروپئگنڊا کي گهري ڪرڻ ۽ چوڏس پکيڙڻ سان گڏ عوام کي اقتصادي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ متحرڪ ۽ متحد ڪرڻ گهرجي، جنهن جو جپان خلاف هٿياربند هلچل سان پڻ ڳانڍاپو هجي. اسان کي گهرجي تہ ساڄيءَ ڌر جي موقع پرست لاڙن جي سخت مخالفت ڪيون جيڪا ناڪام ٿيڻ جي خوف سبب اسان جي اتحادين کي ڌيڇارڻ، عوامي هلچل جي اڳواٽن کي هيسائڻ، عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ وارين تحريڪن جي اڳواٽن کي ڌوڪو ڏيئي ڦاسائڻ، اينٽ روٽ آرمي ۾ شامل ٿيڻ عوامي لاڙي کي متاثر ڪرڻ ۽ اسان جي پارٽي جي سياسي سڃاڻپ کي گهٽائڻ جي ارادي سان دشمن طاقت پيدا ڪري رهي آهي. ان کان سواءِ اهڙين ڳالهين کي منهن ڏيڻ سان گڏ کابيءَ ڌر جي ڪن غلط ڳالهين سان پڻ منهن ڏيڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ هيءَ ڌڙو متحد محاذ جي اصولن جي مخالفت ڪري رهيو آهي ۽ خودغرضيءَ وارن جذباتي نعرن کي اڳتي وڌائي رهيو آهي ۽ ڪم ۽ تحريڪ ۾ غير فطري لاڙن کي متعارف ڪرائي رهيو آهي جيڪي اسان جي اتحادين کي هروڀرو اشتعال ڏياري اياري رهيا آهن. تنهن ڪري عوامي تحريڪ ۽ گوريلا ويڙهہ کي آزاد طريقي سان اسان کي پنهنجو پاڻ هلائڻو پوندو ۽ ڪنهن بہ اتحادي ڌر تي ڀاڙڻو ڪونہ پوندو پر اسان انهن کان گهٽ ۾ گهٽ مدد حاصل ڪرڻ ۾ ڪونہ ڪيٻائينداسون. اسان پنهنجي اڳواڻ حيثيت ان ڪري ڪونہ ڇڏينداسون تہ اسان جا اتحادي اسان کي ڇڏي ڀڄي هليا ويندا. نہ وري انهن کي اسان ڪو اهڙو اشتعال ڏينداسون جو هو اسان کي ڇڏي هليا وڃن نہ اسان ڪنهن ڪم ۽ تحريڪ جي طريقہ ڪار وسيلي کين الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون اسان متحد محاذ جي اصولن کي نظر ۾ رکي پنهنجي پارٽيءَ جي آزاد حيثيت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪنداسون پر اسان پارٽيءَ جي صفا آزادي لاءِ ڪوشش ڪونہ ڪنداسون.

(5) اتر چين جي وڏي ۾ وڏي پارٽيءَ جي حيثيت سان اسان جي پارٽي گوريلا ويڙهہ ۽ جپان خلاف نئين هٿياربند قوت طور ۽ جمهوري متحد محاذ جي حڪمت عملي جي نقطہ نظر کان سيني کان اڳتي هئڻ کپي. سرحدن وارن علائقن ۾ اسان کي پنهنجون حڪومتون جوڙڻ گهرجن ۽ فوجي ايراضين جا هيڊ ڪوارٽر قائم ڪيا وڃن. ان کان سواءِ هر ڪائونٽي،

ضلعي، شهر ۽ ڳوٺ ۾ پنهنجون حڪومتون منظم ۽ قائم ڪرڻ گهرجن. اسان کي ٻين پارٽين ۽ گروهن کي ٻه پاڻ سان ملائڻ کپي ته اسان نانجنگ ۾ مرڪزي حڪومت قائم ڪريون ۽ هم خيال حڪومتن ۽ هٿياربند قوتن کي تسليم ڪريون. ساڳيءَ ريت اسان کي هنن تنظيمن جو هڪ ڄار وڇائڻ کپي، جهڙوڪ: ٽريڊ يونين، هاري اتحاد، قومي آزادي جي هر اول دستن جو اتحاد ۽ عورتن جا اتحاد وغيره انهيءَ لاءِ ته جيئن قومي آجپي لاءِ جپان سامراج کي مڙسيءَ سان مهاڏو ڏئي سگهون. انهن تنظيمن ۽ اتحادن ٺاهڻ جو سبب اهو آهي ته انهيءَ مزاحمتي هلچل ۾ عوام جي سڌي نئين اڳواڻي ڪري سگهجي.

(6) اسان جي پارٽي جيئن ته پنهنجين حڪومتن جوڙڻ هٿياربند قوتن، گوريلا ويڙهه، عوامي تحريڪن هلائڻ ڪري سيني کان گهڻو اڳتي آهي. تنهن ڪري ان کي کليل ميدان تي اچڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان پنهنجي پارٽي اڳواڻيءَ کي کليل نموني سان قائم ڪري سگهنداسون، پارٽي ڪارڪنن کي چونڊي سگهنداسون، پارٽي جون مقامي شاخون ٺاهي سگهنداسون، پارٽيءَ جي مختلف حصن کي اڳواڻ ڪري سگهنداسون ۽ پارٽيءَ جي اندروني جمهوريت وڌائي سگهنداسون. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هنن سرگرمين جي هر پاسي پارٽي جي اڳواڻي واري اهم ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهجي. زير زمين رهڻ وارن لاڙن جي مخالفت ڪرڻ کپي. جيڪڏهن جپان اڳتي وڌي اچي انهن علائقن تي قبضو ڪري ته پوءِ اسان کي لڪي يا زير زمين هليو وڃڻ گهرجي. اهڙيون ڳالهيون شهرن لاءِ ضروري هونديون آهن جتي حملہ آور ماٺهو ٿوري وقت لاءِ ضابطو ڪري ونندا آهن پر ٻهراڙيءَ جي وسيع علائقن ۾ اسان جي پارٽيءَ کي کليل ميدان تي اچي ظاهري طور گوريلا ويڙهه جي اڳواڻي ڪرڻ گهرجي.

سنو ڪميونسٽ ڪيئن ٿجي؟

جولاءِ 1939ع

ساٿيو!

آئون هن سوال تي بحث ڪري رهيو آهيان تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي پنهنجي اصلاح ۽ تربيت ڪهڙي طريقي سان ڪرڻ گهرجي جو هو سنا ڪميونسٽ ثابت ٿين. موجوده وقت ۾ پارٽي کي وڌيڪ مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ فائدي واري ڳالهہ آهي.

(1) ڪميونسٽ کي پنهنجي خوداصلاح Self cultivation ڇو ڪرڻ گهرجي؟

ڪميونسٽن لاءِ پنهنجي خود اصلاح ڇو ضروري هوندي آهي؟ ماڻهوءَ کي جيئري رهڻ لاءِ فطرت خلاف جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي ۽ مادي Material قدرن کي پيدا ڪرڻ لاءِ فطرت کي ڪم آندو ويندو آهي. هر وقت ۽ هر حالت هيٺ هن جي پيدا ڪيل مادي شين کي هڪ سماجي خاصيت character هوندي آهي. هن جو مطلب اهو ٿيندو تہ جڏهن ماڻهو سماجي ترقيءَ جي ڪهڙي بہ مرحلي ۾ ڪي شيون پيدا ڪندا آهن تہ هو هڪ ٻئي سان پيداواري لاڳاپن ۾ جڪڙجي ۽ سلهاڙجي ويندا آهن. ماڻهوءَ جي فطرت خلاف جاکوڙ اڻ کٽ هوندي آهي. فطرت خلاف ان جاکوڙ ۾ ماڻهو نہ رڳو فطرت کي بدلائي ڇڏيندو آهي پر ساڳئي وقت هو پاڻ بہ تمام گهڻو بدلجي ويندو آهي ۽ سندن هڪ ٻئي سان قائم لاڳاپا بہ مٽجي ويندا آهن. ماڻهو پنهنجو پاڻ ۽ انهن وچ ۾ سماجي لڳ لاڳاپا، سندن سماجي تنظيمن جون شڪليون، شعوري تبديلي، ترقي ۽ انسان جي عمر جيتري ڏکي جدوجهد، سڀ جون سڀ فطرت سان جنگ جوٽيو بيٺا آهن. قديم دور جي انسان جي زندگي گذارڻ جو طريقو سماجي تنظيمون ۽ سندن شعور اڄ واري دور کان گهڻو مختلف هو جيڪو مستقبل ۾ اڃا بہ وڌيڪ مختلف ٿي ويندو.

انسان ذات ۽ انساني سماج هڪ تاريخي سلسلي مطابق ترقي ۽ تعمير ڏانهن وڌي رهي آهي. جڏهن انساني سماج هڪ تاريخي منزل تي پهچندو آهي تہ ان ۾ مختلف طبقا پيدا ٿي پوندا آهن ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ بہ پيدا ٿي پوندي آهي. سماج جي طبقي جو هر هڪ رڪن ان خاص طبقي جي رڪن

طور مختلف حالتن تحت زنده رهندو آهي. ماڻهو هڪ سماجي وجود آهي ۽ پنهنجي شعور جو تعين ڪندو آهي. طبقاتي سماج ۾ هر طبقي جي رڪن جو نظريو پنهنجي طبقي جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ ان جي مفادن جو تحفظ ڪندو آهي. انهن طبقن اندر نظرين ۽ مفادن جي ڌار ڌار روپن ۾ سدائين ڇڪتاڻ هلندي رهندي آهي. اهڙيءَ ريت ماڻهو نه رڳو فطرت خلاف جهيڙي ۾ پر سماج جي مختلف طبقاتي ڇڪتاڻ اندر فطرت کي تبديل ڪرڻ جي لوچ ۾ لڳل آهي پر هو سماج جي تبديليءَ لاءِ پڻ جاکوڙ ۾ لڳو پيو آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ جا پڻ جتن ڪري رهيو آهي.

مارڪس ۽ اينگلس جو چوڻ آهي ته "ڪميونسٽ شعور کي چوڏس پکيڙڻ ۽ مقصد ۾ ڪاميابي ماڻڻ لازمي آهي. ماڻهن جي تمام گهڻي تعداد کي تبديل ڪجي. اهڙي تبديلي وڏي تحريڪ ۽ انقلاب اچڻ کان پوءِ جنم وٺندي آهي. تنهن ڪري تبديليءَ واسطي انقلاب جو اچڻ نهايت ضروري هوندو آهي. فقط انهيءَ لاءِ نه ته اقتدار ڏٽين کي هن طريقي ڪم آڻڻ کان ختم ڪري ڪونه ٿو سگهجي پر جڏهن ڪو طبقو حڪمران ڌر کي انقلاب وسيلي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ته چڻ صدين جي گند غلاظت کي ڌوئي سماج جو نئين سر بنياد رکڻ ممڪن ٿي ويندو آهي.

هن جو مطلب آهي ته پرولتاري طبقي کي شعوري طور سماج جي ڏکهي انقلابي جدوجهد مان گذرڻو پوندو آهي. اهڙي تحريڪ سماج کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي پر خود تحريڪ اندر به تبديليون اچي وينديون آهن.

تنهن ڪري محسوس ڪرڻ کپي ته اسان کي به تبديل ٿيڻ جي ضرورت آهي ۽ تبديل ٿيڻ جي صلاحيت اٿئون. اهو سمجهڻ نه کپي ته اسان تبديل ٿيڻ کان مٿاهان آهيون، مڪمل ۽ مقدس هستي آهيون يا اهڙيون متبرڪ شخصيتون آهيون جن کي نه ڪنهن تبديليءَ جي ضرورت آهي نه وري اهي تبديل ٿي سگهن ٿيون. جڏهن اسان اهڙيءَ هلچل دوران پاڻ کي تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهيون ته ان جو اهو مطلب نه هجڻ گهرجي ته اسان ٻين ماڻهن سان ڪنهن خاص طريقي سان پيش اچون، سماجي ترقي جي قانون جي پڻ اها تقاضا آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجن روين ۾ تبديلي نه آندي ته اسان نه اڳتي وڌي سگهنداسون نه وري سماج تبديلي ڪرڻ واري ڪم کي مڪمل ڪري سگهنداسون.

اسان ڪميونسٽ جديد تاريخ جا نهايت ترقي پسند انقلابي آهيون. هن وقت سماج ۽ دنيا جي تبديليءَ جي ذميواري اسان مٿان آهي ۽ اسان

تبديلي لاءِ هڪ محرڪ قوت آهيون. انقلاب دشمنن لاءِ اسان اَکٽُ هلچل آهيون. هن جي معنيٰ آهي تہ اسان ڪميونسٽ سماج ۽ دنيا جي تبديليءَ جا علمبردار آهيون. ساڳئي وقت اسان پنهنجو پاڻ کي بہ تبديل ڪندا رهندا آهيون.

جڏهن اسان چوندا آهيون تہ انقلاب دشمنن خلاف گهڻ پاسائين جدوجهد دوران ڪميونسٽ کي پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي ۽ تغير آڻڻ گهرجي تہ ان جي معنيٰ هيءَ هوندي آهي تہ مختلف جدوجهدن دوران هو ترقي پسند سوچ ۽ فڪر کي وڌائيندا رهن ۽ پاڻ ۾ ڏينهون ڏينهن انقلابي لياقت ۽ اهليت بہ وڌائيندا رهن. هڪ ڪچي انقلابيءَ کي تجربيڪار انقلابي ٿيڻ کان اڳ خود اصلاح ۽ خود تربيت جي ڏکهي سلسلي مان گذرڻو پوندو آهي. جيڪو پوءِ انقلابي قانون کي چڱيءَ ريت سمجهي ان کي عام زندگيءَ ۾ نافذ ڪري سگهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪچو انقلابي قديم طرز جي سماج ۾ ڄمندو آهي ۽ اتي ئي پلجي جوان ٿيندو آهي. تنهن ڪري منجهس ان سماج جون ڪيتريون اوڻايون گهر ڪري ويهي ويندڙيون آهن. جهڙوڪ ساڙ گنديون عادتون ۽ پراڻيون روايتون وغيره. بيو تہ هي ڏکهي انقلابي هلچل مان ڪونہ گذريو هوندو آهي. تنهن ڪري هو پنهنجي اصل دشمن کي بہ صحيح معنيٰ ۾ سمجهي ۽ سڃاڻي ڪونہ سگهندو آهي. ان کان سواءِ ماڻهن، سماجي ترقيءَ جي قانونن ۽ انقلابي جدوجهد کان بي خبر هوندو آهي. اهڙين ڳالهين کي تبديل ڪرڻ ۽ ماضيءَ جي انقلابي تجربن مان سکڻ واسطي کيس پنهنجي دور جي انقلابي تحريڪن ۾ شريڪ ٿيڻو آهي ۽ انقلاب دشمن قوتن خلاف جدوجهد ڪرڻي آهي. کيس شعوري طور هر سرگرميءَ ۾ حصو وٺڻو آهي، خود اصلاح ۽ خود تربيت واسطي سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. اهڙيءَ ريت هو سماجي ترقي جي قانون ۽ انقلابي جدوجهد بابت هوريان هوريان تجربو ۽ علم حاصل ڪندو رهندو. ان کان سواءِ کيس دشمن جو پتو پئجي ويندو، مختلف ماڻهن کي سمجهي ويندو کيس پنهنجن غلط خيالن جي ڄاڻ، غلط عادتن، ساڙ ڪيني جي سڌ پئجي ويندي ۽ انهن سڀني اوڻاين جي پاڻ اصلاح ڪري سگهندو. ان ڪري کيس وڌيڪ سياسي شعور حاصل ٿي ويندو ۽ پنهنجو پاڻ کي انقلابي خوبين ۽ انقلابي طريقن کان باخبر رکي سگهندو.

تنهنڪري پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ ۽ شعور جي سطح وڌائڻ هڪ انقلابي لاءِ بيحد ضروري آهي ۽ هو انقلابي عمل ۾ ضرور شريڪ ٿئي ۽

ڪيس اهڙين سرگرمين کان الڳ ٿي ويهڻ نہ گهرجي. هن کان سواءِ هو پنهنجي خود اصلاح ڪري ۽ اهڙي عمل دوران مطالعو بہ گهٽو ڪري جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ هن لاءِ اڳتي وڌڻ ناممڪن ٿي ويندو.

مثال طور گهڻا ڪميونسٽ عوامي انقلابي جدوجهد ۾ شريڪ رهندا آهن ۽ ساڳين حالتن تحت انقلابي عمل ۾ بہ حصو وٺندا آهن. اهو بہ امڪان هوندو آهي تہ جدوجهد جو پارٽي جي هر رڪن تي اثر هڪ جهڙو نہ بہ پوي ڪي ماڻهو ٿوري وقت اندر تمام گهڻي ترقي ڪري وٺندا آهن. ڪن ڪي پوئتي رهڻ جي عادت هوندي آهي. ڪي وري ٻين کان اڳتي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پارٽي جا ڪي رڪن هوريان هوريان اڳتي وڌندا آهن. ڪي وري جدوجهد دوران ٻڏتر جو شڪار هوندا آهن ۽ ڪنهن هڪ ڳالهہ کي چنبڙي پوڻ جا هيراڪ هوندا آهن ۽ جدوجهد جي عمل اڳتي وڌڻ بدران رهندو پوئتي ڌڪجي ويندا آهن.

اهڙا ٻيا مثال بہ موجود آهن. اسان جي پارٽي جا ڪيترا ڪارڪن لانگ مارچ تي هئا. ڪارڪنن جي خود تربيت لاءِ اهو هڪ ڏکهو آزمائشي سلسلو هو ۽ پارٽي جي ڪارڪنن جي واضح اڪثريت هن سلسلي مان گذري پاڻ کي سچو ترقي پسند ثابت ڪيو هو پر ڪي هن ڏکهي لانگ مارچ ۾ ڏک ڏاکڙا ۽ ڪشٽ ڪشالا ڏسي بي همت ٿي پيا هئا. ڪيترن هن جدوجهد مان نڪري وڃڻ جو منصوبو تيار ڪيو هو. ڪي وري ٻاهران ڏنل لالچ ۾ اچي ويا هئا ۽ انقلابي اڳواٽيءَ تان هٽ ئي ڪٽي ويا هئا. پارٽي جا ڪيترائي ڪارڪن لانگ مارچ ۾ شريڪ تہ هئا پر انهن تي مارچ جا اثر ۽ نتيجا مختلف نوعيت جا هئا. حقيقت اها آهي تہ اهڙو مظهر سماج جي طبقاتي جدوجهد جو عڪس يا اولڙو آهي. جيڪو اسان جي انقلابي ڪارڪنن تي بہ پئجي رهيو آهي. اسان جا پارٽي ڪارڪن مختلف خوبين ۽ خاصيتن جا مالڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جو سماجي پس منظر هڪ ٻئي کان ڌار ۽ نرالو آهي ۽ مختلف سماجي اثرن ڪري هن جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا آهن. سندن انقلابي عمل بابت رويا، نقطئہ نظر، فهم ۽ ادراڪ بہ مختلف آهن. تنهن ڪري هو انقلابي عمل دوران مختلف طرفن ڏانهن وڌندا آهن. اهڙيون ڳالهيون اوهان کي پنهنجي اداري ۾ بہ نظر اينديون. هتي اوهان تعليم ۽ تربيت ساڳئي قسم جي حاصل ڪندا آهيون پر توهان جي جدوجهد ۾ خود اصلاح ۽ خود تربيت ۾ خوبي ۽ خاصيت مختلف هوندي آهي. تنهن ڪري نتيجا مختلف بلڪ ابتڙ نڪرندا آهن. تنهن ڪري

انقلابي هلچل دوران داخلي ڪوششون ۽ خود اصلاح واريون تدبيرون نهايت اهم آهن پر هڪ انقلابي ماڻهو لاءِ پنهنجي حيثيت وڌائڻ ۽ خود اصلاح ڪرڻ ان کان به وڌيڪ ضروري آهن.

جيڪڏهن ڪو ڪميونسٽ انقلاب ۾ گهڻو وقت اڳ يا هاڻي تازو شامل ٿيو آهي ۽ هو هڪ سنو ڪميونسٽ ٿيڻ چاهي ٿو ۽ مڪمل سياسي چاڻ حاصل ڪرڻ يا انقلابي ٿيڻ گهري ٿو ته کيس ڏکهي انقلابي جدوجهد وسيلي تربيت حاصل ڪرڻي پوندي، عوامي انقلابي تحريڪ وسيلي فولاد ٻڻجڻو پوندو ۽ ڪيترن ڏکڻ ڏاکڻن مان پار پوڻو پوندو. کيس حاصل ڪيل سيني تجربن کي هڪ جائتو ڪرڻو پوندو. خود اصلاح لاءِ به هن کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي، هن مٿان نظرياتي علم ۽ لياقت کي وڌائڻ به فرض آهي ۽ ڪنهن نئينءَ صورتحال کي ڏسي همت هارڻي نه آهي. اهڙيءَ ريت هو سياسي طور ماهر ۽ لائق انقلابي ٻڻجي سگهي ٿو.

ڪنفيوشس Confucius جو چوڻ آهي ته مون پندرهن سالن جي عمر ۾ سکڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. ٽيهن سالن جي عمر ۾ آئون پاڻ سوچي سگهڻ جهڙو ٿيو هوس. چاليهن سالن جي عمر ۾ پريشان ڪونه ٿيندو هوس. پنجاهه سالن جي عمر ۾ آئون قدرتي فيصلن کي سمجهي سگهيو هوس. سٺ سال جي عمر ۾ منهنجا ڪن فقط سچ ٻڌڻ جا هيراڪ ٿي ويا هئا. جڏهن منهنجي عمر ستر سال ٿي ته آئون دل جي خواهش مطابق عمل ڪندو هوس ۽ اهو ڪونه سوچيندو هوس ته صحيح ۽ غلط ڇا آهي. هتي جاگيردار دور جي هڪ ڏاهي ماڻهوءَ پنهنجي خود اصلاح ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هو ڪڏهن به ائين ڪونه ٿو سمجهي ته ڄمندي ئي ڄامر يا رشي هو.

مينشس Mencius جاگيردار دور جو هڪ ٻيو ڏاهو آهي. سندس چوڻ آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ پنهنجو فرض صحيح طريقي سان ڪونه نباهيو آهي ۽ خود اصلاح جي هڪ ڏکهي سلسلي مان گذري تاريخي ڪردار ادا ڪونه ڪيو آهي. هن ڏکهي آزمائشي دور مان نڪرڻ کان پوءِ سور سختيون سهي، دماغ سوچڻ ويچارڻ جي مشق ڪندو آهي، محنت ڪرڻ سان مشڪون ۽ هڏا مضبوط ٿيندا آهن. بک وڌيڪ لڳندي آهي، پنهنجي ڪم ڪار کان بيزار ٿي پوندو آهي، سندس دماغ ۾ چرپر پيدا ٿيندي آهي، پنهنجي اخلاق جي تربيت ۽ اصلاح ڪندو آهي ۽ سندس لياقت ۾ واڌارو اچي ويندوي آهي." پر انقلابي جدوجهد ۾ هڪ ڪميونسٽ کي هن کان به وڌيڪ خود اصلاح ۽ خود تربيت ڪرڻي پوندي آهي. ڇاڪاڻ ته هن کي دنيا

ڪي تبديل ڪرڻ جو تاريخي طور هڪ عظيم مقصد پورو ڪرڻو هوندو آهي.

اسان جي ڪميونسٽ پارٽي تي فرض آهي تہ پرولتاري انقلاب لاءِ خ،ه اصلاح ڪري. انقلابي عمل ۾ يا مزدور ۽ پرولتاري انقلابي تحريڪ دوران اهڙين ڳالهين کي ڇڏي ناهي ڏيڻو. ڪامريڊ مائوزيتونگ چيو آهي تہ، "عمل دوران سچ دريافت ڪريو ۽ وري عمل دوران سچ کي آزمايو ۽ ان جي تصديق ڪريو اخلاقي طرز عمل جي علم کان شروعات ڪريو ۽ پنهنجي سرگرمين جي مدد سان عقل سان تعلق رکندڙ عمل جو علم حاصل ڪريو. ان کان پوءِ عقلي عمل جي علم کان شروعات ڪريو ۽ انقلابي عمل دوران سرگرم قسم جي رهبري ڪريو ۽ داخلي ۽ خارجي دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيو. عمل ۽ علم، وري بہ عمل ۽ وري علم. اهڙيءَ ريت هڪ اڻ ڪُٽ دائري ۾ عمل ۽ علم جو ورجاءُ ۽ هر هڪ دائري اندر علم ۽ عمل جو ورجاءُ وڌيڪ بلند ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. علم جي نظريي جي ساري جدلياتي ماديت بہ اها آهي. علم ۽ عمل جي وحدت جي جدلياتي ماديت بہ اها ساڳي آهي."

اسان جي پارٽي جي ڪارڪنن کي نہ رڳو مشڪلاتن، تڪليفن ۽ انقلابي عمل جي ڏچن ۽ ناڪامين دوران پاڻ کي تربيت ڏيڻ ۽ خود اصلاح ڪرڻ گهرجي پر انقلاب جي فتح ۽ ڪاميابيءَ باوجود بہ اهڙين ڳالهين کي هٿان نہ ڇڏڻ گهرجي. پارٽيءَ جا ڪيترا ڪارڪن فتح جي خوشين ملهائڻ کان مڙي ڪونہ سگهندا آهن. فتح ڪري انهن جو مٿو ٺي ڦري ويندو آهي، پٽل جي ٿانو جيان پيا وڄندا آهن. منجهن گُهمنڊ ۽ آڪڙ اچي ويندي آهي، پيا هيڏي هوڏي لُڏندا لمندا آهن ۽ غلط ڪاريون ڪندا آهن ۽ پنهنجون اڳيون انقلابي خاصيتون وڃائي وهندا آهن. پارٽي جي ميمبرن جا انفرادي طور اهڙا ڪيترائي مثال اسان جي آڏو آهن. پارٽيءَ ۾ اهڙيون گنديون ڳالهيون سڌارن آڻڻ لاءِ اسان جو ڌيان ڇڪائي رهيون آهن.

ماضيءَ ۾ جڏهن پرولتاري انقلابي اڃا منظر تي ڪونہ آيا هئا تہ سيئي انقلابي غلط ڳالهين ۾ ڦاٿل ۽ بدنام هئا ۽ فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ آپي کان ٻاهر نڪري ويندا هئا. هنن ۾ اهي اڳيان انقلابي اڌما ۽ اتساهہ ڪونہ رهندا هئا. پارٽيءَ لاءِ وڏو آزار ۽ ڏچو بڻجي پوندا هئا ۽ انقلاب کي اڳتي وڌائڻ واري راهہ ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون بڻجي ويندا هئا. چين جي هڪ سئو يا پنجاهہ سالن جي تاريخ ۾ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ وڏا ننڍا بورجوا انقلابي ڪاميابي کان پوءِ جڏهن طاقت ۾ آيا تہ غلط ڳالهين ۾ وچڙي ڏاڍا بدنام ٿي ويا. ماضيءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون انقلابين جي طبقاتي بنيادن

سان لاڳاپيل هونديون هيون ۽ ان دور جو انقلابي سَياءُ بہ اهڙو هو. روس جي عظيم سوشلسٽ انقلاب کان اڳ وارن انقلابن ۾ هڪ استحصالي بيءُ استحصالي ڌر کي ٻاهر ڪڍي پنهنجو راڄ ڪڙو ڪندي هئي. جڏهن اها ڌر اقتدر جي ايوانن ۾ پهچندي هئي تہ هن جي انقلابي ماڻهن جون انقلابي خوبيون ۽ خاصيتون ختم ٿي وينديون هيون ۽ اهڙي ريت پيڙيل عوام مٿان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏيندا هئا. اهڙو قانون ڪيڏو نہ بي رحم آهي.

پر پرولتاري انقلاب ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اهڙيون پڏيون ڳالهيون ڪونہ ٿينديون. پرولتاري انقلاب اهڙو هوندو آهي جنهن ۾ ڏاڍ ڏهڪاءُ، استحصال ۽ طبقا ختم ٿي ويندا آهن. ڪميونسٽ پارٽي پرولتاري طبقي جي نمائندگي ڪندي آهي جيڪا پاڻ بہ ڏاڍ جي ڏهڪايل هوندي آهي ۽ ٻين جو استحصال ڪانہ ڪندي آهي. تنهن ڪري اها انقلاب کي ڏاڍي سهڻي نموني سان توڙ پهچائيندي آهي. آخر ۾ استحصال جا سڀ طريقا ختم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ انساني سماج مان غلط ڳالهيون ۽ سارو گند غلاظت ٻهاري ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيندي آهي. پرولتاري ڌر ان لائق هوندي آهي جو پنهنجي پارٽيءَ کي چڱيءَ ريت منظم ڪري سگهي ۽ ان ۾ نظم ۽ ضبط مرڪزيت ۽ جمهوري يا لوڪ راڄ قائم ڪري سگهي. پارٽيءَ لوڪ راڄ وسيلي پرولتاري ڌر ان لائق ٿي ويندي آهي جو سماج مان سيني غلط ڪارين کي ڪيڻ واسطي عوام جي اڳواڻي ڪندي آهي ۽ پنهنجي پارٽيءَ ۽ حڪومت مان اهڙن ماڻهن کي ڪڍي ڇڏيندي آهي جيڪي پنهنجي غلط ڳالهين ڪري بدنام ٿي چڪا هوندا آهن ۽ اهو ڪونہ ڏنو ويندو آهي تہ اهي ڪهڙي وڏي عهدي تي ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙي ريت هو پنهنجي پارٽيءَ ۽ حڪومت جي نظام ۾ فضيلت پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. پرولتاري انقلاب ۽ پرولتاري انقلابي پارٽيءَ جون هي بهترين خوبيون ۽ خاصيتون آهن جيڪي اڳئين دور جي انقلابن ۽ انقلابي پارٽين ۾ ڪونہ هيون نہ وري اهڙو ڪو امڪان هو. اسان جي پارٽيءَ جو هر ڪارڪن انهيءَ ڳالهہ بابت واضح هوندو آهي. خاص ڪري جڏهن انقلاب ڪامياب ٿيندو ۽ فتح نصيب ٿيندي آهي، جڏهن هنن ۾ اعتماد بحال ٿي ويندو ۽ عوام سندن ٻانهن ٻيلي هوندو آهي تہ هو پنهنجي هلت چلت تي ڪڙي نظر رکندا آهن. پنهنجي تربيت ۽ خود اصلاح ڏانهن تمام گهڻو ڌيان ڏريندا آهن. پرولتاري اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪندا آهن ۽ پرولتاري انقلابي خوبين ۽ خاصيتن

جو ڀرم ۾ مرم رکندا آهن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن ماضيءَ جي انقلابين جيان گند ۾ غلاظت جي ڍيڙ ۾ ڦاسي نه پون، جيئن بين فتح ماڻڻ مهل پاڻ کي غلط ڪارين ۾ وچڙائي پاڻ کي بدنام ڪري ڇڏيو هو.

انقلابي عمل ۾ پاڻ کي تربيت ڏيڻ ۾ پنهنجي خود اصلاح ڪرڻ ۾ پرولتاري نظريي موجب پنهنجي خود تربيت ۾ خود اصلاح ڪرڻ هر ڪميونسٽ لاءِ نهايت اهم ڳالهه هوندي آهي. خاص ڪري اقتدار ملڻ کانپوءِ اهڙين ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻو آهي. ڪميونسٽ پارٽي ڪا آسمان مان ڪانه لٿي آهي پر چين جي سماج ۾ جائي آهي ۽ اتي ئي نپني ۽ وڌي ٿي آهي. ڪميونسٽ پارٽي جو هر ميمبر هن سماج سان تعلق رکي ٿو. اڄ به ان سماج ۾ رهي ٿو ۽ سماج جي هر طبقي ۾ موجود نظر اچي ٿو. تنهن ڪري اها اچرج جهڙي ڳالهه ڪانه آهي ته ڪميونسٽ پوءِ اهي پرولتاري آهن يا غير پرولتاري، اهي پارٽي جا پراڻا ڪارڪن آهن يا نوان پر اهي پنهنجي قديم معاشري جون ٿوريون گهڻيون پراڻيون روايتون ۽ عادتون گڏ کڻي هلندا آهن. پرولتاري هر اول ويڙهاڪن جي تقدس کي محفوظ رکڻ ۾ ان جي انقلابي خوبين خاصيتن ۾ ڪم ڪرڻ واري لياقت کي بچائڻ لاءِ هر ڪميونسٽ لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي خود تربيت ۾ خود اصلاح لاءِ هر پاسي کان تمام گهڻي محنت ڪري.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو هر ڪميونسٽ کي خود اصلاح ڏانهن تمام گهڻو ڌيان ڏيڻو آهي. هاڻي آئون ڪميونسٽ جي خود اصلاح جي معيار تي بحث ڪندس.

مارڪس ۽ لينن جا لائق شاگرد

پارٽيءَ جي آئين ۾ هي ڳالهه واضح آهي ته هر اهو ماڻهو هن پارٽيءَ جو ڪارڪن ٿي سگهي ٿو جيڪو پارٽيءَ جي منشور ۽ پروگرام کي قبول ڪري ٿو ڪارڪن واري فِي ادا ڪري ٿو. ڪوبه ماڻهو جيستائين هي شرط پورا نه ڪندو تيستائين پارٽيءَ جو ڪارڪن ٿي ڪونه سگهندو پر ڪميونسٽ کي هن ڳالهه تي مطمئن ٿي ويهي رهڻ نه گهرجي ته هو ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر ٿي ويو آهي ۽ ميمبر طور پارٽيءَ جو تمام بهتر فرض ادا ڪري رهيو آهي پر پارٽيءَ جي منشور ۾ واضح طور لکيل آهي ته ڪيس ڪوشش ڪري اڳتي وڌڻو آهي، پنهنجي سياسي شعور وڌائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻا آهن ۽ مارڪسي ۽ ليننني اصولن ۽ نظرين جو تمام گهڻو مطالعو ڪرڻو آهي جيڪي سندن عملي زندگيءَ ۾ موجود آهن.

اينگلس ۽ مارڪس

.... مارڪس هر ڳالهه کان پهريائين هڪ سچو ۽ کرو انقلابي آهي سندس حياتيءَ جو مقصد ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان "ڏيڻ" آهي. هن جي مقصد ۾ هيءَ ڳالهه بہ شامل آهي تہ سرمائيدار سماج ۽ ان جي هر اداري کي ختم ڪرڻو آهي ۽ جديد دور جي پرولتاري طبقي کي نجات ڏيارڻي آهي. هن طبقي کي پهريائين پاڻ بابت ۽ پوءِ پنهنجي ضرورتن بابت باشعور ٿيڻو ۽ پنهنجي نجات سان لاڳاپيل حالتن کان خبردار رهڻو آهي. ان نجات جو وسيلو ويڙهہ ۽ جيهڙو آهي. هو جيڪڏهن اتساهن ۽ اڏمن کي هٿيار بڻائي وڙهيو مستقل مزاجيءَ سان وڙهيو ۽ سوپ ماڻيائين تہ پڪ سان هن جي مَٽُ شاني انسان گهٽ ئي آهن."

اينگلس جو مارڪس بابت خيال هن ريت آهي.

"اسان مان ڪوبہ هن جهڙو صاحب نظر ماڻهو ڪونہ هو. هن پنهنجي بصيرت کي جنهن مهل ڪم آڻڻ ضروري سمجهيو تہ هن ائين ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ دير ڪانہ ڪئي. هن جيڪي ڪجهہ ڪيو صحيح ڪيو ۽ اهم معاملن کي نبيريو."

اسٽالن بہ لينن وٽان سکڻ تي زور ڏنو آهي ۽ چوي ٿو:

"ياد رکو لينن سان پيار ڪريو ان جو مطالعو ڪريو جيڪو اسان جو استاد ۽ اڳواڻ آهي. دشمن سان جهيڙيو ۽ ان کي شڪست ڏيو پوءِ اهو اوهان جو گهر جو دشمن هجي يا ڏاريو پر ان جهيڙي جو طريقو اهو هجڻ کپي جيڪو اسان کي لينن سيکاريو آهي."

"نئون سماج جوڙيو زندگي لاءِ نيون راهون تلاش ڪريو ۽ نئين ثقافت جو بنياد بہ اهڙي طريقي سان رکو جهڙيءَ ريت لينن ڏس ڏنو آهي."

"ننڍڙن ڪمن ڪرڻ کان انڪار نہ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ وڏو ڪم ننڍڙن ڪمن سان جڙي راس ٿيندو آهي. اهو لينن جي اهم مشورن مان هڪ آهي."

ٻئي موقعي تي اسٽالن هن ريت چيو هو:

"چونڊڻ وارا ۽ عام ماڻهو اهو مطالبو ضرور ڪندا تہ سندن اڳواڻن کي پنهنجي ڪم ۽ حيثيت ۾ هڪ جهڙائي رکڻ گهرجي. يعني کين پنهنجي ڪم ڪرڻ دوران سياسي طور وسيع نظر هئڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي عهدي تي رهڻ وقت لينن جيان سياسي شخصيت هئڻ کپي، عوامي شخصيت طور لينن جيان صاف ۽ واضح هئڻ گهرجن. جنگ ۾ لينن جيان بهادر ۽ بي ڊپا هئڻ گهرجن ۽ عوام جي دشمن تي ڪو رحم نہ ڪن.

دهشتناڪ صورتحال کان دهشت زده نہ ٿي وڃن، افق تي منجهيل ۽ خطرناڪ صورتحال ۾ ڏهڪائجي نہ وڃن پر لينن جيان بهادريءَ جو مظاهرو ڪن. منجهيل مسئلن کي حل ڪرڻ وقت ڪين لينن جيان ڏاهپ ۽ سچيتائيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، اهي لينن جيان سُپتيا ۽ سچار هجن ۽ عوام سان ائين پيار ڪن جيئن لينن ڪندو هو."

هي مارڪس ۽ لينن جون خاصيتون ۽ خوبيون هيون جيڪي اسان کي اينگلس ۽ لينن ٻڌايون. اسان جي پارٽي جي ڪارڪنن کي بہ مارڪس ۽ لينن جيان سوچڻ ويچارڻ گهرجي ۽ سندن نقش قدم تي هلي پاڻ کي هنن جا بهترين شاگرد ثابت ڪرڻ گهرجي.

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ مارڪس ۽ لينن جيان ڪير بہ غور فڪر ڪري ڪونہ ٿو سگهي نہ وري هنن جيان عظيم انقلابي بڻجي سگهي ٿو يعني اهو ناممڪن آهي تہ ڪو غور ۽ فڪر کي ايترو بلند ڪري سگهي ٿو نہ وري ايترين مٿاهين خوبين ۽ خاصيتن جو مالڪ بڻجي سگهي ٿو. اهي مارڪس ۽ لينن کي جمندي ڄام سمجهندا آهن ڄڻ تہ اهي ڪي پراسرار شخصيتون هجن. ڇا ائين سمجهڻ صحيح آهي؟ آئون سمجهان ٿو تہ اها سوچ غلط آهي.

اها حقيقت آهي تہ پارٽيءَ جي هر ڪارڪن کي مارڪس ۽ لينن جي ذات ۽ ڏانءَ جو پتو ڪونہ آهي. اسان جي گهڻن ڪامريڊن کي هنن ٻنهي عظيم انسانن جي پرولتاري انقلاب جي علم جي وسعت ۽ اونهائي جي ڪا خبر ئي ڪانہ آهي جيڪو هنن ڪتابن جي مطالعي وسيلي حاصل ڪيو هو پر اهو بہ امڪان آهي تہ ڪامريڊ جيڪڏهن اهڙي ريت مارڪس ۽ لينن جا نظريا ۽ طريقا ڪتب آڻين ۽ هنن جي نقش قدم تي هلي جدوجهد ڪن ۽ پنهنجو انقلابي جوش جذبو وڌائن تہ مارڪس لينن جيان مدبر ٿي سگهن ٿا. پر اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن هو پرولتاري ڊر جي پهرينءَ صف جا بهادر ويڙهاڪ ثابت ٿين ۽ ڪميونسٽ دنيا وارو نقطئہ نظر اختيار ڪن. موجوده دور جي پرولتاري ۽ ٻين پورهيتن جي هن عظيم انقلابي تحريڪ کان منهن نہ موڙين ۽ مطالعو ڪري پنهنجي خود تربيت ۽ خود اصلاح ڪن.

مينشش جو قول آهي تہ "هر ماڻهو يائو Yao يا شن Shun ٿي سگهي ٿو." آئون هن سٺي قول کي پنهنجي ڳالهہ ۾ هن ريت ملايان ٿو تہ هر ڪميونسٽ کي پنهنجا پير ڌرتيءَ تي رکڻ گهرجن، حقيقتن مان سچائيءَ کي ڳولي وٺجي، خود تربيت ۽ خود اصلاح لاءِ شعوري طور محنت ڪرڻ گهرجي ۽

پنهنجي سوچ ويچار جي طاقت وڌائڻ لاءِ گهٽي جاکوڙ ڪجي. ائين هرگز سوچڻ نه کپي ته مارڪس ۽ لينن جون غور ۽ فڪر ۾ انقلابي خوبيون ۽ خاصيتون سندن سوچ سمجهه کان متاهيون آهن ۽ جيڪڏهن ڪو انهن کي ڇڏي ڏئي ته ۽ اڳتي وڌڻ کان ڊڄي ته ويچي ته اهو فقط "سياسي مفڪر آهي" ۽ اهو فقط "ساڻو ڪاٺ آهي جنهن تي ڪابه اُڪر تي ڪانه سگهندي آهي."

تنهن ڪري اسان لاءِ ضروري آهي ته مارڪس ۽ لينن جي اصولن کي سکڻ وسطي سنو رويو دل ۾ رکون نه ته اسان ڪابه شيءِ سکي ڪانه سگهنداسون. انهن اصولن کي چڱيءَ ريت سمجهڻ واسطي ان جو اڪيلائيءَ ۾ مطالعو ڪيو. حقيقت اها آهي ته اسان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به موجود آهن جن جو اهڙن اصولن سکڻ لاءِ رويو مختلف آهي.

ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي مارڪس ۽ لينن جو مطالعو ته ڪندا آهن پر انهن جي اصولن ۽ نظرين جي جوهر کي سمجهي ڪونه سگهندا آهن ۽ فقط مٽاڇري نموني سان سندن لفظن ۽ جملن کي برزبان ياد ڪري ڇڏيندا آهن. جيتوڻيڪ هو مارڪسي ۽ ليننـي ادب پڙهندا آهن پر انهن جي اصولن ۽ ڪڍيل نتيجن کي سونهين يا رهبر طور سرگرمين ۾ ڪتب آڻي ڪونه سگهندا آهن نه وري حقيقي زندگي جي مسئلن کي حل ڪرڻ واسطي انهن کي استعمال ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو اصولن ۽ نتيجن کي برزبان ياد ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پاڻ کي صحيح مارڪسي ۽ ليننـي سمجهندا آهن پر حقيقت اها آهي ته اهي صحيح مارڪسي ۽ ليننـي ڪونه هوندا آهن. ويتر سندن اختيار ڪيل سرگرميون ۽ طريقا مارڪسي، ليننـي اصولن جي خلاف هوندا آهن.

اسان جي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر به اهڙن ماڻهن جي کوٽ ڪانه آهي. اسان وٽ به ڪنهن زماني ۾ اهڙا ئي ڪتر قسم جا ماڻهو هئا، جيڪي ڏاڍا خراب ثابت ٿيا هئا. ڪين مارڪسي، ليننـي نظرين ۽ اصولن جو ته ڪو پتو پرو ئي ڪونه هو ۽ هرويرو پيا گپ ۾ لنيون هڻندا هئا ۽ مارڪسي، ليننـي نظرين لاءِ پيا اجايو واڪيندا هئا ۽ پاڻ کي "چين جا مارڪس" يا "چين جا لينن" سڏائيندا هئا. پارٽي ۾ سندن رويو به اهڙو هوندو هو ۽ پارٽي ميمبرن مان پڻ اها تقاضا ڪندا هئا ته هو به کين مارڪس ۽ لينن جيترو معزز ۽ محترم سمجهن ۽ هنن کي وڏي پائي جو اڳواڻ سمجهي سندن چيل ڳالهين جي اکيون ٻوٽي تائيد ڪن ۽ سندن وفادار ۽ جان نثار ٿي رهن. هنن پاڻ کي اڳواڻ طور چونڊائڻ بدران پاڻ کي

”مقرر ڪري ڇڏيو آهي.“ هو اهڙي بااختيار حيثيت تائين پاڻ چڙهي پهتا آهن. پارٽيءَ کي بہ قبيلي جي لٺ سردار جيان حڪم ڏيندا آهن ۽ ان کي هر قسم جي موضوع تي ليڪچر ڏيندا آهن. پارٽيءَ جي هر شيءِ کي غلط طريقي سان ڪم آڻيندا آهن. پارٽي جي هر ڪارڪن کي سزا ڏيندا ۽ ڪين هرويرو پيا هيڏي هوڏي گهليندا وتندا آهن. اهڙا ماڻهو مارڪس ۽ لينن کي پڙهڻ ۾ مخلص ڪونہ هوندا آهن ۽ ڪميونزم جي سپني کي ساڀيان بڻائڻ لاءِ وڙهڻ واسطي ڪرا ڪونہ هوندا آهن. هو پارٽيءَ ۾ ڏنڌي ڪرڻ لاءِ شامل ٿيا آهن. اهي ڄڻ تہ ڪميونسٽ تحريڪ لاءِ اڏوهيءَ جو وجود آهن. اهڙن غلط ماڻهن جي مخالفت ڪرڻ گهربي هئي ۽ سندن منهن تي پاتل نقاب ڇڪي پري اڇلايو وڃي ها حقيقت بہ اها آهي تہ اسان جي پارٽيءَ ڪين ڪنيءَ آڱر جيان وڍي باهر اڇلي ڇڏيو هو. ڇا اسان پوريءَ پڪ سان چئي سگهنداسون تہ اهڙا گندا ماڻهو وري ڪڏهن بہ اسان جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ڪونہ سگهندا؟ هن باري ۾ اسان پڪ سان تہ ڪجهہ چئي ڪونہ ٿا سگهون.

اسان وٽ ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي مٿي بيان ڪيل ماڻهن کان بلڪل ابتڙ آهن جيڪي مارڪسي، ليننی اصولن جا صحيح معنيٰ ۾ شاگرد آهن ۽ شعوري مارڪس ۽ لينن جي نظرين ۽ طريقن جو مطالعو ڪن ٿا ۽ انهن جي صحيح روح ۽ جوهر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي اعليٰ اخلاقن جا صاحب ۽ پرولتاري ۽ انقلابي تحريڪ ۾ مارڪس ۽ لينن جيان پرولتاري انقلابي خوبين وارا ماڻهو آهن. هو شعوري طور خود تربيت ۽ خود اصلاح جون ڪوششون ڪندا رهندا آهن ۽ اهو ڏسڻ لاءِ پاڻ کي آزمائيندا آهن تہ معاملن کي اڪلائڻ، عوام سان رابطن رکڻ ۽ سندن مسئلن حل ڪرڻ ۾ سندن رويو ۽ هلت چلت مارڪس ۽ لينن جي رويي ۽ هلت چلت سان ٺهڪي ٿي يا نہ. هنن مارڪس ۽ لينن جو تمام گهڻو مطالعو ڪيو آهي. ان سان گڏ زندگيءَ جي حقيقتن کي جاچڻ پرکڻ ۽ انهن جي تجربي ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۾ لڳل رهندا آهن. پنهنجي دور جي اهم تقاضائن ۽ پنهنجي ملڪ جي پرولتاري طبقي کي منهن ۾ ايندڙ ڏکي صورتحال کي سمجهڻ جي پڻ جاکوڙ ڪندا آهن. ان سان گڏ مارڪسي، ليننی بين الاقوامي سچاين کي عملي طور پنهنجي ملڪ جي انقلابي ضرورتن سان سلهاڙيندا آهن. هو مارڪسي ۽ ليننی نظرين ۽ اصولن کي برزبان ياد ڪري مطمئن ڪونہ ٿيندا آهن پر هنن جي اختيار ڪيل اصولن ۽ نظرين جي سختي سان پابندي ڪندا ۽ منهن ڏيڻ لاءِ پيير ڪوڙي سختيءَ سان ڄمي بيهي

رهندا آهن. مارڪسي، ليننني طريقا سکندا ۽ انهن تي باضابطہ عمل ڪندا آهن. هر انقلابي تحريڪ ۾ عوام جا سُچيت سونهان ٿي پوندا آهن. اهڙيءَ ريت هو حقيقتن سان گڏ پاڻ کي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. سندن هر ڇرپر مارڪسي ۽ ليننني اصولن مطابق هوندي آهي ۽ پرولتاري مقصدن، قومي آزادي، ۽ انساني نجات ۽ ڪميونزم جي فتح لاءِ ڇڻ وقف ٿيل هوندا آهن.

نقط اهڙن ماڻهن جو رويو صحيح آهي. اهو ئي رويو آهي جنهن وسيلي اسان مارڪسي، ليننني نظريا ۽ اصول سکندا آهيون ۽ هنن عظيم انسانن وٽان اهڙي ڏاهپ ۽ سُرت سکندا آهيون. جنهن مان اسان مارڪس ۽ لينن وانگي سچا ڪميونسٽ پرولتاري انقلابي بڻجي ويندا آهيون.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو محنت ڪري خود اصلاح ڪري ٿو ۽ مارڪس ۽ لينن جو صحيح شاگرد ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هو مارڪسي ۽ ليننني نقطئہ نظر تي قائم رهي ٿو ۽ پرولتاري قيادت ۾ هلندڙ تحريڪ ۾ پيدا ٿيندڙ منجهيل مسئلن کي نبيرڻ لاءِ مارڪسي، ليننني نقطئہ نظر ۽ طريقا اختيار ڪري ٿو ۽ انهن کي ائين حل ڪري سگهي ٿو جهڙي ريت ساڳئي قسم جي معاملن کي مارڪس ۽ لينن حل ڪيو هو. اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ اهڙو خيال ڪونہ ڪندو آهي تہ پارٽيءَ ۾ سندس حيثيت ڪهڙي آهي ۽ نہ وري هو ڪڏهن اهڙي لاف هڻندو آهي تہ "آئون مارڪس يا لينن آهيان." نہ وري ڪيس خواهش هوندي آهي تہ ڪو بيو ڪيس مارڪس يا لينن سمجهي. چاڪاڻ تہ ڪيس چڱيءَ ريت اها ڄاڻ آهي تہ ڪيس ائين سڏائڻ جو ڪو حق ڪونہ آهي. ان هوندي بہ پارٽي ۾ هن قسم جي ماڻهوءَ جو وڏو احترام ڪيو ويندو آهي. پارٽي ميمبر هن جي هر ڳالهہ جي تائيد ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ سندس اختيار ڪيل واٽ سنئين سڌي آهي. چاڪاڻ تہ هو سچو ۽ نباهڻ وارو مڙس ماڻهو هوندو آهي. چاڪاڻ تہ هو بهادر ۽ اڻ ڏر هوندو آهي ۽ انقلابي تحريڪ ۾ سندس ڪردار مثالي هوندو آهي.

اها ڳالهہ ايڏي سولي ۽ سٽائي ڪانہ آهي جو ڪو ماڻهو مارڪس ۽ لينن جو نمونو ۽ انهن جو هڪ لائق شاگرد ثابت ٿي سگهي پر جيڪڏهن اسان ڪوشش ڪنداسون تہ سندن لائق ۽ سچا شاگرد بڻجي سگهون ٿا پر شرط اهو آهي تہ جهيڙي دوران اسان جا ارادا اڻ موٽ ۽ پڪا هجن ۽ ڪميونزم جي مقصدن واسطي سر ترڪيءَ تي رکي وڙهي سگهون ۽ جڏهن اسان وڏي عوامي انقلابي جدوجهد دوران مارڪسي ۽ ليننني نظرين ۽ اصولن جو مطالعو ڪنداسون ۽ ان جدوجهد مان تجربي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار

هونداسون ۽ جيڪڏهن اسان هر طريقي سان خود تربيت ۽ خود اصلاح جي ڪوشش ڪنداسون ۽ پنهنجي ساري زندگي پرولتاري انقلاب ۽ ڪميونزم جي مقصدن لاءِ وقف ڪنداسون تہ اسان هنن عظيم انسانن جا صالح شاگرد بڻجي سگهون ٿا.

ڪميونسٽ ڌر جي خود اصلاح ۽ عوام جو انقلابي عمل

مارڪسي- ليننِي نظرين ۽ اصولن جي سچي ۽ کري شاگرد ٿيڻ لاءِ اسان واسطي ضروري آهي تہ اسان پرولتاري ۽ عوامي ڊگهي انقلابي هلچل دوران هر پاسي کان پنهنجي خود اصلاح ڪريون. مارڪسي- ليننِي نظرين ۾ بہ پنهنجي خود اصلاح ڪريون، مارڪسي- ليننِي نقطئہ نظر موجب اختيار ڪيل موقف ۾ پنهنجي خود اصلاح ڪريون، مسئلن کي حل ڪرڻ مهل مارڪسي- ليننِي نقطئہ نظر ۽ طريقا اختيار ڪيا وڃن، پرولتاري انقلابي جدوجهد جي تدبيرن ۽ حڪمت عملين اختيار ڪرڻ دوران پنهنجي خود اصلاح، پرولتاري نظريي ۽ اخلاق ۾ خود اصلاح، پارٽيءَ جي ايڪي ۽ ٻڌي رکڻ ۾ خود اصلاح، ٻين تي ۽ پاڻ تي تنقيد ڪرڻ، نظم ضبط رکڻ ۾ خود اصلاح، جدوجهد اندر سخت محنت ۽ اورچائي ۾ خود اصلاح، عوام سان رابطي ۾ خود اصلاح ۽ هر سائنٽفڪ علم حاصل ڪرڻ مهل خود اصلاح وغيره. ڇاڪاڻ تہ اسان سڀ ڪميونسٽ پارٽي جا رڪن آهيون. تنهن ڪري اسان کي ڪنهن بہ حالت ۾ هر پاسي کان پنهنجي خود اصلاح ڪرڻ گهرجي. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ هر پارٽي ميمبر، سياسي شعور، تحريڪ ۾ تجربي، سرگرمين جي دائري، ثقافتي سطح ۾ هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هوندا آهن ۽ جن حالتن اندر هو ڪم ڪندا آهن سي بہ مختلف هونديون آهن. تنهن ڪري هر ڪامريڊ پنهنجي خود اصلاح واري تصور ۾ مختلف هوندو آهي جنهن ڏانهن ڪين تمام گهڻو ڌيان ۽ زور بہ ڏيڻو پوندو.

قديم زماني جي زينگ زي Zeng zi جو قول آهي تہ "مان ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا پنهنجو پڇاڻو پاڻ ڪندو آهيان. "دي بوڪ آف اوڊس The Book of Odes جون هي مشهور سٽون آهن تہ "جهڙيءَ ريت چاقوءَ ۽ رواٽ سان هڏي کي لسائيو ۽ چمڪائبو آهي، جهڙيءَ ريت بشم پٿر Jade کي ڇيٽي ۽ عام پٿر سان گهڙبو ٺاهبو آهي تهڙيءَ ريت اوهان بہ خود تربيت وسيلي پاڻ کي سهڻو بڻايو". هنن لفظن جو اشارو ان ڳالهہ ڏانهن آهي تہ دوستن جي تنقيد وسيلي پاڻ مان اوڻايون ڪيو. جيڪڏهن ڪو اڳتي وڌڻ چاهي ٿو تہ سچيءَ دل سان پنهنجي خود اصلاح ڪرڻ گهرجي. پر هي ڪم ڏکيو ضرور آهي.

ماضيءَ ۾ ڪيترن ماڻهن خود اصلاح جا طريقا استعمال ڪيا هئا پر اهي عام طور نظرياتي، روايتي، فڪري ۽ سماجي عمل سان لاڳاپيل هئا. هنن داخلي ارادن جي ڪردار کي گهٽ وڌائي پيش ڪيو هو. سمجهيو ويندو هو تہ جيڪڏهن فڪري طور سندن ارادا نيڪ آهن تہ حقيقت، سماج ۽ اهي پاڻ تبديل ٿي سگهن ٿا پر اهو خيال غلط آهي. اسان پنهنجي خود اصلاح انهيءَ طريقي سان ڪري ڪانہ سگهنداسون. اسان ماديت پسند انقلابي تصور جا حامي آهيون. اسان جي "خود اصلاحي" عوام جي انقلابي عمل کان ڌار ڪري ڪانہ ٿي سگهجي.

اسان لاءِ ضروري ڳالهہ اها آهي تہ موجوده دور جي عوامي انقلابي جدوجهد جي قطار مان نہ ڇڄون پر ڪوشش اهڙي ڪريون جو اسان ان علامت سان سجاتا وڃون. انهيءَ مقصد سان ماضي جي انقلابي عمل جي تجربي جو اڀياس ڪريون ان مان نتيجا ڪڍون ۽ انهن کي موجوده دور جي انقلابي تحريڪن تي نافذ ڪريون. ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ اسان پنهنجي تربيت ۽ خود اصلاح، انقلابي عمل مطابق ڪريون. اهو بہ سوچيون تہ اها خود تربيت ۽ خود اصلاح فقط عوام ۽ انقلابي عمل لاءِ حاصل ڪئي وئي آهي. انهيءَ جو مقصد آهي تہ اسان نهايت نماڻائيءَ سان مارڪسي- ليننِي موقف، نقطئہ نظر ۽ طريقا سکون ۽ پرولتاري شاندار خوبيون بہ انهن عظيم انسانن وٽان پرايون ۽ انهن کي قول فعل، روزمره جي زندگي ۽ سرگرمين ۾ عملي طور آزمائي ڏسون. جيڪڏهن اسان جون سرگرميون انهن اصولن جي خلاف آهن تہ انهن سرگرمين کي رد ڪري ڇڏيون. جيڪڏهن اسان جون سرگرميون انهن اصولن مطابق آهن تہ اسان جي ڪميونسٽ پرولتاري نظريي کي وڏي طاقت ملي ويندي. ان جو مطلب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ پنهنجي پارٽيءَ جي ڪامريڊن ۽ عوام جي تنقيد ۽ مشورن ڏانهن گهٽ ڌيان ڏيون ۽ اسان جي زندگيءَ ۽ سرگرمين ۾ جيڪي عملي مسئلا آهن تن جو مطالعو ڪريون ۽ هن تنقيد جي روشنيءَ ۾ سرگرمين جي تجربي مان سبق پرايون اهڙين ڳالهين ڪري اسان کي پتو پئجي ويندو تہ اسان مارڪسي- ليننِي نظريي کي چڱي طرح سمجهيو آهي يا نہ. يا انهن جي طريقن کي چڱيءَ ريت ڪتب آندو آهي يا نہ. ائين ڪرڻ سان اسان ۾ موجود اوڻاين ۽ غلط ڳالهيون ختم ٿي سگهن ٿيون ۽ پنهنجي سرگرمين کي اڳتي وڌائي سگهون ٿا. هن کان سواءِ نئين تجربي مان اسان کي هيءَ ڄاڻ بہ ملي سگهي ٿي تہ مارڪسي- ليننِي نظريي مان ڪي ٻيا انفرادي نتيجا

ڪڏي سگهجن ٿا يا نہ. يا ان نظريي جا ڪي بيا بہ پهلو آهن. جن کي سڌاري وڌائي سگهجي ٿو. مختصر تہ انقلاب جي صحيح عمل سان مارڪسي- ليننيِ سچائي کي آفاقي سچاين سان ملائي مڪمل ڪري سگهجي ٿو.

ڪميونسٽن واسطي خود اصلاح جو طريقو اهو ئي آهي، هيءُ طريقو تصوراتي خود اصلاح ۽ عوامي انقلابي عمل واري خود اصلاح کان بلڪل مختلف آهي.

مشڪل حالتن اندر خود اصلاح جي مارڪسي- ليننيِ طريقي لاءِ اسان کي هر حالت ۾ هڪ غلط روايت کي پاڙئون پٽي ڦٽي ڪرڻو پوندو جيڪا اسان کي قديم معاشري جي مطالعي جي ميدان ۾ اسان کي عطا ڪئي وئي آهي، يعني نظرين ۽ عمل کي ڌار ڪرڻ. پراڻي سماج جا ماڻهو جڏهن پڙهندا ۽ سکندا هئا تہ سمجهندا هئا تہ ان تي عمل ڪرڻ ضروري ڪونہ آهي يا ان تي عمل ڪرڻ ناممڪن سمجهندا هئا. اهو بہ سمجهندا هئا تہ اسان انصاف ۽ اخلاق تي گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو آهي ۽ ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪرڻو ڪونہ آهي. هنن لاءِ سمجهڻ ڪپي تہ هي تنگ هئا. ڪومنتانگ جا رجعت پسند "ٽن ماڻهن جي اصولن" کي برزبان ياد ڪندا آهن ۽ سن يات سين جي انجيل جي تلاوت ڪندا رهندا آهن پر حقيقت اها آهي تہ هو محصول جي ڪات سان ماڻهن کي ڏنو وائنو رتورت ڪري ڇڏيندا آهن. غير اخلاقي ۽ غير قانوني ڳالهيون ڪرڻ سندن ڏهاڙي جو معمول هوندو آهي. ماڻهن مٿان ڪيس ٺهر ڪندا ۽ کين قتل ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙيون ڳالهيون انهن قومن جي تصور خلاف آهن جيڪي اسان کي پاڻ جهڙو سمجهندا آهن. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ هو دشمن سان ٺهڻ لاءِ تيار وينا آهن يا انهن جي آڻ مڃڻ جو سوچي رهيا آهن. هڪ پراڻي زيوڪائي• Xiucai مون کي ٻڌايو تہ ڪنفيوشس جي تعليم ۾ مون کي هڪ نقطو ڏاڍو وڻيو آهي تہ "هن لاءِ ڪوبہ ڪاڌو لذيذ ڪونہ هوندو آهي نہ وري گوشت جو قيمو ئي ڪيس وڻندو آهي." هن بيءُ ڪنهن شيءِ جو مطالعو ڪونہ ڪيو نہ وري ائين ڪرڻ جو سندس ارادو هو. هن مان ئي سمجهي وٺڻ کپي تہ اهي ماڻهو ڪهڙيءَ سوچ فڪر جا آهن. اهڙا ماڻهو اسڪول ڇو

• تنگ Tang خاندان (618ع کان 907ع) کان وٺي جاگيردار چين جي شهنشاهن جي دور ۾ مقابلي جا امتحان ٿيندا هئا جن جا ٽي مرحلا هئا هڪ قومي، ٻيو صوبائي ۽ ٽيون ڪائونٽي. ڪائونٽيءَ امتحان جي ڪامياب اميدوارن کي "زيوڪائي" ڪري سڏيو ويندو هو.

هلائيندا آهن ۽ ڏاهن ماڻهن جي سيڪاريل تعليم جو پڙهندا آهن. اهڙا ماڻهو شهرت ۽ پئسي پٺيان آهن ۽ ڏاهن جي ڏنل تعليم کي انصاف ۽ اخلاق جون فقط ڳالهيون ڪري مسڪينن کي وڏيڪ ماريندا هئا ۽ ساڻن نڳيون ۽ دوڪا ڪندا هئا. پراڻي سماج جي استحصالي طبقي جون اهي خاص خوبيون آهن جيڪي پنهنجي ڏاهن ۽ بزرگن کي پوڄيندا ته هئا پر انهن جي ڏنل تعليم جو اڃهو اهو حشر به ڪندا هئا. اسان ڪميونسٽن کي به گهرجي ته اسان مارڪسي ليننيِ اصولن جو مطالعو ڪريون ڇاڪاڻ ته اهي اسان جو قومي ورثو آهي پر هنن جي تعليم ڏانهن اسان جو رويو ائين نه هئڻ گهرجي جهڙيءَ ريت مٿي ٻڌايو ويو آهي. اسان مٿان لازم آهي ته جيڪا شيءِ سکون انهيءَ تي عمل به ڪريون. اسين پرولتاري انقلابي آهيون، جيڪي سچا ۽ سپتيا هوندا آهن. اسان کي پنهنجو پاڻ سان ۽ ماڻهن سان سچو رهڻ کپي، جن سان اسان جو سدائين واسطو رهندو آهي. اها ڪميونسٽن جي امتيازي خوبي هوندي آهي.

اهو به امڪان آهي ته پراڻي سماج جي نظريي ۽ عمل کي جدا ڪرڻ واري اصول جو اسان مٿان اثر نه ٿئي؟ پر ائين ناممڪن آهي اها هڪ حقيقت آهي ته اسان مان ڪير به مارڪسي- ليننيِ اصولن جو مطالعو شهرت ۽ پئسي لاءِ ڪونه ڪندو آهي نه وري مسڪينن کي مارڻ سندن مقصد هوندو آهي پر ان هوندي به هي امڪان ضرور هوندو آهي ته اوهان جا خيال، لفظ، عمل ۽ زندگي مارڪسي- ليننيِ نظريي ۽ اصول جي رهبري مطابق نه هجن يا جيڪي اصول ۽ ضابطا اوهان سکيا آهن تن تي عمل ڪرڻ جو اوهان جو ارادو نه هجي؟ اهو به امڪان آهي ته اوهان ڪڏهن مارڪس- لينن کي پڙهڻ جو سوچيو ئي نه هجي ۽ زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ انهن جي اصولن ۽ نظرين جو گهرو مطالعو ئي نه ڪيو هجي يا جيڪو ڪجهه ڪيو هجي سو فقط ڏيکاءَ ۽ شهرت جي مقصد سان ڪيو هجي؟ آئون پڪ سان ته چئي ڪونه ٿو سگهان ته توهان مان سڀ ائين سوچيندا هوندا. اهڙي قسم جا خيال مارڪسي ليننيِ نظرين ۽ اصولن جي خلاف هوندا آهن. هنن ڏاهن ماڻهن فڪر ۽ عمل کي ڳنڍڻ لاءِ جيڪي ڳالهيون ٻڌايون آهن تن سان ته هنن جو ڪو واسطو ئي ڪونه هوندو آهي. اسان لاءِ ضروري آهي ته نظريي جو مطالعو ڪريون. انهيءَ سان گڏ اسان مٿان اهو به لازمي آهي ته جيڪو ڪجهه به سکون ان تي عمل ڪري به ڏيکاريون. ڇاڪاڻ ته اهو سکڻ عمل ڪرڻ لاءِ، پارٽيءَ لاءِ، عوام لاءِ ۽ ان انقلاب جي

سوپ لاءِ هوندو آهي، جنهن ۾ اسان مختلف نظرين جو مطالعو ڪندا آهيون.

هن باري ۾ ڪامريڊ مائوزي تنگ جو چوڻ هن ريت آهي:

مارڪسي- ليننني نظرين ۽ اصولن جي اصل طاقت سيني ملڪن جي انقلابي عمل کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ان کي هڪ مڪمل صورت ڏيڻ ۾ آهي. چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ چين جي مختلف حالتن تي نافذ ڪرڻ لاءِ لازمي طور تي مارڪسي- ليننني نظريي جي سکيا ڪري. ڇاڪاڻ تہ ڪميونسٽ ڪارڪن چين جي عظيم قوم جو هڪ حصو آهن، ان جي گوشت ۽ ان جي رت جو رت آهن. جيڪڏهن مارڪس جي ڳالهين کي چين جي موجوده حالتن کي الڳ رکي ڪئي ٿي وڃي تہ پوءِ اهو مارڪسي نظريو ۽ طريقو فقط هڪ خيال ۽ ان سان گڏ هڪ خال آهي. جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. تنهن ڪري مارڪسي فلسفي کي اصلي ۽ حقيقي رنگ ۾ چين جي موجوده حالتن تي اهڙي ريت نافذ ڪريو جو محسوس ٿئي اهو نظريو تخليق ئي چين ۾ ٿيو آهي، يعني اوهان ان نظريي کي نافذ چين جي خاص ڪردار جي روشنيءَ ۾ ڪريو جيڪو پارٽي لاءِ مسئلي کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ نهايت اهم آهي. خاص قسم جي ڌارين نظرين کي ختم ڪيو وڃي، فقط ڳالهين جو ورجاءُ نہ هئڻ کپي. خيالي ۽ تصوراتي ڳالهين ۽ ڪنهن اصول سان ڇهڻ پوڻ واري لاڙي کي اڇلي ڇڏڻ گهرجي. انهن جي جاءِ تي تازي ۽ زندگيءَ سان ڀرپور چيني طريقي ۽ جذبي کي آندو وڃي جنهن سان چين جو عام ماڻهو پيار ڪندو آهي."

اسان جي ڪامريڊن کي گهرجي تہ ڪامريڊ مائوزي تنگ جي ٻڌايل ڳالهين جي روشني ۾ مارڪسي- ليننني اصولن جو مطالعو ڪن.

اسان ڪميونسٽن کي گهرجي تہ نظريي جي مطالعي کي نظرياتي خود اصلاح کان الڳ نہ ڪريون. پاڻ کي نئين سر تبديل ڪرڻ پوندو ۽ پرولتاري نظريي موجب پنهنجي خود تربيت ڪرڻي پوندي، نہ رڳو انقلابي عمل ۾ پر مارڪسي- ليننني نظريي جي مطالعي ۾ بہ ائين ڪرڻ گهرجي.

پارٽي جي ڪجهہ ڪارڪنن ۾ هي نقطئہ نظر موجود آهي تہ پارٽي جي پرولتاري ۽ ڪميونسٽ ڪارڪن لاءِ مارڪسي- ليننني نظرين ۽ طريقن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عبور حاصل ڪرڻ غير ضروري آهي. سندن خيال آهي تہ مارڪسي- ليننني اصولن ۽ نظرين جو اهڙو ماڻهو بہ ڀرپور مطالعو ڪندو آهي ۽ انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيڪو

پرولتاري موقف جو پڪو حامي نہ بہ هوندو آهي ۽ سندس نظريو پختو ڪونہ هوندو آهي يعني انهيءَ جا غير پرولتاري نظريا هوندا آهن. انهن جو اهو بہ خيال آهي تہ مارڪسي- ليننی نظريا ۽ طريقا ڪتابن پڙهڻ وسيلي سکي سگهجن ٿا پر سندن اهو نقطئہ نظر بلڪل غلط آهي.

مارڪسي- ليننی نظريو ۽ طريقو پرولتاري انقلاب جي سائنس آهي. هيءَ اها سائنس آهي جنهن جي مدد سان پورهيت طبقو سوشلسٽ ۽ ڪيمونسٽ نظام قائم ڪري سگهندو آهي. هن قسم جا نظريا ۽ طريقا چڱيءَ ريت اُهي ماڻهو سمجهي سگهندا آهن، جن جو موقف پرولتاري هوندو آهي ۽ پرولتاري نظرين کي پنهنجا نظريا ڪري سمجهندا آهن. جيڪڏهن پرولتاري موقف مضبوط نہ هوندو تہ پرولتاري نظرين کي ڪڏهن بہ صحيح معنيٰ ۾ سمجهي ڪونہ سگهبو نہ وري مارڪسي- ليننی فلسفي تي عبور حاصل ڪري سگهبو. مارڪسي- ليننی نظرين ۽ طريقن جي سائنس اهڙي ماڻهوءَ کي ڪو بہ فائدو پهچائي ڪانہ سگهندي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ پرولتاري انقلابي ڪونہ آهي، هو دنيا اندر سوشلزم ۽ ڪميونزم قائم ڪرڻ جو حامي نہ آهي نہ وري وٽس انسان ذات جي آزاديءَ جي خواهش آهي يا هو انقلاب ڪونہ ٿو چاهي يا انقلابي عمل ۾ بي دليو شريڪ آهي يا ان انقلاب کي اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي وڃڻ وارو آهي.

ڪي پارٽي ميمبر ڏاڍا جان نثار هوندا آهن جن جو تعلق پورهيت طبقي سان هوندو آهي، مارڪس- لينن جي نظريي کي چڱيءَ ريت سمجهي بہ ڪونہ سگهندا آهن. اهي اهڙن امتحانن ۾ بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا جن ۾ مارڪسي- ليننی نظرين کي برزبان ياد ڪري حوالن طور ٻڌايا ويندا آهن پر جيڪڏهن هنن کي مارڪسي- ليننی نظريا سندن ٻوليءَ ۾ سمجهائبا تہ پارٽي جي دانشورن مان هڪ عام درجي جي ڪارڪن کان وڌيڪ دلچسپي وٺندا آهن ۽ انهن کان وڌيڪ سمجهي سگهندا آهن. مثال طور سرمائي ۾ سرپلس وئليو surplus Value جو حصو هوندو آهي جيڪو پارٽي جي ڪجهہ ميمبرن لاءِ سمجهڻ ڏکيو آهي پر مزدور طبقو هي ڳالهہ سولائيءَ سان سمجهي ويندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ سرمائيدارن خلاف صنعتي پيداوار ۽ جدوجهد جي سلسلي ۾ هڪ مزدور هن ڳالهہ کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندو آهي تہ سرمائيدار اجرت ۽ مزدوري جي ڪلاڪن جو حساب رکندو آهي ۽ پنهنجي منافعي لاءِ مزدور جو ڪهڙي طريقي سان استحصال ڪندو آهي. تنهن ڪري هو مارڪس جي سرپلس وئليو جي

نظريي کان ٻين طبقن جي پارٽي ميمبرن جي ڀيٽ ۾ چڱيءَ ريت واقف آهن. جڏهن اسان چوندا آهيون تہ ٻين طبقن جي ڀيٽ ۾ مزدور طبقو مارڪسي- ليننسي نظريي کي قبول ڪرڻ ۾ وڌيڪ تيار هوندو آهي تہ هن مان اسان جو هرگز اهو مطلب ڪونہ هوندو آهي تہ مزدور طبقي جو پس منظر اهڙو آهي جو مزدور ڄمڻ سان مارڪسي- ليننسي نظريي جو حامي هوندو آهي پر اسان جو نقطئہ نظر هي آهي تہ انهن کي مارڪسي- ليننسي نظريي جو سوچ ويچار سان مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙا طريقا سکڻ کپن جن وسيلي حقيقتن مان سچ کي سمجهي وٺجي. جن ڪامريڊن جو صحيح طريقي وارو پرولتاري موقف آهي ۽ شخصي ساڙ ڪيني ۽ ٻين گندين ڳالهين کان پري آهن سي پنهنجي ايپاس ۾ ٻين کان گهٽو وڌيڪ مخلص ۽ صحيح هوندا آهن ۽ عملي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. اهڙي قسم جا ڪامريڊ تحريڪ دوران وڌيڪ لائق هوندا آهن ۽ سچ کي واضح ڪري سگهندا آهن ۽ حالتن کي بهادريءَ سان منهن ڏئي سگهندا آهن.

اسان کي ڪي اهڙا پارٽي ميمبر ڏسڻ ۾ ايندا آهن جن جو پرولتاري نظريي سان ڪو واسطو ڪونہ هوندو آهي. سندن مارڪسي- ليننسي نظريي جي مطالعي ۽ نظرياتي خود اصلاح وچ ۾ موجود تعلق بابت مختلف رويي هجڻ ڪري سندن اڳتي وڌڻ بہ مختلف هوندو آهي. عام طور تي ائين ٿيندو آهي جو جنهن مهل هو انقلابي جدوجهد ۾ اچي شريڪ ٿيندا آهن. هنن وٽ پڪو ۽ صاف پرولتاري موقف ڪونہ هوندو آهي ۽ پنهنجي نظريي ۾ خالص ۽ صحيح ڪونہ هوندا آهن. سندن تصورن ۽ خيالن جو واسطو پراڻي سماج سان هوندو آهي جن جو پرولتاري نظريي سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونہ هوندو آهي. ظاهر آهي تہ اهڙن پراڻن خيالن ۽ مارڪسي- ليننسي نظريي ۾ ضرور ٽڪراءُ ٿيندو پر جيئن تہ هنن ماڻهن جو رويو مختلف هوندو آهي تنهن ڪري اهڙي ٽڪراءَ جا نتيجا بہ مختلف هوندا آهن. ڪي ماڻهو مارڪسي- ليننسي مطالعي دوران پنهنجي نظرياتي مطالعي کي صحيح طريقي سان خود اصلاح سان ملائي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن سندن خيالن ۾ ڪي اوڻايون ۽ غلطيون هونديون آهن تن کي مارڪسي- ليننسي فڪر جي مدد سان ڪڍي ڇڏيندا آهن. انهيءَ طريقي سان هو صحيح پرولتاري موقف ۽ مضبوط پرولتاري نظريي کان واقف ٿي ويندا آهن ۽ اهڙين ڳالهين جو تجربو حاصل ڪري وٺندا آهن. مارڪسي- ليننسي نظريو ڪهڙي طريقي سان عملي مسئلن تي نافذ ڪري سگهجي ٿو. سو اسان وٽ اهڙا بہ پارٽي ميمبر آهن.

جيڪي ابتي واٽ وٺندا آهن. هنن جي دماغن ۾ پراڻن خيالن جا ڍير لڳا پيا هوندا آهن، منجهن ڪي گنديون عادتون گهر ڪري ويهي ويندڍيون آهن. ساڻ ڪينو خود غرضي سندن اصول هوندو آهي. تنهن ڪري تبديل ٿيڻ لاءِ پڪو ارادو ڪري ڪونہ سگهندا آهن. مارڪسي- ليننيي مطالعي دوران ان جي اصولن کي پنهنجي اوٽاين ۽ غلطين کي ڪيڻ واسطي ۽ پاڻ تي تنقيد ڪرڻ واسطي ڪڏهن بہ استعمال ڪونہ ڪندا آهن پر اهڙن اصولن کي پنهنجي ذاتي غرضن لاءِ هڪ هٿيار طور ڪتب آڻيندا آهن. اهو غلط طريقو کين اهڙي جڳهہ تي وڃي پهچائيندو آهي جو سندن ساڻ ۽ خودغرضي مارڪسي- ليننيي اصولن مٿان ڇائنجي ويندي آهي جنهن ڪري هي سڻا نظريا بگڙي پنهنجي اصليت ئي وڃائي ويهندا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو عام ماڻهو نہ صحيح نظرين وٽ پهچي سگهندا نہ انهن کي سمجهي سگهندا آهن نہ وري مارڪسي- ليننيي نظرين جي اصلي روح ۽ جوهر تي عبور حاصل ڪري سگهندا آهن. جڏهن اهي ماڻهو انقلابي تحريڪ دوران عملي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻندا آهن تہ هو پنهنجي ذاتي فائدي ۽ نقصان کي بہ ڏسندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي جو هنن سان گڏ پراڻي سماج جو ساڻ ڪينو ۽ خودغرضي هوندي آهي ۽ پنهنجو اثر ڏيکاريندي آهي. اهڙا ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌتر جو شڪار هوندا آهن ۽ ڪنهن بہ هڪ جڳهہ تي ٽِڪي ڪونہ سگهندا آهن ۽ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي آزاديءَ سان حقيقت جي گهرائيءَ تائين پهچي ڪونہ سگهندا آهن ۽ نہ وري بهادريءَ سان سچ جو ساٿ ڏئي سگهندا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو ڪين سچ کي لڪائڻو پوندو آهي ۽ شعوري ۽ لاشعوري طور سچ جي اصلي شڪل کي بگاڙي ڇڏيندا آهن. هي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي زندگي مارڪسي- ليننيي اصولن مطابق گذاري ئي ڪونہ سگهندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪنهن بہ عملي قسم جي مسئلي کي ترت، صحيح ۽ حقيقي معنيٰ ۾ نبيري سگهڻ جي منجهن صلاحيت ئي ڪانہ هوندي آهي. ڪڏهن وري ائين بہ ٿيندو آهي جو جڏهن ڪي مسئلا پارٽي تنظيم مارڪسي- ليننيي اصولن مطابق صحيح نموني سان حل ڪري ڇڏيندي آهي تہ اهڙن ماڻهن جو رويو ناڪاري ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهڙن ماڻهن جي خواهش اها هوندي آهي تہ اهي مسئلا فقط سندن گروهہ جي ماڻهن هٿان حل ٿين. اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن نہ پر سدائين پيون ٿينديون آهن.

ساڳئي وقت اسان هن ريت به چئي سگهون ٿا ته جيڪي پارٽي ڪارڪن پرولتاري موقف کان چڱيءَ ريت واقف ڪونه آهن يا پرولتاري نظريي کي صحيح ۽ خالص طريقي سان سمجهي ڪونه سگهيا آهن، تن لاءِ مارڪسي- ليننيفلسفو سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ممڪن ڪونه آهي ۽ اُهي ان نظريي کي انقلابي جدوجهد ۾ هٿيار طور ڪتب آڻي ڪونه سگهندا. هن ڳالهه کي ٻين لفظن ۾ هيئن به ظاهر ڪري سگهجي ٿو ته پارٽي ميمبرن لاءِ شاندار پرولتاري موقف کان واقف هئڻ نهايت ضروري آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو مارڪسي- ليننينظريي جا ماهر ٿي وڃن.

ساڳئي وقت اسان کي هي اضافو به ڪرڻو پوندو ته اسان جي پارٽيءَ جو ميمبر تيستائين پرولتاري موقف تي بيهي ڪونه سگهندو ۽ ان کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي ڪونه سگهندو جيستائين هو مارڪسي- ليننياصولن کي چڱيءَ ريت سمجهي نه سگهيو آهي ۽ پنهنجي سوچ فڪر ۽ سرگرمين کي انهن اصولن جي تابع نه رکيو اٿس.

اسان جي پارٽيءَ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به آهن. جيڪي انقلاب اندر مستقل مزاجيءَ ۽ بهادرانه قسم جي ويڙهه کي ڪافي سمجهندا آهن. سندن هن طرف گهٽو ڌيان ڪونه ويندو آهي ته سندن خود اصلاح مارڪسي- ليننياصولن مطابق آهي يا نه. ڪن ڪامريڊن جو وري هي خيال آهي ته شخصي طور شريف ماڻهن جو هڪ گروهه اڳتي وڌي پرولتاري انقلاب جي ويڙهه جي سرواڻي ڪندو. ڪامريڊن جو ڪجهه حصو وري سرگرمين يا تحريڪ دوران مطالعي جي ضرورت ئي محسوس ڪونه ڪندو آهي. جيتوڻيڪ هو نظريي جي اهميت کي مڃيندا آهن. انهيءَ قسم جا سڀ رويا بلڪل غلط آهن.

حقيقت اها آهي ته هر صورتحال ۾ ايياس ۽ هر مسئلي کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ واسطي مارڪسي- ليننينظريو هڪ هٿيار طور ڪم آڻي سگهجي ٿو پر خاص ڪري سماجي فضا ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ واسطي تمام گهٽو ڪم اچي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان کي اهو پتو نه هوندو ته مارڪسي- ليننينظريي کي هٿيار طور ڪهڙي طريقي سان ڪم آڻي سگهجي ٿو ته اسان انهن مسئلن کي نه صحيح نموني سان سمجهي سگهنداسون نه وري صحيح طريقي سان انهن کي حل ڪري سگهنداسون، جيڪي انقلابي تحريڪ دوران اسان جي آڏو اچي بيهندا آهن. ان وقت اهو خوف هوندو آهي ته انهن مٿان پنهنجو اثر قائم رکي ڪونه سگهنداسون ۽

پرولتاري موقف کان گهٽو پري هٽي ويا آهيون يا شعوري يا لاشعوري طور موقع پرست بنبا پيا وڃون يا هڪ نہ ٻيءَ لالچ جي لونجهہ ۾ ڦاسي ويا آهيون يا بورجوا جا چاڙتا ٿي پيا آهيون.

انقلابي مستقل مزاجي ۽ تحريڪ دوران بهادري تمام سٺيون خوبيون يا چٽيهہ لڇڻايون آهيون ۽ اهڙا ڳڻ هر ڪميونسٽ ۾ هئڻ گهرجن. هنن خوبين ۽ خاصيتن کان سواءِ ڪميونسٽن ۾ اهڙي اهليت ۽ لياقت هئڻ کپي تہ انقلاب جي رخ کي صحيح رستي ڏانهن موڙين. جيڪڏهن هنن کي انقلاب ڪامياب ڪرڻو آهي ۽ ڪميونزم جي نظريي جي عظمت کي وڌائڻو آهي تہ هلچل کي تاريخ جي مختلف دورن ۽ مختلف حالتن اندر اڳتي وڌائڻو پوندو. اسان فقط مارڪسي- ليننې نظريي ۽ اصول کي ڪم آڻي انقلابي جدوجهد جي اهم سوال کي حل ڪري سگهون ٿا. جهڙوڪ: ڪنهن تي ڀروسو ڪجي، ڪنهن سان اتحاد ڪجي، ڪنهن کي رد ڪري ڪڍي ڇڏڻو آهي، ڪير اسان جا سڌا سنوان اتحادي آهن ۽ ڪهڙي ڌر اسان جي اڻ سڌي اتحادي آهي، ڪهڙو اسان جو مکيہ دشمن آهي ۽ ان کان پوءِ ٻيو دشمن ڪير آهي، ڪهڙن اتحادين کي امڪاني طور گڏ ڪري سگهجي ٿو ڪهڙين امڪاني حالتن تحت مکيہ دشمن کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي ۽ بدليل حالتن کي منهن ڏيڻ واسطي تدبيرن ۽ حڪمت عملين ۾ ڪهڙيون تبديليون ڪري سگهجن ٿيون. جيڪڏهن مارڪسي- ليننې لفظن ۽ اصولن تي عبور حاصل نہ هوندو ۽ مارڪسي- ليننې نظرين ۽ اصولن تي عبور حاصل نہ هوندو ۽ مارڪسي- ليننې نظريي مطابق پنهنجي خود اصلاح نہ ڪبي تہ اسان انقلابي تحريڪ اندر پرولتاري موقف جي اهميت واري سوال کي سمجهي ڪونہ سگهنداسون. يا اهڙيون حڪمت عمليون جوڙي ڪونہ سگهنداسون، جيڪي پرولتاري انقلاب جي مقصدن واسطي اهم آهن يا منجهن صورتحال ۽ تڪڙين تنظيمن دوران جڏهن اسان کي پرولتاري ڌر جي ڊگهي مدت جي مفاد واسطي هڪ متبادل سفر يا وڪڙ ڪرڻو پوندو آهي.

جپان خلاف متحد محاذ ۾ اسان جي پارٽيءَ جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ بابت گهڙي کن لاءِ سوچڻو ويچارڻو پوندو. 7 جولاءِ 1937ع واري واقعي کان اڳ کي ڪامريڊ هي ڳالهہ سمجهي ڪانہ سگهندا هئا تہ چيني قوم ۽ جپان سامراج وچ ۾ موجود تضاد اوليت جو حامل آهي، جڏهن تہ ملڪ اندر پارٽين ۽ سياسي گروهن ۾ موجود تضاد ثانوي حيثيت رکن ٿا.

هن جو نتيجو اهو نڪتو هو تہ جپان خلاف پارٽيءَ جي متحد محاذ ٺاهڻ واري حڪمت عمليءَ جي مخالفت ڪئي وئي هئي جنهن لاءِ ڦومپرستن، عام ماڻهن، سياسي پارٽين ۽ سياسي گروهن سان پاڻ ۾ ڀاري ڀڏي ڪومنتانگ سان اتحاد ڪري جپان کي مهاڏو ڏيڻو هو. ڪامريڊن سمجهيو پئي تہ پارٽيءَ جي هن حڪمت عملي جي مخالفت ڪري هو پرولتاري سخت موقف اختيار ڪري سنو ڪم ڪري رهيا آهن. پر حقيقت اها هئي تہ هو هن پارٽيءَ کان الڳ ٿي ڪلوزڊ ڊوريزم ۽ ڌڙابنديءَ ڏانهن وڌي رهيا هئا. جيڪڏهن اسان سندن غلط خيالن جي ڪڏ لڳي پئون ها تہ پارٽي ڦومپرستن، عام ماڻهن، سياسي ۽ سماجي گروهن کي پاڻ سان ملائي جپان سان جهيڙو ڪري ان کي شڪست ڪانہ ڏئي سگهي ها. ان بدران جپان مخالف قومي متحد محاذ گهٽو ڪمزور ٿي وڃي ها. ان سان گڏ پرولتاري ڌر ۽ سياسي پارٽي اڪيلي ٿي وڃي ها. اها ڳالهہ جپان خلاف مزاحمت ڪرڻ واري تحريڪ ۽ چين کي بچائڻ واري جدوجهد لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار ثابت ٿئي ها. 7 جولاءِ جي واقعي کان پوءِ جڏهن پارٽي جپان خلاف ڪومنتانگ سان ملي، قومي متحد محاذ ٺاهيو تہ ڪي ڪامريڊ ڏمرجي پيا ۽ چوڻ لڳا تہ جپان خلاف جڏهن ڪميونسٽ پارٽي، ڪومنتانگ سان متحد ٿي وئي آهي تہ پوءِ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪو فرق ڪونہ آهي. ان کان پوءِ هنن جاگيردارن، بورجوا ۽ ڪومنتانگ کي ٿڌو ڪري انهن جي غير مشروط اطاعت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ متحد محاذ ۾ پارٽي جي پنهنجي آزاد حيثيت واريءَ حڪمت عملي جي سخت مخالفت ڪرڻ لڳا هئا ۽ ڪومنتانگ کي طاقت سمجهندا هئا. ڪين پڪ هئي تہ جپان جي حملي خلاف چين کي فقط ڪومنتانگ ئي بچائي سگهي ٿي. ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ عوام تي تہ سندن اک ئي ڪانہ ٿي ٻڏي، تنهن ڪري پارٽي ۽ جپان دشمن انقلابي قوت کي آزاد نموني اڳتي وڌائڻ جي جرئت ئي ڪري ڪانہ ٿي سگهيا نہ وري ڪومنتانگ تي دٻاءُ رکي ٿي سگهيا تہ ان چو ڪميونسٽ پارٽي مٿان پابندي هٽي چڏي آهي. ڪامريڊ انهيءَ شڪل صورت ۾ پاڻ کي پرولتاري ڌر جو نمائندا سمجهڻ لڳا هئا. حقيقت ۾ سندن هن قسم جي حڪمت عملي پرولتاري ڌر کي بورجوا جو ڳيجهو بڻائي ڇڏيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪري ها جو جپان مخالف ٺهيل قومي متحد محاذ ۾ پرولتاري ڌر جي اڳواڻي ختم ٿي وڃي ها. هي کابي ڌر ۽ ساڄيءَ ڌر جون غلطيون آهن. جيڪي پرولتاري موقف جي ناڪاميءَ جو مثال آهن ۽ جڏهن سياسي

صورتحال ۾ وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن. تڏهن هو انقلابي قدم اڳتي وڌائڻ لاءِ صحيح رستو سڃاڻي ڪونہ ٿا سگهن.

پرولتاري ڏر فقط پنهنجي آزاديءَ لاءِ ڪانہ وڙهي رهي آهي پر ٻين پورهيت ماڻهن لاءِ پڻ وڙهڻو پوندو. ڪيس ساري انسان ذات جي آزاديءَ لاءِ جهيڙڻو آهي. هن کي پنهنجي آزاديءَ کي بحال رکڻ لاءِ ائين ڪرڻو پوندو. پرولتاري ڏر کي ساري انساني سماج کي هميشہ لاءِ استحصال ۽ ڏاڍ کان نجات ڏيارڻي آهي. تنهن ڪري مستقبل ۾ پرولتاري موقف کي ڪلوزڊ ڊوريرزم کان الڳ ڪري بيهارڻو پوندو. هن قسم جي جدوجهد جي شروعات لاءِ پرولتاري ڏر ۽ ان جي سياسي پارٽيءَ کي ساري پورهيت عوام سان ويجها لاڳاپا جوڙڻا پوندا. ٻين انقلابي ڌرين ۽ پارٽين سان گڏجي هڪ انقلابي اتحاد ناهڻو پوندو ۽ پورهيت عوام ۽ اتحادين سان گڏجي اڳتي وڌڻو پوندو. ڪين ساري پورهيت عوام، انقلابي طبقن ۽ ساري قوم جي مفادن جي نمائندگي ڪرڻي پوندي اهڙيءَ ريت هو ملڪ جي 90 سيڪڙو ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪري سگهندا. هڪ مستقل ۽ مضبوط پرولتاري موقف جي معنيٰ آهي هر وقت ۽ هر ڏکئي سکئي حال ۾ عوام جي واضح اڪثريت جي مفادن جي نمائندگي ڪرڻ. اسان کي سمجهڻ کپي تہ اهي پرورلتاري طبقي جا وڏا مفاد آهن. ٻئي طرف پرولتاري مضبوط موقف کي مصلحت پسندي غير مشروط فرمانبرداري کان بہ نکيڙي الڳ ڪري بيهارڻو آهي. انقلابي جدوجهد شروع ڪرڻ مهل پرولتاري ڏر ۽ ان جي سياسي پارٽي کي گهرجي تہ نہ رڳو پنهنجي، جاگيردار طبقي ۽ بورجوا جي وچ ۾ امتيازي فرق کي واضح ڪن، پر پنهنجي، ننڍي بورجوا جي انقلابي جمهوري طبقي وچ ۾ امتيازي فرق کي پڻ چٽو ڪري بيهارن. ان سان گڏ پاڻ ۽ پورهيت عوام جي وچ ۾ امتيازي فرق کي نمايان ڪن. انقلابي جدوجهد دوران پنهنجي آزاد حيثيت کي بحال رکڻ گهرجي ۽ بورجوا يا ڪنهن ٻي غير پرولتاري قوت جي اثر کان بچندو رهجي. انقلابي جدوجهد جي ترقيءَ جي هر مرحلي تي جُزَ جي مفادن ۽ ڪُلَ جي مفادن کي ملائي اڳتي وڌڻو آهي ۽ ترت مفادن Immediate Interests کي ڊگهي عرصي جي مفادن Long term interests سان ڳنڍي چڏڻو آهي. چاڪاڻ تہ ڪارل مارڪس ۽ اينگلس ڪميونسٽن لاءِ هن ريت چيو آهي.

(1) هر ملڪ جي پرولتاري ۽ قومي تحريڪن ۾ بنا ڪنهن قومي امتياز جي ساري دنيا جي پورهيتن جي مفادن ڏانهن اشارو ڏيڻو آهي ۽ انهن کي اڳيان رکڻو آهي.

(2) بورجوا خلاف هلايل پورهيت طبقي جي تحريڪ ڪي اڳتي وڌڻ واري هر مرحلي مان گذرڻو آهي. پرولتاري ڌر لاءِ ضروري آهي تہ تحريڪ جي مفادن کي "ڪل" جي روپ ۾ ڏسي.

اڻويهينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سياسي پارٽي جوڙڻ جي مقصد سان شروع ڪيل سرگرمين دوران لينن چيو هو تہ "پورهيت عوام جو شعور تيستائين مڪمل طبقاتي شعور ڪونہ ٿيندو آهي، جيستائين هو موجوده بنيادي ۽ سياسي حقيقتن کي نہ سمجهندو آهي، ڪنهن سماجي طبقي جي جاڻ نہ هوندي آهي يا نہ وري انهن طبقن جي ذهني، اخلاقي ۽ سياسي زندگي جو پتو پرو هوندو آهي ۽ جيستائين اهي مٿي ذڪر ڪيل طبقن جو عملي مادي تجزيو ڪرڻ نہ سگهندا ۽ انهن سڀني طبقن، عوام ۽ هر گروهہ جي زندگي جي هر پهلوءَ ۽ هر سرگرميءَ جو اندازو ڪري نہ سگهندا. تيستائين ڪاميابي ماڻي ڪونہ سگهندا.

هو وڌيڪ چوي ٿو تہ "سوشل ڊيموڪريٽ جو مطلب اِهو نہ هئڻ کپي تہ هو ٽريڊ يونين جا سيڪريٽري ٿين. ڪين عوام جو آواز هجڻ کپي. جتي بہ هو ڏاڍ ڏهڪاءَ ڪيس قهر ڏسن تہ هڪدم پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪن. اهو نہ ڏسن تہ اهو واقعو ڪٿي ٿيو آهي ۽ ڪهڙو طبقو متاثر ٿيو آهي. ڪيس هن حقيقت کي واضح ڪرڻ کپي تہ پوليس جو ڏاڍ ۽ سرمائيدار جو استحصال هر جاءِ تي هڪ جهڙو هوندو آهي. هن کي ڏاڍ جي اهڙي واقعي مان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي پوءِ اهو ڪيترو بہ ڪٿي غير اهم ڇو نہ هجي. اهڙيءَ ريت جمهوري ضرورتن، سماجي حقيقتن ۽ پرولتاري ڌر جي بين الاقوامي تاريخي حقيقت کان بہ عوام کي آگاهہ ڪرڻ گهرجي".

مٿي ڏنل ٻن فقرن ۾ جن ڳالهين جو لينن ذڪر ڪيو آهي تن کي ضرور پورو ٿيڻ گهرجي. اسان ڪميونسٽن کي گهرجي تہ اسان هڪ لڳاتار انقلابي عمل ۾ رڌل رهون، ادراڪ سان لاڳاپيل علم کي وڌائيندا رهون ۽ عملي تجربن کي گڏ ڪندا رهون پر هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي تہ ادراڪي علم جو هجڻ عملي تجربا اڪيلي سر ناڪافي هوندا آهن. هن لاءِ ڪامريڊ مائوزي تنگ جو چوڻ آهي تہ ڪنهن شيءِ جو مڪمل عڪس، ڪنهن جوهر جي مڪمل تصوير، اصلي ۽ فطري قانون جي شڪل لاءِ اهو ضروري آهي تہ خيالن جي مشق سان ادراڪ جي گهربل حقيقتن جو نئون جوڙجڪ ٿي وڃي، ڪرپ جهڙين شين کي ٻاهر اڇلايو وڃي، اهم شين جي چونڊ ڪئي وڃي، ڪوڙ کي رد ڪيو وڃي، سچ کي سوگهو جهليو وڃي،

هڪ ڪان پوءِ ٻئي وٽ پهچڻ ڪيي. ٻاهر آهيو تہ اندر پهچو انهيءَ مقصد سان تہ جيئن نظرين ۽ اصولن جي خاص طريقہ ڪار موجب تشڪيل ڪري سگهجي. ادراڪي علم ڪان ٻڌو ٽپ ڏئي عقل واري علم تائين پهچو.“

تنهن ڪري انقلابي عمل ۾ رڌل رهندي بہ اسان کي مارڪسي۔ ليننی نظرين ۽ اصولن جو شعوري مطالعو ڪرڻ گهرجي.

مارڪسي ۽ ليننی نظريو هي آهي تہ بين الاقوامي انقلابي تحريڪن جي تجربي جا نتيجا ڪڍيا وڃن. اهڙا نظريا انقلابي عمل دوران جڙندا آهن تنهن ڪري انقلابي عمل ۾ ڪم ايندا آهن. جيڪڏهن اسان هن اصول جو مطالعو ڪنداسون. ان کي عمل ۾ نافذ ڪنداسون ۽ انقلابي عمل سان گڏ ان تي عبور حاصل ڪنداسون تہ اسان انهن تبديلين جي اندروني تعلق کي سمجهي سگهنداسون. جيڪي اسان جي چوطرف ٿي رهيون آهن. انهيءَ وسيلي اها سُڌ بہ ملي ويندي تہ مختلف طبقا ڪهڙيءَ طرف وڌي رهيا آهن ۽ ان کان پوءِ اهي ڪيڏانهن وڌڻ وارا آهن. اسان بہ انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي پنهنجي سرگرمين جي رخ جو تعين ڪنداسون. اهڙيءَ ريت مستقبل جي انقلابي تحريڪ تي اعتماد ٿي ويندو.

اهو خاص ڪري ان ڪري آهي جو مارڪسي۔ ليننی نظريو ۽ اصول پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. لينن جو چوڻ آهي تہ پهرينءَ صف ۾ وڙهڻ جو اهم ڪردار اها پارٽي ادا ڪري سگهي ٿي جيڪا نهايت ترقي يافتہ نظريي جي رهبريءَ ۾ اڳتي وڌندي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن لاءِ ضروري آهي تہ خود اصلاح ۽ خود تربيت جي پنهنجن نظرين سان گڏ مارڪسي۔ ليننی نظريي ۽ طريقي سان سلهاڙن يعني انهن نظرين ۽ طريقن کي هڪ ٻئي کان الڳ نہ ڪن.

ڪامريڊ مائوزي تنگ هميشه هن ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏيندو آيو آهي تہ پارٽي ڪارڪنن کي مارڪسي ليننی نظريي مطابق خود تربيت ۽ خود اصلاح ڪرڻ گهرجي. ان باري ۾ سندس خيال هن ريت آهي تہ مارڪس جي نقطہ نظر مطابق هي اصول نهايت اهم آهي. لينن جي بيان ۾ هن ڳالهہ جي پڻ گهڻي اهميت ڏسجي ٿي جنهن جو چوڻ آهي تہ انقلابي نظريي کان سواءِ انقلابي تحريڪ هلي ڪانہ سگهندي آهي. ان جي پيٽ ۾ مارڪس نظريي کي اهميت ڏني آهي. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان سرگرمين جي رهبري ٿي سگهندي آهي.“

ڪامريڊ مائوزي تنگ پنهنجي پارٽي جي باشعور ڪارڪنن تي زور

رڪندو آهي تہ هو مارڪسي- ليننی نظريي جو مطالعو ڪن ۽ تحريڪ جي حالتن تي سوچن ويچارن. ان ڪان سواءِ چين ۽ دنيا جي تاريخ جو ٿوڙهو اڀياس ڪن ۽ اهو بہ ڏسن تہ سندن سرگرميون مارڪسي- لينني اصولن مطابق آهن يا نہ. مٿن اهو بہ فرض آهي تہ جن ڪارڪنن کي اهڙن اصولن ۽ نظرين جي خبر ڪانہ آهي تن کي سيکارن. پارٽي جي سيني ڪارڪنن کي هميشہ ڪامريڊ مائو جي هيءَ ڳالهہ ضرور ياد رکڻ گهرجي.

پارٽي جي ڪارڪن کي گهرجي تہ هو پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي جي مفادن جي تابع رکي

شخصي مفاد هميشہ پارٽي مفادن کان هيٺاهان هئڻ گهرجن ۽ پارٽيءَ جي مقامي تنظيم لاءِ پڻ هي ڳالهہ لازمي آهي تہ اها پنهنجن مفادن جي پيٺ ۾ مرڪزي پارٽي جي مفادن کي وڌيڪ ترجيح ڏئي. يعني جز جي مفادن کان ڪل جي مفادن کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ۽ ترت مفادن کان ڊگهي عرصي وارن مفادن کي اهميت ڏيڻ گهرجي. هي مارڪسي- لينني اصول آهي. اسان ڪميونسٽن کي گهرجي تہ انهيءَ اصول جي سختيءَ سان پابندي ڪريون.

هڪ ڪميونسٽ کي شخصي مفادن ۽ پارٽي مفادن بابت وڌيڪ واضح هئڻ کپي.

ڪميونسٽ پارٽي پورهيتن جي نمائنده پارٽي آهي، جنهن جو وڏي ۾ وڏو مفاد پورهيتن جي آزادي آهي. پورهيتن جي آزادي انسان ذات جي آزادي آهي. جيستائين پورهيت پرولتاري طبقي کي آزاد ڪرائي ڪونہ ٿو سگهي، جيستائين پورهيت قومن کي آزاد نہ ٿو ڪرائي سگهي ۽ جيستائين ساري انسان ذات کي غلامي مان آزاد نہ ٿو ڪرائي سگهي تيستائين هو پاڻ بہ آزاد ڪونہ آهي. پرولتاري ڏر جي آزادي جو مقصد پورهيت طبقي جي آزادي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. تنهن ڪري ان کي هر مظلوم طبقي هر مظلوم قوم ۽ انسان ذات جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي. تنهن ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مقصد پورهيت طبقي ۽ انسان ذات کي آزادي ڏيارڻ آهي. اهائي ڪميونزم ۽ سوشلزم جي ترقي پسند سوچ آهي. جڏهن پارٽي ڪارڪن جا ذاتي مفاد پارٽي مفادن جي ماتحت هوندا تہ اهي جڻ پورهيت طبقي ۽ قوم جي آزاديءَ ۽ ڪميونزم ۽ سوشلزم جي مفادن جا ماتحت هوندا. ڪامريڊ مائوزي تنگ جو چوڻ آهي تہ هڪ ڪميونسٽ ڪنهن بہ وقت ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي ذاتي مفادن کي وڌيڪ ترجيح نہ ٿو ڏئي

سگهي. ڪيس گهرجي ته پنهنجي مفاد کي پنهنجي قومي مفاد ۽ عوامي مفاد جي ماتحت رکي. تنهنڪري، خودعرضي، سرگرمين ۾ ڍرائي، گندين ڳالهين ۾ ڦاسڻ ۽ خود نمائي وغيره سڀ نفرت جوڳيون شيون آهن پر ان جي پيٽ ۾ لالچ جو نه هجن، ايڪو بڌي ڪري ڪنهن ڪم ۾ جنبي وڃڻ، ڪنهن مقصد لاءِ دل جي گهراين سان ڪم ڪرڻ ۽ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏڻ ۽ سخت محنت ڪرڻ ڪري ماڻهو اوهان جو گهڻو مانُ رکندا.“

پارٽي ڪارڪن جي پارٽي سان وفاداري جي پرک به اها آهي ته هو پنهنجي ذاتي مفادن کان پارٽي مفادن کي وڌيڪ ترجيح ڏين. ڇاڪاڻ ته هو جز جو ڪل آهي ۽ ان جي مفادن کي آڏو رکڻ گهرجي. پنهنجي معاملن ۾ ذاتي مفادن کي پارٽي مفادن کان ثانوي حيثيت ڏيڻ کپي. پارٽي جي مفادن کي اوليت ڏيڻ هڪ سونهري اصول آهي. پنهنجي سوچ، فڪر ۽ سرگرمين کي پڻ ان جي تابع رکجي. هن اصول مطابق پارٽيءَ جي هر ڪارڪن جا مفاد پارٽي مفاد هئڻ گهرجن، سندس سوچ ۽ سرگرمي انهن اصولن مطابق هئڻ کپي. جيڪڏهن ٻئي مفاد سندس آڏو اچي ويا آهن ته کيس گهرجي ته بنا ڪنهن سوچڻ ويچارڻ جي پارٽي مفادن جي حق ۾ پنهنجي ذاتي مفادن تان هٿ کڻي وڃي. بنا ڪنهن هٻڪ جي پورهيت، قوم ۽ انسان ذات لاءِ شخصي مفادن جي بلڪ زندگي جي قربانيءَ لاءِ تيار ٿي بيهڻ گهرجي. هن قسم جي خيال جي اظهار کي پاڻ "Party spirit" يا "Party sense" يا وري "Sense of organization" چوندا آهيون. ڪميونسٽ نظريي جو اخلاقي پهلو پورهيت طبقي جو خالص قسم جو طبقاتي شعور آهي ۽ پورهيت طبقي جي پارٽيءَ جي اصولي فطرت آهي.

پارٽي جي ڪارڪنن کي پارٽي مفادن کان سواءِ ذاتي مفاد نه هئڻ گهرجن، سندن شخصي قسم جا مقصد به اهڙا هجڻ کپن جيڪي پارٽي جي مفادن سان سهمت هجن. جيڪڏهن سندن مقصد هي آهي ته مارڪسي- ليننيي نظريي جو مطالعو ڪجي ۽ پاڻ ۾ ڪم ڪرڻ جي لياقت پيدا ڪجي، انقلابي تنظيم قائم ڪجي، عوام کي ڪامياب انقلابي تحريڪ لاءِ تيار ڪجي، پارٽي لاءِ وڌ کان وڌ ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن سندن اهي شخصي مفاد پارٽي مفادن سان سهمت ٿي بيهن. پارٽيءَ کي اهڙن سرويچ ڪارڪنن جي ضرورت هوندي آهي. هن مقصد کان سواءِ پارٽي ڪارڪن کي پنهنجا جدا ذاتي مقصد نه هئڻ گهرجن. جهڙوڪ: ذاتي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻ، شخصي طور هيرو بڻجڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. ڏنو ائين

ويو آهي تہ جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو ويندو آهي تہ پارٽي ڇڏيو هليا ويندا آهن. پارٽي ڪارڪن جيڪڏهن ڪميونسٽ هوندو ۽ پارٽي مفادن کي اوليت ڏيندو تہ اهو حقيقي معنيٰ ۾ بي لوث ڪارڪن هوندو آهي. کيس ڪي ذاتي مفاد ڪونہ هوندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي پارٽي مقصدن لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن هو سوچ ويچارن مارڪسي- ليننسي نظرين ۽ طريقن ۽ انقلابي عمل مطابق ڪندو ۽ گهڻو سياسي شعور حاصل ڪندو آهي تہ هيٺيان نتيجا نڪرندا آهن:

(1) هو ڪميونسٽ آدابن کان گهڻو واقف ٿي ويندو آهي. وٽس پورهيتن بابت هڪ مستقل موقف هوندو. کيس پورهيتن، انقلابين ۽ ڪامريڊن لاءِ عزت ۽ احترام هوندو آهي ۽ ساڻن نياهيندو آهي. بنا ڪنهن شرط جي سندن واهر ڪندو آهي ۽ کين پاڻ جهڙو سمجهندو آهي ۽ پنهنجي ذاتي مفادن ڪري انهن مان ڪنهن کي تڪليف ڪونہ ڏيندو آهي. وٽس ٻين لاءِ احساس هوندا آهن. جڏهن انهن مان ڪنهن کي بہ ڏک ۾ ڏسندو آهي تہ محسوس ڪندو آهي تہ ڄڻ اهو ڏک سندس آهي ۽ اهڙي ڏک ڏور ڪرڻ لاءِ ويچاريندو رهندو آهي. ٻئي پاسي سندس ڪردار هن ريت هوندو آهي جو انسان ذات جي دشمن خلاف سندس اعلان جنگ هوندو آهي، پارٽي، پورهيتن، قوم ۽ ساري انسان ذات جي آزادي جي مقصدن واسطي ويڙهہ ۾ سندس حوصلا بلند هوندا آهن. هي اهڙو ماڻهو هوندو آهي جو ڏکن ڏسڻ واسطي سيني کان اڳ ۾ ۽ خوشين حاصل ڪرڻ ۾ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ هوندو آهي. هي جيڪڏهن پارٽي ۾ هوندو يا عام ماڻهن اندر هوندو آهي تہ ڏک ڏسندو آهي ۽ پهرين صف ۾ موجود هوندو آهي ۽ خوشيءَ ويل وري صفا پوئينءَ صف ۾ هوندو آهي. هو پاڻ کي مادي خوشين جي نقطہ نظر سان ٻين سان پيٽي ڪونہ ڏسندو آهي، پر ڏسندو آهي تہ هن ٻين جي مقابلي ۾ انقلابي عمل ۽ هلچل ۾ ڪيتري مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪيو آهي. مشڪلاتن جي زماني ۾ هو نهايت بهادريءَ سان قدم وڌائيندو آهي ۽ پنهنجي فرض کي بہ بهتر نموني سان سرانجام ڪندو آهي. هو انقلاب سان نهايت سچو ۽ مخلص هوندو آهي جو کيس نہ دولت لالچائي سگهندي آهي نہ وري سماجي رتبا ۽ اعزاز کيس پنهنجي مقصدن کان هٽائي سگهندا آهن. نہ وري غربت ۽ مشڪل حالتون پنهنجي اصول کان هٽائي سگهنديون ۽ نہ وري خوف ۽ طاقت کيس ڪک جيترو جهڪائي سگهندي آهي.

(2) هن ۾ تمام گهڻي انقلابي سگهہ هوندي آهي. خود غرض ڪونہ

هوندو آهي. نہ وري ڪنهن کان ڊڄندو آهي. اهڙو ڪو غلط ڪم ڪونہ هوندو آهي جو سندس اندر ڪاڏل هجي. هو جيڪو ڪجهہ هوندو آهي ظاهر هوندو آهي ۽ پنهنجون اوڻايون ۽ غلطيون ڪڏي ڇڏيندو آهي جيڪي سندن نيڪين کي چنڊ يا سج گرهڻ جيان ڍڪي ڇڏينديون هجن. ڪيس صحيح سمجهڻ جي طاقت هوندي آهي تنهن ڪري سچ چوڻ کان ڪونہ ڊڄندو آهي ۽ دليريءَ سان سچيءَ ڳالهہ سان جڙيو پيو هوندو آهي، سچ کي چوڏس پکيڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان لاءِ پڙهڻ پروڙڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جيتوڻيڪ ڪيس ٿوري وقت لاءِ تڪليفون سهڻيون پونديون آهن يا سچ سان ساٿ ڏيڻ ڪري هر قسم جون مشڪلاتون ڏسڻيون پونديون آهن. ڪيترن ماڻهن جي مخالفت هوندي آهي ۽ ٿوري عرصي لاءِ اڪيلو بہ ٿي ويندو آهي. هو اهڙيون سختيون سهندو آهي جو جيڪر پيو هجي تہ آپگهات ڪري ڇڏي، ان هوندي بہ هو لهرين سان لڙهي ڪونہ ويندو آهي ۽ هر چوليءَ جي طاقت کي چاتيءَ سان منهن ڏيو بيٺو آهي.

(3) هو مارڪسي ليننی نظريي ۽ طريقي سکڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندو آهي. انهن نظرين ۽ اصولن کي هر مسئلي سان لاڳو ڪندو آهي. حقيقتن کي سمجهڻ ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن ۾ بہ هنن نظرين ۽ اصولن کي ڪتب آڻيندو آهي. هن جو پورهيتن بابت هڪ واضح موقف هوندو آهي ۽ مارڪسي- ليننی، اصولن مطابق پنهنجي خود تربيت ڪندو آهي. تنهن ڪري هو شخصي خوف خطرن ۽ شخصي مفادن کان گهڻو پري هوندو آهي. ڪيس ڪنهن شيءِ سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿيندي آهي نہ وري سچ کي پروڙڻ ۾ ڪيس ڪا ڏکيائي ٿيندي آهي. هو حقيقتن مان سچ کي معلوم ڪري وٺندو آهي ۽ اصولن کي پرکيندو آهي. ان سان گڏ انقلابي عمل کي بہ جاچي ڏسندو آهي تہ ان ۾ ڪيترو سچ ۽ ڪيترو ڪوڙ آهي. مارڪسي- ليننی نظريي ۽ اصولن لاءِ سندس رويو سخت ڪونہ هوندو آهي. نہ وري هن نقطہ نظر جو حامي هوندو آهي تہ ان نظرئي ۽ اصول کي هرويرو بہ آزمائي ڏسجي. پر ان آفاقي سچائيءَ کي انقلابي عمل وسيلي هر جزي کي ملائي ڪل بنائيندو آهي.

(4) هي مخلص، سچو صاف ۽ دنيا جو هڪ خوش مزاج انسان هوندو آهي. چاڪاڻ تہ هن کي ڪو ذاتي مقصد ڪونہ هوندو آهي ۽ وٽس پارٽي کان لڪائڻ لاءِ ڪا شيءِ ڪانہ هوندي آهي، ٻين کي ڪجهہ بہ ٻڌائي ڪونہ سگهندو آهي. ڪيس پنهنجي شخصي نقصان فائدي جي ڳڻتي ڪانہ

هوندي آهي ۽ پارٽي ۽ انقلاب کان سواءِ هن کي پنهنجي لاءِ ڪا پريشاني ڪانہ هوندي آهي. هو ڪنهن نگران کان سواءِ پنهنجي منهن پيو ڪم ڪندو آهي. تنهن ڪري ڪانئس ڪي غلطيون بہ ٿي وينديون آهن. ائين سمجهڻ کپي تہ جڏهن هو اڪيلو ڪم ڪندو آهي تہ هو پاڻ تي بہ نظر رکندو آهي ۽ اهڙي ڳالهہ ڪونہ ڪندو آهي جيڪا کيس ڇيهو پهچائيندي هجي. سندس ڪم کي جاچڻ پرکڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ هو اهڙيءَ پرک کان ڊڄندو بہ ڪونہ آهي. جيڪڏهن مٿس ٻيا تنقيد ڪندا آهن تہ هو ڊڄندو ڪونہ آهي. اهڙيءَ ريت هو بهادريءَ ۽ سچائيءَ سان ٻين تي بہ تنقيد ڪندو آهي.

(5) هو پنهنجي عزت ۽ احترام بہ گهٽ ڪندو آهي. پارٽيءَ ۽ انقلاب واسطي وٽس برداشت جو مادو تمام گهٽو هوندو آهي. ڪامريڊن لاءِ بہ سندس رويو سهپ وارو هوندو آهي ۽ عام طور تي کيس ڪي غلط ڳالهيون بہ سهڻيون پئجي وينديون آهن.' ڪڏهن وري اهڙا موقعا بہ پيدا ٿي پوندا آهن جو هن لاءِ ڪي غلط فهميون بہ پيدا ٿي پونديون آهن. پر هو بنا ڪنهن تلخيءَ جي اهڙيون اڻ سونهديون ڳالهيون بہ سهي ويندو آهي. وٽس ڪي شخصي مفاد ڪونہ هوندا آهن، تنهن ڪري هو ٻين جي چاپلوسي ۽ خوشامد ڪونہ ڪندو آهي. نہ وري ٻيا سندس خوشامد ڪري سگهندا آهن. جڏهن هن کي ڪي ذاتي ڪم درپيش هوندا آهن تہ کيس خبر هوندي آهي تہ اهي ڪم ڪهڙيءَ ريت اڪلائي سگهجن ٿا. انهيءَ لاءِ کيس ٻين آڏو ڳيجهو ٽيڙو ڪونہ پوندو آهي ۽ نہ وري ڪنهن کي واهر ڪرڻ لاءِ چوندو آهي. هن کي اها بہ ڄاڻ هوندي آهي تہ پارٽيءَ ۽ انقلاب جي مفادن کي نظر ۾ رکي پنهنجو بچاءُ ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهجي ٿو. کيس اها بہ خبر هوندي آهي تہ هو پنهنجي نظريي کي عملي طور ڪهڙي طريقي سان طاقتور بڻائي سگهي ٿو. ضرورت وقت پنهنجي توهين بہ فراخدليءَ سان سهي ويندو آهي، پارٽي ۽ انقلابي مقصدن لاءِ وڏي ۾ وڏيءَ مشڪلات کي منهن ڏيڻ جو بہ منجهس حوصلو هوندو آهي ۽ اهڙيون ڏکيون ذميواريون ٻين جي حوالي ڪونہ ڪندو آهي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪارڪن کي اعليٰ اخلاقن سان سنواريل هئڻ کپي ۽ کيس پارٽي ۽ پورهيتن لاءِ هڪ واضح موقف رکڻ گهرجي. يعني هن کي پارٽي جذبو ۽ پورهيت جذبو هئڻ کپي. اعليٰ اخلاق اسان جو اصول هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اسان پورهيت ۽ ڪميونسٽ آهيون. هن جو مقصد

ڪن خاص فردن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ نہ آهي يا انهن ٿورن ماڻهن جي مفادن جو بچاءُ ڪرڻ نہ آهي. جيڪي ٻين جو استحصال ڪندا آهن. پر هن جو مقصد پورهيتن، محنت ڪش عوام جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي، ساري انسان ذات کي آزادي ڏيڻ يعني سرمائيداري جي آزار کان ساري دنيا کي آزادي ڏيڻ ۽ هڪ خوبصورت ڪميونسٽ دنيا تعمير ڪرڻ آهي. اهو هڪ اعليٰ اخلاق آهي جنهن جو بنياد مارڪسي- ليننی، سائنٽفڪ ڪميونسٽ نظريي تي ٻڌل آهي. اسان ڪميونسٽن کي چڱيءَ ريت خبر آهي تہ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي خراب ڳالهہ ڪانہ آهي تہ ڪن ٿورن ماڻهن جي مفادن جي تحفظ واسطي پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏجي. پر سڀ کان بهتر ۽ اهم ڳالهہ اها آهي تہ اسان پنهنجي پارٽي، پورهيتن، قوم جي آزادي، انسان ذات جي آجپي، پورهيتن جي سماجي ترقي ۽ عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ قرباني ڏيون. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي بيشمار ڪارڪنن ڏاڍي صبر ۽ تحمل سان موت قبوليو ۽ هنن ڪنهن بدتر کان ڪم ڪونہ ورتو هو. هن پارٽيءَ جي ڪيترن ڪارڪنن هن قسم جي اعليٰ مقصد واسطي موت کي پنهنجو معمول سمجهي ورتو آهي. جڏهن سمجهندا آهن تہ انصاف کي سندن زندگيءَ جي ضرورت آهي تہ اهڙي قرباني ڏيڻ کان ڪڏهن بہ ڪونہ ڪيٻائيندا آهن. اهڙيون ڳالهيون انقلابي تصور مان ڦٽي ڪونہ نڪرنديون آهن يا شهرت جي بک ڪري جنم ڪونہ وٺنديون آهن، پر سماجي ترقي جي سائنٽفڪ اوسر کي سمجهڻ ۽ سياسي شعور مان نڪري نِروار ٿينديون آهن. طبقاتي سماج ۾ اخلاق جو اهڙو معيار ڪونہ ٿيندو آهي. جنهن کي ڪميونسٽ اعليٰ معيار سان ڀيٽائي سگهجي. آفاقي اخلاقيات جنهن کي اسان هرويرو هڪ چمڪندڙ طبقي ڏانهن منسوب ڪندا آهيون سا هڪ نڳي هوندي آهي. حقيقت اها آهي تہ اهڙو اخلاق استحصالي طبقي جي مفادن کي بچائڻ لاءِ هوندو آهي. اخلاق جو اهڙو تصور فقط خيالي هوندو آهي. اسان ڪميونسٽ ئي فقط اهي ماڻهو آهيون جن جو اخلاقي نظريو تاريخيماديت جي سائنٽفڪ اصولن تي ٻڌل هوندو آهي. اسان اهڙي اعليٰ مقصد جو عام اعلان ڪندا آهيون تہ جيئن پورهيت طبقي ۽ انسان ذات جي آزادي واسطي هلايل تحريڪ دوران سندن مفادن جو تحفظ ٿي سگهي.

ڪميونسٽ پارٽي پورهيتن ۽ انسان ذات جي آجپي لاءِ تحريڪن دوران عام ۽ ڊگهي عرصي وارن مفادن جي نمائندگي ڪندي آهي. پارٽي جا مفاد، هن مقصد واسطي مرڪزي نقطن جي حيثيت رکندا آهن. ڪميونسٽ

پارٽي کي مختصر ماڻهن جو ٽولو سمجهڻ نہ گهرجي جيڪو ڪن ڪارڪنن جي مفادن جو تحفظ ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪارڪن ائين سمجهندو ۽ ائين ڪندو تہ اهو سچو ڪميونسٽ ٿي ڪونہ ٿو سگهي.

پارٽي ڪارڪنن جا پنهنجا مفاد بہ هوندا آهن جيڪي پارٽي جي مفادن سان هڪ جهڙائي ڪونہ رکندا آهن ۽ ڪڏهن تہ پارٽي مفادن جي بلڪل ابتڙ هوندا آهن. جيڪڏهن صورتحال ائين هجي تہ ڪارڪنن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي ذاتي مفادن تان بنا ڪنهن شرط جي هٿ کڻي وجن ۽ اهڙن مفادن کي پارٽي مفادن جي تابع ڪري ڇڏين. پر اهو ڪهڙي بہ حيلي بهاني ٺيڪ نہ گهرجي جو پارٽي مفادن کي قربان ڪري پنهنجي شخصي مفادن سان چنبڙي پئجي. هر وقت ۽ ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ پارٽي مفادن جي ترقيءَ واسطي هڙئون وڙئون وڙهڻ کپي ۽ پارٽي جي فتح ۽ پورهيتن جي سوڀ کي پنهنجي ڪاميابي تصور ڪرڻ کپي. هر ڪارڪن کي عوامي خدمت ۾ پنهنجي اثر رسوخ ۽ اهليت کي وڌائڻ گهرجي. پر اهڙي ساري جاکوڙ پارٽيءَ جي مقصدن جي ترقي ۽ فتح واسطي ڪرڻ گهرجي. پر پارٽيءَ جي مقصدن کي ڇڏي انفرادي مفاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ نہ کپي. هنن ڳالهين مان ثابت ٿي ٿو وڃي تہ پارٽيءَ جي ترقيءَ ۽ فتح جي واسطي جاکوڙ ڪري هر ڪارڪن پنهنجو اثر رسوخ ۽ اهميت وڌائي سگهي ٿو. هنن ڳالهين کان سواءِ ڪارڪن پنهنجي اثر رسوخ ۽ اهليت کي ڪڏهن بہ وڌائي ڪونہ سگهندو. تنهن ڪري پارٽي ڪارڪن کي گهرجي تہ پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي مفادن سان سلهاڙي ڇڏي.

اسان جي پارٽي جا ڪارڪن ڪي معمولي انسان ڪونہ آهن. پر هي اهي ماڻهو آهن جن پورهيت طبقي جي پهرينءَ صف جي ويڙهاڪن کي جاڳرتا ڏني آهي. تنهن ڪري هنن مٿان هي ڳالهہ لازم آهي تہ پورهيت طبقي جي مفادن ۽ طبقاتي نظريي جي چڱيءَ ريت نمائندگي ڪن. اهو ڪارڻ آهي جو ڪين پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي ۽ پورهيت مفادن کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ نہ گهرجي. پارٽي جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي هي فرض آهي تہ هو پارٽي ۽ پورهيت طبقي جي عام مفادن جو تحفظ ڪن ۽ پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي مفادن ۽ مقصدن اندر ضم ڪري ڇڏن. موجوده دور جو چيني پورهيت طبقو پنهنجي قومي آزاديءَ جي مفادن جو علمبردار آهي. تنهنڪري اسان جي پارٽيءَ جو ڪارڪن هڪ "ڪُل" طور ساري قوم جي مفادن جو پروسي جوڳو رکوال آهي. اسان جي پارٽيءَ جي ڪارڪن لاءِ

ضروري آهي تہ هو پنهنجي ذاتي مفادن کي پارٽي مفادن جي مطيع رکي. جيڪڏهن ضروري هجي تہ پنهنجي شخصي مفادن کي پارٽي مفادن مٿان قربان ڪري پر هن مان اهو وِسهڻ نہ گهرجي تہ اسان جي پارٽي پنهنجي ڪارڪن جي شخصي مفادن کي اهميت ڪانہ ٿي ڏئي ۽ انفرادي طور سندن ضرورتن کان لنوائي ٿي. پارٽيءَ جي ڪارڪن کي پنهنجا ذاتي مسئلا بہ هوندا جن کي هو منهن ڏيندو آهي. پارٽيءَ جي خواهش هوندي آهي تہ هو ايتري ترقي ڪن ۽ ايترا اهل ثابت ٿين جو هو انفرادي طور انهن مسئلن کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهن. تنهن ڪري پارٽي جي ڪارڪن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو حق آهي ۽ هو پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ رهي سگهي ٿو ۽ پنهنجي وسيعت آهر پنهنجي ترقيءَ لاءِ جاکوڙي سگهي ٿو. پر ڪيس اهو ڏسڻو پوندو تہ سندس اختيارڪيل ڪي ڳالهيون پارٽي مفادن کي ڇيهو تہ نہ رسائينديون. ساڳئي وقت پارٽي بہ ممڪن حد تائين پنهنجي ڪارڪن جي ذاتي ترقيءَ ۽ اهليت لاءِ پاڻ پتوڙيندي ۽ پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکي سندس مفادن جو تحفظ ڪندي. سندس روزگار لاءِ مناسب ڪم ڏيندي. ڪم جون بهتر حالتون پيدا ڪري ڏيندي. سندس بهترين ڪارڪردگيءَ تي کيس آفرين ناما ۽ انعام ڏيندي. پارٽيءَ تي اهو بہ لازم آهي تہ پنهنجي ڪارڪن جي اهم مفادن جو ممڪن حد تائين تحفظ ڪري. مثال طور انهن کي اڀياس ڪرڻ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو کين صحت ۽ گهراڻي جي ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پارٽي سندن واهر ڪندي. ردعمل جي اصول مطابق جيڪڏهن ڪو ڪارڪن ڪم ڪرڻ چاهي ٿو تہ پارٽيءَ کي سندس مفادن جي تحفظ خاطر اهڙي ڪم تان هٿ کڻي ويهڻو پوندو. پر ڏسڻو اهو پوندو تہ ڪارڪن جو ڪو ذاتي مفاد. پارٽي مفاد کي نقصان تہ نہ پهچائي رهيو آهي. مختلف ڪمن جي تڪميل واسطي پارٽي کي يقين ڏيارڻو پوندو تہ ڪارڪن کي زندگيءَ سان لاڳاپيل ضروري سهوليتون ڏنيون وينديون. ساڳيءَ ريت روزگار ۽ تعليم جي پڻ ضمانت ڏني ويندي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو ڪنهن بہ ڳڻتيءَ فڪر کان سواءِ پوري اطمينان سان ڪم ڪندا رهن. پارٽي ۾ موجود ذميوار ڪارڪنن کي هي ڳالهہ ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن هو ڪارڪن سان سندن ذاتي مسئلن تي اهڙي گفتگو ڪن تہ مٿين حقيقتن تي ضرور ڌيان ڏين.

مختصر تہ پارٽي جي ڪارڪنن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي مفادن

ڪي پارٽي مفادن جي تابع رکي ۽ عوام جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏين ۽ منجهن جان نثاري جو جذبو موجود هجي. جيڪڏهن سندن شخصي مقصد ۽ مفاد پارٽي مفادن سان ٽڪراءُ ۾ آهن تہ ڪين ڄڃائي تہ هو پنهنجن اهڙن مقصدن ۽ مفادن تان هٿ کڻي وجي. ڪين سدائين پنهنجي مفادن بابت سوچڻ ويچارڻ نہ گهرجي ۽ کين پارٽيءَ کان ڪي گهڻا شخصي مطالبا نہ ڪرڻ گهرجن. پارٽيءَ جي هرويرو گلا ڪرڻ نہ گهرجي تہ ان سندن مطالبا ڪونہ مڃيا آهن. ڏکين، سکين حالتن ۾ ڪين محنت ۽ مطالعو ڪرڻ کپي، اڳتي وڌڻ کپي، هلچل دوران ڪين همت ۽ مردانگيءَ کان ڪم وٺڻ ڄڃائي، سياسي شعور ۽ مارڪسي- ليننني نظريي سمجهڻ واسطي اڻٿڪ محنت ڪرڻ کپي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو پارٽيءَ ۽ انقلاب لاءِ پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن. ٻئي پاسي پارٽي تنظيمون ۽ اثر رسوخ وارن ڪامريڊن تي هي فرض آهي تہ پارٽي ڪارڪنن سان باهمي مفادن تي ڳالهائڻ وقت اهو ضرور ڏسن تہ هو ڪهڙين حالتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. سندن زندگي ڪهڙي نموني سان گذري رهي آهي ۽ سندس مطالعي جو حال ڇا آهي. ساڻن ايتري مدد ڪئي وڃي جو هو پارٽيءَ لاءِ فائديمند ثابت ٿين. پاڻ کي گهڻو اڳتي وڌائن ۽ پورهيتن جي انقلاب جي جدوجهد دوران هو پنهنجي سطح کي تمام گهڻو بلند ڪن. خاص ڌيان اهڙن ڪامريڊن ڏانهن ڏيڻو آهي جيڪي لالچ ۽ طمع کان پري آهن ۽ عوام جي تمام گهڻي خدمت ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ٻئي ڌريون هڪ ٻئي سان هٿ هٿ ۾ ڏئي اڳتي وڌنديون تہ پارٽي جي مفادن جو وڌيڪ تحفظ ٿي سگهندو.

پارٽيءَ ۾ موجود غلط نظرين جا مثال

مٿي بيان ڪيل حقيقتن مان اسان چڱيءَ ريت سمجهي سگهنداسون تہ جيڪڏهن اسان ڪميونزم کي چڱيءَ ريت سمجهي ورتو آهي ۽ شخصي ۽ پارٽي مفادن وچ ۾ موجود رشتن جي نوعيت کي پرجهي پروڙي سگهيا آهيون يا اهڙن رشتن ناتي اسان پارٽي ڪارڪنن ۽ سياسي ڪارڪنن جي معيار کي جاچي پرکي سگهون ٿا تہ هو پارٽي جي اعليٰ معيار مطابق آهن يا انهن کي نموني طور پيش ڪري سگهجي ٿو يا نہ. پر معلوم ائين ٿيندو تہ ڪجهہ پارٽي ميمبر ۽ سياسي ڪارڪن پارٽي جي اعليٰ معيار مطابق ڪونہ آهن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هو غلط انداز ۾ سوچيندا رهندا آهن. مونکي يقين آهي تہ ڪن ڪامريڊن جي ڌيان ڇڪائڻ لاءِ اهڙن غلط خيالن جو هتي تفصيل ڏيڻ غلط ڪونہ ٿيندو.

(ا) پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو نہ رڳو مختلف طبقن ۽ سماجي رتبن سان تعلق رکندا آهن پر سندن مقصد ۽ نيتون بہ ڌار ڌار هونديون آهن. گهڻا ماڻهو انهيءَ مقصد سان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا آهن تہ جيئن هو ڪميونزم کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهن. پورهيت طبقي ۽ انسان ذات جي آجپي لاءِ وڙ ۾ وڙ جاکوڙي سگهن. پر ڪي اهڙا ماڻهو بہ اچي شامل ٿيندا آهن جن جا مقصد ۽ غرض بلڪل ٻيا هوندا آهن. مثال طور جن ڪامريڊن جو تعلق هاري سماج سان هوندو آهي تہ تن جو ڪميونزم بابت تصور هوندو آهي تہ اهو نظريو کين مقامي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ کان آجپو ڏيندو ۽ جاگيردارن کان زمينون کسي ٻي زمين هارين ۾ ورهايون وينديون. هو جڏهن پارٽيءَ ۾ پهريون اچي شامل ٿيا هئا تہ کين ڪميونزم جو ڪو پتو ڪونہ هو. موجوده دور ۾ ماڻهو پارٽيءَ ۾ خاص طور تي هن مقصد سان شامل ٿي رهيا آهن تہ کين پڪ آهي تہ هيءَ پارٽي جپان سامراج کي مڙسيءَ سان مهاڏو ڏيندي ۽ جپان خلاف قومي متحد محاذ ناهڻ جا حامي، ڪي ماڻهو اسان جي پارٽيءَ ۾ انهيءَ ڪري شامل ٿين ٿا تہ ڪميونسٽ پارٽي احترام لائق پارٽي آهي يا چاڪاڻ تہ کين احساس آهي تہ هيءَ پارٽي آهي جيڪا چين جي ڌرتي بچائي سگهي ٿي. ڪي ماڻهو هن پارٽيءَ ۾ شامل ٿي پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ ٿا گهرن. چاڪاڻ تہ هنن لاءِ ائين ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو ڳتو ڪونہ آهي. کين ڪو مقرر روزگار ڪونہ هوندو آهي يا هو ملازمت يا پورهئي کان ڪڍيا ويا هوندا آهن يا وٽن پڙهڻ جا وسيلا ڪونہ هوندا آهن يا گهرو پابندين کان ڇڄي نڪرندا آهن يا سندن زبردستي شادي ڪرائي ويندي آهي. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ اهڙي قسم جي ڪامريڊن وٽ ڪميونزم بابت نقطئہ نظر مستقل نوعيت جو ڪونہ هوندو آهي. ڪميونسٽ مقصدن ۽ مشڪلاتن کي سمجهي ڪونہ سگهندا آهن ۽ کين سخت قسم جي پورهيت جي موقف جي بہ ڄاڻ نہ هوندي آهي. اها بہ هڪ فطري ڳالهہ هوندي آهي تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي اصول تي مستقل مزاجيءَ سان اڙجي بيهي ڪونہ سگهندا آهن ۽ نازڪ وقت تي حالتن مطابق ڦيا ڦرندا گهرندا آهن. هن قسم جا ماڻهو هر نوعيت جا خيال کڻي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا آهن. تنهنڪري اهو ضروري هوندو آهي تہ اهڙا ماڻهو پڙهن، سکن ۽ پنهنجي خود تربيت ڪن. جيڪڏهن هو ائين نہ ڪندا تہ هو پورهيت طبقي جا انقلابي ويڙهاڪ بڻجي ڪونہ سگهندا. اهڙين ڳالهين هوندي هتي ڪو هاڃيڪار مسئلو ڪونہ هوندو آهي. چاڪاڻ تہ عوام جو ڪميونسٽ

پارٽيءَ ڏانهن رخ ڪرڻ ڪا خراب ڳالهه ڪانه آهي. اهي ماڻهو هن پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ان جي حڪمت عمليءَ کي فائدو نه پهچائيندا آهن ۽ پنهنجي مسئلن جو حل ڳوليندا آهن. سندن اسان وٽ اچڻ ڪا غلطي ڪانه آهي. اسان دشمن جي چاڙتن، غدارن، ڏنڌاگيرن ۽ لالچي ماڻهن کانسواءِ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندڙ هر ماڻهوءَ جي دلي آجيان ڪندا آهيون. پر شرط اهو آهي ته هو پارٽي پروگرام ۽ منشور کي ضرور قبول ڪن ۽ ان تي ثابت قدم رهن. ڪين پارٽي جي ڪنهن نه ڪنهن تنظيم اندر ڪم ڪرڻو پوندو ۽ ڪين ڪارڪن هجڻ واري مقرر في ادا ڪرڻي آهي. اهڙين ڳالهين ڪرڻ کانپوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿي سگهجي ٿو. وسيع مطالعي، ڪميونزم، پارٽي پروگرام ۽ منشور کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش، پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ به ڪري سگهجي ٿي. پنهنجي سکيا جي آڌار تي اهي خود تربيت، خود اصلاح ڪري سگهندا ۽ انقلابي جدوجهد جو علم پڻ حاصل ڪري وٺندا. اهڙي طريقي سان سٺا ڪميونسٽ بڻجي سگهن ٿا. اها حقيقت آهي ته پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ گهڻا ماڻهو ڪميونزم، پارٽي پروگرام ۽ منشور کي سمجهي ڪونه سگهندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهو شرط ڪونه رکندا آهيون ته ڪارڪن کي پارٽي پروگرام ۽ منشور کان اڳواٽ ئي واقف هئڻ کپي. تنهن ڪري اسان اها تجويز اختيار ڪئي آهي ته جيڪو ماڻهو پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ قبول ڪندو آهي ته اسان ان کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آهيون. جيتوڻيڪ گهڻن ماڻهن کي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ اها خبر ئي ڪانه هوندي آهي ته ڪميونزم ڪهڙي بلا آهي. پر انهن لاءِ اهو ممڪن ضرور هوندو آهي ته هو وقت جي ڪميونسٽ ۽ انقلابي جدوجهد ۾ سرگرم ويڙهاڪ ثابت ٿين. جيڪڏهن پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ مطالعو ۽ محنت ڪندا ته سياسي طور باشعور ڪميونسٽ بڻجي سگهن ٿا. ان کان سواءِ اسان جي پارٽي منشور ۾ اهو واضح آهي ته هر ميمبر ڪهڙي وقت به پارٽي ڇڏي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ڪارڪن جو ڪميونزم ۾ ويساهه ڪونه هوندو آهي يا ڪي ٻيا اهڙا ڪارڻ ٻڌائيندو آهي ته ڪيس پارٽي ڇڏي وڃڻ جي آزادي ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن هو پارٽي جا راز ظاهر ڪندو آهي يا پارٽي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ پارٽي جي سرگرمين کي نقصان رسائيندو آهي ته ان حالت ۾ پارٽي هن خلاف قدم کڻندي آهي. جيڪي ماڻهو پارٽي کي ڏنڌو سمجهي شموليت اختيار ڪندا آهن يا جاسوس هوندا آهن ۽ چالاڪيءَ سان اچي پارٽيءَ ۾

شامل ٿيندا آهن تن کي پارٽي مان نيڪالي ڏني ويندي آهي. اهڙي طريقي سان اسان پارٽي کي نرمل ۽ نريو pure رکي سگهندا آهيون.

(2) اسان جي پارٽي ميمبرن ۾ اجا خود غرضي ۽ انفراديت پسندي گهٽي ڏسبي آهي ۽ اهڙي انفراديت پسندي هنن ڳالهين مان ظاهر ٿي پوندي آهي. جڏهن ڪي ميمبر عملي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪندا آهن ته هو پارٽي مفادن کان وڌيڪ پنهنجي شخصي مفادن کي اهميت ڏيندا آهن. ڪين پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي سدائين ڳڻتي لڳي پئي هوندي آهي ۽ سوچيندا ويچاريندا به پنهنجي ذاتي مفادن جي نقطئه نظر سان آهن. عوام مٿن ويساهه ڪندو آهي، جنهن جو هو غلط فائدو وٺندا آهن. پارٽي جي سرگرمين وسيلي پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن ذاتي ڪم ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪامريڊن تي بنا ڪنهن سبب جي هرويرو حملا ڪندا آهن ۽ پارٽي مفادن جو بهانو ڏئي پاند پلاند وٺندا آهن. جڏهن سماجي حيثيت ۽ اهڙن مادي فائدن جو سوال اٿندو آهي جيڪي روزمره جي زندگيءَ کي متاثر ڪندا آهن ته اهڙن ماڻهن جي ڪوشش هوندي آهي ته فائدا انهن ماڻهن کان به وڌيڪ حاصل ڪن جيڪي پارٽيءَ اندر هنن کان مٿاهان هوندا آهن. جڏهن وري پارٽي جي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جو وقت اچي ويندو آهي ته پاڻ کي وري گهٽ حيثيت وارن پارٽي ڪارڪنن کان گهٽ ڪري پيش ڪندا آهن. جڏهن وري مصيبتن سهڻ جو وقت اچي ويندو آهي ته ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندا آهن. خوف خطري واري زماني ۾ پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن امن امان قائم ٿي ويندو آهي ته سندن تقاضائون به وڏي ويندي يون آهن. چئي سندن رهڻ واريون جايون به سٺيون هئڻ گهرجن. پنهنجي نمائش ۽ ڏيک ويک جو به گهڻو خيال ڪندا آهن ۽ پارٽيءَ جي شان شوڪت جي نالي ۾ عياشيون پيا ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو زندگيءَ جي ضرورت واريون سٺي ۾ سٺيون شيون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اهڙيون شيون سٺيون نه هونديون آهن ته سمجهندا آهن ته اهي ٻين جي لاءِ آهن. اهڙن ماڻهن جي دماغن ۾ اهڙا خيال سمايل هوندا آهن جيڪي استحصالي طبقي جي ماڻهن جي دماغن ۾ هوندا آهن. سندن خيال هوندو آهي ته "هر ماڻهو فقط پنهنجي پيٽ پرڻ جي مقصد سان تخليق ٿيو آهي" يا "اُپ ۽ ڌرتي هن کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيندا." يا "انسان هڪ خود غرض جانور آهي" يا "دنيا اندر اهڙو سچو ماڻهو ڪونه آهي جيڪو مڪمل طور تي بي لوث هجي ۽ بي لوث اهو ماڻهو هوندو آهي

جيڪو سادو ۽ موڳو هوندو آهي." هن قسم جا ماڻهو استحصالي طبقي جي ماڻهن جهڙيون ڳالهيون ڪري پنهنجي ذاتي غرض ۽ خود پسندي وارن لاڙن لاءِ هڪ جواز پيدا ڪندا آهن. سو اسان جي پارٽيءَ ۾ اهڙي قسم جا ماڻهو به هوندا آهن.

اهڙيءَ خود غرضيءَ جي تاڙ ۾ رهندڙ لالچي ماڻهو پارٽيءَ ۾ بي اصول رهندا آهن، هروڀرو وڙهندا آهن ۽ پارٽيءَ جي گروهي ۽ فرقہ وارانہ تحريڪ ۾ وڏيڪ حصو وٺنداآهن ۽ پارٽيءَ اندر شعبہ بندي پيدا ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪندا آهن. وٽن پارٽي لاءِ ڪا عزت ڪانہ هوندي آهي ۽ پارٽي جي تنظيمي اصولن کي پيچرڻ ۾ دير ڪونہ ڪندا آهن. سندن اهڙا بي اصول جهڳڙا شخصي مفادن ڪري هوندا آهن. ڪي ماڻهو گروهي مفادن واسطي تحريڪ هلائڻ لاءِ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن کين ائين ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي تہ هو اوليت پنهنجي ذاتي مفادن کي ڏيندا آهن ۽ مختصر گروهہ جي مفادن کي پارٽي مفادن کان وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن. گهڻو ڪري هو غير اصولي گروهي تحريڪ دوران ڄاڻي ٻجهي پارٽي تنظيم کي ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهندا آهن. ڪڏهن وري ائين بہ ٿيندو آهي جو هو ڪن ماڻهن تي اهڙي بيجا تنقيد ڪندا آهن جيڪا بلڪل بي اصول هوندي آهي ۽ ٻيءَ ڏر جي جوابي حملي کان ڊڄي بي اصولي دوست ڳنڍڻ جي پڻ ڪوشش ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي اوڻاين کي ڍڪڻ لاءِ هڪ ٻئي جون اجايون تعريفون بہ ڪندا رهندا آهن. پارٽيءَ اندر شعبہ بندي departmentalism آهي جو ڪي ڪامريڊ هڪ جز part جي مفادن کي نظر ۾ رکندا آهن يعني اهي فقط پنهنجي شعبي يا پنهنجي علائقي جي مفادن کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن. پر "ڪل" يعني ساري پارٽي يا پارٽيءَ جي ٻين شعبن يا ٻين علائقن جي مفادن ڏانهن اک کڻي بہ ڪونہ ڏسندا آهن. سياسي ۽ نظرياتي طور هي گروهي نقطہ نظر هوندو آهي. ائين ڪونہ آهي تہ جيڪي ڪامريڊ شعبہ بندي جي غلطي ڪندا آهن سي انا پرست ۽ خود پسند هوندا آهن. پر ٿيندو ائين آهي جو جيڪي ماڻهو انا پرستيءَ ۽ خود پسنديءَ جو شڪار هوندا آهن پارٽي ۾ شعبہ بندي جهڙن غلطين بہ اهي ڪندا آهن.

(3) گهمنڊ ۽ وڏائي انفراديت پسندانہ مهم جوئي ۽ نمائش ڪري پيدا ٿيندي آهي. جيڪا پارٽيءَ اندر ڪن ڪامريڊن ۾ ٿوري يا گهڻا موجود ڏسجي ٿي. هن اوڻائي جو شڪار گهڻو ڪري اهڙا ڪامريڊ هوندا آهن جن

جي پارٽيءَ اندر عزت ۽ احترام واري حيثيت هوندي آهي. اهڙا ماڻهو نمائش جا شوقين ٿيندا آهن ۽ چاهيندا آهن تہ سياسي ڪارڪن سندن خوشامد ۽ چاپلوسي ڪن. سندن طبيعت ۾ لالچ هوندي آهي. جلد باز بہ ٿيندا آهن. وڏي عزت ۽ احترام جون دعوائون ڪندا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن عوام ۾ شهرت ۽ مقبوليت حاصل ڪري وٺن. سندن خواهش هوندي آهي تہ هر شيءِ هنن جي هٿ هيٺ هجي. وٽن جمهوري طريقي سان ڪم ڪرڻ واري خوبي موجود ڪانہ هوندي آهي. هن قسم جا ڪامريڊ خالي ۽ کوکلا هوندا آهن ۽ محنت ڪري حيثيت حاصل ڪرڻ جا حامي ڪونہ هوندا آهن ۽ ٽيڪنيڪل ڪمن ڪرڻ کان پيا ڇرڪندا آهن. مغرور ۽ متڪبر بہ ڏاڍا هوندا آهن. ٿوري بہ ڪاميابي حاصل ڪندا آهن تہ وزن کان وڌيڪ ٻٽاڪون هڻندا آهن. سندن رويا نہ سهڻ جوڳا ٿي پوندا آهن ۽ هروڀرو پيا حڪم هلائيندا آهن. ٻين کي پاڻ جهڙو تہ سمجهندا ئي ڪونہ آهن نہ وري انهن سان نرميءَ ۽ دوستاڻي طريقي سان ڳالهائيندا آهن. سمجهندا آهن تہ سڀ ڪجهہ اسان آهيون. ٻين کي پنهنجو ماتحت سمجهي ساڻن ڳالهائيندا، ڪين هروڀرو پيا ليڪچر ڏيندا، مٿن حڪم پيا هلائيندا. اهڙا ماڻهو ٻين جي سرن تي چڙهي سوار هوندا آهن. اهڙا ماڻهو ٻين کان خاص ڪري عوام کان اخلاق ۽ آداب سکڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪونہ ڪندا آهن ۽ صحيح قسم جو نقطۂ نظر ۽ اهم قسم جي تنقيد کي پڻ ڪونہ مڃيندا آهن. ڪين جڏهن ترقي ملندي آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. پر جيڪڏهن هنن کي پنهنجي حيثيت کان هيٺ لاٿو ويندو آهي تہ آپي مان نڪري ويندا آهن. خوشگوار موسم ۾ خوش رهندا آهن پر جيڪڏهن ٿڌي ڪوسي آئي تہ هتن مان نڪري ويندا. جيڪڏهن ڪين چئبو تہ اوهان مسئلي کي نہ سمجهيو آهي تہ ڏاڍو ڪاوڙجي پوندا آهن. جيستائين ڪوڙيءَ شهرت جون پاڙون نہ پٽيون ويون آهن، تيستائين اُهي پوشاڪ بہ اهڙي ڍڪيندا جو چڙهي ڪميونسٽ تحريڪ جا وڏا ماڻهو ۽ هيرو پيا ڏسڻ ۾ ايندا. ان مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪٿي ڪن پل ترسندا بہ ڪونہ. جڏهن هو پنهنجن انهن مقصدن ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندا آهن. يا غلط فهمين جو شڪار ٿيندا آهن تہ هر شيءِ تان ڦري ويندا آهن. پارٽيءَ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترا ماڻهو نظر ايندا تہ اُهي جڏهن پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن تہ پارٽيءَ کي ڇڏي هليا ويا آهن. هنن ماڻهن جي دماغن ۾ استحصالي طبقي وارا خيال موجود هوندا آهن جن کي ڪميونزم ۽ اعليٰ مقصدن جو

پتو ڪونہ هوندو آهي. نہ وري کين ڪميونسٽ نظريي جي وسعتن جي ڪا ڄاڻ هوندي آهي.

هڪ ڪميونسٽ کي گهرجي تہ هو مغرور ۽ متڪبر نہ هجي. اها حقيقت آهي تہ ڪي ڪامريڊ ڏاڍا ڏاها آهن. هنن ڪم بہ ڏاڍو سٺو ۽ ساراهہ جوڳو ڪيو آهي ۽ ڪاميابين ڪري تعريف لائق بہ آهن. اهڙين ڪاميابين کي عظيم ڪاميابيون بہ سڏي سگهجي ٿو. کين اهڙن ڪارنامن تي فخر بہ ڪرڻ گهرجي. مثال طور اسان جي فوجي ڪامريڊن هزارن لکن ماڻهن جي مهنداري ڪري جنگين ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. اهڙيءَ ريت پارٽي اڳواڻن ۽ عوام ڪيترين جڳهن تي بي انتها سٺو ڪم ڪيو آهي. جنهن ڪري ماحول ۾ اهم تبديليون نظر اچي رهيون آهن پر اهڙيون ڪاميابيون عظيم ڪميونسٽ مقصد سان ڀيٽائي ڏسبيون تہ پانئبو تہ اهي ڪجهہ بہ ڪونہ آهن. ڪميونسٽ نقطئہ نظر سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ اهڙين ڪاميابين تي ڀٽاڪون هڻڻ غير اهم هونديون آهن.

هڪ ڪميونسٽ لاءِ بهترين ڪم ڪرڻ سندس فرض هوندو آهي. مٿس لازم آهي تہ هو اهڙي آڪڙ ۽ وڏائي کان پاڻ کي پلي. سندس ڪوشش اها هجڻ گهرجي تہ ڪانئس غلطيون نہ ٿين جيڪڏهن ٿين تہ بلڪل ٿوريون. هڪ سچي ڪميونسٽ واسطي شخصي حيثيت ۾ آخر ڇا رکيو آهي؟ ڪنهن بہ شهنشاهہ کان وڌيڪ تہ حيثيت ڪانہ هوندي آهي. پر ڪميونسٽ مقصد لاءِ ويڙهاڪ جي ڀيٽ ۾ شهنشاهہ جي حيثيت ڪجهہ بہ ڪانہ هوندي آهي. اهو ڪامريڊ اسٽالن جي چوڻ مطابق سمنڊ ۾ قطري برابر آهي. شخصي وڏ ماڻهپو ڇا ٿيندو آهي جو ماڻهو ان لاءِ ايترو زور ڏئي يا ان لاءِ ايڏي سودي بازي ڪري.

اسان کي بيشمار ڪميونسٽ سورمن ۽ اڳواڻن جي ضرورت آهي جن جي اسان جي پارٽيءَ اندر ۽ ڪميونسٽ تحريڪ اندر بي انتها عزت ۽احترام هجي. هن وقت اسان وٽ اهڙا ماڻهو بلڪل ٿورا آهن. اسان تي لازم آهي تہ سٺن ڪميونسٽن ۽ انقلابي اڳواڻن ۽ هر ميدان لاءِ سورمن جي تربيت ۽ اصلاح ڪريون. اهو اسان جي ڏتڙيل ماڻهن جي مقصدن واسطي نهايت اهم آهي. جيڪو ماڻهو اهڙي غير معمولي ڪم کي تچ سمجهي ٿو تنهن کي ڪميونزم جي مقصدن کي اڳتي آڻڻ جي ڪابہ سُڌ ڪانہ آهي. ڪميونزم جي ترقي هن ڳالهہ جي گهرجائو آهي تہ اسان پارٽي جي ڪارڪنن جو انقلابي جوش ۽ جذبو وڌايون ۽ سندن طاقت کي اهم ڪردار

ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي آڻيون. اسان کي هيءَ حقيقت قبول ڪرڻي پوندي تہ هن وقت تائين اسان هن مقصد ڏانهن گهٽ توجهہ ڏنو آهي. حقيقت مان اهو بہ معلوم ٿي ويندو تہ اسان جي پارٽيءَ جا ڪارڪن پڙهڻ ۾ گهٽ محنت ڪن ٿا ۽ سنڌن سياست ۽ عملي ڪمن ۾ دلچسپي تمام گهٽ آهي. تنهن ڪري اسان انفرادي جانبازي heroism ۽ نمائش جي خلاف آهيون. پر اسان پارٽيءَ اندر سمجهوتي واري جذبي جي خلاف ڪونہ آهيون. عوام جي مفادن ۾ ڪو نمايان ڪردار ادا ڪرڻ ڪميونسٽ جي اعليٰ خوبي هوندي آهي پر ڪميونسٽ لاءِ پورهيت مهم جوئي وارو جذبو انفرادي مهم جوئي واري جوش کان بلڪل مختلف آهي. اڳئين قسم وارو جذبو سچ جي ڳولا، ان تي ثابت قدم رهڻ ۽ ان لاءِ پوري طاقت سان وڙهڻ هوندو آهي. اهو ترقي پسندانہ عمل آهي، جنهن ناتي مستقبل جي ترقيءَ جون بيشمار راهون کلي پونديون آهن. پوئين قسم واري جوش ۽ انفرادي خيال مطابق ڪنهن فرد يا عوام لاءِ مستقبل جي ترقيءَ جي ڪابہ گنجائش موجود ڪانہ هوندي آهي. اهڙي خواهش شخصي مفادن ڪري پيدا ٿي پوندي آهي، جنهن جو مقصد سچ کي لڪائڻ، ان کي پاسي تي رکڻ يا ان کي بگاڙڻ هوندو آهي. اسان جي ڪامريڊن کي هيءَ حقيقت چڱيءَ ريت سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ سچن پارٽي اڳواڻن ۽ ڪميونسٽ سورمن کي انفرادي جانبازيءَ ۽ شهرت جي ڪڏهن بہ بک ڪانہ هوندي آهي. جيڪو ڪامريڊ پاڻ کي اڳواڻ سمجهي آڪڙجي هلندو آهي يا اڳواڻ ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪندو آهي سو اسان جي پارٽيءَ جو اڳواڻ ٿي ڪونہ سگهندو آهي. اسان جي پارٽيءَ جو ننڍيو وڏو ڪارڪن مغرور ۽ خود پسند ماڻهو کي عوام جو اڳواڻ ٿيڻ پسند ڪونہ ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ انفرادي سورمي ٿيڻ، نمائش ڪرڻ، شخصي لالچ، آڪڙ ۽ وڏائي هوندي آهي. اسان جي پارٽي ڪارڪن کي اهو حق ڪونہ هوندو آهي تہ هو پارٽي جي ميمبرن کان مطالبو ڪري تہ هو کيس اڳواڻ ٿيڻ لاءِ هن جي مدد ڪن. فقط اهڙا ماڻهو جيڪي بلڪل بي لوث آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي پارٽيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، اهي ماڻهو جيڪي ڪميونسٽ اخلاق جا صاحب ۽ ڪميونسٽ خوبين جا مالڪ هوندا آهن. اهي ماڻهو جيڪي مارڪسي- ليننيي نظرين کان واقف هوندا آهن، اهڙن ماڻهن منجهہ عملي ڪم جي لياقت هوندي آهي، اهي ماڻهو جيڪي پارٽيءَ جي ڪم ڪار جي چڱيءَ ريت نگراني ڪري سگهندا آهن، پڙهڻ ۾ سخت محنت ڪندا آهن ۽ لڳاتار ترقي ڪندا رهندا آهن سي پارٽي ڪارڪنن

جو اعتماد ۽ مدد حاصل ڪري سگهندا آهن ۽ اهي ماڻهو ڪميونسٽ تحريڪ جا اڳواڻ ۽ سورما سمجهيا ويندا آهن.

اسان جي ڪامريڊن کي هيءَ حقيقت پاڻ سمجهڻ کپي ته پارٽي جو عام رڪن، اڳواڻ ۽ سورمو پوءِ اهو ڪٿي ڪير به هجي ڪميونسٽ تحريڪ جي ساري ڪم جو فقط ٿورو حصو ۽ ذميواري جو ٿورو ڀاڱو مس پورو ڪري سگهندو آهي. ڪميونسٽ مقصد اهڙي اهم ذميواري هوندي آهي جنهن ۾ هزارن لکن ماڻهن جي گڏيل ڪوشش جي ضرورت هوندي آهي ۽ ان ۾ گهڻو وقت درڪار هوندو آهي. تنهن ڪري ڪنهن به هڪ ماڻهو لاءِ ممڪن ڪونه آهي جو هيءَ اهم ۽ وڏي ذميواري اڪيلي سر مڪمل ڪري سگهي. مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن جهڙا وڏا ماڻهو به ڪميونسٽ مقصدن لاءِ گهربل ڪم جو فقط ٿورو حصو مس ڪري سگهيا آهن. انهن ماڻهن جنهن مقصد لاءِ ڪم ڪيو سو گڏيل جاکوڙ جو گهرجائو آهي ۽ ان لاءِ گهڻن ماڻهن جي محنت جي ضرورت آهي. اسان ڪميونسٽ پارٽي جا عام ڪارڪن آهيون ۽ اسان به ڪميونسٽ مقصدن واسطي ڪم جو ٿورو حصو ۽ ذميواري جو ننڍڙو ڀاڱو مس پورو ڪري سگهندا آهيون. اسان جي ڪم جو اهو مختصر حصو ۽ ذميواريءَ جو ننڍڙو ڀاڱو مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن جي ڪم جي ٿورن حصن کان به گهڻو گهٽ آهي. ان هوندي به اسان کي پنهنجي ڪم جو ٿورو حصو مڪمل ته ڪرڻو آهي. اهو ڪم ٿورو هجي يا گهڻو پر ان وڏي مقصد جو فقط هڪ حصو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي حصي وارو ٿورو ڪم چڱيءَ ريت ڪندا سون ته سمجهنداسون ته اسان پنهنجي فرض کي چڱيءَ ريت نباهي پورو ڪيو آهي. پر فطري ڳالهه اها آهي ته اسان کي گهڻي ڪم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ کپي. جيڪڏهن اسان کو گهڻو ڪم ڪري ڪونه ٿا سگهون يا بلڪل ٿورو ٿا ڪريون ته اهو به چڱو ۽ عزت ڀريو آهي. پر اسان کي گهرجي ته ڪنهن به حالت ۾ ڪميونسٽ مقصدن لاءِ روڪ ۽ رنڊڪ نه بڻجون. اسان کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ گهرجي پوءِ اهو ٿورو هجي يا گهڻو. اهو به هئڻ گهرجي ته ڪم ڏکيو هجي يا سولو پر ڪجي چڱي طريقي سان. اسان جي پارٽي ميمبر جو اهڙو رويو تعريف لائق آهي. ڪي ڪامريڊ اهڙا به هوندا آهن جيڪي ٽيڪنيڪل ڪم ڪرڻ کان لهرائيندا آهن ۽ سوچيندا آهن ته ائين ڪرڻ سان سندن ذهن ۽ عقل جي توهين آهي ۽ ائين ڪرڻ سان هو عوام ۾ مشهور ۽ مقبول ٿي ڪونه سگهندا. (پر حقيقت ۾ ائين ڪونه آهي.

چاڪاڻ تہ استيخانوف stakhanov بہ ٽيڪنيڪل ڪم ڪندو هو). ائين ڪرڻ سان سندن اهليت ۽ لياقت جو پورو پتو پئجي نہ سگهندو. سندن اهو بہ خيال آهي تہ ائين ڪرڻ سان ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ موجود مهم جوئي وارو جوش ۽ جذبو ختم ٿي ويندو. سندن اهڙو نقطئہ نظر بلڪل غلط آهي. اسان جي پارٽي سرگرمين ۾ ٽيڪنيڪل ڪم تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. اهي ڪامريڊ جيڪي پنهنجي حصي جو ٽيڪنيڪل ڪم ڪري رهيا آهن، سي انهن ڪامريڊن کان گهٽ ڪونہ آهن. جيڪي پنهنجي حصي جو ٻيو ڪم ڪري رهيا آهن. ڪنهن ڪميونسٽ جو صحيح رويو اهو هوندو آهي تہ هو اهو ڪم ضرور ڪري جنهن جي پارٽيءَ کي ضرورت هوندي آهي. کيس اهو ڪم خوشيءَ ۽ سٺي طريقي سان ڪرڻ گهرجي. پوءِ اهو ڪم سندس پسند مطابق آهي يا نہ.

انهيءَ ڪري پارٽي تنظيم ۽ پارٽيءَ جي ذميوار ڪامريڊن تي لازم آهي تہ جنهن وقت ڪارڪن کي ڪا پارٽي ذميواري ڏين تہ ان ڪارڪن جي اهليت ۽ ذهني لاڙي جو ضرور خيال رکن ۽ ان جي اڳتي وڌڻ لاءِ منجهس جوش جذبي وارو روح ڀرن. ڪنهن بہ ڪميونسٽ کي پارٽي طرفان ڏنل ڪم کي انهيءَ ڪري رد ڪرڻو ڪونہ آهي تہ اهو ڪم سندس ذاتي پسند مطابق ڪونہ آهي.

(4) ڪامريڊن جو ٿورو تعداد اهڙو بہ آهي جنهن تي استحصالي طبقن جا خيال غالب آهن. تنهن ڪري هنن جو ڪامريڊن سان رويو بي اصولي وارو هوندو آهي. پارٽيءَ اندر موجود مسئلن بابت سندن رويو بہ غلط هوندو آهي. اهي پورهيت ڪميونسٽ سچن جذبن کان خالي هوندا آهن. هڪ ٻئي سان نہ سهڪار ڪري سگهندا آهن ۽ نہ وري منجهن سچي سپاهي وارا جذبا موجود هوندا آهن.

هنن خيالن وارا ماڻهو پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي سرن تي سوار ٿي ويندا آهن. اهو مقصد دل ۾ رکي ٻين تي هرويرو نڪتہ چيني ڪندا آهن ۽ کين نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو پاڻ کي وڏيڪ لائق ۽ ذهين سمجهندا آهن ۽ ٻين ڪارڪنن سان بغض ۽ ساڙ ڪندا آهن ۽ جيڪي پنهنجي محنت ۽ پورهئي سان اڳتي نڪري ويندا آهن تن کي ڇڪي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو ڪنهن جي پويان هلي ڪونہ سگهندا آهن. هو هميشه پنهنجي لاءِ سوچيندا آهن ۽ ٻين لاءِ ويچارڻ هنن جي اصولن ۽ ضابطن مطابق ڪونہ هوندو آهي. جڏهن ٻيا ڪامريڊ

مشڪلاتن ۾ ڦاٿل هوندا آهن ته اندروني طور ڏاڍا خوش هوندا آهن ۽ هنن سان ڪامريڊي همدردي ڪونه ڪندا آهن. ڪامريڊن کي هاڃي رسائڻ لاءِ رٿائون جوڙيندا رهندا آهن ۽ جيڪو ڪوهه ۾ پوندو آهي ته ان مٿان پٿرن جو وسڪارو لائي ڏيندا آهن. ڪامريڊن جي ڪمزورين ۽ مشڪلاتن ۾ ڦاسڻ جو فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مٿن حملا ڪندا آهن ۽ کين نقصان پهچائڻ جو موقعو هٿان وڃائڻ ڪونه چاهيندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي شخصي مفاد خاطر ڪهڙو به رستو اختيار ڪري سگهندا آهن ۽ پارٽي تنظيم ۽ ڪم اندر موجود ڪمزوري جو ناجائز فائدو وٺندا آهن. پارٽيءَ اندر انتشار پيدا ڪرڻ سندن دل پسند ڪم هوندو آهي. هر لائق ۽ اهل ماڻهوءَ جي پرپٺ گلا ڪندا وتندا آهن ۽ ڪامريڊن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جي ارادي سان سازشون سِٽيندا وتندا آهن. پارٽيءَ جي بي اصول بحث مباحثي ۾ گهڻو حصو وٺندا آهن ۽ ڪامريڊن کي هروڀرو ويڙهائي ڏانگو ڏانگ ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن پارٽي ڪنهن ڏچي ۾ ڦاٿل هوندي آهي ته ان وقت اهڙن ماڻهن جي ڪوشش هوندي آهي ته پارٽي جا ڪارڪن هڪ ٻئي جي ضرور چنبا پٽ ڪن. مختصر ته اهي ڊوڪي باز ۽ اخلاقي اصولن کان وانجهيل هوندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ اهو سوچڻ اجايو نه آهي ته اهي مارڪسي۔ ليننی فلسفي ۽ طريقهٔ ڪار جا نه ماهر هوندا آهن ۽ نه وري پورهيت نظريي کي چڱيءَ ريت سمجهندا ۽ سمجهائي سگهندا هوندا؟ هنن حقيقتن مان اهو چڱيءَ ريت واضح ٿي وڃي ٿو ته اهڙا ماڻهو استحصالي طبقن جي نظرين جو اظهار ڪندا آهن.

سيئي استحصالي ڌريون اڳتي وڌڻ لاءِ ٻين کي هاڃو رسائينديون آهن. وڏا سرمائيدار اقتصادي بحران دوران ڏيوالي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ يا پنهنجي دولت کي وڌائڻ لاءِ ننڍين سرمائيدارن کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيندا آهن ۽ بيشمار پورهيتن کي بکن ڪاٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا آهن. جاگيردار به دولت ڪمائڻ لاءِ هارين جو استحصال ڪندا آهن ۽ گهڻن کي زمينن تان بي دخل ڪري ڇڏيندا آهن. فاشي جرمني، اٽليءَ ۽ جپان پنهنجي ترقي واسطي ٻين ملڪن جي ڀينگ ڪري ڇڏي آهي. هنن آسٽريا، چيڪو سلوويڪيا ۽ ايبيسينيا تي قبضو ڪري ورتو آهي. ان سان گڏ هنن چين خلاف به اڳرايون شروع ڪري ڏنيون آهن. استحصالي ڌريون پنهنجي ترقي ۽ تعمير لاءِ ٻين ماڻهن جو استحصال ڪنديون آهن ۽ کين هاڃو رسائينديون آهن. هنن جي خوشين جو بنياد ٻين ماڻهن جي مصيبتن

تي رڪيل هوندو آهي. تنهن ڪري استحصالي ڌرين ۾ نہ صحيح معنيٰ ۾ ايڪو بڌي هوندو آهي نہ صحيح نموني باهمي اتحاد وارو جذبو هوندو آهي نہ وٽن سچي انساني همدردي هوندي آهي. تنهن ڪري هو ٻين کي تباهہ ڪرڻ واسطي سدائين سازشون سٽيندا رهندا آهن ۽ ڳجهين سرگرمين ۾ مشغول رهندا آهن. پر ماڻهن اڳيان پاڻ کي خدا رسيده بزرگ ۽ انصاف جا ٽنيا چوائيندا آهن. استحصالي طبقن جون خاص خوبيون اهي ئي آهن. ظاهر ۾ ائين نظر ايندو آهي تہ اِهي اخلاق جا زنده مجسما آهن. پر اندروني طور وڏا مجرم هوندا آهن ۽ پورهيتن ۽ عوام جا سخت دشمن هوندا آهن.

پورهيت طبقو استحصالي ڌر جو دشمن هوندو آهي. اهو طبقو ٻين جو استحصال ڪونہ ڪندو آهي. پر ٻين هٿان استحصال جو شڪار بڻبو آهي. تنهن ڪري هنن ۽ ٻين مظلوم پورهيتن وچ ۾ مفادن جي ناتي ڪنهن بہ قسم جو ويڇو ڪونہ هوندو آهي. اهڙا ماڻهو ٻين کي نقصان پهچائڻ وارن خيالن کان گهڻو پري هوندا آهن. پنهنجي ترقي ۽ آجپي واسطي ٻين جي مفادن کي ڪو هاڃو ڪونہ رسائيندا آهن ۽ گڏيل تحريڪ دوران پورهيت طبقو ٻين طبقن سان اتحاد جوڙي وٺندو آهي. جيڪڏهن پورهيت طبقو پاڻ کي آجو ڪري وٺندو آهي تہ ٻين پورهيت طبقن کي بہ آجو ڪري وٺندو آهي بلڪ انسان ذات کي آجو ڪري ڇڏيندو آهي. هن طريقي سان ڪنهن اڪيلي پورهيت يا پورهيتن جي ڪنهن هڪ حصي کي آزادي ڪانہ ملندي. پورهيت طبقي کي ساري انسان ذات جي آجپي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. انهيءَ مقصد لاءِ هن طبقي کي درجہ بدرجہ ويڙهہ ڪرڻي پوندي. آزاديءَ جي ان مقصد کي ڪٿي اڌورو ۽ اڌپورو بہ ڇڏڻو نہ آهي.

پورهيت طبقي جيڪا ٻاهرين حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي تنهن جو نتيجو هي نڪتو آهي جو پورهيت سياسي طور سُچيت سُرت ٿي ويو آهي. اها ڳالهہ استحصالي ڌرين جي طاقت خلاف آهي. ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي مفادن واسطي پهرينءَ صف وارا ويڙهاڪ آهن. جيڪي مارڪسي- ليننيي ڏاهپ سان هٿياربند آهن. اهي عوام دشمن ڌرين لاءِ موت جو پيغام آهن. پر پورهيتن مظلوم طبقن ۽ ڪامريڊن لاءِ رحمدل دوست آهن. هو دوست ۽ دشمن وچ ۾ موجود فرق کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندا آهن. ڪين اها بہ چڱيءَ ريت ڄاڻ هوندي آهي تہ دشمن کي مات ڪرڻ لاءِ ڪهڙا رويا ۽ طريقا ڪتب آڻي سگهجن ٿا ۽ دوستن ڪامريڊن سان ڪهڙا ناتا ۽ رابطا رکي سگهجن ٿا. اهي پنهنجي طبقي جي ٻين ماڻهن ۽ پيڙيل

عوام سان همدردي ۽ مخلص قسم جي دوستي حاصل ڪري وٺندا آهن. هنن ڏانهن باهمي اتحاد جو هٿ وڌائيندا آهن ۽ ساڻن صحيح قسم جو ايڪو پيدا ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪنهن کي رعايت ڏيڻ جي خلاف هوندا آهن، پنهنجي لاءِ رعايت پسند ڪونه ڪندا آهن. اهڙي رعايت يافته حيثيت کان سخت نفرت ڪندا آهن ۽ پنهنجي بي عزتي تصور ڪندا آهن. جيڪڏهن هو پاڻ محنت ڪري اڳتي وڌندا آهن ۽ سياسي رتبي ۾ ترقي ڪندا ته هو ٻين کي به اڳتي وڌڻ ترقي ڪرڻ لاءِ همٿائيندا آهن ۽ پنهنجي سماجي رتبي وڌڻ سان گڏ ٻين جي سماجي رتبي کي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هوندا آهن. اهڙا ماڻهو ٻين کان پوئتي رهڻ ڪونه چاهيندا آهن، پوءِ ڪٿي نظريو هجي، سياسي شعور يا پارٽي سرگرمي هجي. اهي مهم جوئي بابت وسيع مطالعو ڪندا آهن. ساڳئي وقت هو اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪندا آهن، آئيءَ ويل پاڻ کان وڏي جي مدد ڪندا آهن. منجهن ڪنهن به قسم جو ساڙ ۽ ڪينو ڪونه هوندو آهي ۽ پنهنجي پلي لاءِ سندن تجربن مان گهڻو سکي به وٺندا آهن. ڪين پنهنجي طبقي جي ماڻهن ۽ پيڙيل طبقن جي ڏکن ڏاکڙن جي سوڏي ۽ سچي ڄاڻ هوندي آهي. هنن طبقن جي آجپي لاءِ دنيا ۾ ڪٿي به تحريڪ هلندي آهي ته انهن سان پنهنجي يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندا آهن. پورهيت طبقي جي فتح کي پنهنجي فتح ۽ ان جي شڪست کي پنهنجي شڪست سمجهندا آهن پوءِ اهڙا واقعا دنيا جي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ۾ رونما ڇو نه ٿيندا هجن. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته هي ائين ڪري وڏيءَ بهادريءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. پورهيت ۽ پيڙيل طبقي جي آزاديءَ جي تحريڪ کان لاپرواهه يا سندن شڪست تي خوش ٿيڻ تي پاڻ کي مجرم سمجهندا آهن. پنهنجي ڪامريڊن جي غلطين تي صاف دلي سان تنقيد به ڪندا آهن ته ساڻن پيار به ڪندا آهن (اهو سچي پيار ۽ عزت جو نمونو آهي) ۽اصول جي ڳالهين تي ڪنهن سان به رعايت ڪانه ڪندا آهن نه وري پرده پوشي ڪندا آهن. اهڙي ڳالهه ڇڙ غلطين کي وڌائڻ جي برابر هوندي آهي. (جيڪڏهن غلطين جي پرده پوشي ڪبي ۽ غلطين ڪندڙن جي همت افزائي ڪبي اهو سچو پير نه چئبو). هن قسم جا ماڻهو ڪامريڊن جي غلطين جي اصلاح ڪرڻ ۾ سندن گهڻي مدد ڪندا آهن ۽ سندن غلطين ۽ اوڻاين ڪري ڪين ڪنهن ڏچي ۾ ڪونه وجهندا آهن. جيڪڏهن ائين نه ڪبو ته هو ويتر اهڙيون غلطيون ڪري وجهندا جيڪي اصلاح جوڳيون ڪونه هونديون. ڪين ڪنهن کان پلوَ پاند وٺڻ جي عادت ڪانه

هوندي آهي. جيڪڏهن ڪير ساڻن بڇڙائي ڪندو آهي ته ساڻس ڀلائيءَ ڀير روا رکندا آهن. ڏکئي وقت ۾ سندن واهر ڪندا آهن ته جيئن هو پشيمان ٿي پاڻ سڌارڻ جي ڪوشش ڪن. هو پنهنجو پاڻ لاءِ ته سخت هوندا آهن پر ٻين لاءِ ڏاڍا نرم ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪو موقف اختيار ڪندا آهن ته انهيءَ تي ثابت قدم ۽ بااصول به رهندا آهن. سندن رويو سڌو سادو ۽ کرو هوندو آهي. اصولي ڳالهين تي مصلحت ڪرڻ کان پري ڀڄڻ وارا آهن ۽ جيڪو ماڻهو پارٽي سان ڌوکو ڪندو آهي ته سهي ڪونه سگهندا آهن. پنهنجي بي عزتي سهي ڪونه سگهندا آهن ۽ چاپلوسي خوشامد کان سخت نفرت ڪندا آهن. بي اصول تحريڪن کان بچاءُ ڪندا آهن. پاڻ به اهڙين تحريڪن ۾ حصو نه وٺندا آهن. جيڪڏهن ڪير اهڙين تحريڪن ۾ شريڪ نه ٿيڻ ڪري مٿن هرويرو تنقيد ڪندو آهي يا سندن پرپٺ ګلا ڪئي ويندي آهي ته هنن اهڙن تحريڪن ۾ حصو نه وٺي بي اصولي جو ڪم ڪيو آهي ته هو صبر ۽ تحمل سان سهي ويندا آهن ۽ ڪاوڙجي ڪونه پوندا آهن. اِهي پورهيت طبقي جون اهڙيون ڀليون خوبيون ۽ خاصيتون آهن ۽ پارٽي جي سيني ڪارڪنن کي جڳائي نيڪيءَ جون اهڙيون ڳالهيون سکن ۽ انهن تي هلن. مارڪسي ۽ لينني اصولن جي بنياد رکڻ وارن ماڻهن پورهيتن جي اهڙين خوبين ۽ خاصيتن جو خلاصو بيان ڪيو آهي، جيڪو اهم مثالي ۽ سچو آهي. اهڙيون ڳالهيون موجوده دور جي سماج ۾ موجود نيڪين ۽ ڀلاين جي ڀرپور نمائندگي ڪن ٿيون. حقيقت به اها آهي ته ڪميونسٽ پارٽي انسان ذات ۾ موجود نيڪين ۽ ڀلاين جي نمائندگي ڪري ٿي. تنهن ڪري اسان جو فرض آهي ته پورهيت طبقي ۾ اهڙين سچاين کي اڳتي وڌايون ۽ ڌوکي بازين ۽ بڇڙاين کي ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيون.

(5) ننڍين شين تي هلڪڙائي ۽ ترڙائيءَ جو اظهار ڪرڻ ۽ پارٽيءَ جي عام مفاد جي پرواهه نه ڪرڻ جهڙيون اوڻايون اڄ به اسان جي ڪن پارٽي ميمبرن ۾ موجود آهن. اسان جي ڪن ڪامريڊن کي ڪميونسٽ جي اصلي سگهه جي ڪا به خبر ڪانه آهي ۽ وڏين شين تي سندن نظر ئي ڪانه ٿي پوي. اهي ويجهن معمولي شين کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. پارٽي ۽ انقلاب جي وڏن مسئلن سان سندن ڇڻ ته ڪو واسطو ئي ڪونه هوندو آهي. ننڍڙين ۽ معمولي شين تي بي چين ٿي هل هنگامو شروع ڪري ڏيندا آهن ۽ انهن تي سوچيندا ويچاريندا آهن. جيڪڏهن انهن ڳالهين تي بحث مباحثو ڪندا ته مات ڪري ڪونه ويهندا ۽ ڏاڍا پريشان ٿي ويندا. اهڙا ماڻهو ٿوري لالچ ۽

همدردي ڪرڻ تي جيڏانهن آئين هليا ويندا آهن. سندن دليون ڳوٺ جي پيدا ڪارن proricers جي دلين جهڙيون نينڍڙيون هونديون آهن.

ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جو پارٽي بابت رويو واضح ۽ متعين ڪونہ هوندو آهي. اهڙا ماڻهو پيا هيڏي هوڏي ڦرندا آهن ۽ پارٽيءَ جي ڪمن ۾ رخنو وجهندا آهن. هنن جا مکيہ بہ قسم هوندا آهن جن مان هڪ جو تعلق سمجهڻ سان ٻئي جو تعلق اخلاق سان هوندو آهي. پوئين قسم جا ماڻهو پنهنجي مزاج ۾ موقعہ پرست ٿيندا آهن, هر ماڻهوءَ جي خوشامد ڪندا آهن ۽ فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي ماڻهو حالتن کي ڏسي لفظ گهڙي وٺندا آهن ۽ هوا جي رخ کي ڏسي ڳالهيون ڪندا آهن ۽ اصول جي نالي واري ڪا شيءِ وٽن ڪانہ هوندي آهي. سندن خوبيون ۽ خاصيتون اهڙيون هونديون آهن. ڪڏهن وري انهيءَ تاڙ ۾ هوندا آهن تہ موقع جي مناسب سان کين ڇا چوڻ گهرجي ۽ سندن ڪردار ايسپ جي ڪهاڻين ۾ موجود چمڙي bat جهڙو هوندو آهي. جيڪو چڙهندو پاسو ڏسندو آهي اوڏانهن هليو ويندو آهي. اهي منافق ماڻهو آهن جيڪي نہ مڇي هوندا نہ پکي. اسان جي پارٽيءَ جو هر ڪارڪن کين چڱيءَ ريت سڃاڻيندو آهي. کين ڪراڙي واپاريءَ جهڙيون خوبيون ۽ خاصيتون ٿينديون آهن. هن کان علاوه ڪي اهڙا ماڻهن بہ هوندا آهن جيڪي سماج جي قديم استحصالي ڌرين جي ٿوري لالچ ڏيڻ تي پاڻ جهلي پلي ڪونہ سگهندا آهن. چاڪاڻ تہ اهڙين ڌرين وٽ چمڪ دمڪ, پئسو ۽ عورتون هونديون آهن. پهريائين هو لڏڻ لهڻ شروع ڪندا, پوءِ ڪي غلطيون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ نيٺ پارٽي ۽ انقلاب کي ڇڏيو هليا ويندا آهن.

اسان جي پارٽيءَ جي ڪن ڪامريڊن جو نظريو ننڍي بورجوا, محرومي جي احساس جي ماريل پورهيت ۽ سڃي هاري جيان جلد بازيءَ جو شڪار هوندو آهي ۽ پيو هيڏي هوڏي لڏندو لمندو آهي. پر آئون هتي هن سوال تي بحث ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان.

مختصر تہ اسان جي پارٽي پورهيتن ۾ ڪميونسٽ نظريي جي نمائندگي ڪندي آهي. پر ان سان گڏ هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ پڻ لازمي آهي تہ اهڙي قسم جو نظريو جنهن جو پورهيت نظريي سان واسطو ڪونہ هوندو آهي جن ۾ تباهہ ٿيندڙ استحصالي طبقن جو نظريو بہ شامل سمجهڻ گهرجي, هن پارٽي ۾ بہ ڪجهہ ڪامريڊن جي دماغن ۾ اهو ويٺل هوندو آهي. ڪڏهن اهڙي قسم جا نظريا بہ پارٽي تي حاوي ٿي ويندا آهن جيڪي روز

مره واري زندگيءَ جي غير اهم مسئلن ۾ ظاهر ٿي پوندا آهن. ڪڏهن وري اهو نظريو منظم نموني سان سرگرم ٿي ويندو آهي ۽ پارٽي اصول، اهم سياسي سوال ۽ پارٽي جي اندروني جدوجهد جي مسئلي جي معاملي تي پنهنجي اصلي روپ ۾ نکري نروار ٿيندو آهي. هن قسم جي غلط نظريي سان پارٽي جا ڪجهه حصا يا پارٽي جي تنظيمن جا رابطا غلط ماڻهن جي هٿ هيٺ اچي ويندا ۽ ناس ٿي ويندا آهن. مشڪل صورتحال دوران پارٽي اڳواڻن جا اهم واسطا ۽ رابطا به ٿوري وقت لاءِ هن قسم جي غلط نظريي جي هٿ وس اچي ويندا آهن. جهڙيءَ ريت چين ڊڪسيو Chen Duxiu ۽ چئنگ گوٽائو Zhang guotau جي ڏينهن ۾ ٿيو هو. پر ان دور ۾ صحيح پورهيت نظريو هن مٿان ڪڙي نظر رکندو آهي. اهڙيون ڳالهيون، جدوجهد ڪرڻ واري پارٽيءَ ۾ موجود پورهيت ۽ غير پورهيت نظريي وچ ۾ ظاهر ٿي پونديون آهن. ساڳيءَ ريت پارٽي جي ڪن ميمبرن ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود هونديون آهن. ڪڏهن وري سندن نظرين ۾ موجود غلط ڳالهيون ماٺ ۽ ضابطي هيٺ هونديون آهن. ڪڏهن وري اهي غلط ڳالهيون پارٽيءَ جي ساريءَ سرگرميءَ تي ڇانئجي وينديون آهن. اهڙيون ڳالهيون پارٽيءَ جي انفرادي ۽ متضاد ڪارڪنن ۽ پورهيت ۽ غير پورهيت نظرين وچ ۾ هلچل دوران پڻ نظر اينديون آهن. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ پارٽي ڪارڪنن جي نظرياتي طور خود اصلاح جي معنيٰ آهي مختلف قسمن جي غلط ۽ غير پورهيت نظرين کي ختم ڪرڻ واسي پورهيت ۽ بين الاقوامي طور مڃيل ڪميونسٽ نظريي کي ڪتب آڻڻ.

❊❊❊

ڪميونسٽ پارٽي همعصر انساني سماج اندر نهايت روشن ۽ ترقي يافته پهلوءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. اها مارڪسي- ليننن نظريي، اصول ۽ عظيم انساني تصور جي قاصد آهي. جيڪا مذڪوره نظريي ۽ اصول کي هنڌين ماڳين پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. هن پارٽيءَ ۾ شامل ماڻهو دنيا جا سياسي طور باشعور، ترقي پسند سوچ جا مالڪ آهن. اهي ماڻهو اعليٰ اخلاق جا مالڪ ۽ انصاف جا ڏٽي آهن. جيڪي اچي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ گڏ ٿيا آهن، جيڪي انسان ذات جي روشن مستقبل ۽ آزاديءَ لاءِ اونداهي ۽ هر گندي طاقت سان جهيڙي رهيا آهن. چين جي ڪميونسٽ پارٽي دنيا جي هڪ بهترين ڪميونسٽ پارٽي آهي جنهن جو اڳواڻ ڪامريڊ مائوزي تنگ آهي. هيءَ پارٽي مارڪسي- ليننني نظريي سان هٿياربند آهي. ساڳئي وقت

اها چين جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ترقي يافته سوچ ۽ انقلابي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جاکوڙي رهي آهي. اها پارٽي چيني سماج جي ترقي يافته ۽ روشن پهلوءَ جي نمائندگي ڪري رهي آهي. چيني قوم جا بهتر پٽ ۽ ڌيئرون هن پارٽيءَ جي تنظيمن ۾ شامل ٿي رهيون آهن. هي پارٽي گهٽي عرصي کان وٺي چين جي ڪاري طاقت سان وڙهي رهي آهي ۽ آزمائش جي هڪ ڊگهي سلسلي مان گذري پنهنجي اصلاح ڪري چڪي آهي ۽ ڪيس انقلابي تحريڪ جو هڪ وڏو تجربو حاصل آهي. هنن سڀني ڳالهين ڪري اسان ڪميونسٽن کي تمام گهڻو فخر هئڻ گهرجي. اسان کي پُراعتماد هجڻ لاءِ پڪو پختو سبب آهي ته هڪ ڏينهن فتح اسان جي ٿيندي. البت اسان هن وقت اهو چئي ڪونه ٿا سگهون ته اسان جي تنظيم اندر جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي سو ضابطن قانونن جي عين مطابق آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪي اوڻايون ۽ ڪوتاهيون ڪونه آهن. اسان اها به هام هڻي ڪونه ٿا سگهون ته اسان جي پارٽي جي ڪارڪنن ۾ ڪي خراب يا بڇڙا ڪارڪن ڪونه آهن ۽ اهي ڪي ڏوهه پاپ ڪونه ڪندا هوندا. بين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ٿو ته اسان جي هن شاندار پارٽي اندر ڪجهه گندو ماحول آهي ۽ ڪجهه ڪارا ڌٻا آهن جن جو ذڪر اڳ مٿي ڪري آيو آهيان.

جيڪڏهن ڪنهن جو گهر جو نائي يا ننهن بدشڪلي هوندي ته ان کي مهمانن کان گهٽي وقت لاءِ لڪائي ڪونه ٿو سگهجي. جيتوڻيڪ اسان اها ڪوشش ڪريون به ڪٿي پر هن قسم جي گهر جي شرم کي لڪايون ته به اهڙيءَ ڪوجهائيءَ کي لڪائڻ ممڪن ڪونه هجي ها. عوام اسان جي پارٽي سان سدائين رابطي ۾ رهندو آهي. اسان وٽ پارٽيءَ جا همدرد به ايندا رهندا آهن. اسان جي پارٽي کي ڏسڻ وارن ماڻهن ۾ ڪي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون به هونديون آهن. جيڪي اڃا مطالعو ڪندا ۽ اسان جي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندا آهن. جڏهن اهڙا ماڻهن هتي ايندا آهن ته هو ڪي سهڻيون، ترقي يافته ۽ پرڪشش شخصيتون به ڏسندا آهن ته ڪريپ جهڙو نائي يا ننهن به اڃا ڏسندا آهن. جيڪي وڏي وات ڇوندا رهندا آهن ته بديون ۽ بڇڙايون ڪري نئين آيل مهمان ۽ پارٽي جي ميمبر کي پاڻ ڏيکاريندا آهن. اهي نوان ماڻهو اهو سوال ته ضرور پڇي سگهن ٿا ته "ڪميونسٽ پارٽي اهڙي پارٽي ٿي ڪانه ٿي سگهي جنهن جا سڀ ڪارڪن رڄ پلوڙ هجن؟ ڇا ڪميونسٽ دنيا جا بهترين ماڻهو ناهن ٿيندا؟ اها ڪهڙي نه اچرج جهڙي ڳالهه آهي." ڪي نوجوان ڪامريڊ پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ ماحول ڏسي

مايوس ٿي ويندا آهن پر ٻي ڪا راهه نه ڏسي اچي هن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪين هن پارٽيءَ اندر سهائيءَ جي ڪجهه جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڪين اهو آسرو ۽ ڀروسو هوندو آهي ته سندن شريڪ ٿيڻ ڪري سڀ ڪجهه چڱو ٿي ويندو. پر هنن جي شامل ٿيڻ کان پوءِ اسان جي مرڪز وٽ پهچڻ کان پوءِ ڪين احساس ٿي ويندو آهي ته پارٽيءَ ۾ ڪي اوڻايون ۽ ڪوتاهيون آهن. پر ڏهاڙيءَ واري زندگي ٻچڙاين ۽ ڪوتاهين کان خالي ڪانه هوندي آهي. (هنن ڪي پارٽي جون گهٽيون ڳالهيون متاثر به ڪنديون آهن. پر اهي انقلاب ۽ پارٽي جي مفادن ۾ ڪونه هونديون آهن.) ان کان پوءِ هو سمجهندا آهن ته حقيقت سندن خيالن مطابق ڪانه ٿيندي آهي. ڪيترن ڪي ڪي شڪ شبها دل ۾ ويهي ويندا آهن ۽ ڪين ڏاڍو تعجب ٿيڻ لڳندو آهي ۽ پڇڻ لڳندا آهن ته اهڙيون ٻچڙيون ڳالهيون ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر موجود ڇو آهن؟ ياآن yaian اچڻ کان اڳ يا جپان دشمن فوجي يا سياسي ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته ڪاليج سهڻن سپنن جو هڪ ڏيهه هوندو. پر پهچڻ يا ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪين محسوس ٿيندو آهي ته هتي ته ائين ڪونه آهي. جهڙيءَ ريت هنن ڪاليج لاءِ پنهنجي دماغ ۾ هڪ سهڻي تصوير تيار ڪري ورتي هئي ۽ اهو ڏسي هو ويچارا واتڙا ٿي ويندا آهن ۽ چوندا آهن ته اهڙيون خراب ڳالهيون ياآن ۽ جپان دشمن ڪاليج اندر به ٿي سگهن ٿيون؟ جڏهن ڪين مناسب جواب ڪونه ملندا آهن ته چڱائيءَ مان اوسيئڙو پلي صفا مايوس ٿي ويندا آهن.

هنن ماڻهن جي اهڙن سوالن کان پارٽيءَ ۽ سياسي ڪارڪنن کي ضرور خبردار هئڻ کپي. اهڙيون ڳالهيون هنن لاءِ سبق هجڻ گهرجن. انهيءَ مقصد سان ته جيئن نون نويلن ڏانهن گهڻو ڌيان ڏين. پارٽي ڪارڪنن جي بهترين رهبري ڪري سگهن ۽ سندن چڱي ريت پرگهور ڪري سگهن. اهڙن ماڻهن جي پڻ سار سنڀال لهي سگهن. جيڪي اسان ڏانهن وڌي رهيا آهن. ائين ڪرڻ سان ڪين يقين ٿي ويندو ته ساڻن برو ورتاءُ نه ڪيو ويندو. هن ڪانسواءِ پارٽي اندر يا پارٽي کان ٻاهر سيني ڪامريڊن کي اصلي حقيقتن کان واقف ڪرڻو پوندو.

اها به هڪ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي. اسان جي هن بهترين پارٽيءَ اندر ايڏيون خراب ڳالهيون ڇو آهن؟ منهنجي خيال مطابق ان جو ڪارڻ بلڪل سولو آهي. اسان جي پارٽي اپ مان ڪانه لٿي آهي. پر چين جي سماج مان ڦٽي ظاهر ٿي آهي. عام طور تي اسان جي پارٽيءَ اندر سهڻا پٽ ۽ سهڻيون

ڊيئر شامل آهن جيڪي چين جي پورهيت طبقي جو هر اول دستو آهن. پر انهن جو تعلق سماج جي سيني طبقن مان آهي. چيني سماج ۾ اڃ به استحصالي طبقا ۽ سندن اثر موجود آهي. انهن طبقن جي خود غرضي، سازشي ذهن، ڪامورا شاهي ۽ بيو به گهڻو گند موجود آهي. اسان وٽ اهڙا ته ماڻ ۽ مرجاتا وارا پارٽي ڪارڪن آهن جيڪي اهڙين گندين شين جو اثر قبول ڪون ڪندا آهن. پر تعجب جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڪي ڪارڪن سماج جو اهو سارو گند ڪٺي اچي پارٽي ۾ شريڪ ٿيندا آهن يا اهڙيون ڳالهيون منجهن موجود هونديون آهن؟ ڇا اها ڪا تعجب جهڙي ڳالهه آهي ته ڪو ماڻهو جيڪو تازو تازو گند مان ٻاهر نڪري آيو هجي ۽ سندس جان تي وري چانڊوٽا چمڪندا هجن؟ ائين ٿيڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. پر اهڙي توقع ضرور رکي ويندي آهي. اها به اڻ ٿيٽي ڳالهه آهي جو ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اهڙو گند ۽ غلاظت موجود نه هجي ۽ جيڪڏهن نه هوندو ته تعجب جهڙي ڳالهه چئبي. هن لاءِ اهو به چئي سگهجي ٿو ته جيستائين سماج اندر اهي گند ۽ غلاظت هوندا، جيستائين استحصالي طبقا ۽ انهن جو اثر رسوخ موجود هوندو تيستائين هن قسم جي بدي ۽ بيچڙائي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ پڻ ضرور موجود رهندي، اهو خاص طور انهيءَ ڪري آهي جو اهو گند سماج اندر موجود آهي. تنهن ڪري اهو ساڳيو گند پارٽيءَ اندر به موجود آهي. اهڙين ڳالهين ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ مٿان اهو فرض ٿئي ٿو ته اهڙي سماج کي تبديل ڪري ڇڏي، ڪميونسٽن لاءِ به اها ڳالهه ضروري آهي ته هو به پنهنجي خود تربيت ۽ خود اصلاح ڪن. هن ڪان سواءِ سماج مان هر بدي ۽ بيچڙائيءَ قديم خيالن کي لوڏي ڪيڻ لاءِ هڪ مهم شروع ڪرڻ گهرجي. اسان مٿان هيءَ ڳالهه پڻ لازم آهي ته پارٽيءَ اندر به اهڙي مهم شروع ڪريون ته جيئن اتان به هر گنديءَ شيءِ ۽ قدامت پرستيءَ کي ٻاهر ڪيڍي سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهڙين ڳالهين ڪري پارٽي ڪارڪنن ۾ بڏتر رهندي ۽ پيا هيڏي هوڏي ڦرندا گهرندا. انهيءَ ڪري پارٽيءَ اندر تضاد اڀري ايندا ۽ ڇڪتاڻ پيدا ٿي پوندي، اسان پارٽيءَ اندر ۽ پارٽي ڪان ٻاهر اهڙي مهم شروع ڪري، سماج ۾ تبديلي، ان مان بيچڙاين ۽ قدامت پرستي ڪيڻ، پارٽي ڪارڪنن کي نئين سوچ ڏيڻ ۽ پارٽي کي نئين ترتيب ڏيڻ جي ابتدا ڪري سگهون ٿا. ائين ڪرڻ سان پارٽيءَ اندر موجود تضاد ختم ٿي سگهن ٿا، پارٽي ۽ ڪارڪن به وڌيڪ صحيح ۽ طاقتور بڻجي سگهن ٿا.

اسٽالن جو قول آهي ته "پارٽي اندر تضادن پيدا ٿيڻ جا به ڪارڻ آهن."

اهي ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

انهن ٻنهي مان هڪ هي آهي تہ تحريڪ واري صورتحال ۾ بورجوا ۽ بورجوا نظريي جو پورهيت ۽ پارٽيءَ تي دٻاءُ. اهو دٻاءُ جنهن جي آڌو فقط مستقل مزاج پورهيت ۽ مستقل مزاج پورهيت پارٽي اڻ مڃي ڪانہ سگهندي آهي. اهو هرگز خيال نہ ڪيو وڃي تہ پورهيت چيني سماج جو هڪ الڳ طبقو آهي يا ان سماج کان بلڪل ٻاهر آهي. پورهيت بہ هن سماج جو هڪ حصو آهي جنهن جو تعلق سماج جي مختلف طبقن سان آهي. پر هيءَ پارٽي پورهيت طبقي جو هڪ حصو آهي. تنهن ڪري هي پارٽي بورجوا سماج سان تعلق رکي ٿي ان جو ئي مٿس اثر آهي ۽ ان ئي سماج جا مختلف حصا هن پارٽيءَ ۾ شامل آهن. بورجوا ۽ انهن جي نظرين جو اثر پورهيت طبقي ۽ ان جي پارٽي تي بہ پوندو آهي. جيڪو مختلف قسمن جي انهن پورهيتن وسيلي پارٽيءَ اندر داخل ٿيندو آهي جن جو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان بورجوا سماج سان تعلق هوندو آهي. جنهن ۾ موجود نظريا، رسم، رواج، جوش ۽ جذبا بہ بورجوائي هوندا آهن.

ٻيو تہ پورهيت طبقو بہ مختلف قسم جي پورهيتن جو هڪ مجموعو هوندو آهي. پورهيت طبقي جو هڪ قسم پورهيت طبقي جو مکيہ حصو هوندو آهي. ان جي دل ۽ مستقل حصو يعني پورهيت عوام جنهن گهڻي عرصي کان وڏي سرمائيدارن سان پنهنجا لاڳاپا ڇني ڇڏيا آهن. پورهيت طبقي جو هي پاڳو مارڪسي نظريي جو پروسي جوڳو ڪوٽ قلعو آهي.

پورهيت طبقي جو ٻيو قسم نوين new comers سان تعلق رکي ٿو جن جو واسطو ٻين پورهيت طبقن سان ڪونہ هوندو آهي. هن ٻئي قسم جو لاڳاپو هارين، ننڍي بورجوا ۽ دانشور گروهہ سان هوندو آهي. جيڪي تازو پورهيت طبقي سان مليا آهن ۽ پنهنجي رسم رواج ۽ ڦرڻ گهرڻ وارين عادتون بہ پاڻ سان گڏ کڻي آيا آهن. انهيءَ قسم جي ماڻهن کي هتي هر قسم جي انارڪي، نيم انارڪي ۽ خاص نوعيت جي ڪاٻي ڏر لاءِ کليل ميدان ملي ويندو آهي.

پورهيت طبقي ۾ پورهيتن جو ٽيون قسم پئسي وارن مزدورن، پورهيت طبقي جي مٿئين ڪلاس، خوشحال پورهيت هوندو آهي. جنهن جا بورجوا سان مصلحت پسندانہ تعلقات هوندا آهن ۽ هر قسم جي طاقت حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي. هن قسم جي ماڻهو کي هي تڙپ ۽ هورا کورا لڳل هوندي آهي تہ هو زندگيءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ۽ ڪيس هتي سڌارڪ

ٿيڻ ۽ موقعي پرستيءَ جو سونهري وجهه ملي ويندو آهي.

هتي اسان کي غير پورهيت مختلف نظرين جي نمونن جا ذريعا ملي ويندا ۽ سولائيءَ سان پتو پئجي ويندو تہ پارٽيءَ ۾ اهڙي قسم جا نظريا ڪٿان آيا آهن. ان سان گڏ مختلف قسمن جي غلطين، اوائين ۽ گندي فضا جي ڄاڻ ملي ويندي جيڪي اسان جي پورهيت پارٽي اندر موجود آهن. حقيقت اها آهي تہ اسان کي هتي پتو پئجي وڃي ٿو تہ پارٽي اندر موجود تضادن جو بڻ بنياد ڪٿان اچي اسان وٽ پهتو آهي.

پارٽيءَ اندر موجود غلط نظريي بابت رويو ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد

استحصالي طبقن ۽ ننڍن بورجوائن جو اثر ۽ پورهيت طبقي اندر موجود مختلف قسمن جي فردن جو هجڻ ۽ اسان جي پارٽي اندر مختلف پس منظر رکندڙ ڪارڪنن جي موجودگي ڪري انهن سيني ماڻهن ۾ مختلف قسمن جا خيال ۽ تصور پيدا ٿي پوندا آهن ۽ سندن نقطئہ نظر ۾ ڪجهہ اختلاف هوندو آهي. ان کان سواءِ هر هڪ ماڻهوءَ جون عادتون، جوش، جذبا دنيا جي معاملن تي هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو نقطئہ نگاهہ، اخلاقي قدرن لاءِ سندن ڌار ڌار سوچ فڪر، هر هڪ شيءِ لاءِ سندن الڳ الڳ نظريا ۽ خاص طور تي انقلابي نقطئہ نظر بابت سندن جدا جدا ويچار هوندا آهن.

اسان جي پارٽيءَ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن جيڪي سمجهي سگهندا آهن تہ مسئلا وڏي رهيا آهن جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو موجود آهي. ڪي ڪارڪن وري اهڙا آهن جن جي سوچ ويچار آهي تہ مسئلا جتي آهن اتي بيٺا آهن ۽ انهن جو پاڻ ۾ ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي. اڳئين قسم جا ماڻهو معاملن کي مجموعي ۽ خارجي طور چڱي ريت سمجهي سگهندا آهن. تنهن ڪري اهي نتيجا بہ صحيح ڪڍي سگهندا آهن. پوئين قسم جا ماڻهو اهڙن مسئلن کي اتاچرو ۽ مٿاچرو ڏسندا آهن يا معاملي جي هڪ پاسي تي وڏيڪ زور ڏيندا آهن ۽ بيا وري معاملي جي ٻئي پاسي ڏانهن ڏسي ان تي زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٻنهي قسمن جا اهي ماڻهو مسئلن کي مجموعي ۽ خارجي طور تڪڙ توڙڻ ۾ ناڪام ويندا آهن. اهي ٻئي ڌريون سمجهنديون آهن تہ مسئلا هڪ جاءِ تي بيٺل آهن ۽ منجهن ڪوبہ خارجي تعلق ڪونہ آهي. اهي مسئلن جي فقط هڪ هڪ پاسي کي ۽ داخلي طور ڏسندا آهن. تنهن ڪري اهي صحيح نتيجن تي پهچي ڪونہ سگهندا آهن يا اسان جي

سرگرمين جي سڌي واٽ جو هڪ غلط منصوبو تيار ڪندا آهن.

پارٽيءَ جو هر ڪارڪن مسئلن کي ڌار ڌار نقطئہ نظر سان ڏسندو آهي. تنهن ڪري انهن کي حل ڪرڻ جو بہ وٽن الڳ الڳ طريقو هوندو آهي. انهن جي نقطئہ نظر، خيالن ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد لاءِ نمايان فرق هوندو آهي. استحصالي طبقا ۽ انهن جا نظريا اهڙي اندروني ڇڪتاڻ اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيڪي انقلاب ۾ اهم ۽ نازڪ حيثيت اختيار ڪري وٺندا آهن يا جڏهن انقلابي جدوجهد وڌندي آهي تہ مشڪلاتون بہ وڌي وينديون آهن.

تنهن ڪري مشڪل معاملو اهو ڪونہ هوندو آهي تہ پارٽيءَ اندر مختلف خيال ۽ نقطئہ نظر ۽ ڌار ڌار خيال هوندا آهن ۽ اها هڪ فطري ڳالهہ آهي پر بنيادي مسئلو اهو هوندو آهي تہ اهڙن اختلافي نقطئہ نظر، خيالن ۽ تضادن کي ختم ڪهڙي طريقي سان ڪجي. ان سان گڏ هر قسم جي غير پورهيت سوچ ويچار کي پنجو ڪيئن ڏجي. حقيقت اها آهي تہ اهڙن تضادن، ويچن ۽ غلط سوچ فڪر کي فقط پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد وسيلي ختم ڪري سگهجي ٿو. اينگلس جو قول آهي تہ ڊگهي عرصي دوران تضادن کي الزامن هڻڻ سان ختم ڪري ڪونہ سگهبو آهي پر جدوجهد ڪري انهن کي پنجو ڏئي سگهبو آهي."

اسان جي پارٽيءَ اندر موجود ڪن اوڻاين، غلطين ۽ غلط ماحول کي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف ماڻهن جا ڌار ڌار رايا آهن. هڪ قسم جا ماڻهو پارٽيءَ اندر موجود اوڻاين، غلطين ۽ گندي ماحول ڏانهن تہ ڏسندا ئي ڪونہ آهن يا ڏسڻ ئي ڪونہ چاهيندا آهن ۽ اکيون ٻوٽي چوندا آهن تہ پارٽيءَ اندر اهڙي گندي بڇڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ آهي. تنهن ڪري سڀ ڪجهہ ٺيڪ سمجهي ماٺ ڪيو ويٺا هوندا آهن ۽ پارٽيءَ مان غلط ڳالهين کي لوڏي ڪيڏڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪندا آهن. ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن کي غلط ماحول کان سواءِ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي. پر اسان جي شاندار پارٽي جي اهڙي غلط ماحول کي ختم ڪرڻ جي وٽن اهليت ڪانہ هوندي آهي ۽ سمجهندا آهن تہ اهڙين غلطين جي اصلاح ممڪن ڪانہ آهي ۽ همت هاري وهندا آهن يا وري اهڙي گندي بگڙيل ماحول کي ڏسي ڊڄي ۽ واتڙا ٿي ويندا آهن. انهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن جو نقطئہ نظر هڪ طرفو ۽ غلط هوندو آهي. اسان جو نقطئہ نظر هنن کان مختلف آهي. هڪ پاسي اسان جو خيال هي هوندو آهي تہ اسان جي پارٽي سياسي ۽ پورهيت طبقي

سان واسطو رکي ٿي جيڪا چين ۾ سيني ڪان وڌيڪ ترقي پسند ۽ انقلابي آهي. ٻئي طرف اسان چٽيءَ ريت ڄاڻون ٿا ته پارٽيءَ اندر ڪي ڪوتاهيون، غلطيون موجود آهن ۽ ٿورو گهڻو گندي قسم جو ماحول به آهي. ان ڪانسواءِ اسان اهو به سمجهون ٿا ته پارٽي اندر اهڙيون ڪوتاهيون، غلطيون ۽ گندي قسم جو ماحول ڪهڙي طريقي سان پيدا ٿيو آهي. اها به ڄاڻ آهي ته ڪهڙي نموني هوريان هوريان اصلاح ڪري اهڙين ڏينهن ڳالهين کي پاڙئون پٽي سگهجي ٿو. اسان پنهنجي خود تربيت ڪرڻ ڪم کي بهتر نموني ڪرڻ ۽ پارٽيءَ جي ترقي ۽ انقلاب کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گهڻي وقت کان وٺي لڳاتار جاکوڙ ۾ لڳا پيا آهيون.

پر جيئن ته ماڻهو مختلف طبقن ۽ خيالن سان لاڳاپيل آهن. تنهن ڪري پارٽيءَ اندر گندي ماحول بابت سندن نقطئه نظر به مختلف آهي. هڪ رويو اهڙن ماڻهن جو آهي جن جو اسان سان ڪو واسطو ڪونه آهي. اهڙا ماڻهو دشمن ڏر سان واسطو رکن ٿا ۽ اسان جي پارٽي اندر هڪ ڪيڙي جيان لڪي اچي پهتا آهن. ٻيو رويو اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي پورهيت طبقي جي موقف کان واقف ڪونه آهن. تنهن ڪري اهڙن جي سوچ ئي غلط هوندي آهي. ٽيون رويو اهڙن پارٽي ڪارڪنن جو آهي جن جو مارڪسي- ليننی اصولن ۾ پڪو ويساهه آهي. اسان سان اڻ لاڳاپيل ماڻهن جو طبقو جنهن جو تعلق دشمن ڏر سان ۽ اسان جي پارٽيءَ ۾ هڪ ڪيڙي جيان سرڪي اچي شامل ٿيو آهي سو پارٽي ۾ موجود اوڻاين، غلطين ۽ گندي ماحول کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. اهڙا ماڻهو اسان جي پارٽيءَ کي تباهه ڪرڻ لاءِ هر ذريعي کي ڪتب آڻيندا آهن ۽ اهڙي غلط ماحول کي وڌائڻ جا جتن ڪندا آهن. ڪڏهن وري ڏيکاءَ خاطر پارٽيءَ مان اوڻاين ڪيڻ جون ڪوششون به ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪين پارٽيءَ جو هڏ ڏوکي سمجهيو وڃي. پر سندس لڪل چال اها هوندي آهي ته اهڙيون غلطيون ڪيون وڃن جيڪي اڳين غلطين جي مخالف هجن.

ٻئي قسم جي ماڻهن جو رويو هيٺينءَ ريت ورهائي سگهجي ٿو.

(1) ڪي پارٽي ميمبر غلط خيالن سان همدرديون رکندا ۽ انهن کي قبول ڪري وٺندا آهن يا پارٽيءَ ۾ موجود ماڻهن جي غلط مثال جي پوئلڳي ڪندا آهن. ائين ڪرڻ سان هو پنهنجي غلط خواهشن ۽ مقصدن کي پورو ڪندا آهن. پارٽيءَ ۾ موجود ڪن ڪوتاهين، غلطين ۽ گندي ماحول کي پنهنجي لاءِ ڄڻ سهوليت سمجهندا آهن. تنهن ڪري هو شعوري طور يا غير

شعوري طور اهڙين غلط ڳالهين کي اجا بہ وڌيڪ طاقت ڏيندا آهن تہ جيئن انهن مان کو ذاتي فائدو حاصل ڪري سگهن. هي رويو اهڙي قسم جي ماڻهن جو هوندو آهي جيڪي پارٽي اندر نمائش ڪري پنهنجو اصلي غرض حاصل ڪندا آهن يا بداخلاق هوندا آهن.

(2) پارٽيءَ جا ڪي ڪارڪن پارٽيءَ اندر موجود اوڻاين، غلطين ۽ گندي ماحول کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪونہ ڪندا آهن ۽ اهڙين بچڙاين کي وڌڻ ويجهڻ جي موڪل ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ صاف پاڻيءَ ڇاڇولي لڙيو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪنهن بہ بڇڙائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪونہ ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۽ خود تنقيد کان ڇرڪندا آهن. چوندا آهن تہ جيڪڏهن غلط ڳالهين ۽ غلط ماڻهن کي پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو تہ پارٽيءَ کي سخت نقصان پهچندو. اهي بي حس ٿي چڪا هوندا آهن يا هنن غلط ڳالهين کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن يا اهي ماڻهو پنهنجي خلاف قدم کڻندو ڏسي پارٽيءَ کي غلطين کان پاڪ ڪرڻ واري مهم ۾ مصلحت کان ڪم وٺندا آهن ۽ نيم دلانہ حصو وٺندا آهن. هي رويو اهڙن ڪميونسٽن جو هوندو آهي جيڪي پارٽي ڏانهن فرض شناسي کي اهميت ڪونہ ڏيندا آهن، آزاد خيال هوندا آهن ۽ پارٽي جي اهم معاملن ڏانهن کو توجھ ڪونہ ڏيندا آهن.

(3) ڪن پارٽي ڪارڪنن جو پارٽيءَ جي اوڻاين، غلطين ۽ انهن ڪامريڊن ڏانهن رويو نهايت سخت هوندو آهي جن جا خيال غلط هوندا آهن. اهڙا ڪارڪن انهن ڪامريڊن سان پنهنجا تعلقات هڪدم ختم ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪي پارٽيءَ ۾ اچي ڪي غلطيون ڪندا آهن. سندن ڪوشش اها هوندي آهي تہ اهڙن ڪامريڊن کي هڪدم پارٽي مان ڪڍي ڇڏجي. جيڪڏهن هو پنهنجي اهڙيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندا آهن يا ائين ڪرڻ ڪري ڪين پوئتي ڌڪي ڇڏيو ويندو آهي تہ اهڙين ڳالهين تان هٿ ئي کڻي ويندا آهن ۽ مايوس ٿي ويندا آهن يا وري ويڳاڻپ جو شڪار ٿي اڪيلا رهجي ويندا آهن ۽ فقط پاڻ اهڙن عيبن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪڏهن تہ پارٽي جي ڪمن کان ئي پري پيا گذاريندا آهن. ڪن ڪامريڊن جو انتها پسند رويو هوندو آهي جيڪو پارٽي جي اندروني جدوجهد ۽ خود تنقيد جو مڪينيڪل نظريو آهي. هن رويي وارا ماڻهو چوندا آهن تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد هرحالت ۾ شروع ٿيڻ گهرجي. پارٽي جي اهڙي صفائي جلد جلد ٿيڻ گهرجي ۽ سخت قسم جي

هئڻ گهرجي ته پارٽيءَ لاءِ وڌيڪ بهتر ٿيندو. هڪ معمولي شيءِ کي به اصول جو معاملو سڏيندا آهن ۽ تچ سما ڪوتاهي کي ايڏو وڏو ڪري پيش ڪندا آهن. جڻ اها سياسي موقع پرستي جهڙو وڏو ڏوهه هجي. اهڙا ماڻهو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي صحيح نموني سان هلائي ڪونه سگهندا آهن. جيڪو مقصدن جي ضرورتن ۽ ترقي جي قانون ۽ اصول مطابق هجي ان بدران مشيني شديد ۽ داخلي قسم جي جدوجهد ڪري مڙوئي مٿي تان بار لاهي ڇڏيندا آهن. جنهن جو ڪوبه نتيجو ڪونه نڪرندو آهي. هن قسم جو رويو اهڙن پارٽي ميمبرن جو هوندو آهي جن کي اها ڄاڻ ڪانه هوندي آهي ته پارٽي اندر موجود تضاد ڪهڙي ذريعي سان پارٽي اندر پيهتا آهن. ڪين اهو پتو ڪونه هوندو آهي ته پارٽيءَ اندر موجود اختلافن کي ڪهڙي طريقي سان ختم ڪري سگهجي ٿو. وٽن پارٽي جي اندروني جدوجهد جو فقط مشيني تصور آهي. جيڪو حقيقت کان گهڻو پري هوندو آهي. ٿوري وقت لاءِ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد واسطي ڪاٻي ڌر جي موقع پرست ماڻهن جو انتها پسند رويو هوندو آهي. هن قسم جي ماڻهن جي مشيني قسم جي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد واري ارادي تنظيمي نظم و ضبط کي تمام گهڻو سخت ڪري ڇڏيو هو جنهن کي هنن پارٽي جي مقصدن پوري ٿيڻ جو نالو ڏنو هو. هنن پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد به هن ارادي سان شروع ڪئي هئي ته جئين پارٽي جي انتظامي ضابطن کي غلط استعمال ڪري ڪن ڪامريڊن کي سزائون ڏئي سگهون. اهڙن ماڻهن ڪي اصول ۽ ضابطا اهڙا به ڪتب آندا جيڪي پارٽيءَ جي خارجي جدوجهد ۾ ڪم آڻي سگهبا آهن. ان قسم جي جدوجهد ۾ پارٽي جي انتظامي ضابطن وسيلي پارٽيءَ جي ڪم کي ترقي ڏياري اڳتي وڌائي رهيا هئا.

اسان کي اهو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪو پورهيت طبقي جي مفادن سان سلهاڙيل هجي ۽ جنهن جو لاڳاپيو مارڪسي ۽ ليننی نظريي سان هجي. مٿي بيان ڪيل غلط روين جي خلاف اسان هيٺ ڏنل روين کي بهتر سمجهون ٿا.

(1) سڀ کان پهريائين اهو سمجهڻ کپي ته پارٽيءَ ۾ مختلف خيال، تصور، نظريا ۽ فضائون هونديون آهن. هنن مان انهن شين کي جدا ڪري بيهارڻو آهي جيڪي پارٽيءَ ۽ انقلاب لاءِ ضروري آهن. جيڪڏهن بحث مباحثي ۾ بئي ڌريون غلط آهن ته انهيءَ مان صحيح قسم جي نقطئه نظر کي سمجهڻ گهرجي. ٿڌيءَ دل سان تجزيو ڪرڻ ۽ سوچڻ ويچارڻ گهرجي.

فيصلي ڪرڻ مهل رويو ۽ موقف صحيح هئڻ کپي. اکيون ٻوٽي ڪنهن جي ڪِڍ نہ لڳڻ گھرجي يعني لهر سان گڏ لڙهي وڃڻ غلط آهي.

(2) سٺي مثال مان فائدو حاصل ڪريو. پارٽيءَ ۾ موجود صحيح جذبي کي اڳتي وڌايو. هر قسم جي صحيح نقطئہ نظر جي پوريءَ طاقت سان تائيد ۽ مدد ڪريو. ڪنهن بہ خراب مثال جي ڪِڍ نہ لڳو. نہ وري ڪنهن غلط خيال کان متاثر ٿيو.

(3) آزاد خيالي وارو رويو نہ هئڻ کپي يا جيڪڏهن پارٽي جي تحريڪ ۾ خوف خطرو موجود آهي تہ ان جي آڏو جهڪي نہ پئجي يا ڏجي پنهنجي موقف کان هٽي نہ وڃجي. جيڪڏهن پارٽيءَ اندر اصولن جي خلاف ڪي خيال ۽ نقطئہ نظر يا گندو ماحول موجود آهي تہ بنا ڪنهن مصلحت جي انهن خلاف جدوجهد ڪجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اهڙين غلط ڳالهين مٿان هميشه لاءِ غالب هئڻ گھرجي ۽ هنن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي رکجي ڇاڪاڻ تہ اهي پارٽيءَ ۽ انقلاب لاءِ هاڃيڪار آهن.

(4) مشيني ۽ انتها پسند رويو ڪڏهن بہ نہ هئڻ کپي. پارٽيءَ ۾ موجود غلط ڳالهين خلاف غير مصلحت پسند تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ضروري آهي. اصولي ڳالهين تي نرم ۽ لچڪيدار ۽ صاف رويو رکڻو پوندو. مهم دوران صبر ۽ تحمل هٿن مان ناهي ڇڏڻو. جيڪڏهن جدوجهد ڏکي ٿي وڃي ٿي تہ اهڙن ڪامريڊن کي سيکارڻو پوندو مٿن تنقيد پڻ ڪئي ويندي، کين خود تربيت جو مشورو ڏيڻو پوندو. جن تحريڪ دوران ڪي غلطيون ڪيون آهن ۽ پارٽيءَ ۾ موجود غلط ڳالهين خلاف هلايل تحريڪ ۾ مصلحت کان ڪم نہ ٿا وٺن. تن تي ضابطو آڻڻو پوندو ڇو تہ پارٽي جي اندروني نظرياتي اصولي جدوجهدون نهايت ضروري آهي ۽ ٿوري ٿوري عرصي گذرڻ کانپوءِ وري بہ صحيح نموني سان شروع ٿيڻ گھرجي. پارٽي جي اهڙي مهم ۾ ڏوهي ۽ بي ڏوهيءَ ۾ فرق ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ اها مهم داخلي قسم Subjective ۽ مشيني نوعيت mechanical نہ هئڻ گھرجي. اهڙي مهم يا جدوجهد جي عادت نہ هئڻ گھرجي.

(5) پارٽي جي اتحاد ۽ تنظيم کي وڌيڪ سگھارو ڪيو وڃي ۽ اندروني جدوجهد دوران پارٽي جي عزت ۽ احترام کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو وڃي. پارٽيءَ جي ناقابل اصلاح ڪارڪنن لاءِ ڏنڊ مقرر ڪرڻ ضروري آهي. جن کي جرماني طور پارٽيءَ مان ڪڍي بہ سگھجي ٿو. ائين ڪرڻ کي پنهنجي اهم ذميواري سمجھڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ ان سان پارٽيءَ

جو اتحاد، نظريي جي پاڪيزگي ۽ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ۽ متحد رکي سگهجي ٿو.

اهو رويو پارٽيءَ ۾ موجود سٺن ڪميونسٽن جو آهي ۽ اهو ئي مارڪسي ليننيي رويو آهي.

دشمن اسان جي ڪوتاهين ۽ غلطين مان فائدو وٺي اسان جي پارٽي کي ڪمزور ڪرڻ جي ضرور ڪوشش ڪندو جيڪا اچرج جهڙي ڳالهه نه آهي. ان کان سواءِ اسان کي اکيون کولي هلڻو پوندو. اسان کي ڪوشش اها ڪرڻي پوندي ته جيئن دشمن کي اسان جي پارٽيءَ اندر موجود اوڻاين ۽ غلطين جو فائدو گهٽ ملي ۽ پارٽي جي هر وفادار ڪارڪن تي اهو فرض آهي. جيڪڏهن ڪو پارٽي ڪارڪن پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران اهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان نه ٿو ڏئي يا اهڙن خيالن جو اظهار ڪري ٿو يا پارٽي جي غلط ماڻهن جي مخالفت ڪرڻ بدران انهن سان شامل ٿي وڃي ٿو يا پارٽيءَ کان ٻاهرين طاقت کي پنهنجي مدد لاءِ ڪم آڻي ٿو ته اها سندس ناقابل معافي سياسي غلطي هوندي. تنهن ڪري هو انتظامي پيچيدگيءَ جو ناقابل معافي جرم ڪري ٿو.

پارٽيءَ جي ڪارڪن کي صحيح نظريي جو مجسمو هئڻ کپي. مٿن اهو لازم آهي ته پارٽيءَ اندر موجود سٺن مثالن جي نقش قدم مطابق هلڻ گهرجي. ڪين کپي ته غلط نظرين ۽ غلط مثالن جي مخالفت ڪن. پر حقيقت ۾ ٿيندو ائين آهي ته جيڪي ڪامريڊ پنهنجي نظريي مطابق صحيح هوندا آهن ۽ سٺن مثالن جي نقش قدم سان هلندا آهن سي وري ڪڏهن غلط نظريي جا حامي ٿي پوندا ۽ غلط مثالن جي پوئلڳي ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڪي ڪامريڊ غلط ڳالهيون جلديءَ ۾ سکي وٺندا آهن ۽ سٺين ڳالهين سکڻ ۾ ڪين دير لڳي ويندي آهي. اهڙي صورتحال ڏانهن اسان کي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. جڏهن پارٽيءَ ۾ غلط ڳالهيون ٿينديون آهن ۽ انهيءَ سان غلط قسم جي ماڻهن جي همت افزائي ٿيندي آهي يا شعوري يا غير شعوري طور اهڙا ماڻهو وڌيڪ شديد ٿيندا ويندا آهن. جڏهن پارٽيءَ اندر اوڻاين ۽ غلط ڳالهين خلاف جدوجهد شروع ٿيندي آهي ته اهڙا ماڻهو غلط پاسي جي پٺڀرائي ڪندا آهن يا ان ڊر سان وڃي لڪندا آهن جن وٽ غلط ۽ صحيح جو فرق ڪونه هوندو آهي ۽ سدائين مونجهاري جو شڪار هوندا آهن. هن قسم جا ڪامريڊ ان وقت تائين اڳتي نه وڌندا آهن جيستائين مٿن صحيح قسم جي تنقيد ۽ سخت قسم جي تربيت نه ڪئي ويندي آهي. جيڪي ڪامريڊ

آزاد خيال هوندا آهن ۽ پارٽي جي ڪوتاهين، غلطين ۽ غلط ماڻهن ڏانهن سندن رويو ڪامورا شاهي وارو هوندو آهي سي پڻ غلط ماڻهو هوندا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ اوهان هنن ڪان ائين واقف هجو جهڙيءَ ريت مارڪسي- ليننِي انسٽيٽيوٽ جا شاگرد واقف هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ پارٽيءَ ٺاهڻ واري جوڙجڪ ۾ پارٽيءَ اندر خود تنقيد ۽ جدوجهد جي تمام گهڻي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي. اهڙو مطالعو اوهان پاڻ بہ ڪري آيا آهيون تہ اهڙين ڳالهين تي ڇتيءَ ريت بحث بہ ڪيو ويو آهي. اوهان اهڙين ڳالهين جو وري وري مطالعو ڪريو. هن معاملي تي وڌيڪ ڪجهہ چئي بہ ڪونہ ٿو سگهان. پر هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ضرور ڏئي رهيو آهيان تہ اهڙا ڪامريڊ تمام ٿورا آهن جن جو آزاد خيالي پسندانہ رويو آهي. اسان وٽ پارٽي تنظيم جي اصولن مطابق ذميوار مخلص تنقيد ۽ خود تنقيد واري ڳالهہ اڪثر ڪري موجود ڪانہ هوندي آهي. جنهن وسيلي پارٽي جي ڪوتاهين، غلطين ۽ غلط ماحول جون پاڙون پٽي سگهجن. خاص ڳالهہ اها بہ آهي تہ هينيان ماڻهو بہ تنقيد ۽ خود تنقيد ڪري ڪونہ سگهندا آهن. انهن ٻنهي قسم جي ڳالهين جي همت افزائي هجڻ کپي. پر ٻئي پاسي تنقيد تہ تمام گهڻي ٿيندي آهي جيڪا غير ذميوارانہ ۽ اجائي هوندي آهي ۽ پارٽيءَ جي تنظيمي اصولن جي برخلاف هوندي آهي. گهڻو ڪري هر ماڻهو ٻئي جي پرپٺ ڳالهائيندو آهي يا ڪنهن شيءِ بابت ڳالهائيندو آهي، جيڪا هڪ اجائي بڪواس هوندي آهي. اهڙيون ٻئي ڳالهيون پارٽيءَ اندر آزاد خياليءَ جو اظهار هونديون آهن. هنن ڳالهين مان پتو پئجي ويندو آهي تہ ڪي ڪامريڊ سياسي طور نابالغ آهن ۽ انقلابي تحريڪ ناتي بهادر بہ ڪونہ آهن. هن صورتحال مان اهو اشارو ملي وڃي ٿو تہ پارٽيءَ ۾ اندروني طور جمهوريت ايڏي ترقي ۽ اوسر حاصل ڪري ڪانہ سگهي آهي. جيڪي ڪامريڊ ٻين تي تنقيد ڪرڻ جي جرئت انهيءَ لاءِ نہ ڪري سگهندا آهن جو ڊڄندا آهن تہ متان ڪو ٻيو ماڻهو مٿن تنقيد ڪري يا شڪايتون ڪري سندن عيب نہ اگهاڙي ڇڏي. تنهن ڪري اهڙا ماڻهو پارٽيءَ اندر موجود اوڻاين ۽ غلطين کي ائين جو ائين ڇڏي ڏيندا آهن يا چوندا آهن تہ گهڻي ڪاپاري ڪان جيترو بچجي اوترو سنو. پر ساڳيا ڪامريڊ ٻين ڪامريڊن تي پرپٺ ڇتي تنقيد ڪندا آهن. هن طرز عمل مان پارٽيءَ کي فائدي بدران ڏاڍو نقصان رسندو آهي. غير ذميوارانہ تنقيد ۽ پرپٺ وارو ڳالهائڻ پارٽيءَ جي اوڻاين ۽ غلطين کي ختم تہ ڪري ڪونہ ٿو سگهجي پر غير اصولي

مخالفت وڌي ويندي آهي ۽ پارٽي انتشار جو شڪار ٿي پوندي آهي. اسان جو موقف آهي تہ اوڻاين، غلطين ۽ غلط ماحول جي پاڙ پٽڻ واسطي پارٽي جي اندروني جدوجهد ۽ خود تنقيد نهايت ضروري آهي جيڪا ذميوارانہ آهي ۽ پارٽيءَ لاءِ اهم آهي ۽ اها ڳالهہ پارٽي تنظيمي اصولن مطابق آهي.

پارٽيءَ ۾ اوڻايون ۽ غلطيون ۽ ان سان گڏ غير پورهيت غلط نظريا بہ موجود آهن. جيڪي اڳتي هلي هڪ لاڙي جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿا. انهيءَ سان مختلف اصول بہ پيدا ٿي سگهن ٿا. جيڪي پارٽي جي ايڪي، ہڏي ۽ سرگرمين کي ڏاڍو هاڃو پهچائي سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان صحيح قسم جي تنقيد جا دروازا نہ کوليندا سون، پارٽيءَ اندر موجود اوڻاين، غلطين ۽ غلط ماحول نہ اگهاڙيندا سون، غلطين ۽ غلط نظرين جي اصلاح نہ ڪندا سون تہ پارٽي، پورهيت طبقي ۽ عوام کي پاڙهي سيکاري ڪونہ سگهندا سون نہ وري پارٽيءَ اندر موجود اختلافن کي ختم ڪري سگهندا سون. تنهن ڪري پارٽي جي اندروني جدوجهد نهايت ضروري آهي. اسان کي مصلحت پسندانہ رويي اختيار ڪرڻ ۽ وچولي رستي وٺڻ بدران پارٽي جي اندروني جدوجهد جاري رکڻ گهرجي.

پارٽيءَ جي اندروني جهدوجهد ۾ آزاد خياليءَ وارو رويو ہيءَ شڪل ۾ بہ موجود آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن پارٽيءَ اندر ڪنهن بحث مباحثي جي شروعات ٿيندي آهي تہ ڪي ڪامريڊ ہسارو ڪم ڪار ڇڏي ڪيترن ڏينهن بلڪ مهينن تائين اجائي بحث ۾ وچڙي ويندا آهن. ڪڏهن تہ اهڙي قسم جو بحث اڻ کٽ ٿي پوندو آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو پارٽيءَ جو ايڪو- ہڏي لُڏي ويندو آهي، پارٽي تنظيم ڪمزور، پارٽي جي عزت ۽ احترام کي ڇيهو رسندو آهي، اسان جون فوجي تنظيمون بہ اهڙي بحث دوران مختلف حصن ۾ ورهائجي وينديون آهن. اهڙي ڳالهہ پارٽيءَ جي هڪ تنظيم اندر بہ ٿي پيرا واقع ٿي چڪي آهي. اهڙي قسم جون ڳالهيون تنقيد ۽ خود تنقيد جي موضوع کان الڳ ڪونہ آهن، جنهن جي فائدي جو اسان مٿي بہ ذڪر ڪري آيا آهيون. اسان تنقيد ۽ خود تنقيد چاهيون ٿا. پر ان جو مقصد پارٽي جي عزت ۽ وقار کي ڇيهو رسائڻ نہ هجي. انهيءَ سان پارٽي جي تنظيم کي ڪو هاڃو نہ رسي نہ وري پارٽي جي اڳواڻيءَ کي ڪو نقصان پهچي. ان جي خلاف پارٽي جو احترام قائم ٿئي. سندس اصولن کي طاقتور ڪجي ۽ اڳواڻن کي وڌيڪ مضبوط بڻائجي.

تنهن ڪري پارٽي اندر موجود اوڻاين ۽ غلطين ڏانهن آزاد ۽ ڪامورا

شاهي وارو رويو اختيار ڪرڻ نهايت خراب آهي. پارٽي اندر موجود غلط ماحول سان جهيڙڻ ۽ موجود تضادن کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان تنقيد ۽ خود تنقيد واري اصول کي اڳتي وڌائڻو ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي جاري رکڻو پوندو. پارٽي کي مضبوط ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جو فقط اهو طريقو آهي. اهي ڪامريڊ به غلط آهن جيڪي پارٽيءَ ۾ اندروني جدوجهد ۾ سخت ۽ انتها پسند رويو رکندا آهن.

سخت ۽ انتها پسند رويي جو اثر به آزاد رويي جهڙو هوندو آهي. اهو ان ڪري ٿيندو آهي جو ڪامريڊ هن ڳالهه کي سمجهي ڪونه سگهندا آهن ته پارٽي اندر موجود غلط خيالن جون پاڙون سماج اندر پختيون آهن جن کي هڪ ڌڪ سان پٽڻ ممڪن ئي ڪونه هوندو آهي. گهڻا ڀيرا ائين به ڏٺو ويو آهي ته اسان جي ڪامريڊن ۾ ٿورا يا گهڻا اهي ساڳيا غلط خيال آهن جيڪي اسان کي سماج اندر ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ڪم ۾ اهڙيون غلطيون ڪري وجهندا آهن جن جو تعلق غير پورهيت نظرين سان هوندو آهي. ڪوبه ڪامريڊ اهڙين ڳالهين کان مڪمل طور آجو ڪونه آهي. جيڪڏهن ڪابه پارٽي انهن سيني ڪامريڊن کي پاڻ وٽ رکي يا سهي سگهندي آهي جن ۾ ٿورا گهڻا غير پورهيت نظريا هوندا آهن يا انهن کي غلطيون ڪيون هونديون ۽ انهن ڪامريڊن کي سڌاري به سگهجي ٿو ۽ انهن کي درجه به درجه پارٽي مان ٻاهر ڪڍي به سگهجي ٿو. پر ان کان پوءِ ڪامريڊن کي سيکارڻ ۽ پارٽي جي تنظيم کي مضبوط ڪرڻ واريون ڳالهيون ختم ٿي وينديون. جيڪڏهن پارٽي سخت قسم جي حڪمت عملي اختيار ڪندي ته اهڙين منفي سرگرمين ۾ مشغول ڪامريڊ پنهنجو پاڻ ئي نڪري هليا ويندا. خاص ڳالهه اها آهي ته ڪامريڊ هن حقيقت کي سمجهي ڪونه سگهندا آهن ته ڪميونزم جي فتح واسطي ساري انسان ذات کي ڪميونسٽ سماج جو بي لوث ڪارڪن بڻائڻو پوندو آهي. جيڪو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ماڻهن ۾ گهڻيون ڪمزوريون هونديون آهن. ڪين ڪميونسٽ بڻائڻ جي معنيٰ آهي جدوجهد واري ڊگهي عرصي دوران انهن کي تربيت ڏيڻ ۽ سيکاري انهن کي اعليٰ مهذب انسان بڻائڻ. جيڪڏهن ڪامريڊ هي ڳالهيون سمجهي سگهن ٿا ته پوءِ اهو به سمجهي ويندا ته اسان جي پارٽي سيکاري سنواري ماڻهن جي نئين جوڙجڪ وارو اهم ۽ ڏکيو فرض ادا ڪري رهي آهي. جيڪي پارٽي جا ڪارڪن ته آهن پر پورهيت نظريي کي صحيح نموني سان سمجهي ڪونه سگهيا آهن. اُهي پارٽيءَ ۽ پورهيت انقلاب لاءِ لاڀائتا ٿي ڪونه سگهندا آهن.

اها هڪ فطري ڳالهه آهي تہ پارٽي ڪارڪنن کي پڙهائڻ ۽ انهن جي نئين سر تشڪيل ڪرڻ مشڪل ڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڊگهي عرصي لاءِ نهايت صبر ۽ تحمل سان ڪم ڪرڻو پوندو آهي. پر جيڪڏهن اسان اهڙي ڏکئي ڪم کان ڇرڪون ٿا ۽ ان کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ پوءِ اسان اها هام ڪيئن هڻي سگهنداسون تہ اسان دنيا ۽ انسان ذات کي تبديل ڪري ڇڏينداسون؟ پر جيئن تہ اسان ائين ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪا آهيون، ساري دنيا ۽ انسانذات کي تبديل ڪرڻ واري وڏي ذميواري کان ڪونہ ٿا لهرايون تہ پوءِ دنيا ۾ هن کان وڌيڪ اهو ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي جنهن کي ڪرڻ کان ڊڄي ويا هجون؟ جن ڪامريڊن وٽ ڪميونزم جو بين الاقوامي نظريو موجود آهي سي تہ ڪنهن بہ خوف خطري کان ڪونہ ٿا ڊڄن. نہ وري ڪنهن مشڪلات جي ڳڻتي ڪن ٿا. هنن کي اها پڪ آهي تہ اڳتي وڌڻ وارو سلسلو ڪجهہ ور وڪڙن سان پريو پيو آهي. انتها پسند رويي وارا ڪميونسٽ هن حقيقت کي سمجهي ڪونہ سگهندا آهن تہ ڪميونزم کي حاصل ڪرڻ ڏکيو ۽ پيچيده آهي. اهڙا ماڻهو ڏکيائين کان ڊڄي ويندا آهن. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ سڌي رستي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هر مشڪلات کي هڪ ڌڪ سان ختم ڪري پنهنجي نظرين جي دنيا ۾ هڪ ٻڌو پتو ڏئي جلديءَ ۾ پهچڻ جي ڄاڪوڙ ڪندا آهن. انهيءَ نموني سان سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ معنيٰ پنهنجو مٿو جبل سان هڻڻ برابر هوندو آهي. گهٽي مارجڻ ڪنجڻ ڪانپوءِ اهي گهٽو ڪري مايوس ٿي ويندا آهن ۽ ڪميونزم جي مستقبل تان هٿ ئي کڻي ويندا آهن. اهڙي انتها پنسد سوچ ڪري ڪابيءَ ۽ ساڄيءَ ڌر ڏانهن پيا ڦرندا گهرندا آهن. جنهن مان سولائيءَ سان پتو پئجي ويندو آهي تہ هنن جو غير پورهيت نظريي سان واسطو آهي. اها افسوسناڪ ڳالهہ آهي تہ هي پارٽي جي اندروني اوڻاين ڏانهن غلط انتها پسند رويو آهي. جيڪو اڄ بہ ٿورو يا گهڻو ڪن ٿورن ڪامريڊن جي دل ۾ موجود آهي. اهڙو رويو پارٽيءَ ۽ ڪامريڊن لاءِ ڏاڍو هاڃيڪار هوندو آهي پر انهن ماڻهن لاءِ بہ نقصان ڪار هوندو جيڪي اهڙي انتها پسند فڪر جا حامي هوندا آهن.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد انهيءَ ڪري اهم ڪانہ هوندي آهي جو اسان داخلي طور ان جدوجهد يا جزوي بحث جا حامي ۽ عادي هوندا آهيون پر ڇاڪاڻ تہ پارٽيءَ جي ترقي ڪرڻ سان پارٽيءَ جا اندروني اصولي تضاد وڌي ويندا آهن. ساڳي ريت پورهيت جدوجهد ۾ اصولي اختلاف ۽ ٽڪراءُ

ظاهر ٿي پوندو آهي. اهڙن تضادن کي متعين ۽ مقرر اصولن واسطي جدوجهد، متعين مقصدن جي تحريڪ ۽ تحريڪ شروع ڪرڻ جي متعين طريقي ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو. هتي ڪنهن بہ قسم جي مصلحت کان ڪم وٺڻ بيڪار آهي. هن جو مطلب اهو ٿيندو تہ جڏهن ڪنهن اصول تي اختلاف گهڻو وڌي وڃي تہ ان کي جدوجهد وسيلي ختم ڪري سگهجي ٿو. اُن وقت اسان کي اهڙي اختلاف کي ختم ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي ابتدا ڪرڻ گهرجي. هن جو مطلب اهو ڪونہ آهي تہ ننڍڙين ننڍڙين شين کي وٺي گوڙ گهمسان مچائڻ گهرجي ۽ اسان سخت انتها پسند ٿي وڃون ۽ انهن شين کي تلوار سان ڪٽيون جيڪي ڇيت سان ڇڇڻ واريون آهن. ڪوبہ ماڻهو پارٽيءَ ۾ موجود اختلاف ڪندڙ ڏرين سان موجود حڪمت عملي جي خالص عملي قسم جي سوال تي متفق بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ڪيس ائين ڪرڻ بہ گهرجي.

جڏهن پارٽيءَ ۾ موقع پرستي جي خيالن ۽ اصولن تي اختلاف راءِ شروع ٿئي تہ اسان کي پارٽي اندر جدوجهد جي شروعات ڪرڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهڙن غلط خيالن ۽ غلط اصولن کي ختم ڪري سگهجي. هن جو اهو هرگز مطلب ڪونہ آهي تہ جڏهن ڪنهن اصول تي اختلاف راءِ نہ هجي ۽ پارٽيءَ ۾ موقع پرست خيال نہ هجن تہ اسان کي اصولن تي وڏي اختلاف راءِ پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪامريڊن وچ ۾ ڪنهن عملي نوعيت جي مسئلي ۽ نقطہ نظر تي تضاد پيدا ڪجن.

ڪامريڊ مائوزي تنگ جو چوڻ آهي تہ پارٽي کي هڪ پاسي غلط قسم جي سوچ کي ختم ڪرڻ واري جدوجهد جي شروعات ڪرڻ کپي تہ ٻئي طرف انهن ڪامريڊن کي سڌرڻ لاءِ مهلت ڏجي جن کان پارٽيءَ اندر ڪي غلطيون ٿيون آهن. پارٽي جي اندروني انتها پسند جدوجهد مناسب ڪانہ آهي.“

انهن ڪامريڊن مٿان ڇتي تنقيد ڪرڻ ۽ تنظيمي تاديبي اصول نافذ ڪرڻ نهايت ضروري آهن جيڪي موقع پرستي جون يا ٻيون غلطيون ڪندا آهن جن جو واسطو اصول سان هوندو آهي. اهي پارٽي جي تنقيد ۽ سڌري وڃڻ واري صلاح مشوري جي پرواهہ ڪانہ ڪندا آهن ۽ هوڏ ڪري پنهنجي مخالفت ۽ مزاحمت ڪندا آهن ۽ پنهنجن روين ۾ منافقيون ڪندا آهن. پر جيڪي ڪامريڊ صلاح مشوري کانپوءِ غلطيون ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ پنهنجي اصلاح ڪرڻ تي آماده ٿي ويندا آهن يا سنجيده قسم جي ٿوري بحث، تنقيد ۽ صلاح مشوري کان پوءِ پنهنجي اڳئين نقطہ نظر

ڪي ڇڏي ڏيندا آهن يا ٿڌي دماغ سان پنهنجي غلطين تي سوچيندا آهن يا سنجيدگيءَ سان ٻين ڪامريڊن سان اهڙو بحث به ڪندا آهن ته اسان ڪي اهڙين ڳالهين جي آجيان ڪرڻ گهرجي ۽ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي مٿن تنظيمي ڏنڊ نه رکڻ گهرجي. تنقيد ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران اسان کي انتها پسند نه هجڻ گهرجي يا اهو سوچڻ نه کپي ته جيترن گهڻن ڪامريڊن کي تنظيمي سزا ملندي اوترو بهتر ٿيندو. اسان جو مکيه مقصد اهو هجڻ کپي ته غلطي ڪندڙ ڪامريڊن کي پنهنجي اصلاح ڪرڻ لاءِ اهڙي سکيا ڏيون جنهن جو سنو اثر ٿئي. اهڙيءَ ريت پارٽيءَ جي سيني ڪارڪنن کي ساڳي تربيت ڏئي پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ڪريون.

معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته ڪاٻيءَ ڌر سان واسطو رکندڙ ڪي موقع پرست ڪامريڊ بلڪل غلط آهن. جيڪي پارٽي جي اندروني جدوجهد جا بلڪل مخالف آهن. هنن سودائي قسم جي ماڻهن جي سوچ هي آهي ته پارٽيءَ اندر موجود امن امان ۽ سڪون نه سهڻ جوڳي شيءِ آهي. پوءِ پلي اهڙو امن امان پارٽي جي اتفاق راءِ سان قائم ڇو نه ٿيو هجي يا پارٽي جي منشور مطابق هجي. جيڪڏهن پارٽيءَ اندر اختلاف راءِ موجود نه هوندو ته سندن نند ڦٽل هوندي آهي ۽ هن جاڪوڙ ۾ لڳا پيا هوندا آهن ته پارٽيءَ اندر چندا پٽ ۽ گوڙ گهمسان ضرور هجي. پوءِ پنهنجي موقع پرست ڪامريڊن کي ان جدوجهد ۾ شريڪ ڪرائي ڇڏيندا ۽ هڪ اولڙ Straw men به بڻائي ڇڏيندا آهن. پر تنقيد جو اصل نشانو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد هوندي آهي. سندن خيال هوندو آهي ته پارٽيءَ جي غلط اندروني جدوجهد ۽ اولڙ يا پتيل بڻائڻ واري حڪمت عملي جادوئي اثر آهي جيڪا پارٽيءَ جي ترقيءَ ۽ اوسر واسطي ۽ پورهيت انقلابي جدوجهد ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. سندن اها به سوچ هوندي آهي ته ڳالهه ڪٿي نه به هجي پر اختلاف ۽ تضاد ضرور پيدا ڪجي ۽ هو اهو سمجهندا آهن ته صحيح "بالشويڪ" اصول هي آهي ته پارٽي جي اندروني جدوجهد پوءِ ڪٿي اها جڙتو ئي ڇو نه هجي پر هجي ضرور. پر هن قسم جي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد نه سنجيده هوندي آهي نه صحيح ۽ سچي. اها پارٽيءَ تي ڇٽر ۽ ٺٺول هوندي آهي. انهيءَ قسم جو طرز عمل پارٽي جي اندروني صحيح قسم جي جدوجهد کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ جي ڪوشش هوندي آهي. جيڪا سنجيده معاملي کي ڪل جهڙي راند جي صورت ڏئي ڇڏيندي آهي. هن قسم جي سرگرميءَ ۾ حصو وٺندڙ ماڻهو ڪڏهن سچا بالشويڪ ٿي ڪونه ٿا سگهن.

هي اهڙي قسم جا ماڻهو آهن جن جو سڌرڻ محال هوندو آهي. جيڪي بالشويزم جي نالي کي پنهنجي بي اصولي واري ڏنڊي کي چمڪائڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. اسان اهڙن اصولن کي اختيار ڪرڻ لاءِ بحث ڪري رهيا آهيون، جيڪي پارٽيءَ اندر موجود اوڻايون، غلطين ۽ غلط ماحول کي ختم ڪري سگهن. اهو مقصد فقط تڏهن حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسان پارٽي اندر يا ٻاهر موجود خرابين خلاف جدوجهد شروع ڪنداسون. انهيءَ وسيلي اسان دنيا ۽ انسان ذات کي تبديل ڪري سگهنداسون پر ساڳئي ريت اسان پارٽيءَ جي تڪميل ڪري سگهنداسون ۽ پاڻ ۾ ب تبديلي آڻي هڪ نئين شڪل صورت اختيار ڪنداسون. پارٽي جي اندروني جدوجهد پارٽيءَ اندر سماجي تضادن جو اهڙو عڪس آهي، جيڪو سماج جي مختلف طبقن ۾ هوندو آهي ۽ اهو تضاد قدامت ۽ جدت وچ ۾ موجود فرق جي پڻ عڪاسي ڪري ٿو. پارٽي، پارٽيءَ کان ٻاهر ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ پنهنجي خود تربيت ۽ترقي ڪندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي طاقتور بڻائيندي آهي يعني عوامي انقلاب جي جدوجهد ۾. ساڳئي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران اها پڻ وڌيڪ متحد ۽ مضبوط ٿي ويندي. تنهن ڪري عوامي انقلابي جدوجهد واسطي هڪ منظم، صحيح ۽ موثر اڳواڻي ڏيڻ جي لائق بڻجي پوندي. جيڪڏهن اسان پارٽي ۾ موجود اوڻاين، غلطين ۽ غلط ماحول لاءِ پنهنجي آزاد خيالي وارو رويو رکيو. اصولن تي اختلاف راءِ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پارٽي جي تضادن ڏانهن ڪوب ڌيان نه ڏنو. پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کان لنوايوسون ۽ هر شيءِ کي گڏي سڏي وچڙايوسون ته اهو بلڪل غلط ٿيندو. دشمن انهيءَ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو. ان کان سواءِ اها ڳالهه طبقاتي جدوجهد جي ترقيءَ ۽ اوسر جي خلاف آهي. ان سان گڏ دنيا ۽ انسان ذات کي تبديل ڪرڻ واري اسان جي نقطئہ نظر سان پيٺ ڪون آهي. ساڳيءَ ريت اهو غلط ٿيندو جو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي پارٽيءَ جي ٻاهرئين طبقاتي ۽ عوامي جدوجهد کان ڇني ڌار ڪري ڇڏجي. اهڙيءَ ريت پارٽي جي اندروني جدوجهد جي حيثيت هڪ زباني ڳالهہ کان وڌيڪ ڪانہ رهندي. حقيقت اها آهي ته پارٽي عوامي انقلابي جدوجهد کان الڳ رهي پنهنجي خود ترتيب ۽ ترقي ڪري ڪانہ سگهندي نہ وري مضبوط ٿي سگهندي. جيڪڏهن اسان انتهاپسند ٿي ويندا سون ۽ انهن ڪامريڊن خلاف سخت رويو قائم ڪنداسون جن ۾ ڪي اوڻايون آهن يا جن کان ڪي غلطيون ٿي ويون آهن

۽ اهي پاڻ کي سڌاري به سگهن ٿا يا اسان هنن ۽ دشمنن ۾ موجود فرق کي سمجهڻ ۾ ناڪام وياسون يا پارٽي جي اندروني جدوجهد کي هنن خلاف سخت طريقي سان استعمال ڪيوسون يا اهڙي جدوجهد کي هٽ ناٺ واري طريقي سان ڪتب آندوسون ته اها جدوجهد به متئين نموني جيان غلط هوندي ۽ پارٽيءَ جي ترقي ۽ اوسر جي بلڪل خلاف هوندي. اسان کي اهڙن ڪامريڊن کان لاڳاپا ڇنڻ نه گهرجن جن غلطيون ڪيون آهن پر پوءِ به پارٽيءَ سان بلڪل وفادار آهن. ان بدران هنن سان همدردي جو اظهار ڪرڻ گهرجي. ڪين چڱا صلاح مشورا ڏيڻ کپن. ڪين سيڪاريو ۽ سڌاريو وڃي. سندن مدد ۽ تربيت ڪئي وڃي ته جيئن هو جدوجهد دوران سڌري ۽ سنا ڪارڪن بڻجي وڃن. اسان جو فرض آهي ته ڪين نه دابيون ۽ نه دڙڪاٽيون. پر جيڪڏهن هو غلطين کان پاسو نه ٿا ڪن ۽ پاڻ سڌارڻ کان زور تي ويا آهن ته پوءِ جِهڻڪي ۽ لوڀي به سگهجي ٿو ته پارٽي مان ڪڍي به سگهجي ٿو.

جيڪڏهن پارٽيءَ ۾ ڪي ٿوريون ۽ معمولي قسم جون اوڻايون آهن ته اسان کي پڪ آهي ته اهڙين ڪوتاهين کي پورهيت طبقي جي جدوجهد ۽ عوامي انقلابي تحريڪ جي اڳتي وڌڻ سان بلڪل ختم ڪري سگهجي ٿو. چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي ٻن ڏهاڪن واري تاريخي هلچل ۽ شاندار پيش قدمي ۽ دنيا جي پورهيت طبقي جي تحريڪن جي اوسر اسان کي وڏيڪ پراعتماد بنائي ڇڏيو آهي.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد، انقلابي جدوجهد جي ”ڪل“ جو اهڙو ”جز“ آهي جنهن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ئي ڪونه ٿو سگهجي. تنهن ڪري اسان جي ڪامريڊن کي پارٽيءَ جي ٻاهرينءَ جدوجهد ۽ پارٽي جي اندروني جدوجهد جي ٻن محاذن جي ضرورتن مطابق پنهنجي خود اصلاح ۽ خود تربيت ڪرڻ گهرجي. پارٽي جا گهڻا ڪامريڊ پارٽي جي اندروني جدوجهد کي تمام سني ڳالهه ڪري سمجهندا آهن ۽ پنهنجي خود اصلاح ۽ خود تربيت کي اڻ پورو سمجهندا آهن. اها ڳالهه نه رڳو ڪن ڪامريڊن طرفان شروع ڪيل غير اصولي جدوجهد ۾ ظاهر ٿي آهي پر انهيءَ ڳالهه مان به واضح آهي ته ڪي ڪامريڊ پاڻ تي تنقيد سهي ڪونه سگهيا هئا. انهن ڪامريڊن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به شامل هئا جن ڏکي تاريخي هٿياربند جدوجهد ۾ پڻ حصو ورتو هو. اهڙا ڪامريڊ جڏهن انقلاب دشمن طاقت سان وڙهندا آهن ته ڏاڍي بهادري جو مظاهرو ڪندا آهن. دشمن جي وڏيءَ طاقت کي ڏسي ڏڄي ڪونه ويندا آهن نه شڪايتون زبان تي آڻيندا آهن نه وري

سنڌن منهن تي مايوسي نظر ايندي آهي. حالتون بہ بي انتها خراب هونديون آهن. دشمن بہ کين ڏاڍو هاڃو رسائيندو آهي. جدوجهد بہ نهايت سخت هوندي آهي. جتي ڪٿي مڙسيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن پر اُهي ساڳيا ماڻهو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران تنقيد سهي ڪونہ سگهندا آهن. ڪي ماڻهو جڏهن غلط فهميءَ وچان مٿن الزام هڻندا آهن تہ اهي آپي مان نڪري ويندا آهن ۽ پنهنجي خلاف هڪ غلط لفظ بہ برداشت ڪري ڪونہ سگهندا آهن. کين شڪ هوندو آهي تہ ڪي ماڻهو اشارن ڪناين ۾ مٿن ڪي الزام هڻي رهيا آهن. تنهن ڪري هو شڪايتون ڪندا آهن ۽ مايوس بہ ٿي ويندا آهن. اسان کي گهرجي تہ اهڙين ڳالهين ڏانهن پڻ ڌيان ڏيون.

اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ اهڙا ڪامريڊ مجموعي طور تي سٺا هوندا آهن. چاڪاڻ تہ اهڙا ماڻهو انقلاب دشمن طاقت سان وڏي ويڙهاند ڪندا آهن ۽ پنهنجي پارٽيءَ جو پيار ڪندڙ ماڻ جيترو ادب ۽ احترام ڪندا آهن. انقلاب دشمن سان وڙهڻ مهل سنڌن همت افزائي ڪرڻ گهرجي. کين وڌ کان وڌ مضبوط ڪجي، سنڌن لاڏ ڪوڏ سهڻ کپن. جڏهن هو موتي اچن ۽ پنهنجن سان ملن تہ کين غلط نہ سمجهيو وڃي نہ وري مٿن حملا ڪيا وڃن. هو پنهنجي لاءِ عزت ۽ احترام جي توقع رکندا آهن جيڪا هڪ فطري ڳالهہ آهي. پر هو هڪ نقطي کي سمجهڻ ۾ ناڪام ويا آهن تہ پارٽيءَ اندر ڪيئي اوڻايون آهن ۽ پارٽي ۾ اندروني جدوجهد بہ ڪئي ويندي آهي ۽ هر ڪامريڊ مٿان اهو فرض آهي تہ پارٽيءَ جي ان اندروني جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي. اسان جي پارٽي اوڻاين ۽ غلطين تي تنقيد انهيءَ مقصد سان نہ ڪندي آهي تہ ڪارروائي دوران ان کي بي حس ۽ رکو هئڻ کپي. پر انهيءَ لاءِ ڪندي آهي تہ انقلابي جدوجهد دوران اهڙين ڳالهين کان بچي ڪونہ ٿو سگهجي. ڪامريڊن لاءِ اهو ضروري آهي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران ٿيل اصولي تنقيد کي برداشت ڪن. چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ هنن، ٻين ڪامريڊن ۽ خود پارٽيءَ لاءِ پڻ بهتر آهي. ٻئي طرف اها اهڙي شيءِ آهي جنهن کان لنوائي بہ ڪونہ ٿو سگهجي. چاڪاڻ تہ ڪامريڊن تي ڪڏهن بي اصولي ۽ بيجا تنقيد پڻ ڪئي ويندي آهي يا اهڙن معاملن بابت الزام هنيا ويندا آهن جن جو حقيقت سان ڪو واسطو ئي ڪونہ هوندو آهي ۽ ڪڏهن هنن بابت نهايت غلط قسم جا اندازا قائم ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن هو تنقيدن جي مرحلن مان نہ گذرندا تہ جڏهن مٿن تنقيد ڪئي ويندي تہ کين جهٽڪو ۽ صدمو محسوس ٿيندو ۽ ڏاڍا پريشان ۽ مايوس ٿي ويندا.

هن باري ۾ منهنجو نقطئہ نظر هي آهي تہ پارٽي جي هر ڪارڪن کي ڪامريڊن سان متحد رهڻ گهرجي. ڪين مخلص ۽ دل جو ڪليو هئڻ بہ جڳائي ٿو. هنن کي گهرجي تہ ڪنهن تي چٽر ۽ ٺٺول ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ ڪنهن ڪامريڊ تي اهڙي بي اصولي تنقيد نہ ڪن، جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ئي نہ هجي يا ڪنهن ڪامريڊ جي پرپٺ گلا نہ ڪن. جيڪڏهن ڪامريڊ جي غلطين ڏانهن مناسب رويو هوندو ۽ جيڪڏهن ڪيس نيڪ نيتي ۽ صاف دلي سان ڪيس تنبيهہ ڪبي تہ اها صحيح ڳالهہ آهي. تنقيد بہ سندس منهن تي ڪئي وڃي. اهڙيءَ ريت جو سندس روح کي رنج نہ پهچي ۽ مدد ڪرڻ جي نقطئہ نظر کان ڪئي وڃي. اسان سڀ پر خاص ڪري اهي ڪامريڊ جيڪي پارٽيءَ اندر اهم عهدن تي آهن هن قسم جي ڳالهين ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏين.

ٻئي طرف منهنجو هي نقطئہ نظر بہ آهي تہ ڪامريڊن کي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد لاءِ هميشه ذهني طور تيار رهڻ گهرجي. انهن کي کپي تہ هر اصولي تنقيد کي قبول ڪن. ڪين غلط فهمين سهڻ جيترو ثانءُ هجي يا بيجا حملي، غلط روش ۽ بي انصافيءَ جي هر ڳالهہ هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏڻ کپي. انهن کي گهرجي تہ هو غير اصولي ۽ بغير جواز تنقيد يا افواه تي پريشان نہ ٿين ۽ نہ ڪاوڙجن يعني اهڙي قسم جي تنقيدن کان سواءِ جيڪي صحيح طريقي سان ڪيون وينديون آهن يا اهڙيون تنقيدون جيڪي پارٽي تنظيم ڪندي آهي. اُن ڪامريڊ کي گهرجي تہ هو اهڙي معاملي کي واضح ڪري جنهن باري ۾ مٿس تنقيد ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن ضروري سمجهي تہ ان کي وضاحت سان سمجهائي. پر جيڪڏهن سمجهي تہ اهڙين سمجهاڻين ۽ وضاحتن مان ڪو فائدو ڪونہ آهي. پر جيڪڏهن سندس خيال فڪر ۽ عمل ۾ ڪابہ غلطي ڪانہ آهي تہ ماڻهن کي اجازت ڏئي ڇڏي تہ جيڪي وڻين سو پيا چون. اسان کي هتي هڪ چيني پهاڪو ياد رکڻ گهرجي تہ "جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻئي جي پرپٺ گلا نہ ڪندو تہ هن جي پرپٺ بہ ڪير هن جي گلا ڪونہ ڪندو" يا "چوهي جو ٻج ٻپ نہ ڪريو پر پنهنجي پيڙيءَ کي شڪ جهليو بينا هجو." دنيا ۾ اهڙو ڪو ماڻهو ڪونہ آهي جنهن بابت ڪنهن کي غلط فهميون نہ هجن پر غلط فهميون ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور صاف ٿي وينديون آهن. اسان کي گهرجي تہ غلط فهميون برداشت ڪري وڃون ۽ هن کان بہ خبردار رهڻ کپي تہ ڪنهن جدوجهد ۾ ڪاهي نہ پئون. ساڳئي وقت اسان کي پنهنجي خيالن

تي ضابطو ۽ سرگرمين تي پڻ ڳري نظر رکڻ گهرجي. يعني اسان اهڙا اٽانگا اکر نہ ڳالهايون جو ڪامريڊ کي ڪو ڏک پهچي ۽ نہ وري اسان ٻين کان نہ شهائيندڙ ٻول ٻڌون.

اسان پارٽيءَ اندر بي اصولن اختلافن جي سخت خلاف آهيون ڇاڪاڻ تہ انهن جو ڪنهن اصولي ضابطي سان ڪو واسطو ڪونہ آهي تنهن ڪري اُهي بيڪار ۽ پارٽيءَ لاءِ هاڃيڪار آهن ۽ اهڙن اختلافن جو ڪوبہ سنو نتيجو ڪونہ نڪرندو آهي. تنهن ڪري اهڙن غير اصولي اختلافن ۾ اهڙو ڪو اهم نڪتو ڪونہ هوندو آهي. جنهن لاءِ فيصلو ڏجي تہ کهڙي ڌر صحيح ۽ کهڙي ڌر غلط آهي. اهو بہ فيصلو ڏئي ڪونہ سگهبو آهي تہ ڪير سنو ۽ ڪير آئنويا خراب آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ ممڪن ئي ڪونہ هوندو آهي. اسان لاءِ اهم ڳالهہ اها ٿيندي تہ انهيءَ قسم جي ڳالهين جي مخالفت ڪريون ۽ اهڙن اختلافن ۾ دلچسپي رکندڙ ڪامريڊن کي چئي ڏيون تہ بنا ڪنهن شرط جي انهن اختلافن کي ختم ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي پارٽي جي اصولن ۽ ضابطن تي قائم رهن. اسان کي غير اصولي اختلاف ۽ تحريڪن لاءِ حڪمت عملي اها ئي تيار ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪي غير اصولي اختلاف پيدا ٿي پون ٿا ۽ بااصول جدوجهد سان گڏ مِسُ ٿي ويا آهن ۽ ان کي متاثر ڪري رهيا آهن تہ پوءِ ان حالت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان حالت ۾ پڻ ڇا ڪرڻ گهرجي جو اهڙا بي اصول اختلاف اسان جي ڳچيءَ ۾ اچي اوچتو پون ۽ اسان بہ انهن ۾ ڦاسي ٿا وڃون؟ هن قسم جي حالتن ۾ اسان کي ڪرڻو هي آهي تہ اسان وڌيڪ زور اصول تي ڏيون ۽ اهڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏيون جن جو اصول سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. اسان جو سارو بنياد حڪمت عملي جي هتي ڏنل خاڪي مطابق هجي. اسان کي گهرجي تہ بي اصولي اختلاف بابت سخت رويو رکون ۽ شروع کان وٺي آخر تائين اسان جو موقف اصولن جو پابند هئڻ گهرجي ۽ ڪڏهن بہ بي اصولي اختلافن ۾ وچڙجي نہ پئون. جڏهن ڪو ماڻهو اوهان کي ڏکائيندو آهي تہ اوهان پلاند طور ڪيس ڏکائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اوهان جي هميشه اها ڪوشش هئڻ کپي تہ سچ جو پاسو وٺو ۽ غلط جي مخالفت ڪريو. ڪيترن ڪامريڊن کي ائين ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو خود تربيت ۽ خود اصلاح کي وڏي اهميت حاصل آهي.

آئون هيٺ بحث ڪيل نقطن جو اختصار پيش ڪري رهيو آهيان.

ڪميونسٽ پارٽي جي ڪارڪنن جي نظرياتي خود اصلاح جي معنيٰ آهي پنهنجي تربيت ڪري پارٽيءَ جو جان نثار ۽ اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪرڻ وارو رڪن ٿيڻ. جيڪو لڳاتار اڳتي وڌندو رهي ۽ ٻين لاءِ هڪ مثال هجي. ان لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. تنهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

(1) اسان وٽ بين الاقوامي نقطئہ نظر هئڻ گهرجي، مارڪسي- ليننِي نظريي موجب پورهيت طبقي وارو موقف هجي ۽ هر انقلابي جدوجهد ۾ حصو وٺڻ گهرجي.

(2) پنهنجي سوچ فڪر ۽ هلت چلت کي آزمائڻ ۽ جاچڻ پرکڻ گهرجي، پنهنجي غلط خيالن جي اصلاح ڪجي، ڪميونزم جي بين الاقوامي نقطئہ نظر موجب مسئلن ۽ ڪامريڊن کي جاچڻ ڏسجي. ان سان گڏ پارٽي ۽ پورهيت طبقي جي موقف کي چڱيءَ ريت سمجهجي.

(3) پارٽيءَ ۾ موجود غلط خيالن خلاف جدوجهد ۾ مناسب طريقا ڪتب آڻجن ۽ معقول رويا رکجن. پر خاص ڪري غلط قسم جي نظرين خلاف جيڪي موجوده انقلابي جدوجهد کي متاثر ڪري رهيا آهن.

(4) پنهنجي سوچڻ، ڳالهائڻ ۽ سرگرمين تي ضابطو رکڻ، خاص ڪري سياسي خيالن، بيانن ۽ سرگرمين کي نظر ۾ رکي سخت قسم جو موقف رکڻ ۽ صحيح خيالن سان ڇهتي ۽ چنبڙي پوڻ، جن جو تعلق موجوده انقلابي جدوجهد سان آهي. ان ڪانسواءِ معمولي شين بابت پڻ خبردار رهڻ گهرجي. (جن جو تعلق شخصي زندگي ۽ روين سان هوندو آهي) اصولي معاملن ۽ سياسي طور اهم مسئلن کان سواءِ معمولي قسم جي معاملن تي ڪامريڊن سان سختي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ننڍڙين شين لاءِ ڪانئن شديد قسم جي جواب طلبي نہ ڪجي.

منهنجي نقطئہ نظر موجب مٿي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي بنيادي طور اسان ڪميونسٽ پارٽي جي ڪارڪنن لاءِ نظرياتي خود اصلاح چوندا آهيون.

قدامت پسندن جي سخت حملن کي اٽل ارادن سان تباهه ڪري ڇڏجي

مئي 1940ع

(1) موجوده دور ۾ اتر جيانگسو اندر پارٽي تنظيم جو عام ڪم اهو آهي تہ اها نيو فورٿ آرمي New Fourth Army سان گڏجي اتي سرگرمين جي شروعات ڪري ۽ اهڙي ڪم جي اڳواٽي پنهنجي هٿ ۾ رکي ۽ نظرياتي تنظيمن ۽ فوجي طور تي پاڻ کي جلديءَ ۾ تيار ڪري وٺي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اسان جي پارٽي تنظيم طرفان هلايل ڪم جي مخالفت کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ۽ ان سان گڏ اسان جي فوج جي ڇوڏاري چڙهيل جپاني، انهن جي چيني چاڙتن ۽ قدامت پرستن جي فوج کي بہ شڪست ڏئي سگهجي، جپان دشمن حڪومت، پنهنجي مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ ڪن ايراضين جي چونڊ ڪري سگهجي. انهن سڀني ڳالهين جو مقصد اهو آهي تہ جانگسو Jangsu وارين ايراضين ۾ ۽ جپاني فوج جي پٺئين پاسي هڪ دفاعي پٽي قائم ڪجي. پارٽي تنظيم ۽ نيو فورٿ آرمي کي بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي پنهنجي اٽل ارادن سان اهو ڪم مڪمل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ ان جي معنيٰ ٿيندي جڻ اوهان ساري صورتحال کي تباهہ ٿيڻ کان بچائي ورتو ۽ ساري مالڪ اندر هڪ سٺي تبديلي آڻي ورتي.

(2) فوج ۽ مقامي ايراضين اندر پارٽي تنظيم کي ننهن چوٽيءَ جا زور لائڻ کپن تہ اتر جيانگسو ۾ نيو فورٿ آرمي جيڏانهن ڪيڏانهن پکڙجي وڃي. منجهس ڏهہ هزار رائفل بردار فوجي هئڻ کپن ۽ اها فقط ٽن مهينن اندر (يعني سيپٽمبر کان اڳ) مضبوط ڪئي وڃي. جيستائين قدامت پرست هيڏي هوڏي پکڙجي اسان مٿان حملو ڪن تنهن کان اڳ اوهان هرجاءِ تي عوام کي متحد ڪري وٺو ۽ انهن کي فوج ۾ پرتي ڪريو. جتي اوهان کي مناسب لڳي تہ نيو فورٿ آرميءَ منجهان گوريلا ويڙهہ لاءِ ماڻهو تيار ڪريو. گوريلا ويڙهہ جا اهي جٿا اتان جي مقامي پارٽي تنظيم جي ڪارڪنن جي نگراني هيٺ پنهنجون ڪارروايون ڪندا. پر انهن جٿن جي اڳواٽي ڪن شرپسند ماڻهن ۽ فوجي غنڊن جي حوالي نہ ڪئي وڃي. پارٽيءَ جي زير

زمين تنظيم کي رجعت پسندن طرفان ڪڙيون ڪيل روڪن رنڊڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪم لاءِ پارٽي جي ڪارڪنن ۽ فوج اندر موجود غير فوجي ماڻهن کي مقرر ڪيو وڃي. جيڪڏهن هڪ پيرو هٿياربند ڇڪريون شروع ٿي وڃن تہ اسان جي پارٽي تنظيم مٿان هي فرض ٿئي ٿو تہ اسان جي فوج کي جاڏي ڪاڏي پکيڙي ڇڏي، ماڻهن کي هٿياربند ڪري ۽ وسيع پيماني تي عوام کي متحد ڪري، قدامت پرستن ۽ ڪميونسٽ دشمن کي ذليل شڪست ڏيڻ لاءِ پنهنجي فوج سان گڏجي وڙهي. (چيني ڪميونسٽ پنهنجي ڌرتي جي آزاديءَ لاءِ سر سان ڪفن ٻڌي وڙهيا هئا: مترجم) اهڙيون ڪارروايون جمهوري حڪومت جي قائم ٿيڻ تائين جاري رهڻ گهرجن.

(3) ڪميونسٽ دشمن فوجي ڌرين اندر لڪي ڇپي ڪم ڪيو وڃي ۽ انهن کي منتشر ۽ تباهہ ڪرڻ جي ارادي سان مضبوط قسم جون حڪمت عمليون تيار ڪيون وڃن. جڏهن اهڙيون ڌريون اسان جي فوج سان وڙهن يا عوام مٿان ڏاڍ ڪن تہ توهان انهن ڌرين اندر ڦيٽاڙو پيدا ڪريو تہ انهن اندر بغاوت اٿي ڪڙي ٿئي ۽ ڪميونسٽ دشمن اڳواڻ پڇي جان ڇڏائن. اهڙين هٿياربند ڌرين کي ڇڏي ڏيو جيڪي اڻ ڌريون آهن يا اوهان جون همدرد آهن تہ اوهان انهن سان گڏجي متحد محاذ جي صورت ۾ دشمن سان وڙهو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اڻ ڌري طاقت اوهان سان گڏجي وڃي يا اوهان جي همدرد ٿي وڃي. فوج اندر زير زمين تنظيم نہ ٺاهي وڃي.

(4) مقامي پارٽي تنظيم کي هنڌين ماڳين پکيڙيو. عوام کي پڻ گهٽي کان گهٽي متحد رکو. سياسي ڪارڪنن جو ججهو تعداد تيار ڪريو تہ جيئن جپان دشمن جمهوري حڪومت جوڙي سگهجي ۽ اهڙو بندوبست ڪيو جيئن اسان جي فوج کي ضرورت مطابق هر شيءِ پهچندي رهي. رجعت پسند حڪومت جي حدن اندر موجود پارٽي تنظيمن کي گهرجي تہ هو پنهنجي زير زمين سرگرمين لاءِ خبردار رهن. ان کي گهرجي تہ فوج ڏانهن پنهنجو اهڙو ڪارڪن روانو ڪن جيڪو کلي ريت ڪم ڪري رهيو آهي يا مشڪوڪ آهي.

(5) متحد محاذ لاءِ گهٽي کان گهٽو ڪم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن وچٿرين ڌرين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهجي. اوهان کي گهرجي تہ اهڙين وچٿرين ڌرين جي مفادن جو خيال ڪريو. اوهان کي سمجهڻ گهرجي تہ اهي جپاني حمايت ۽ قدامت پرستن کان الڳ آهن ۽ پنهنجي حيثيت ۾

هڪ طاقت آهن. هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ پارٽي جي ملڪيت ڪي تنظيم جو ڪو ڪارڪن پنهنجي ذاتي استعمال ۾ نہ آڻي. پنهنجي پهچ مطابق جپاني حمايتي ڌرين مٿان حملا ڪريو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو وچٿرين ڌرين جي مفادن کي هاڃو نہ رسائن ۽ انهن ۾ خوف پيدا نہ ڪن. اوهان جي وڏ ۾ وڏ اها ڪوشش هئڻ کپي تہ ڪميونسٽ دشمن قدامت پسند ڌر اڪيلي ٿي وڃي ۽ پرتي ٽيندڙنون فوجين ۾ تنظيم پيدا ڪئي وڃي.

(6) اوهان جي هن ڪميٽن مٿان هڪ ريجنل پارٽي ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي. جنهن ڪري هڪ گڏيل اڳواٽي پيدا ٿي سگهندي فوج ۽ اسان جي پارٽي تنظيمن مان ملٽري ۽ انتظامي ڪميشن جوڙي سگهجي ٿي ۽ اهو ڪم، تجربيڪار پارٽي اڳواڻ فوج ۽ مقا ـارٽي تنظيمون گڏجي ڪري سگهن ٿيون.

جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت

ڊسمبر 1940ع

اڄڪلهه صديءَ جي ڌارئي سامراج جي راڄ چيني ماڻهن کي ڏاڍو هيسائي ۽ ڌڪائي ڇڏيو آهي. هاڻي تازو جپاني سامراج چين جي ساري ڌرتي کي ڳڙڪائڻ جي مقصد سان ملڪ جي وچ تي اچي اهڙي ويڙهه جي ابتدا ڪئي آهي. چين جي ماڻهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پهريائين اسان کي سامراج جي ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ کي ختم ڪرڻو پوندو. ان ناتي جپان جي موجوده ڪيس ۽ ڪلور کان نجات حاصل ڪرڻي پوندي. سامراج جي ظلم ۽ قهر مان آجپي حاصل ڪرڻ جو مطلب آهي چين کي آزاد ڪرڻ ۽ حاڪميت جو حق حاصل ڪرڻ.

ان کان سواءِ هن ملڪ مٿان ٻيو جاگيردارن جو ڏچو آهي (يعني نيم جاگيردارانه سياسي ظلم، اقتصادي استحصال ۽ نيم جاگير دارانه عادتن ۽ خيالن جي پابندي وغيره). تنهن ڪري چين جي ماڻهن کي آزادي ڏيارڻ واسطي ٻيو ضروري ڪم هي ڪرڻو آهي ته جاگيرداري نظام جي ظلم ۽ ڏاڍ کي پڻ ختم ڪرڻو آهي. جاگيردارن کان ملڪ کي نجات ڏيارڻ جو مقصد چيني ماڻهن کي جمهوري حق ڏيارڻ ۽ کين مڪمل آزادي ڏيارڻ آهي.

سامراجي ۽ جاگيردارانه ڏاڍ کي ختم ڪرائڻ، چين کي آزادي ۽ حاڪميت ڏيارڻ ۽ چين جي ماڻهن کي آزادي ۽ جمهوري حق ڏيارڻ به نهايت اهم ڪم آهن. جيڪي اڄ جي چيني انقلاب سان لاڳاپيل آهن. هي بورجوا جمهوري انقلاب آهي. اهو چيني انقلاب ۾ پهريون قدم آهي جيڪو "ڪُل" جي حيثيت رکي ٿو. هن انقلاب جي ڪاميابي کان پوءِ اسان لاءِ ٻيو قدم کڻڻ ممڪن ٿي سگهندو يا ان کان پوءِ اسان ٻئي قدم کڻڻ جي شروعات ڪري سگهنداسون يعني سرمائيدارانه استحصال کي ختم ڪرڻ کان پوءِ سوشلسٽ نظام کي قائم ڪري سگهنداسون. اڄ جو چيني جمهوري انقلاب هڪ نئين ۽ نرالي قسم جو انقلاب آهي. هي انقلاب ٽن عوامي اصولن تي قائم آهي. جيڪو اولهه يورپ جي بورجوا انقلاب کان بلڪل مختلف آهي. ان جا گهڻا ڪارڻ آهن. هڪ ته چين جو جمهوري انقلاب دنيا جي مشهور

سوشلسٽ انقلاب واري دور ۾ رونما ٿي رهيو آهي ۽ ان انقلاب جو هڪ حصو آهي. پيو تہ چين جو بورجوا نهايت ڪمزور آهي ۽ ڪيس جمهوري انقلاب جي جاڙ ڙي ڪانہ آهي. چين جو پورهيت طبقو هڪ سجاڳ ۽ سياسي طور آزاد طاقت آهي جيڪو چيني انقلاب جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ پنهنجي اڳواڻيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪندو رهندو. تيون تہ انقلاب دوران يا انقلاب کان پوءِ چين ۾ انقلابي طبقن تي مشتمل گڏيل جمهوري آمريت قائم ڪئي ويندي ۽ اها هڪ طبقي واري بورجوا سرڪار نہ هوندي ۽ هن جو ڪو امڪان بہ ڪونہ آهي. اهو خالص جمهوري مرڪزيت وارو حڪومتي نظام هوندو. چوٿون هي جمهوري انقلاب چيني انقلاب سوشلسٽ انقلاب جو پهريون قدم يا پهريون مرحلو آهي. هن نئين چيني جمهوري انقلاب ۽ يورپ جي قديم طرز جي انقلاب ۾ اهو ئي اهم ۽ واضح فرق آهي. سامراج ۽ جاگيردار ٻنهي گڏجي چيني ماڻهن مٿان قهر ڪيو آهي ۽ انقلاب بہ انهن جي خلاف اچي رهيو آهي. تنهن ڪري اهي ٻئي طاقتون گڏجي چين کي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهيون آهن ۽ عوامي انقلاب جي مخالفت ڪري رهيون آهن. (انقلابي سياسي پارٽين کي سندن [سامراج ۔ جاگيردار] باهمي اتحاد کي روڪڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ کپي جيڪو چيني جمهوري انقلاب دشمن کي وڌيڪ مضبوط ڪري رهيو آهي ۽ انقلاب لاءِ هاڃيڪار آهي.) حقيقت اها آهي تہ جاگيردار طبقي جا ڪي پچ لٽڪائو ڏاريي سامراج جا چاڙتا ٿي ڪم ڪندا آهن. جيڪي چيني ماڻهن جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙيون ڳالهيون گذريل صدي جي لڳاتار انقلابي تحريڪن مان ثابت ٿي چڪيون آهن. پر جيتري قدر چيني بورجوا جو تعلق آهي تہ ان کي هڪ خاص قسم جي تاريخي دور جي انقلابي حيثيت حاصل آهي. ڇاڪاڻ تہ ان تي بہ ڪڏهن سامراج ۽ جاگيردار قهر ۽ ڪيس ڪري گذرندو آهي ۽ سندس ترقي رڪجي ويندي آهي. ٻئي طرف ڪن تاريخي دورن ۾ هو خود سامراج ۽ جاگيردار سان ٻٽ ۽ جُٽ رهندو آيو آهي ۽ انقلابي ڌرين لاءِ ڏچو بڻجي پوندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هو مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي طبقن کان هيٺو ۽ سندن استحصال جو شڪار رهندو آيو آهي. تنهن ڪري هو انقلاب دشمن ڌر سان مصلحت کان ڪم وٺندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو بہ هوندو آهي تہ هو پورهيتن، هارين ۽ انقلابين جي اڳتي وڌڻ کان ڪنبي ويندو آهي.

انقلاب دوران يا ان کان پوءِ انقلابي طبقن جي ٿاهيل جمهوري آمريت ۾

انقلاب دشمن ڌريون شامل ڪونہ ڪيون وينديون. سامراج جا اهي پيچ لٽڪائو حمايتي، جاگيردار بورجوا هن حڪومت ۾ شامل ڪونہ ڪيا ويندا، جن انقلاب جي مخالفت ڪئي هوندي، ڪين انقلابي سياسي طاقت سان شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڪانہ ڏني ويندي ۽ اهي هن آمريت جي رعايا هوندا. هن قسم جي سرڪار ۾ مزدور، هاري، ننڍو بورجوا، وڏن بورجوا مان انقلاب دوست ڌريون ۽ ٻيا بہ اهڙا طبقا شامل ڪيا ويندا. مختلف تاريخي دورن ۾ هن گڏيل سياسي طاقت اندر موجود طبقن جي جوڙجڪ ۾ ڪجهہ تبديليون بہ اچي سگهن ٿيون. اهي تبديليون ڪٽي ڪهڙيون بہ هجن پر گڏيل سياسي طاقت ڪنهن نہ ڪنهن انقلابي طبقي سان لاڳاپيل هوندي هيءَ آمريت نہ بورجوا طبقي جي هوندي نہ وري ان جو فقط پورهيت طبقي سان واسطو هوندو.

مختلف انقلابي طبقن جي متحد سياسي سگهہ کي منظم ڪرڻ جي نقطئہ نگاهہ کان هڪ وسيع جمهوري نظام قائم ڪرڻ نهايت ضروري آهي. يعني ان ۾ نيشنل پيپلس ڪانگريس، صوبن جون پيپلس اسيمبليون، ڪائونٽي، ضلع ۽ شهرن جون تنظيمون شامل ڪيون وينديون. سياسي طاقت ۾ انقلابي طبقا حصو وٺندا پر سندن سياسي نقطئہ نظر ڪجهہ مختلف هوندو. موجوده دور جي انقلاب جو مقصد چين کي آزاد ڪرائڻ ۽ ان کي نئون جمهوري ملڪ بڻائڻ آهي. جنهن علائقي ۾ نئين جمهوري حڪومت بڻائڻ لاءِ حالتون سازگار آهن تہ بنائي وجي نہ تہ اسان چيني غدار ۽ ڌارئي دشمن کي شڪست ڏئي ڪونہ سگهنداسون. نہ وري چين کي آزاد ڪرائي سگهنداسون. نہ ئي انقلاب اچي سگهندو.

جپان خلاف مزاحمتي جنگ چين جي وڏي ۾ وڏي انقلابي تحريڪ آهي. هن جو بنيادي ڪم خوبي ۽ خاصيت 27ـ 1925!ع واري عظيم انقلاب جهڙي آهي. پر مکيہ فرق هي آهي تہ اڳئين انقلاب جي شڪل صورت قومي مهم National Expedition ۽ اها اترين علائقن جي جنگي سپهہ سالارن خلاف هئي. جڏهن تہ موجوده دور واري تحريڪ ڌارئي دشمن خلاف مزاحمتي جنگ آهي. تنهن ڪري هن کي خاص وسيع سماجي پنيرائي حاصل آهي. ڏهن سالن جي گهرو جنگ کان پوءِ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ هڪ گڏيل قومي محاذ جوڙي ورتو آهي. شروعاتي دور ۾ هي متحد محاذ مزدورن، هارين، ننڍي بورجوا ۽ قومپرست بورجوا تي مشتمل هو. جنهن ۾ وڏي بورجوا ۽ جاگيردارن جو هڪ گروهہ پڻ شامل هو. محاذ جي طبقاتي جوڙجڪ ۾

گهٽيون تبديليون اچي چڪيون آهن ۽ اڳتي بہ تبديل ٿيندو رهندو. ان هوندي بہ جپان سامراج خلاف مزاحمتي جنگ واري عرصي ۾ اهو متحد قومي محاذ ٿي رهندو. جيتوٽيڪ ڪجهہ بورجوا غدار ٿي چڪا آهن. (جهڙوڪ وئنگ جنگوي Wang Jangwei). ڪي اهڙا بيا بہ آهن جيڪي اڳتي هلي ائين ڪندا. (جهڙوڪ جپان خلاف محاذ ۾ لڪل جپان جا فرمانبردار ماڻهو) باقي بيا سڀ ماڻهو آخري وقت تائين وڙهندا. متحد محاذ گذريل ٽن سالن کان وٺي پنهنجي مزاحمتي شڪل وٺندو رهيو آهي. پر اڃا تائين مڪمل ٿي ڪونہ سگهيو آهي. نہ وري ان ۾ شريڪ ڌرين کي هڪ جهڙي حيثيت ملي سگهي آهي. تنهن لاءِ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. چاڪاڻ تہ ان ۾ وسيع ۽ مضبوط بنياد جي کوٽ آهي. مختلف پارٽين ۽ گروهن جي جائنٽ ڪميٽي هجڻ کپي. پر سياسي طاقت جي نقطئہ نگاهہ کان هن کي جمهوري سياسي طاقت هجڻ کپي، جيڪو جپان خلاف مختلف پارٽين ۽ طبقن تي مشتمل آهي. يعني ان کي جپان خلاف جمهوري حڪومت واري حيثيت حاصل آهي. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪن مختصر علائقن کان سواءِ صورتحال ائين ڪانہ آهي.

جپان خلاف گڏيل جمهوري حڪومت جنهن ۾ مزاحمتي جنگ ۾ حصو وٺندڙ سڀ ڌريون شريڪ آهن ۽ اها جپان خلاف قومي متحد محاذ جي نهايت اعليٰ شڪل آهي. جيڪڏهن هڪجهڙائي جي بنيادن تي جمهوري طريقئہ ڪار کي اختيار ڪيو ويو تہ هن قسم جون حڪومتون نهايت سولائيءَ سان جوڙي سگهجن ٿيون. هي نهايت بهتر ۽ موثر طريقو آهي، جنهن وسيلي چين جي مزاحمتي جنگ جي چڱيءَ ريت رهبري ڪري سگهجي ٿي ۽ انقلاب کي پڻ نهايت ڪاميابيءَ سان توڙ تي پهچائي سگهجي ٿو. هن قسم جي حڪومت جي قيام کان سواءِ، جپان خلاف قومي متحد محاذ کي جاڏي ڪاڏي پکيڙڻ کان سواءِ ۽ جمهوري اداري جوڙڻ کان سواءِ اسان جپان خلاف مزاحمتي جنگ ۾ سوڀارا ٿي ڪونہ سگهنداسون.

هيءَ مزاحمتي جنگ ٽن سالن کان وٺي جاري آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي هئي تہ هن کان اڳ جپان دشمن قومي جمهوري حڪومت ٺهي چڪي هجي ها. جيڪا جنگي ڪاررواين جي اڳواڻي ڪري ها. جيڪڏهن اهو اڳي ئي ٿي چڪو هجي ها. تہ اسان الائي ڪيتريون فتحون ماڻي چڪا هجون ها ۽ اسان جيڪي ڪجهہ حاصل ڪري ورتو آهي. انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ حاصل ڪري چڪا هجون ها. هن سان گڏ ماڻهن لاءِ ڏچا ۽ ڏک ڏاکڙا بہ تمام

گهٽ هجن ها. هن قسم جي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ انهيءَ ڪري ناڪام ٿياسون جو وڏي بورجوا طبقي کي پنهنجي ذاتي مفادن کان سواءِ ڪاٻه شيءِ نظر ڪانه ٿي آئي يعني هن جي هڪ پارٽيءَ واري آمريت جنهن کي اها چاڻ ئي ڪانه هئي تہ چيني قوم ڪهڙي خطرناڪ صورتحال جي ور چڙهيل آهي. ڪومنتانگ جي هيءَ غلطي عوامي خواهش ۽ قانون خلاف هئي.

اسان جي ڪميونسٽ پارٽي، ايٽٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرمي کي چاڻ هئي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندو. اسان اهو ڪڏهن بہ ڪونہ وساريندا سون تہ اسان جون انقلابي سرگرميون ضرور آزادي ماڻينديون ۽ ملڪ کي حاڪميت ڏيارڻ ۾ ضرور سوڀاريون ٿينديون ۽ عوام کي جمهوري حق ۽ آزادي نصيب ٿيندي ۽ اهڙين ذميوارين کڻڻ ۾ بہ ناڪام ڪونہ ٿينداسون. تنهن ڪري جيڏانهن بہ ايٽٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرمي وينديون تہ اتي جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت کي ضرور قائم ڪنديون پر شرط اهو آهي تہ حالتون سازگار هجن. ان جمهوري طريقي جو بنياد ٽن عوامي اصولن تي هوندو. متحد محاذ جي پڙ حڪومت قائم ڪئي وينديون، جنهن ۾ جپان دشمن سڀ طبقا شريڪ ڪيا ويندا. ان جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت جي قائم ٿيڻ کان سواءِ دشمن فوج جي پٺئين پاسي مزاحمتي جنگي ڪارروايون جو تحفظ اسان لاءِ ممڪن ڪونہ رهندو نہ وري اسان دشمن تي موثر حملا ڪري سگهنداسون نہ وري اسان دشمن خلاف سوڀ ماڻي سگهنداسون.

اسان جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت دشمن جي پٺئين پاسي جوڙينداسون جيڪا جپان دشمن قومي متحد محاذ جي شڪل صورت ۾ هوندي. اهو قومي متحد محاذ جو اعليٰ نوعيت جو روپ هوندو ۽ انهن قوتن تي مشتمل هوندو جن جو مزاحمت ۽ جمهوريت ۾ ايمان هوندو يعني انهن انقلابي ڌرين جي گڏيل آمريت Joint dictatorship جيڪي جپان جي حمايتن ۽ رجعت پسندن خلاف وڙهي رهيون آهن. هيءَ سياسي طاقت جاگيردار ۽ بورجوا آمريت کان گهڻو مختلف آهي. ڇاڪاڻ تہ اها طاقت انهن ڌرين جي خاص مفادن جو تحفظ ڪانہ ڪندي اها طاقت مزدورن ۽ هارين جي آمريت کان الڳ ۽ نياري هوندي ڇاڪاڻ تہ اها فقط سندن مفادن جو تحفظ ڪانہ ڪندي هن طاقت جا رهبر اصول ۽ سرگرميون جپان سامراج کي مهاڏو ڏيڻ سان لاڳاپيل آهن. ان سان گڏ سندس فرض اهو بہ هوندو تہ جپان سامراج خلاف وڙهندڙ هر طبقي جي مفادن جو تحفظ ڪري، مزدور ۽ هارين جي معيار زندگي کي سڌاري ۽ جپان جي حمايت ڪندڙ

ڌرين ۽ رجعت پسندن کي چيپاڻي. جڏهن مفادن جي ٽڪراءُ ڪري مختلف طبقن ۾ اختلاف ۽ ٽضاد پيدا ٿين ته هن سياسي طاقت کي گهرجي ته ٺياڪڙي ڪري ۽ ڪوشش ڪري ته جيئن هارين ۽ مزدورن جا مطالبا پورا ٿي وڃن. پر ان سان ڪيس اهو به ڏسڻو پوندو ته جيڪي سرمائيدار بورجوا ۽ جاگيردار جپان دشمن ويڙهه ۾ شريڪ آهن انهن جي مفادن کي به هاجو نه رَسي، هن طاقت کي اهو به ڪرڻو آهي ته عوام جي مختلف ڌڙن جي مفادن کي هڪ باضابطه ترتيب ڏئي، جيڪي جپان دشمن ڪارروايئن ۾ رُڌل آهن ۽ ان جي حمايتن ۽ رجعت پسندن سان پڻ مهاڏو ڏئي رهيا آهن ۽ جيڪي جمهوريت خلاف سرگرمين ۾ مشغول آهن.

جيئن ته جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت جي اها خوبي ۽ خاصيت هوندي. تنهن ڪري هي حڪومت جمهوري مرڪزيت واري هئڻ کپي. ان سان گڏ ان کي ڪانگريس هجي، عوام جو ووٽ ڏيڻ جو عالمگيري حق تسليم ڪرڻو ۽ گهٽائي کي حڪومت ڪرڻ جو حق ڏيڻو پوندو. حڪومت اندر ٽيون حصو ڪميونسٽن تي مشتمل هوندو. باقي 2/3 جي نمائندگي ٻين پارٽين سان لاڳاپيل ترقي پسند ۽ اعتدال پسند ڌرين جا ماڻهو ڪندا. هي ٽن حصن ۾ ورهايل سياسي طريقو آهي. جنهن ۾ ٽن ڌرين کي پنهنجي حصي جي نمائندگي ڪرڻ جو حق ڏنو ويو آهي. اهو طريقو جپان خلاف وڙهندڙ حڪومتون انهن علائقن ۾ استعمال ڪري رهيون آهن. جتي ايٺٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرمي جو قبضو آهي. پارٽي سان اڻ لاڳاپيل غير ڪميونسٽ ڌرين کي به هن شرط سان اهڙيءَ حڪومت اندر نمائندگي ڏئي سگهجي ته هو جپان دشمن ڪاروايئن ۾ حصو وٺندا ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏجي ڪم ڪندا. پر هڪ ڳالهه طئي ٿيل سمجهڻ کپي ته هن حڪومت ۾ جپان جي فرمانبردارن ۽ ڪميونسٽ دشمن قدامت پسند کي ڪڏهن نمائندگي ڪانه ملندي.

هي سياسي طاقت اها ضمانت ضرور ڏيندي ته جپان مخالف عوام جا جمهوري حق محفوظ رهندا جهڙوڪ: تحرير، تقرير، جلسن، جلوسن، ڌنڌي، ملڪيت ۽ خيالن جي اظهار جو حق. حڪومت پارٽي، گروهه، طبقي جي مٽيپيد کان سواءِ ان وقت تائين هر ماڻهو کي تحفظ جي ضمانت ڏيندي جيستائين هو جپان سامراج لاءِ ڪم نه ٿو ڪري يا ان جي چيني حمايتن جي ٽولي سان گڏجي نه ٿو وڃي يا جپان خلاف وڙهندڙ هٿياربند فوجن خلاف ڪنهن سرگرميءَ جو مظاهرو نه ٿو ڪري يا حڪومت جي قانون ۽

فيصلي جي پيچڪڙي نہ ٿو ڪري. هر پارٽيءَ ۽ هر گروهہ کي هڪ جهڙي قانوني حيثيت هوندي، پر شرط اهو آهي تہ اهڙيون پارٽيون ۽ گروهہ جپان سامراج مخالف مزاحمتي ڪارروائين ۾ شريڪ هجن ۽ جمهوريت جي مخالفت نہ ڪندا هجن.

هن قسم جي حڪومت اڃا تائين فقط انهن علائقن ۾ قائم ٿي چڪي آهي جيڪي جپاني فوج جي پٺئين پاسي واقعي آهن. اهڙيون حڪومتون ساري ملڪ ۾ انهيءَ ڪري بنائي ڪونہ ٿيون سگهجن. چاڪاڻ تہ ڪومنتانگ هڪ پارٽي جي آمريت تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ڪانہ آهي ۽ ڪانہ ٿي چاهي تہ اقتدار اعليٰ عوام کي ڏنو وڃي. تنهن ڪري اهو فقط پروپئگنڊا جو نعرو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو جپان دشمن جمهوري سياسي طاقت فقط مقامي حڪومت تائين محدود آهي. اهڙي قسم جون حڪومتون هڪ مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ۽ دشمن جي قبضي هيٺ علائقي جي پٺئين پاسي جي سياسي صورتحال مطابق ڪين قانون جوڙڻ ۽ فيصلا ڏيڻ گهرجن. ساڳئي وقت ڪين مقامي اصولن مطابق آزادي هوندي تہ ڪهڙي بہ علائقي تي ڪهڙي بہ قسم جو قانون نافذ ڪري سگهنديون ۽ فيصلا ڏئي سگهنديون.

پر جيئن تہ مرڪزي حڪومت دشمن جي قبضي هيٺ آيل علائقي جي پٺئين پاسي جوڙيل ڪنهن بہ حڪومت کي اڃا تائين تسليم ڪونہ ڪيو آهي. تنهن ڪري ڪي ماڻهو اهڙين حڪومتن کي غير قانوني سڏي رهيا آهن. هن قسم جي گفتگو ظاهر ظهور غلط معلوم ٿي رهي آهي.

اسان ڪانئن پڇنداسون تہ قانوني ۽ غير قانوني مان اوهان جو ڇا مطلب آهي؟

موجوده دور جي جپان خلاف مزاحمتي جنگ ۾ قومي مفاد، مزاحمتي جنگ جا مفاد سڀني ڳالهين کان وڌيڪ مقدم آهن. ساري قوم جو هي شاندار ۽ اهم اصول هئڻ کپي. حڪومت جو هر قانون ۽ فيصلو قومي مفادن کي تحفظ ڏيڻ جي مقصدن مطابق هئڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن مزاحمتي جنگ ۾ فتح جو يقين ٿئي. انهن قانونن جو بنياد ٽن عوامي اصولن Three peoples principles، هٿياربند مزاحمت جي رٿابنديءَ ۽ قومي نئين جوڙجڪ جي اصولن تي رکيل آهي. تنهن ڪري اهڙو عمل بلڪل قانوني آهي ۽ ان کي اختيار آهي تہ دشمن جي قبضي هيٺ آيل علائقي جي پٺئين پاسي جپان دشمن جمهوريت جي سياسي طاقت جو بنياد رکي، جمهوريت کي قائم ڪري، پر جيڪڏهن ٽن عوامي اصولن، هٿياربند مزاحمت، قومي نئين

جوڙجڪ خلاف ڪم ڪبو ته اهو قانون خلاف عمل هوندو. ڇاڪاڻ ته مزاحمتي جنگ جا مفاد هر شيءِ کان وڌيڪ اهميت ۽ اوليت رکن ٿا ۽ اهڙن مفادن کي هرگز به هاڃو رسائڻو نه آهي. جنهن ڪم کي عوام جي گهڻائي قبول ڪري ٿي ۽ ان لاءِ ووٽ ڏئي ٿي اُهو ڪم بلڪل قانوني آهي. ان جي برخلاف عوام ڪنهن ڪم جي مخالفت ڪري ٿو ان کي رد ڪري ٿو يا عوام کي ڪنهن به ڪم لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو ته اهو غير قانوني آهي.
ڇاڪاڻ ته اهي جپان دشمن حڪومتون عوامي جي انتخاب کان پوءِ وجود ۾ اينديون تنهن ڪري اهي قانوني آهن. پر بيون حڪومتون جيڪي ماڻهن جي ووٽ کانسواءِ قائم ڪيون ويون آهن سي غير قانوني آهن. جيڪڏهن مرڪزي حڪومت ٽن عوامي اصولن، هٿياربند مزاحمت جي رٿابندي ۽ قومي نئين جوڙجڪ وارن اصولن کي نافذ ڪري ٿي ته ان کي گهرجي ته جپان دشمن جمهوري حڪومتن کي ضرور تسليم ڪري، جيڪي دشمن جي قبضي هيٺ آيل علائقي جي پنئين پاسي آهن ۽ انهن کي مقامي حڪومتون تصور ڪري. جيڪڏهن هيءَ مرڪزي حڪومت ائين ڪرڻ کان پڙ ڪڍي بيهي ٿي رهي ته اهو ثابت ٿي ويندو ته اها حڪومت قانون، ٽن عوامي اصولن، هٿياربند مزاحمت جي رٿابندي ۽ قومي نئين جوڙجڪ خلاف ڪم ڪري رهي آهي ۽ اهڙو قانون به هنن ڳالهين تي مدار رکي ٿو. هن سان گڏ مرڪزي حڪومت ان ڪري به غير قانوني آهي جو اقتدار اعليٰ عوام جي حوالي ڪانه ٿي ڪري ۽ پاڻ کي جپان دشمن جمهوري حڪومت طور تسليم نٿي ڪري، تاريخ ۾ دنيا جون اهڙيون ڪيتريون مرڪزي حڪومتون نظر اچن ٿيون. جن قانونن جي لتاڙ ڪئي آهي. ڪن ملڪن جي مرڪزي حڪومتن خلاف سپريم ڪورٽن ۾ ڪيس هلي رهيا آهن. پر چين ۾ ائين ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. هن سان اهو هرگز سمجهڻ نه کپي ته هتي مرڪزي حڪومت اهڙيون اره زوراريون ڪانه ٿي ڪري، حقيقت اها آهي ته بين ملڪن جي ڀيٽ ۾ هتي قانوني لتاڙ تمام گهڻي ٿي آهي. پر ائين ڪرڻ لاءِ ڪير به همٿ ٻڌي ڪونه ٿو سگهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو دشمن جي قبضي هيٺ آيل علائقي جي پنئين پاسي قائم ٿيل سڀئي جپان دشمن جمهوري حڪومتون پنهنجي روح ۾ مڪمل طور قانوني آهن.

ڪومنتانگ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به موجود آهن. جيڪي جمهوريت کي ڏسڻ ئي ڪونه ٿا چاهن. تنهن ڪري ڪجهه وقت لاءِ مرڪزي حڪومت کي جمهوري بڻائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. پر چين جي ڪيترن علائقن ۾ جمهوريت

ساڀيان جو روپ ڌاري چڪي آهي. اهڙا جمهوري ادارا نئين جمهوري ملڪ جو بنياد ٽن عوامي اصولن تي قائم ڪندا. حقيقت اها آهي تہ اهڙي جمهوريت جو ادارو مقامي علائقن کان شروع ٿيندو، جيڪو مرڪزي حڪومت تائين وڌي ويندو. ان کان پوءِ حڪومت جو اهڙو سرشتو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويندو. پر ان لاءِ ڊگهي عرصي واري سخت جاکوڙ ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ ريت جپان جي قبضي هيٺ آيل علائقن جي پنئين پاسي قائم ڪيل جپان دشمن حڪومتن کي پنهنجو مثالي ۽ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ ساري ملڪ ۾ جمهوري عمل کي پکيڙڻو آهي. پوءِ سندن ڪارڪردگي سٺي هجي يا خراب. ملڪ جي ٻين حصن تي ضرور اهڙو اثر ڇڏيندي اڄ هيءَ حڪومت جيتوڻيڪ دشمن جي قبضي هيٺ علائقي جي پنين پاسي جوڙي وئي آهي، پر قومي نقطهٔ نگاهہ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ان ڏانهن اسان کي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪميونسٽ پارٽي اقتدار تي قبضو ڪرڻ تي چاهي ۽ پنهنجي هڪ پارٽي جي آمريت قائم ڪرڻ تي گهري. پر هي غلط الزام ۽ اجايو بهتان آهي. ڪومنتانگ جي هڪ پارٽي جي آمريت جي مخالفت ۾ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي آمريت قائم ڪرڻ ڪانہ ٿي گهري. ڪميونسٽ پارٽي هڪ جمهوري طاقت آهي. تنهن ڪري اها ايٺٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرميءَ سان گڏجي عام ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ٿي گهري، جيڪو عوام وڏي اڪثريت آهي. سندن خواهش آهي تہ گڏيل جمهوري حڪومت جڙي جنهن ۾ انهن سڀني طبقن جي نمائندگي هجي. جيڪي جپان سامراج کي مهاڏو ڏئي رهيا آهن. هي حڪومت هڪ پارٽي، گروهہ يا ڪو اڪيلو شخص ڪونہ بنائيندو. ايٺٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرمي جيڏانهن بہ وينديون تہ اتي متحد محاذ جي گڏيل حڪومت جوڙينديون، جنهن ۾ سڀني انقلابي طبقن جي نمائندگي هوندي پر اهي ڳالهيون صورتحال تي مدار رکن ٿيون. مقامي حڪومت جي قيام لاءِ ڪميونسٽ پارٽي، ايٺٿ روٽ آرمي ۽ نيو فورٿ آرمي پنهنجا اهلڪار مقرر ڪنديون. ائين فقط انهن علائقن ۾ ڪيو ويندو جتي جا ماڻهو چڱيءَ ريت منظم ڪونہ آهن. ڪين اهڙيون ڳالهيون بنا ڪنهن هٻڪ جي ڪرڻيون آهن. ان کان اهو سياسي اقتدار عوامي حڪومت حوالي ڪيو ويندو. ائين فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن حالتون مناسب هونديون، ماڻهو صحيح طريقي سان منظم هوندا ۽ پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندا تہ اقتدار اسان جي حوالي ڪيو وڃي. ڪميونسٽ پارٽي

پنهنجي حڪومت جوڙڻ لاءِ ڪو اسٽيج تيار ڪانہ ٿي ڪري، نہ وري اهڙو ڪو امڪان ئي آهي. پر ان جي خلاف هن پارٽيءَ جي خواهش آهي تہ جيڪي دشمن سڀ پارٽيون، گروهہ تنظيمون ۽ سڀ نيڪ نيت ماڻهو جيڪي دشمن جمهوري حڪومت ۾ شريڪ ٿين. جڏهن ماڻهن جي اڪثريت هن حڪومت هلائڻ ۾ دلچسپي وٺندي ۽ ان جون سڀئي ذميواريون پنهنجي ڪلهن تي کڻندي، پنهنجي مفادن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندي ۽ ان جي مفادن کي پنهنجو مفاد سمجهندي تہ پوءِ تصور ڪيو ويندو تہ جيڪي دشمن سياسي طاقت نهايت مضبوط ٿي وئي آهي ۽ هاڻي سامراج ۽ جاگيردارن جو ڏاڍ اوس ختم ٿي ويندو اهڙيءَ ريت چين کي آجپو سوراج، عوام کي آزادي ۽ جمهوريت ملي ويندي. ڪميونسٽ پارٽي پنهنجو هي مقصد عوامي اڪثريت جي طاقت جي آڌار تي حاصل ڪري سگهي ٿي. هن پارٽي کي عوامي مقصد ۽ مفاد کان سواءِ پنهنجو ڪوبہ مقصد ۽ مفاد ڪونہ آهي.

پارٽي جي اندروني جدوجهد

جولاءِ 1941ع

تعارف

ڪامريڊو!

اسان هاڻي هڪ سوال اٿاريو آهي تہ ڪهڙي طريقي سان جاڪوڙجي جو اسان جي ڪارڪنن ۾ پارٽي کي مضبوط ڪرڻ جو جوش جذبو ۽ اتساهہ جاڳي پوي. مون ٻڌو آهي تہ مرڪزي ڪاميٽيءَ هن موضوع بابت ڪو فيصلو ڪيو آهي. توقع آهي تہ اهو جلد ئي اسان وٽ پهچي ويندو هن اهم مسئلي کي حل ڪرڻ واسطي اسان پارٽي اندر موجود گندي ماحول خلاف طاقتور نظرياتي جدوجهد شروع ڪري رهيا آهيون. جنهن اسان جي پارٽيءَ جي جوش جذبي کي تمام گهڻو هاڃو رسايو آهي. هن نظرياتي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو صحيح ۽ غلط طريقو ڪهڙو آهي؟ هي اهڙا اهم سوال آهن جن تي آءٌ بحث ڪرڻ گهران ٿو.

هر هڪ ماڻهوءَ کي هي چڱي ريت ڄاڻ آهي تہ اسان جي پارٽي پورهيت طبقي جي پارٽي آهي ۽ اها عوامي جدوجهد جي اڳواڻي ڪري رهي آهي. هن پارٽيءَ پنهنجي تاريخي فرض نڀائڻ لاءِ هي ڳالهيون پنهنجي ذمي ڪيون آهن. هن پارٽيءَ کي هر دور ۾ سيني انقلاب دشمن ڌرين کي مهاڏو ڏيڻو پوندو ۽ عوام جي انقلابي حصن ۽ طبقن سان اتحاد ڪرڻو پوندو. سندس ابتدا واري ڏينهن کان اسان جي پارٽي هڪ ڪن پل لاءِ بہ جدوجهد کان ويسلي ڪانہ ويئي آهي. هن پارٽيءَ ۽ پورهيت طبقي تي غير پورهيت طبقن جو هميشه گهرو اثر رهيو آهي جن ۾ بورجوا، ننڍو بورجوا، سُکيو هاري ۽ جاگيردار شامل آهي. اهي طبقا جڏهن پورهيت طبقي خلاف جدوجهد ڪندا آهن يا ان سان باهمي اتحاد ڪندا آهن تہ ٻنهي صورتن ۾ هنن طبقن جو اثر انهن ماڻهن وسيلي پورهيتن ۽ پارٽي تي بہ پوندو آهي، جيڪي هڪ جاءِ تي ٽڪي ڪونہ سگهندا آهن ۽ پنهنجي ذاتي مفادن واسطي ڦرندا گهرندا رهندا آهن ۽ پورهيتن جي نظرين، رهڻي ڪهڻي، اصول ۽ سرگرمين تي اثر انداز ٿيندا رهندا آهن. پارٽي اندر هي سيني غلطين ۽ غلط لاڙن جو

بنياد آهي. اهڙيون ڳالهيون موقع پرستيءَ جي پاڙ هونديون آهن. پارٽي جي اندروني جدوجهد جو ڪارڻ اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن.

پارٽي جي اندروني جدوجهد پارٽي جي ٻاهرين طبقاتي جدوجهد جو عڪس هوندي آهي.

اسان جڏهن پارٽيءَ جو بنياد رکندا آهيون ته پارٽي کان ٻاهر نه رڳو ان ڪي پنهنجي دشمن کي مهاڏو ڏيڻو هوندو آهي. پر پارٽيءَ اندر جيڪي غير پورهيت لاڙا هوندا آهن. تن سان جهيڙو ڳنڍڻو پوندو آهي. جدوجهد جا ڪيترا قسم آهن جن مان ڪنهن کي به غير اهم سمجهي ڇڏي ڏيڻو ڪونه آهي. جيڪڏهن اسان جي پارٽي انهن اثرن خلاف جدوجهد نه ڪندي، جيڪڏهن اڻ وڻندڙ لاڙن خلاف مستقل تحريڪ نه هلائيندي، جيڪڏهن اها غير پورهيت نظرين ۽ ڪاٻي ۽ ساڄي ڌر جي موقع پرستيءَ خلاف لڳاتار هلچل نه هلائيندي ته اهڙيون گنديون ڳالهيون پارٽيءَ اندر گهر ڪري وينديون. اهڙي صورتحال ۾ اهو ممڪن ئي ڪونه رهندو ته پارٽي پاڻ کي مضبوط ڪري يا پنهنجي آزاد حيثيت کي برقرار رکي سگهي. اٿين ته پارٽيءَ لاءِ خطرو پيدا ٿي پوندو جيڪا اڳتي هلي تباهه ٿي ويندي، غير پورهيت نظريي سان گڏ جيڪڏهن "کاٻي" يا "ساڄي" ڌر جي موقع پرستي به هوندي ته اسان جي پارٽي به غلط ڳالهين تي هلڻ لاءِ مجبور ٿي پوندي، جيڪڏهن سڄيءَ پارٽيءَ تي اهڙو گندو اثر نه به پيو ته ان جو هڪ حصو اهڙين بڇڙاين جي ور چڙهي سگهي ٿو. تنهن ڪري ان ۾ يا ان جي ڪن حصن ۾ ڪا نه ڪا تبديلي ضرور ايندي ۽ ان کي غير پورهيت تنظيم جي صورت ڏئي ڇڏيندي، اهو ساڳيو حال اسان يورپ جي سوشل ڊيموڪريسيءَ جو ڏسون ٿا جنهن کي بورجوائي غلط نظرئي گمراهه ڪري بورجوا جي سياسي پارٽي بنائي ڇڏيو. تنهن ڪري اها بورجوا طبقي لاءِ سماجي ٿنيا ٻڻجي وئي هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي نهايت اهم سمجهون ٿا ۽ خيال ڪريون ٿا ته ان کان لنوائڻ ۽ هٽرائڻ نه گهرجي. جيڪڏهن اهڙيءَ جدوجهد کان لنوائڻ جو دل ۾ خيال آيو يا ٻئي تي تنقيد ڪرڻ کان انهيءَ ڪري هٽرايون ٿا ته متان هو اسان تي تنقيد ڪري اسان جا عيب نه اگهاڙي ڇڏي، هن قسم جو نقطئه نظر بلڪل غلط آهي. پارٽيءَ جون اندروني جدوجهدون اصولي طور نظرياتي جدوجهدون هونديون آهن، يعني نظرياتي ۽ اصولي معاملن ۾ اختلاف ۽ ٽڪراءُ. ڪامريڊن اندر اصولي اختلاف ۽ ٽڪراءُ اڳتي وڌي پارٽيءَ ۾ سياسي نااتفاقيءَ جي شڪل

ڏاري سگهندي آهي. ڪن حالتن ۾ اهڙي نااتفاقي ڪري تنظيم ۾ انتشار ۽ ڏيتاڙو بہ ڪاهي پوندي آهي. جنهن کي روڪي بہ ڪونہ سگهبو آهي. اهي پنهنجي جوهر ۽ بنياد ۾ نظرياتي جدوجهدون هونديون آهن. تنهن ڪري پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد نظرياتي ۽ اصولي نقطئہ نظر کان اختلاف ۽ انتشار جو ڪارڻ ڪانہ هوندي آهي ۽ اسان جي ڪامريڊن ۾ موجود اختلاف هن قسم جي ٽڪراءَ ڪري پيدا ڪونہ ٿيندو آهي، پر بي اصولي جدوجهد ڪري جنم وٺندو آهي يعني اهڙي جدوجهد جنهن ۾ ڪوبہ اصول ڪونہ هوندو آهي. هن قسم جي بي اصولي ۽ غير جائز جدوجهد پارٽيءَ لاءِ سخت نقصان ڪار هوندي آهي. جنهن کان پارٽي جي هر ڪارڪن کي لنوائڻ گهرجي پارٽي کي خالص، پاڪ ۽ آزاد رکڻ لاءِ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد نهايت لازمي آهي. انهيءَ تصور سان تہ جيئن پورهيت طبقي جي عظيم تر مفاد وارين سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪري سگهجي ۽ ان مان پارٽي بہ پنهنجو پورهيت ڪردار بحال رکي سگهي. هن مقصد کي دل ۾ رکي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي بہ طرفو جاري رکڻ گهرجي يا هن مقصد لاءِ بہ محاذ شروع ڪرڻ گهرجن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ غير پورهيت نظريو پارٽي کي ٻن طرفن کان متاثر ڪري ٿو اهو پارٽيءَ جي کاٻي ۽ ساڄي ڌر جي موقع پرستين ۾ ظاهر ٿي پوي ٿو. تنهن ڪري اسان جي پارٽيءَ کي ٻنهي قسم جي موقع پرستين لاءِ هڪ ئي وقت اندروني جدوجهد جو آغاز ڪرڻ گهرجي. فقط ائين ڪرڻ سان هيءَ پارٽي پنهنجي پورهيت طبقي واري خاصيت ۽ خوبي محفوظ رکي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان اها جدوجهد فقط هڪ طرفي هلائينداسون يا جيڪڏهن اسان ان بہ طرفي جدوجهد جي چڱيءَ ريت نگراني نہ ڪئي تہ پوءِ غير پورهيت نظريو اسان جي ان ڪمزور جڳهہ تي زورائتو حملو ڪندو جنهن ڏانهن اسان توجهہ ڪونہ ڪيو آهي. ائين ٿيڻ سان اسان پنهنجي پارٽي جي پاڪيزگي، طاقت ۽ آزادي برقرار رکي ڪونہ سگهنداسون. تنهن ڪري پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي بہ طرفو ۽ لڳاتار جاري رکڻو پوندو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن پارٽي پنهنجو پاڻ مضبوط ٿئي ۽ ترقي ڪري سگهي.

ڪامريڊ اسٽالن جو قول آهي تہ حقيقت هن ريت آهي تہ پارٽي جي اندر اختلافن کي ڪن متعين اصولن، جدوجهد جي متعين مقصدن ۽ (جدوجهد جي) متعين اصولن وسيلي ختم ڪري سگهجي ٿو. جيڪي گهربل مقصدن ڏانهن ويندڙ رستي جي رهنمائي ڪندا آهن. ڪوبہ ماڻهو

وقت جي حڪمت عمليءَ مطابق پارٽيءَ اندر ڪنهن بہ اختلافي ڌر سان مصلحت ڪري سگهي ٿو. پر جيڪڏهن اهڙا مسئلا پورهيت نظريي جي خلاف آهن تہ پوءِ ان اختلافي ڌر سان ڪنهن بہ قسم جي مصلحت ڪري ڪانہ ٿي سگهجي. اهڙيءَ ريت نہ وري ڪو وچٿرو طريقو ان صورتحال کي بچائي سگهي ٿو. اصول جي سوال تي ڪوبہ وچٿرو طريقو ڪونہ هوندو آهي. پارٽي سرگرمين کي هڪ يا ٻئي قسم جي اصولن مطابق جاري رکي سگهبو آهي. اصولي طور وچون طريقو ماڻهن جي دماغن ۾ گند ڪچري پرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي. اهو ائين آهي جڻ پارٽيءَ ۾ موجود اختلافن کي وڌيڪ زور وٺائڻ. اهو رستو پارٽي کي هٽ سان تباهہ ڪرڻ جو آهي ۽ اهو پارٽيءَ جو نظرياتي موت آهي. هو وڌيڪ چوي ٿو تہ اسان جي پارٽي جي تاريخ پارٽيءَ جي اندروني اختلافن ۽ تضادن جي خاتمي جي تاريخ آهي ۽ اهڙن اختلافن کي ختم ڪري اسان پنهنجي پارٽيءَ کي تمام گهڻو مضبوط ڪري سگهون ٿا.

هنن ڳالهين مان معلوم ٿي ويندو تہ پارٽي جي (اوڻاين غلط ڳالهين ۽ غلط ماحول کي ختم ڪرڻ لاءِ) اندروني جدوجهد نهايت اهم آهي.

لينن ۽ استالن پنهنجي تصنيفن ۾ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي ضرورت تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. سندن نقطئہ نظر آهي تہ پارٽي اندر مصلحت پسندي ۽ آزاد خيالي وارو رويو پارٽي لاءِ ڏاڍو هاڃيڪار هوندو آهي. اوهان پاڻ بہ اهڙيون تصنيفون پڙهي سگهو ٿا. تنهن ڪري آءٌ هن موضوع تي وڌيڪ ڪونہ ٿو ڳالهايان. آئون هن موضوع تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو تہ پارٽي جي اندروني جدوجهد ڪهڙي طريقي سان شروع ڪجي. هي مسئلو اسان لاءِ نئون نڪور آهي. تنهن ڪري اسان جي پارٽي جي هر ڪارڪن لاءِ ضروري آهي تہ هاڻي کان وٺي ان مسئلي کي سمجهڻ واسطي گهڻو اڀياس ڪري. آئون اوهان جي آڏو هي رٿ ڪونہ ٿو رکان تہ توهان هن مسئلي تي هن وقت ئي هڪ جامع طريقي سان بحث ڪريو. پر آئون پنهنجو نقطئہ نظر پيش ڪري رهيو آهيان. جنهن جو سارو دارومدار منهنجي ذاتي مشاهدي ۽ چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تجربي تي آهي ۽ پنهنجي سيني ڪامريڊن کي بحث ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهيو آهيان تہ منهنجو هي نقطئہ نظر صحيح آهي يا غلط؟

اهي خاص حالتون جن دوران چين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد رکيو ويو هو ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد دوران اختيار ڪيل ۽ معمول ڪان هٽيل غلط ڳالهيون

ڪامريڊو!

پورهيت دنيا لاءِ مارڪس ۽ اينگلس ڇا ڪيو آهي؟

هنن ٻنهي مهان انسانن پورهيتن کي هڪ جامع نظرياتي طاقت ۽ اصولي طريقي سان هٿياربند ڪيو. هن سان گڏ هنن پورهيتن واسطي هڪ آزاد تنظيم جو جوڙجڪ ڏنو ۽ عوامي جدوجهد جي شروعات ڪئي ۽ فرسٽ انٽرنيشنل جو بنياد رکيو. ان کان جلد ئي پوءِ اينگلس جي رهنمائي ۽ اثر هيٺ سيڪنڊ انٽرنيشنل منعقد ٿي. مارڪس ۽ اينگلس پورهيت طبقي کي سيکاريو ۽ ٻڌايو تہ جدوجهد کي ڪهڙي طريقي سان منظم ڪجي ۽ عملي طور ڪيئن ان کي اڳتي وڌائجي.

سيڪنڊ انٽرنيشنل دوران (اهو دور پهرين عظيم جنگ کان اڳ سان واسطو رکي ٿو) ڪيترن ملڪن جون سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيون پورهيت طبقي کي وسيع پيماني تي منظم ڪري رهيون هيون. هن طبقي کي منظم ڪرڻ جي ڄڻ هڪ مهم شروع ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ تمام گهڻي ڪاميابي حاصل ٿي هئي. هي دور سرمائيدارن لاءِ پرامن ترقيءَ جو زمانو هو. پورهيتن جي تنظيم ڪاري جو بنياد بہ ان ئي زماني ۾ رکيو ويو هو. تنهن ڪري انهيءَ دور ۾ سياسي پارٽين ۽ ٽريڊ يونين جي فرق کي گهٽ سمجهيو ويندو هو. اينگلس جي وفات کان پوءِ سيڪنڊ انٽرنيشنل جي اڳواڻي ڪائوتسڪي Kautsky ۽ سندس دوستن جي حوالي رهي، جن سيڪنڊ انٽرنيشنل جي پارٽين اندر موقع پرستن سان مصلحت واري ڏڪار جوڳي حڪمت عملي اختيار ڪئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو موقع پرستي هر شيءِ کي پائي ۽ وهائي کڻي وئي. اهو زمانو هڪ پاسي سرمائيداري ۽ ٻئي طرف پورهيت انقلاب جو هو. هنن پارٽين ۽ ٽريڊ يونينس انقلابي سرگرمين ۾ پنهنجي اهليت ڪانہ ڏيکاري جيڪا نئين دور جي ضرورتن مطابق پورهيت طبقي جي ذميواري هئي. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو پهرينءَ مهاڀاري لڙائي دوران ڪجھ بہ ٿي ڪونہ سگهيو.

لينن وارو زمانو مارڪس ۽ اينگلس واري دور کان نرالو هو. هي سامراج جي عروج وارو زمانو، سرمائيدار جي موت جو وقت ۽ پورهيت انقلاب جو دور هو. هن دور جي تقاضا هئي تہ پورهيت طبقي جي هڪ

طاقتور ۽ هٿياربند پارٽي جوڙي وڃي. جيڪا نظرياتي، سياسي، تنظيمي طور متحد ۽ منظم هجي ۽ گڏيل سرگرميون هلائي سگهي. جنهن جو پورهيت عوام سان ويجهو ڳانڍاپو هجي. فقط اهڙيءَ پارٽي جي آڌرڀ واهر سان پورهيت انقلاب جي هڪ بهتر شروعات ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري مارڪس ۽ اينگلس جي اصولن کي هر پاسي کان محفوظ ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ لينن پورهيت انقلابي پارٽي جوڙڻ واسطي هڪ مڪمل ۽ جامع اصول تخليق ڪري ورتو هو. اسان جي پارٽي جي جوڙجڪ جو طريقہ ڪار بہ لينن جي تخليق هئي.پارٽيءَ جي جوڙجڪ جو اصول پورهيت انقلابي جدوجهد جي رهبري ۽ حڪمت عملي کان جدا ڪونہ هو.

لينن جڏهن پورهيت انقلابي پارٽيءَ جو بنياد رکيو تہ ان وقت ڪهڙيون حالتون هيون؟

هي اهو دور هو جڏهن هڪ پاسي سامراجي جنگ ناگزير هئي ۽ پورهيت طبقو بورجوا طبقي مان جند آجي ڪرڻ لاءِ سندس آڏو اچي بيٺو هو ۽ ڪانئس سياسي طاقت کسي پنهنجي آمريت قائم ڪرڻ واسطي تيار بيٺو هو. ٻئي پاسي سيڪنڊ انٽرنيشنل جون سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيون پنهنجي بيشمار تنظيمن هوندي هن ڪم کي منهن ڏيڻ لائق ڪونہ هيون. کين پورهيت طبقي وانگي انقلابي اڳرائي ڪرڻ جي نہ خواهش نہ وري کين ائين ڪرڻ جي جرئت ئي هئي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هو تنظيمي طور ايڏيون سگهاريون ڪونہ هيون ۽ کين سخت جدوجهد هلائڻ جي طاقت ڪانہ هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پورهيتن جي انقلاب واري مطالبي جو پورائو ڪري ڪونہ سگهيا هئا. اهي نہ رڳو ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستيءَ جي گيچڙ ۾ نظرياتي ۽ سياسي طور گپجي پيا هئا پر پارٽين جي تنظيمي معاملن تي بہ ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستن جيان وحشياني طرز عمل جو مظاهرو ڪيو هئائون. مثال طور هنن سرمائيدار ۽ مزدور جي وچ ۾ ڀائيچاري جو هڪ نظريو پيش ڪيو هو. سندن خيال هو تہ ائين ڪرڻ سان سرمائيداري پرامن طريقي سان سوشلسٽ نظام ۾ تبديل ٿي ويندي سيڪنڊ انٽرنيشنل جون پارٽيون ۽ روس جي مينشويڪ Mensheviks پارٽي جا ڪارڪن پارٽي تنظيم ۾ آزاد خيالي قائم ڪرڻ جا خواهان هئا. هنن جي ڪوشش هئي تہ جيئن پورهيت پارٽي گهٽجي مزدورن جي هڪ رواجي قسم جي تنظيم رهجي وڃي. سندن دعويٰ هئي تہ ڪوبہ مضبوط تنظيمي ضابطو نہ هجي سندن خواهش هئي تہ پارٽيءَ اندر غير اصولي امن هجي ۽

هنن نظرياتي اختلافن ۽ تنظيمي گروهه بندين جي پڻ اجازت ڏئي ڇڏي هئي. هنن پارٽين لاءِ اتحاد، تنظيم، خود تنقيد ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جهڙن سنين ڳالهين کي ڏيان مان ڪڍي ڇڏيو هو جيڪي هنن لاءِ غير ضروري هيون. سيڪنڊ انٽرنيشنل جي ساڃيءَ ڏر جي موقع پرستن جون تنظيمي معاملن تي هن قسم جون سوچون هيون.

انهيءَ زماني ۾ روس ۾ اقتصاديات ۽ يورپ ۾ سنڊيڪٽ سازيءَ Syndicates جا ماهر موجود هئا (جهڙوڪ مالي معاملن جا ماهر) جن جي دعويٰ هئي ته پورهيت طبقي کي ڪنهن پارٽي منظم ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي ۽ انهن ماڻهن پارٽين کي منظم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو يا پارٽين کي ٽريڊ يونين جي ماتحت ڪري ڇڏيو هو. هنن ماڻهن ٽريڊ يونين جي آزاد حيثيت جي وڪالت ڪئي هئي ۽ هنن ئي ماڻهن ٽريڊ يونين اندر پارٽيءَ جي اهم ڪردار کان پڻ انڪار ڪيو هو.

هڪ پاسي هو انقلاب جي هٿياربند سرگرمين جي اچي سامهون بيٺا هئا ۽ پورهيت طبقي هڪ مضبوط ويڙهاڪ پارٽيءَ لاءِ آواز اٿاريو هو ته جيئن عوامي سرگرمين کي چڱيءَ ريت اڳتي وڌائي سگهجي. ٻئي پاسي سيڪنڊ انٽرنيشنل جي پارٽين پنهنجن لکين ڪارڪنن ۽ ٽريڊ يونينس جي بيشمار ميمبرن کي منظم ته ڪيو هو پر منجهن ڪو ضابطو ۽ رابطو ڪونه هو. تنهن ڪري انهن ۾ وڙهڻ جيتري سگهه ڪانه هئي. هن کان سواءِ سندن تنظيمي ڪوتاهين ۽ غلطين سان گڏ هنن ۾ موقع پرستي جي ويا به گهر ڪري وئي هئي. لينن جڏهن پنهنجي پارٽي بالشويڪ جو بنياد رکيو هو ته تنهن دور ۾ اهڙيون سنگين حالتون موجود هيون.

اهڙين خراب حالتن ۾ هڪ اهڙيءَ پارٽيءَ جو بنياد رکڻ ضروري هو جيڪا نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي طور سگهاري هجي ۽ پورهيت انقلاب جي اڳواڻي ڪري سگهي. تنهن ڪري لينن، سيڪنڊ انٽرنيشنل جي پارٽين جي نظرياتي ۽ سياسي موقع پرستي ۽ خاص طور تي پارٽي تنظيم جي باري ۾ سندن موقع پرست تصور خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ هر قسم جي سگهه کي گڏ ڪيو. ڪارڪنن کي به اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي پارٽي ۾ شامل ڪيو ويندو هو. بالشويڪ ۽ مينشويڪ وارو پارٽيءَ ۾ ڦيٽارو به پرتيءَ جي اهڙي معيار تان پيو هو. لينن پنهنجي بالشويڪ پارٽيءَ جو بنياد به هن اصول تي رکيو هو ۽ سيڪنڊ انٽرنيشنل جي پارٽي جي ساڄيءَ ڏر واري موقع پرستيءَ خلاف جدوجهد شروع ڪئي هئي ۽ اقتصاديات ۽

سنڊيڪيٽ جي انهن ماهرن جي پيش ڪيل نظرين سان مقابلو ڪيو هو جن جو چوڻ هو تہ پورهيت طبقي لاءِ سياسي پارٽي جوڙڻ ضروري نہ آهي. تنهن ڪري پارٽي جي جوڙجڪ سندس تربيت، ساڄيءَ ڌر جي تنظيمي معاملن سان لاڳاپيل خيالن، پارٽيءَ ۾ موجود آزاد خيالي ۽ مصلحت پسندي، پورهيت طبقي جي پارٽيءَ کي گهٽائي ان کي فقط هڪ تنظيم جي حيثيت ڏيڻ، پارٽيءَ اندر غير اصولي امن رکڻ، تنظيمن کي مختلف گروهن ۽ سرگرمين ۾ ورهائڻ واري اصول خلاف ڇڻ مناظرو ۽ مباحثو هئي. ان قسم جي مناظري مباحثي دوران لينن هن نتيجي تي پهتو تہ پارٽي، پورهيت طبقي جي نهايت باشعور، دلير ۽ ترقي پسند سوچ جي ماڻهن تي مشتمل هوندي آهي، تنهن ڪري اهي ماڻهو پارٽيءَ ۾ پورهيت طبقي جو نهايت ترقي پسند، منظم ۽ باضابطہ حصو ۽ تنظيم جي نهايت اعليٰ ۽ شاندار شڪل هوندا آهن. هن سان گڏ پارٽي ۾ موجود پورهيت طبقي وٽ، ٽريڊ يونينس، ڪوآپريٽو سوسائٽيون، ثقافتي ۽ تعليمي تنظيمون، حڪومت ۽ فوج بہ هوندي آهي. پورهيت طبقي جي هنن تنظيمن کان سواءِ پارٽيءَ جي هڪ اتم ۽ اعليٰ حيثيت نہ هوندي آهي جيڪا ٻين جي سياسي رهبري ڪرڻ جي لياقت رکندي هجي. اهڙيءَ ريت لينن پارٽيءَ ۽ پورهيت طبقي جي ٻين تنظيمن وچ ۾ موجود فرق کي نهايت چٽيءَ ريت بيان ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو هو. هو يقين سان هيءَ دعوي بہ ڪري ٿو تہ پارٽي تنظيم جو اصول جمهوري ۽ مرڪزي هئڻ گهرجي ۽ پارٽي ۾ هڪ ساريڪي مضبوط تنظيم هجي. هي اصول لينن ان وقت تخليق ڪيا هئا، جڏهن هو سيڪنڊ انٽرنيشنل جي پارٽين ۾ موجود پارٽي تنظيم بابت موقع پرستي واري سوال تي جدوجهد ڪري رهيو هو. پارٽي کي منظم ڪرڻ واري اصول تي لينن جا اهي خيال وڏي اهميت رکن ٿا.

خاص ڪري لينن پارٽي ان وقت جوڙي هئي، جڏهن هو پارٽي تنظيم جي سوال تي کاٻي ڌر جي موقع پرستي کان وڌيڪ ساڄي ڌر جي موقع پرست لاڙن خلاف جهيڙي رهيو هو. آڪٽوبر انقلاب کان اڳ واري دور ۾ پارٽي تنظيم جي سوال تي کاٻي ڌر واري موقع پرستي اڃا وجود ۾ ڪانہ آئي هئي يا موقع پرستي واري مڪمل شڪل ڌاري ڪانہ سگهي هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو لينن پارٽي جي جوڙجڪ ڪرڻ ويل پنهنجي مناظري کي فقط ساڄي ڌر جي موقع پرستي خلاف قلمبند ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن قسم جي پارٽين تنظيم ۽ ضابطي ڏانهن ڏيان ڪونہ ڏنو هو پارٽيءَ اندر ٻي

اصولي امن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي اهميت ڪانہ ٿي ڏني، هو خود تنقيد کان ڊڄنديون هيون، هنن آزاد خيالي ۽ مصلحت پسندي کي اڳتي وڌايو ۽ ٽريڊ يونين جي آزاد حيثيت واري اصول کي همٿايو هو. لينن اهو مناظرو ان وقت لکيو هو جڏهن صورتحال مٿي بيان ڪيل ڳالهين جيان بگڙيل هئي.

جيڪڏهن اسان انهن حالتن بابت سوچينداسون، جڏهن چين اندر ڪميونسٽ پارٽي جڙي رهي هئي تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ اهي آڪٽوبر انقلاب کان اڳ ۽ لينن کي درپيش حالتن کان گهڻيون مختلف هيون.

(1) چين جي ڪميونسٽ پارٽي آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ ٺاهي وئي هئي ۽ بالشويڪ پارٽيءَ جدوجهد ۾ سوڀ ماڻي چڪي هئي. جيڪا اسان لاءِ اتساهہ جو ڪارڻ بڻي هئي. اهو ئي سبب آهي جو اسان هيءَ پارٽي لينن جي تخليق ڪيل پارٽي اصولن ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي رهبري مطابق جوڙي هئي.

(2) چين جي پارٽي تي سيڪنڊ انٽرنيسنل جي يورپي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين جو ڪوبہ نظرياتي يا سياسي اثر ڪونہ هو.

(3) يورپ جيان چين ۾ "سرمائي جي پرامن ترقي" وارو دور ڪونہ آيو هو جنهن ۾ پورهيت طبقي کي پارلياماني جدوجهد ۾ حصي وٺڻ جي آزادي مليل هجي ۽ نہ وري چين ۾ پورهيت شاهي وارو ڪو دور آيو هو.

(4) چين جي ڪميونسٽ پارٽي، وچولي طبقي، هارين ۽ سماج جي ٻين حصن جي ماڻهن تي مشتمل آهي. هن پارٽيءَ ۾ ڪيترائي بي روزگار، واندا ماڻهو ۽ هاري شامل آهن.

هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ڪابيءَ ۽ ساڄيءَ ڌر جي موقع پرستن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

مٿي بيان ڪيل چئن حالتن ڪري شروعات ۾ ئي شعوري طور لينن جي تخليق ڪيل اصولن جي پابندي ڪندا رهيا آهيون ۽ چين جي ڪميونسٽ پارٽي کي بہ انهن اصولن جي بنيادن تي ٺاهيو آهي. اسان جي پارٽيءَ جي گهڻن ڪارڪنن کي بالشويڪ پارٽي جا اصول برزبان ياد آهن. ان کان سواءِ اسان جي پارٽيءَ اندر سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ واريون روايتون موجود ڪونہ آهن. هن معاملي ۾ اسان هڪ نئين واٽ ورتي آهي. ابتدا کان وٺي اسان جي پارٽيءَ خود تنقيد ۽ نظرياتي جدوجهد واري اصول تي زور ڏنو آهي، جنهن جو بنياد جمهوري مرڪزيت رکيو ويو آهي. ان سان

گڏ اسان خاص اهميت ضابطي ۽ تنظيم کي ڏني آهي. ان ۾ گروهه بندين جو ته ڪو تصور ئي موجود ڪونه آهي، ٽريڊ يونين ۽ ڪميونزم ۾ آزاد خيالي ۽ آزاد حيثيت واري اصول جي سخت خلاف رهي آهي. تنهن ڪري پارٽيءَ اندر تنظيمي معاملن بابت ساڄيءَ ڌر جي موقعي پرستي واري غلط خيال جي ڪنهن وڪالت ڪانه ڪئي آهي. نه وري خود تنقيد، پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد، سخت قسم جي تنظيمي اصولن، پورهيت طبقي جي سياسي پارٽي خلاف ڳالهائڻ جي ڪنهن کي اجازت آهي. نه وري ڪير، ٽريڊ يونين جي آزاد حيثيت جي وڪالت ڪري سگهندو آهي. اسان جي پارٽيءَ ۾ صحيح قسم جي نظرياتي جدوجهد جو حقيقي رواج اجا ڪونه پيو آهي. ان جو ڪارڻ آهي ته اسان کي اصولي ڄاڻ گهٽ آهي. انهيءَ ڪري اصولي معاملن ۾ موجود اختلاف کي محسوس ڪري ڪونه سگهندا آهيون. ان جو ڪارڻ اهو به آهي ته ڪي معروف ڪامريڊ ڪي غلط طريقا ڪتب آڻي خود تنقيد واري اصول کي دٻائي ڇڏيندا آهن. پارٽيءَ ۾ اهڙو ڪو منظم طريقه ڪار ڪونه آهي جنهن سان پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي مخالفت ڪري سگهجي.

اسان جي پارٽي ڪن خاص قسم جي حالتن اندر جوڙي وئي هئي جنهن ۾ ٻن قسمن جو اثر موجود آهي. هڪ اثر اسان جي فائدي ۾ آهي جنهن وسيلي اسان لينن جي اصولن تي هلي ابتدا کان وٺي هڪ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي ورتي هئي. اسان داخلي طور تي لينن جي اصولن جا پوئلڳ آهيون. اسان جي پارٽي خود تنقيد ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ڏانهن خاص ڌيان ڏنو آهي. هن اصول وسيلي اسان کي اڳتي وڌڻ جو هڪ اتساهه مليو آهي. اسان جي پارٽي ۾ هڪ ٻيو اثر به موجود آهي جيڪو ڪامريڊن کي وري مخالف طرف ڌڪي ويو آهي يعني هڪ غلط طرف ڏانهن ڇڪي ويو آهي. هن قسم جا ڪامريڊ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي تمام گهڻو اڳتي وٺي وڃن ٿا. سندن نقطئه نظر آهي ته ان جدوجهد کي نهايت شدت سان هلايو وڃي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي گنجائش نه رکي وڃي. جنهن جو نتيجو ڪنهن ٻئي پاسي ڏانهن لڙي وڃڻ آهي يعني کاٻيءَ ڌر جو موقع پرستي ڏانهن لاڙو.

ڪيترن ڪامريڊن کي لينن جي تخليق ڪيل اصولن جي مشيني قسم جي غلط ڄاڻ هوندي آهي ۽ ان کي الائي ڇا جو ڇا سمجهي ويٺا آهن. سندن خيال آهي ته پارٽيءَ جي اعليٰ تنظيمي مرڪزيت ڪري پارٽيءَ جي

اندروني جمهوريت جي ضرورت ڪونہ آهي. ڪجهہ ڪامريڊن جو اهو بہ خيال آهي تہ پارٽي جي اندروني جدوجهد ڪري پارٽي ۾ امن امان ڪانہ رهندو. اهي سمجهن ٿا تہ پارٽي جي اڳواٽي جيڪا پورهيت عوام مٿان پورهيتن جي اعليٰ قسم جي تنظيم آهي جنهن ٽريڊ يونينس ۽ ٻين پورهيت تنظيمن ۽ هارين نارين جي آزادي کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي. اها عوام مٿان غير ضروري ۽ شديد نوعيت جي سختي آهي. اهڙي قسم جو سخت ضابطو پارٽي جي ڪارڪنن جي انفرادي سرگرمين ۽ تخليقي صلاحيتن جي لاءِ هاڃيڪار آهي.

ڪيترن ڪامريڊن لينن جي اصولن کي برزبان ياد ڪري ڇڏيو آهي. سندن خيال آهي پارٽي جي اندروني جدوجهد نهايت ضرروي آهي ۽ پارٽيءَ ۾ آزاد خيالي ۽ مصلحت پسندي سٺي ڳالهہ نہ آهي. هنن ماڻهن انهن اصولن کي مشيني طور ۽ نهايت سختيءَ سان نافذ ڪيو آهي. انهن جي سوچ آهي تہ پارٽي جي اندروني جدوجهد ڏاڍي سخت هئڻ کپي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ مصلحت کان ڪم نہ وٺجي، وقت ۽ حالتن کي بہ نہ ڏسڻ گهرجي ۽ ڪامريڊن اندر موجود اختلاف جيترو جلدي دور ٿين اوترو وڌيڪ سٺو. سندن خيال آهي تہ ان جي ٻي شڪل پارٽيءَ اندر آزاد خياليءَ مصلحت جون غلطيون آهن. ان کان سواءِ هو هيءَ ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ هو پاڻ اهڙين غلطين کان پاڪ ۽ سو في سيڪڙو بالشويڪ آهن. حالتن جي نزاڪت، زمان ۽ مڪان تي ڪڏهن سوچ ويچار ڪونہ ڪندا آهن ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ شروع ٿي ويندا آهن ۽ هن قسم جي جدوجهدن ۾ هرويرو بہ پيا جهڳڙا ڪندا آهن. ڪين صحيح جدوجهد جو ڪو پتو پرو ڪونہ هوندو آهي. سڏائيندا وري پاڻ کي جدوجهد جا ماهر آهن. هنن کي پارٽي اصولن جي تہ ڪا ساڃهہ ئي ڪانہ هوندي آهي، رڳو وڙهسان وڙهسان ڪندا وتندا آهن يعني ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي جهڳڙي ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن. اهڙا ماڻهو جدوجهد فقط جدوجهد جي مقصد سان ڪندا آهن. اها پورهيت طبقي اندر گمراهہ ڪندڙ صورتحال هوندي آهي. حقيقت اها آهي تہ اهڙا ماڻهو خالص بالشويڪ ڪونہ هوندا آهن پران پارٽي جي توهين جو سبب هوندا آهن ۽ ان جي نالي کي استعمال ڪندا آهن ۽ سندن اصل مقصد پارٽيءَ اندر موقع پرستي هوندو آهي.

گهڻن ڪامريڊن کي اهو بہ پتو ڪونہ هوندو آهي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ڪهڙن اصولن لاءِ هوندي آهي. هيءَ جدوجهد ٻن مختلف

اصولن مان هڪ بهتر اصول جي چونڊ ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. هيءَ پنهنجي مقصد جو تعين ڪرڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ رستو اختيار ڪرڻ هوندو آهي. اهڙن ڪامريڊن کي خبر ڪانہ پوندي آهي تہ هو پارٽي جي اندروني سخت قسم جي جدوجهد انهن ڪارڪنن خلاف هلائيندا آهن جيڪي اصولن جي معاملي تي هنن کان مختلف نقطئہ نظر جا حامي هوندا آهن. انهن وٽ مقصد جو تعين ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ جا طريقا بہ الڳ هوندا آهن. اهڙن ڪارڪنن سان هلندڙ حڪمت عمليءَ کي نظر ۾ رکي مصلحت کان ڪم ورتو وڃي يا خاص ڪري انهن عملي سرگرمي جي نقطئہ نظر کان جن جو اصول سان تعلق ڪونہ هوندو آهي. هيءَ ڪم لينن ۽ اسٽالن جي اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ جهڙو آهي. پر اسان جا گهڻا ڪامريڊ اهڙين ڳالهين کان بي خبر آهن. هنن ڪامريڊن جو اهڙن معاملن تي غير مصلحت وارو سخت رويو هوندو آهي جن ۾ مصلحت نهايت ضروري هوندي آهي. هي اهڙي هر ماڻهوءَ خلاف جدوجهد هلائيندا آهن جيڪي ساڻن اختلاف راءِ رکندا آهن. نتيجي طور هو هر مسئلي تي جهيڙو ڪندا آهن، هر موقعي تي وڙهندا آهن ۽ هر ماڻهوءَ سان وڙهندا آهن. تنهن ڪري هو چاهيندا آهن تہ ڪوبہ ڪارڪن ساڻن اختلاف راءِ نہ رکي ۽ سندن تقليد ڪري. هو ڪنهن بہ نقطي تي رعايت ڪانہ ڪندا آهن ۽ هر صورتحال ۾ مصلحت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا آهن. جيڪڏهن ڪي ڪارڪن هنن سان اختلاف رکندا آهن تہ ان کي دشمن سمجهندا آهن ۽ هر شيءِ لاءِ دشمني وارو رويو رکندا آهن. تنهن ڪري هو انتها پسنديءَ جو شڪار رهندا آهن. گهڻن ڪامريڊن کي اها بہ خبر ڪانہ هوندي آهي تہ اصول ڇا ٿيندا آهن، ڪهڙن مسئلن تي اصول کان ڪم ونبو آهي، پارٽيءَ جي تجويز ۽ حڪمت عملي ڪهڙي آهي. کين اها بہ ڄاڻ ڪانہ هوندي آهي تہ جيڪڏهن اصولي اختلاف هجن تہ ڪهڙي طريقي سان اندروني جدوجهد هلائجي ۽ ڪهڙي طريقي سان حڪمت عملي جي رٿابندي ڪجي ۽ اختلاف راءِ خلاف جدوجهد شروع ڪجي. کين اصولي ۽ نظرياتي ڄاڻ تمام گهٽ هوندي آهي، کين سياسي تجربو بہ نہ جي برابر هوندو آهي. وڏا مسئلا تہ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن، نہ وري انهن تي بحث مباحثو ڪري سگهندا آهن. سندن دماغن ۾ هيءَ ڳالهہ گهر ڪري ويهي وئي آهي تہ پارٽي جي اندروني جدوجهد نهايت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن اها جدوجهد نہ ڪبي تہ غلط آهي. ان هوندي بہ کين اهم مسئلن جي سُڌ ڪانہ هوندي آهي ۽ اصولي نقطن مان

مسئلا پيدا ڪري وٺندا آهن. پر پوءِ بہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد لاءِ زور ڏئي بيٺا هوندا آهن. تنهن ڪري اهي پارٽي اندر انهن ڪارڪنن خلاف جدوجهد ڪندا آهن جيڪي انفرادي معاملن ۽ مسئلن تي ساڻن اختلاف راءِ رکندا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو پارٽي ۾ ڦيٽاڙو ڪاهي پوندي آهي ۽ ڪامريڊن ۾ هڪ ٻئي خلاف دشمني ڪاهي پوندي آهي ۽ ويڇا پئجي ويندا آهن. اسان جي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ اهڙيون گنديون ڳالهيون بہ ٿي گذرنديون آهن.

حقيقت اها آهي تہ چين جي پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ خطرناڪ قسم جي گمراهي آهي. ڏٺو وڃي تہ اهڙيون ڳالهيون ٻين ملڪن جي پارٽين اندر بہ موجود آهن. پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ انتها پسندي ۽ ڇڙواڳي پارٽي جي اندروني جدوجهد ڪابہ ڏر واري موقع پرستي پيدا ڪري ورتي آهي. جيڪا گمراهيءَ جي هڪ علامت آهي. اها ساڳي ڪابي ڏر واري موقع پرستي پارٽيءَ جي تنظيمي سوال تي بہ موجود آهي. هن قسم جي موقع پرستي، پارٽي اندر جمهوريت ۽ امن امان جي انڪاري آهي، جن جو بنياد اصولن تي اتحاد. ٽريڊ يونين ۽ ٻين تنظيمن جي اضافي relative آزادي، پارٽي ميمبرن جي شخصي آزادي ۽ تخليقي صلاحيتن تي رکيل آهي. هن قسم جي موقع پرستي انهي ماحول ۽ صورتحال مان ڦٽي نڪرندي آهي. جنهن ماحول ۽ صورتحال ۾ چين جي پارٽيءَ جو بنياد رکيو ويو آهي.

آئون هتي هڪ حقيقت بيان ڪرڻ چاهيان ٿو تہ چيني پارٽيءَ جي ڪامريڊن جو ڪابيءَ ڏر جي موقع پرستي خلاف ان جدوجهد ڏانهن ڌيان ڪونہ ويو آهي جيڪا آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ خود لينن هلائي هئي. انقلاب کان ٿورو ئي اڳ ڪابيءَ ڏر جو ڪميونسٽ حصو بالشويڪ پارٽيءَ ۾ وڃي شامل ٿيو هو. هنن بريسٽ لٽووسڪ Brest Litovsk امن ناهہ جي مخالفت ڪئي هئي. انهن ساڳين ماڻهن ٽريڊ يونين جي سوال تي پنهنجو اختلاف ظاهر ڪيو هو. انقلاب کان پوءِ ۽ اڳ ڪابي ڏر سان گڏ اوزووسٽ Otzovist گروهہ بہ هو جيڪو اندروني طور بالشويڪ پارٽيءَ ڏانهن راغب ٿيو. پر ڪين پنهنجي غلط نقطئہ نظر سبب بالشويڪ پارٽيءَ ۾ ڪا جاءِ نہ ملي. تنهن هوندي بہ هنن اهڙو مسئلو پيدا ڪونہ ڪيو جهڙو ڪابيءَ ڏر جي ڪميونسٽن بريسٽ لٽووسڪ ناهہ دوران پيدا ڪيو هو. لينن ڪابيءَ ڏر جي ڪميونسٽن کي پڻ عبرتناڪ شڪست ڏني هئي. ڪابيءَ ڏر جا ڪميونسٽ اولهہ يورپ جي پارٽين ۾ پڻ داخل ٿي ويا هئا ۽ مصلحت کان انڪار جو

نعرو هنيو هئائون. ۽ سوشل ڊيموڪريٽ پارٽين جي ڪابيءَ ڌر سان اتحاد ڪرڻ، قانوني جدوجهد ڪرڻ ۽ پارليامينٽ ۾ شريڪ ٿيڻ کان کُليو انڪار ڪيو هئائون. اهڙين حالتن جي جواب ۾ لينن اپريل 1920 ۾ [ڪابي ڌُر جو ڪميونزم ۽ ٻاراڻي بيماري] نالي ڪتاب لکي ڪين جواب ڏنو هو "Left Wing" communism, and Infantile Disorder" آڪٽوبر انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ جن کي اهو ويساهه ڪونه هو ته پورهيت طبقو سياسي اقتدار تي قبضو ڪري وٺندو سي ڏاڍا پشيمان ٿيا هئا ۽ اهڙو زنده مثال پنهنجي اکين سان ڏسي چڪا هئا. هي واقعو ساڄيءَ ڌر وارن لاءِ به ڪاپاري ڌڪ هو. ان کان پوءِ کابي ڌر واري موقع پرستي آئي. ان جي پاس خاطري ڪرڻ وارا چوڻ لڳا هئا ته اهو انقلاب ڪنهن ڪشٽ ڪشالي کان سواءِ راتو رات اچي ويو آهي. چين جي پارٽيءَ جا جذبا به اهي ساڳيا هئا ۽ مختلف دورن ۾ اهڙيون حقيقتون ظاهر به ٿي چڪيون هيون. ماٺهن اهي غلطيون ضرور ڪيون هيون ۽ لينن جي مقالي "کابي ڌُر جو ڪميونزم ۽ ٻاراڻي بيماري" "Left wing" communisim, and Infantile Disorder" ڌانهن ڪو ڌيان ئي ڪونه ڏنو هئائون. سياسي طور ڪنهن جاکوڙ جا مخالف هئا ۽ ڪجهه انتظار به ڪري ڪونه ٿي سگهيا ۽ پرچار ڪري رهيا هئا ته اول صف واري اقليت هڪ شديد قسم جي اڳرائي ڪئي آهي ۽ عوام جي اڪثريت ان جي انتظار ۾ هئي. ساڳئي وقت هنن ساڄي ڌر جي ٻين موقع پرستن تي گهڻا الزام به مڙهيا هئا. تنظيمي معاملن جي سوال تي ساڄيءَ، کابيءَ ڌر واري موقع پرستي، ساڄيءَ ۽ کابيءَ ڌر جي سياسي مسئلي بابت گمراهي کان شروع ٿئي ٿي. چيني پارٽيءَ به ڪن دورن ۾ ساڄيءَ ۽ کابي ڌر واريون سياسي غلطيون ڪيون هيون. اسان جي کابيءَ ڌر جون مهم جوئي واريون غلطيون گهرو ويڙهه واري زماني ۾ ٿيون هيون ۽ تنظيمي معاملن ۾ پارٽي جي اندروني انتهاپسند جدوجهد ۾ پڻ ساڳيون ڳالهيون ورجايون ويون هيون.

چيني پارٽي ۾ اندروني جدوجهد جي سوال تي ٽن قسمن جون گمراهيون نظر اچين ٿيون. پهرينءَ جو تعلق آزاد رويي ۽ مصلحت پسندي سان آهي. ٻي گمراهيءَ جو واسطو ٻي دليءَ ۽ انتها پسند اندروني جدوجهد سان آهي. ٽين گمراهي غير اصولي بحث ۽ جدوجهد سان تعلق رکي ٿي.

مون مٿي ٽن گمراهين جو ذڪر ڪيو آهي جن کي انهن جي شڪل صورت مطابق تقسيم ڪيو اٿم. جيڪي پنهنجي جوهر ۾ مختلف ڪونه آهن. ڇاڪاڻ ته ٻي اصولي جدوجهد ۽ بحث، پارٽيءَ جي انتها پسند

اندروني جدوجهد ۾ آزاد پسند رويو مارڪسي- ليننی اصول ۾ نظريي کان ڪوهين ڏور آهن ۾ هر نموني سان انهن خلاف آهن.

اهي هيون خاص قسم جون حالتون آهن جن دوران چين جي ڪميونسٽ پارٽي جو بنياد رکيو ويو هو ۾ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ گمراهيون پيدا ٿيون هيون.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ ٻي دليءَ ۾ انتها پسنديءَ جو اظهار

ڪامريڊو!

آئون اڄ پارٽيءَ اندر آزاد خيالي واري رويي تي بحث ڪونه ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اها ڳالهه مٿي بيان ڪيل پارٽي جي اندوروني جدوجهد ۾ موجود ٽن گمراهين مان پهرين ڳالهه آهي. هن جو اهو هرگز مطلب نه آهي ته موجوده دور ۾ پارٽيءَ اندر آزاد خيالي هڪ اهم مسئلو نه آهي يا ان اوڻائيءَ خلاف هلچل هلائڻ غير اهم آهي. هن جو مطلب اهو به نه آهي ته مون کي يقين آهي ته ڪامريڊن جو ان آزاد خياليءَ بابت نقطئہ نظر واضح آهي يا هو ڪن اهم مسئلن ۾ موجود اهڙي آزاد خيال رويي کان چڱيءَ ريت واقف آهن. پر حقيقت هنن ڳالهين جي ابتڙ آهي. ڇاڪاڻ ته ڪامريڊن جو آزادي خياليءَ بابت نقطئہ نظر نہ واضح آهي نہ وري هو اهم مسئلن اندر موجود آزاد خيال رويي کان چڱيءَ ريت واقف آهن. جڏهن مون کي موقعو مليو ته آئون هن موضوع تي ضرور ڳالهائيندس. هتي آءٌ هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهيان ته اسان نظرياتي جدوجهد جي ڏس ۾ بلڪل ناڪام ثابت ٿيا آهيون. پارٽي اندر آزاد خيالي وارا لاڙا هاڻي وڌندا پيا وڃن. ڪيترن جڳهن تي پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ اهڙو لاڙو تمام گهڻو زور ورتي ويو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان غلط لاڙي ۾ گندي ماحول جي صحيح ۾ وقت سر اصلاح ڪري ڪونہ سگهيا آهيون. انهيءَ ڪري پارٽيءَ جو تنظيمي ضابطو ڍرو ٿي ويو آهي. اها ڪا سٺي ڳالهه ڪانہ آهي. اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو پارٽي ۾ اهڙن دانشورن ۾ ڪارڪنن جو تعداد وڌي ويو آهي جي بورجوا واري آزاد خيال نظريي جا حامي آهن جيڪي پورهيت طبقي جي، نظرياتي سياسي ۾ تنظيمي نظر کان واقف ڪونہ آهن. هن کان سواءِ هتي ڪي اهڙا ڪامريڊ بہ موجود آهن جن ماضيءَ ۾ ڪابي ڏر واريون غلطيون ڪيون آهن ۾ پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ انتها پسندي جا قائل

رهيا آهن. اهي ساڳيا ماڻهو هاڻي وري ساڃي ڏر واري آزادي خيالي واريون غلطيون ڪري رهيا آهن. هن سان گڏ ڪيترن سالن کان وٺي متحد محاذ ۾ بہ موجود آهي. تنهن ڪري پارٽيءَ تي بورجوا طبقي جي اثر وڌي وڃڻ جو بہ امڪان موجود آهي. پارٽيءَ اندر انقلاب دشمن رجعت پسند ماڻهو بہ لڪل آهن، تن بہ پارٽيءَ اندر آزاد خيالي واري لاڙي کي گهڻو همٿايو ۽ اڳتي وڌايو آهي. هنن سيني ڳالهين جي هڪ جاءِ تي ملڻ ڪري آزاد خيال لاڙن کي وڏي سگهہ ملي وئي آهي. پارٽي جي جوش جذبي کي وڌائڻ ۽ ان کي سگهاري بڻائڻ جي ارادي سان اهڙن غلط لاڙن سان جهيڙڻو پوندو. اهي غلط قسم جا لاڙا هن روپ ۾ چٽيءَ ريت ڏسجي رهيا آهن تہ ڪي ڪامريڊ ٻين ڪامريڊن جون غلطيون ڏسي ماٺ ساڌيون ويٺا آهن. ڇاڪاڻ تہ هو انهن ڳالهين کان ڊڄي رهيا آهن تہ متان اهو سندس غلطين کي وائکو ڪري سندس عيب نہ اگهاڙي وجهي. ڪي ڪامريڊ وري اهڙا هوندا آهن جو غلطين ڪرڻ وارا ماڻهو سندن گهاٽا دوست هوندا آهن. ڪي اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن جو ڪنهن کي منهن تي ڪونہ چوندا آهن تہ تو هي غلطيون ڪيون آهن پرپٺ هيانءَ ڦاڙي انهن غلطين جو ذڪر ڪندا آهن. ڪن کي غير ذميوارانہ تنقيد ڪرڻ جي عادت هوندي آهي. ڳالهين ڪندي غلطين بابت ڪجهہ ڪنجهي ڪٽڪي وٺندا آهن. اهڙيون اوڻايون تہ پارٽيءَ اندر عام جام آهن. پر هاڻي هڪ سنجيده قسم جي فضا پيدا ٿي پئي آهي. ڪي ماڻهو ڊڄي ويا آهن تہ متان ڪير سندن غلطين بابت پارٽيءَ کي اطلاع ڏئي يا تجربيڪار پارٽي ڪارڪنن کي خبر ڏئي. هو غلطين کان پاڻ کي پلڻ بدران گڏجاڻين دوران پارٽي ڪارڪنن کي ايلاز منٿون ڪندا وتندا آهن تہ مٿن تنقيد نہ ڪن يا پارٽي جي اهم اڳواڻن کي سندن غلطين جو اطلاع نہ ڪن. اهڙا ماڻهو جڏهن ڪي غلطيون يا ڪي پڏيون ڳالهيون ڪندا آهن تہ هو پاڻ پلڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندا آهن ۽ وري اصلاح جا جتن ڪندا آهن. تنهن ڪري تنقيد ڪرڻ جي ڀوَ کان اهڙن عيبن ۽ اوڻاين کي لڪائي ڇڏيندا آهن. سندن خواهش ڪانہ هوندي آهي تہ غلطين کي ظاهر ڪري پنهنجي اصلاح ڪجي. اهي پنهنجي غلطين کي اهڙيءَ ڳجهيءَ جاءِ تي پوري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندا جو ڄڻ اهي غلطيون نہ پر ڪي قيمتي مال خزانو هجن. تنهن ڪري نہ رڳو هو پنهنجي غلطين کان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر سندن غلطين بابت تيار رپورٽ کي پارٽيءَ تائين پهچڻ کان روڪڻ جا پڻ جتن ڪندا آهن ۽ ڪامريڊن کي پارٽيءَ ۾ تنقيد

ڪرڻ واري حق کان جڻ محروم ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طبيعت وارا ڪامريڊ اهو چئي ڏيڃارينداآهن تہ "جيڪڏهن تون پارٽيءَ کي منهنجي غلطين جي سڌ ڏيندين تہ توکي پڇتائڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ملندو. آئون توکي اڄ جو اڄ موچڙا هڻندس." هو سندن غلطين بابت رپورٽ ڏيڻ وارن کان نفرت ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن اهڙو اطلاع متي پهچايو تہ اهو ساڙ سيني ۾ سانڍي رکندا ۽ ڪڏهن نہ ڪڏهن پلاند ضرور ڪندا. سندن اهڙن روين ڪري ڏاڍي مايوسي پيدا ٿي پوندي آهي. هنن جي روين مان اهو محسوس ٿيندو آهي تہ پارٽي ڪارڪن هئڻ ناتي منجهن اخلاق ۽ اخلاق جي پاڪيزگي موجود ڪانہ آهي. هنن جي ڪوشش اها هوندي آهي تہ اهم اڳواڻ ۽ پارٽي جا سياسي ڪارڪن هڪ ٻئي کان الڳ هجن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو پارٽيءَ اندر جيڪو بہ چاهن ڪندا وتن ۽ ڪانئن ڪير بہ پڇاڻو ڪري نہ سگهي. اهڙين ڳالهين تي سختيءَ سان پابندي رکي وڃي.

پارٽي ميمبر لاءِ اها خراب ڳالهہ آهي تہ هو ڪنهن ڪامريڊ جي ڪڌن ڪرتوتن کان پارٽي تنظيم يا اڳواڻن کي واقف نہ ڪري يا اهڙيون ڳالهيون نہ ٻڌائي جيڪي خود پارٽي لاءِ هاڃيڪار هجن. پارٽيءَ کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائڻ بلڪل صحيح ڳالهہ آهي. اهڙيءَ ريت ٻين ڪارڪنن کي اهڙي قسم جي اطلاع ڏيڻ کان روڪڻ بہ غير قانوني آهي. اهڙيون ڳالهيون پارٽي سهي ڪانہ سگهندي. جڏهن پارٽي تنظيم يا ڪنهن ذميوار پارٽي عهديدار کي اهڙي سُڌ ملي تہ اهڙين ڳالهين جي ضرور ڇنڊڇاڻ ڪري پر هڪ ڌر جي ڳالهہ تي ابهرو ٿي فيصلو نہ ڏجي.

اسان اڳيئي اهڙو فيصلو ڪري چڪا آهيون تہ پارٽي اندر نظرياتي جدوجهد کي ترقي ڏجي ۽ اڳتي وڌائجي. ڪن پارٽي تنظيمن اندر آزاد خيالي واريون غلطيون موجود آهن تہ حقيقتن جي بنياد تي آزاد خيالي خلاف سنجيده قسم جي جدوجهد شروع ڪئي وڃي تہ جيئن اهڙين غلطيون ختم ڪري سگهجن. ڪجهہ وقت ٿيندو جو ڪامريڊ مائوزي تنگ "Oppose Liberalism" جي عنوان سان هڪ مقالو لکيو هو. جنهن ۾ پارٽيءَ اندر موجود يارهن اوڻاين جو ذڪر ڪيو هئائين. سندس هن مقالي کي اڄا بہ اهميت حاصل آهي. اوهان کي ان جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ سندس بيان ڪيل اصولن کي آڏو رکي پارٽيءَ اندر موجود آزاد خياليءَ کي ختم ڪري ڇڏجي. پارٽي ناهڻ واري اوهان جي نصاب ۾ آزاد خيالي واري رويي تي گهٽو ڪجهہ لکيو ويندو. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ هن موضوع تي اڄ بحث

ڪونه ڪري رهيو آهيان. آئون مٿي بيان ڪيل ٻيءَ ۽ ٽين غلط ڳالهه بابت وڌيڪ تفصيل سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان. ڇاڪاڻ ته پارٽيءَ اندر اهڙين ڳالهين تي ڪڏهن صحيح طريقي سان بحث ڪونه ڪيو ويو آهي.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ ڪامريڊن جو مشيني نوعيت جو رويو ۽ انتها پسندي ڇا آهي؟ تن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

(1) علاقائي پارٽي تنظيمن ۽ هٿياربند ڏرين جون جدوجهد واسطي باضابطه گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون آهن. اهڙيون گڏجاڻيون غير پارٽي تنظيمن ۾ به باضابطه ٿينديون رهنديون آهن. جهڙوڪ: سرڪاري ۽ عوامي تنظيمون وغيره. جدوجهد جي اهڙين گڏجاڻين جي اڳيئي رٿابندي ڪئي ويندي آهي. انهن جو ڪم سرگرمين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ نه پر فردن تي تنقيد ڪرڻ هوندو آهي. هنن جو مقصد غلطين خلاف جدوجهد ڪرڻ نه پر، ڪنهن ماڻهوءَ خلاف ڳالهائڻ هوندو آهي، ٻين لفظن ۾ هن ريت چئجي سگهجي ٿو ته اهڙيون گڏجاڻيون ڪن غلط نظرين ۽ ٻي اصولين خلاف ڪونه سڏايون وينديون آهن. پر انهن جو اصل مقصد ڪن شخصيتن خلاف ڳالهائڻ هوندو آهي. هن نالي ماتر گڏجاڻين جو ”چيئنگ“ يا ”لي“ خلاف سڏائڻ دراصل انهن ڪامريڊن خلاف ڳالهائڻ جو بهانو هوندو آهي جن غلطيون ڪيون هونديون آهن ۽ انهن جو مقصد غلط نظرين جي اصلاح ڪرڻ نه پر ڪنهن جي انفرادي آزمائش ۽ پرک هوندي آهي ۽ انهن سر ڦرين ڪامريڊن کي جهڙ آڻ مچائڻي پوندي آهي يا وري اختلاف راءِ رکڻ وارن ڪامريڊن کي سيڪت ڏيڻي هوندي آهي. ضروري ڪونه آهي ته اهي گڏجاڻيون غلط نظرين جي اصلاح لاءِ ڪوٺايون وڃن. هن سان گڏ هن قسم جي جدوجهد سان لاڳاپيل گڏجاڻين جا تنظيمي فيصلا ڪنهن خاص شخص خلاف هوندا آهن. هن مان معلوم ٿي ويندو ته هن قسم جي جدوجهد غلط هوندي آهي. هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته اها صحيح ڇونه هوندي آهي؟

پهرين ڳالهه ته ”جدوجهد لاءِ گڏجاڻي“ خود به هڪ لفظ آهي، جنهن جو ڪو مقصد ئي ڪونه ٿو نڪري ڇا اهڙيون به ڪي گڏجاڻيون سڏائبيون آهن. جيڪي جدوجهد کان مڪمل طور آزاد هجن. اسان هنن کي اهڙيون گڏجاڻيون سڏي سگهون ٿا جن ۾ جدوجهد موجود ئي نه هجي، جيڪي اصلي جدوجهد ڪرڻ جي بلڪل خلاف هونديون آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجي گڏجاڻين کي جدوجهد ۽ اڻ جدوجهد جي مختلف نالن ۾ ونڊيو ورهايو ته اسان نظرياتي مونجهارن جو شڪار ٿي ويندا سون. هنن ڳالهين مان معلوم

اهو ٿئي ٿو تہ اسان جي ڪامريڊن کي جدوجهد جي خاص ۽ عام مقصد جو اصل پتو ڪونہ آهي. هو مشيني طور سِکيا ۽ جدوجهد کي الڳ ڪري ڇڏيندا آهن.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جو اصل مقصد پارٽي ڪارڪنن کي ۽ اهڙن ڪامريڊن کي سکيا ۽ تربيت ڏيڻ هوندو آهي جن غلطيون ڪيون هونديون آهن. تنهن ڪري هي جدوجهد پنهنجي وجود اندر ئي هڪ سکيا ۽ تربيت آهي. هن کان سواءِ پارٽيءَ اندر سکيا ۽ تربيت بہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جو هڪ قسم آهي. پر اُها اضافي نرم قسم جي هوندي آهي. تنهن ڪري سکيا، تربيت ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جدا ڪري سمجهڻ نہ کپي. جدوجهد ۽ سکيا هڪ ڳالهہ آهي يا سکيا ۽ تربيت، جدوجهد جي ٻي صورت آهي. مشيني طريقي سان هنن ٻنهي کي الڳ ڪرڻ صحيح ڪونہ ٿيندو.

ٻي ڳالهہ تہ "جدوجهد لاءِ گڏجاڻيون" فرقہ بندي واري پارٽيءَ جي علامت هونديون آهن. ان جو مقصد سياسي ڪارڪنن ۽ ڪامريڊن تي هرويرو حملا ڪري کين هيسائڻ هوندو آهي. اهڙين گڏجاڻين جو مقصد اهڙن ڪامريڊن مٿان چٺرون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ هوندو آهي جن کان غلطيون ٿي وينديون آهن، پر سندن اصلاح ڪرڻ ۽ کين بچائڻ جي نيت ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري پارٽيءَ کي متحد رکڻ ۽ ان کي طاقتور بنائڻ جي مقصد لاءِ ڪانہ ڪئي ويندي آهي جيڪا سياسي ۽ تنظيمي طور ترقي ڪري اڳتي وڌي سگهي. گهڻو ڪري جدوجهد وارين اهڙين گڏجاڻين ڪري پارٽيءَ اندر ڦيٽارو ڪاهي پوندو آهي. ايڪو ٻڏي لوڻ پاڻي ٿي ويندو آهي. ڪارڪن ڇڙوڇڙ ٿي ويندا آهن. ٻي اصولي اختلاف پيدا ٿي پوندا آهن ۽ پارٽي فرقہ بندي جو شڪار ٿي ويندي آهي.

غير پارٽي تنظيمن جهڙوڪ سرڪاري ۽ عوامي تنظيمن ۾ جدوجهد واريون گڏجاڻيون سڏائڻ صحيح ڪونہ هوندو هو.

ٻيو جنهن طريقي سان پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد هلائي ويندي آهي. سا ڪن ڪامريڊن جي چواڻي موجب جيتري وڌيڪ شديد ۽ انتها پسند هوندي اوترو وڌيڪ سنو. اهي سمجهن ٿا مسئلو جيترو وڌيڪ شديد هوندو اوترو وڌيڪ غلطيون ظاهر ٿينديون ۽ ڪامريڊن تي اهڙين غلطين جا الزام مڙهي سگهبا جيڪي هنن ڪيون ئي ڪونہ آهن ۽ تنقيد جيتري ڇتي ۽ سخت هوندي ۽ تنقيد ڪرڻ وارو جيترو رکو ۽ سخت هوندو

جدوجهد ايتري سٺي هوندي مختصر تہ تنقيد ڪرڻ واري جو آواز جيترو گهرو ۽ گونجدار هوندو يا سندس منهن ۾ وڌيڪ گهنج اچي ويندا ۽ ڪاوڙ جو گهڻو اظهار غصي ڪان سندس ساري بتيهي ٻاهر پئي ڏسبي تہ جدوجهد ايتري وڌيڪ ڪامياب هوندي. هن قسم جي جدوجهد کي "انقلاب جو روح" سمجهيو ويندو آهي. سندن ڏيان پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۽ تنقيد ۾ ڪونہ هوندو آهي تہ اها صحيح آهي يا اصول مطابق هلي رهي آهي. تنهن ڪري ڪين اها بہ خبر ڪانہ هوندي آهي تہ ڪٿي هلي دنگ ڪجي پر هو اهڙي بي اصولي جدوجهد کي بنا ڪنهن گهاري جي لڳاتار جاري رکيون پيا ايندا. ظاهر آهي تہ هي طريقو نهايت غلط آهي.

ٽين ڳالهہ تہ ڪن ڪامريڊن کي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي چاڻ ڪانہ هوندي آهي تہ اها هڪ نظرياتي جدوجهد آهي. تنهن ڪري پارٽي اندر سياسي ۽ تنظيمي اتحاد قائم ڪرڻ ۽ ان کي وڌيڪ متحد ۽ مضبوط ڪرڻ ڪان اڳ نظرياتي اتحاد پيدا ٿيڻ ضرور هوندو آهي، مسئلن جو حل بہ نظرياتي ۽ اصولي طور هئڻ کپي ۽ اهڙو حل تنظيمي طور ۽ سرگرمين ڪان پهريائين هجڻ گهرجي. اصولن جي بنياد تي نظرياتي اتحاد قائم ڪرڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ٻين ماڻهن جي غلط نظرين ۽ اصولن جي اصلاح ڪرڻي پوندي، سندن خيالن کي تبديل ڪرڻو پوندو. هنن جي پراڻن اصولن کي نئين شڪل ڏيڻي پوندي ۽ سندن نقطئہ نظر ۽ غلط ترجيحات کي بدلائڻو پوندو. هي ڪم ٻن ٽن لفظن چوڻ ۽ جدوجهد جي گڏجاڻين سان ٿي ڪونہ سگهندو. نہ وري ائين ڏاڍ ڏمر جي آڌار تي ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ لاءِ لڳاتار ترغيب ۽ سکيا جي ضرورت آهي. جنهن ۾ مختلف ۽ پيچيده قسم جي جدوجهد کي ڪتب آڻڻو پوندو يا ان لاءِ ڊگهي عرصي واري سکيا. جدوجهد ۽ انقلابي عمل جي ضرورت آهي ڪي ڪامريڊ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد کي هن نقطئہ نظر سان ڪونہ ٿا ڏسن. سندن خيال آهي تہ اها جدوجهد بلڪل سولي، مشيني ۽ عام رواجي طريقي سان ڪئي وڃي. اِهي سمجهندا آهن تہ هي جدوجهد تنظيم ۾ ڪنهن ماڻهوءَ سان دشمني پاڙڻ هوندو آهي ان ڪري صحيح قسم جي نظريي اصولي اتحاد پيدا ڪرڻ بدران ويڙهاند. بدنامي، جهيڙو ۽ نفاق پيدا ڪيو ويندو آهي. اهي سوچيندا آهن تہ پارٽي اندر نظرئي ۽ اصولن جي آڌار تي پيدا ٿيل اختلافن کي، سولو مشيني ۽ عام رواجي هئڻ کپي. پارٽيءَ ۾ جدوجهد جو هي طريقو بہ بلڪل غلط آهي.

اهي ڪامريڊ پارٽي اندر موجود اصولي ۽ نظرياتي اختلافن کي ختم ڪري اتحاد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪونہ ڪندا آهن ۽ نہ وري هن مقصد لاءِ غلط طريقن ۽ گندي ماحول جي اصلاح ڪندا آهن. پر هن بدران سولن تنظيمي طريقن, ڏاڍ ڪرڻ, سخت قسم جي تنقيد ڪرڻ ۽ سزا ڏيڻ وارو طريقو ڪتب آڻيندا آهن. اهڙيءَ ريت هو پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ گهٽن قسمن جون غلطيون ڪندا آهن ۽ عام اصول اورانگهي ويندا آهن. ڪامريڊن کي اصول ۽ نظرياتي طور آتاري سمجهائڻ, ترغيب ڏيڻ بدران تنظيمي طور طريقا قائم ڪرڻ لاءِ ڪين ڌمڪيون ڏيندا آهن, انتظامي ڪارروايون ڪندا آهن ڪڏهن تہ نهايت سخت طريقا بہ ڪتب آڻيندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪامريڊن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪندا آهن ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق سزائون ڏيندا آهن. اهو ڪونہ ڏٺو ويندو آهي تہ پارٽي ڪارڪن غلطي ننڍي ڪئي آهي يا وڏي, هن ڪيل غلطيءَ جو اعتراف ڪيو يا نہ. يا پنهنجي اصلاح ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي يا نہ. تنهن ڪري پارٽيءَ اندر سزا ڏيڻ وارو طريقو عام ٿي ويو آهي. ڪامريڊ اهڙي جدوجهد جي ابتدا سرگرمين جي شروعات مهل ڪندا آهن. جيڪا اڳتي لاءِ پڻ جاري رکي ويندي آهي. اهڙا ڪامريڊ پنهنجي حدن کان ٻاهر نڪري جدوجهد جي حدف جي تاڙ بہ جاري رکندا آهن. (پارٽي اندر ڪامريڊن کي اهڙي جدوجهد جو نشانو يا حدف بنائيندا آهن) ۽ موقع پرستي جو نمائندو سمجهي جدوجهد بہ هنن ڪامريڊن خلاف هلائيندا آهن. اهڙيءَ ريت هو هڪ نہ ٻئي ڪامريڊ کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بنائيندا آهن تہ جيئن پارٽي جا ٻيا سياسي ڪارڪن محنت ڪندا رهن ۽ اهي ڪم وقت سر پورو ڪن. اهو چيني پهاڪي موجب ائين آهي تہ ٻولڙيءَ کي سيکارڻ لاءِ ڪڪڙ کي ڪُتڪو ڏيڻ (يعني ڏک هڻ ڏيءَ کي تہ سکي نُنهن). سندن ڪوشش اها هوندي آهي تہ جدوجهد جي شڪار ماڻهوءَ جون ڪوتاهيون ۽ غلطيون ڪئين ڪري بہ ظاهر ڪيون وڃن ۽ سندس اهي قول ۽ فعل گڏ ڪري هنن ڏانهن منسوب ڪيا ويندا آهن, جيڪي هن نہ چيا هوندا نہ ڪيا هوندا آهن. پوءِ سندس خلاف الزامن جي فهرست مان ڪوتاهين, غلطين, قولن ۽ فعلن جي چونڊ ڪندا آهن ۽ سيني ڏوهن جو هڪ ڪچو چٺو جوڙيندا آهن. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ اهي الزام معمولي قسم جا هوندا آهن. ان کان پوءِ انهن معمولي قسم جي ڏوهن کي وڏائي اينگهائي موقع پرستي جو روپ ڏئي چڏيندا آهن. اهڙي طريقي سان ٻين ڪامريڊن جي دلين ۾ هن لاءِ

غلط تاثر قائم ڪري ڇڏيندا آهن. پارٽيءَ ۾ هنن لاءِ نفرتون پکيڙيندا آهن ته هي موقع پرست آهن ۽ ڪامريڊن کي اتساهيندا آهن ته هنن خلاف جدوجهد شروع ڪئي وڃي. ان ڪانپوءِ بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي هرڪو مٿل ڇيتي کي لڪڻ هٽڻ شروع ڪندو آهي. ان کان پوءِ پاند پلاند واري جذبي کي تڏي ڪرڻ لاءِ ڪي ماڻهو مٿس ڪوڙا الزام هڻندا آهن ۽ اصولي معاملو ڪري پيش ڪندا آهن ۽ ڪن افواهن ۽ اجاين شڪن شبهن جي آڌار هن خلاف ڪيئي ڪهاڻيون گهڙي وٺندا آهن ۽ ڪيس ڪيترن بحرانن جو ڏوهي بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ اهڙن ڪوڙن الزامن کي ان وقت ڇچڙ جيان چنبڙي پوندا, جيستائين هو ويچارو چريو نه ٿي وڃي. ايڏي انڌ ڪرڻ کان پوءِ به هي ماڻهو ان ڪامريڊ کي پنهنجي بچاءَ ۾ به ٻول به چوڻ ڪونه ڏيندا آهن. جيڪڏهن هو پنهنجي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهي چوندا آهن ته پنهنجي الزامن کي لڪ مٽي ڪرڻ ٿو چاهي يا وري چوندا آهن ته هي اڻ سڌي نموني پنهنجون غلطيون تسليم ڪري چڪو آهي. ان کان پوءِ ڪيس اجا به وڌيڪ ڏنڀ ڏيڻ شروع ڪندا آهن. پارٽي تنظيم جي فيصلي کان پوءِ به هن کي پنهنجي خيال جي اظهار جي موڪل ڪانه هوندي آهي. ڪيس اها به اجازت ڪانه هوندي آهي ته هو پارٽي جي وڏن عهديدارن وٽ اپيل ڪري ۽ سندن زور هن ڳالهه تي هوندو آهي ته هو پنهنجون غلطيون اتي جو اتي قبول ڪري. جيستائين ڪامريڊ پنهنجي غلطين کي قبول نه ڪندو تيستائين اهو ڪونه ڏنو ويندو ته پارٽيءَ اندر اصولي ۽ نظرياتي اختلاف ختم ٿي چڪا آهن يا نه. هن قسم جي جدوجهدن ۾ عام طور اهو ڏنو ويو آهي ته ڪيترا ڪامريڊ اهڙيون غلطيون به قبول ڪري ڇڏيندا آهن جيڪي هنن ويچارن ڪيون ئي ڪونه هونديون آهن. هو سوچيندا آهن ته الزامن کان انڪار ڪرڻ بدران (الزام) قبول ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي. جيتوڻيڪ هنن کي اهو پتو ئي ڪونه هوندو آهي ته هنن اهي غلطيون ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪيون هيون.

هنن ڳالهين مان اهو چڱيءَ ريت معلوم ٿي وڃي ٿو ته هن قسم جي جدوجهد وسيلي ڪامريڊن کي اصول سان چنبڙي پوڻ جي سکيا ڏئي ڪانه ٿي سگهجي جيڪا سچ جي اظهار لاءِ نهايت ضروري آهي.

چوٿين ڳالهه ته پارٽي جي اندروني جدوجهد جا طريقا ان جي ٻاهرينءَ جدوجهد سان گڏيل آهن. ڪي ڪامريڊ مشيني انداز ۾ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي طريقن کي غير پارٽي, عوامي ۽ سرڪاري تنظيمن ۽ پارٽيءَ

سان اڻ لاڳاپيل ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن سان بہ لاڳو ڪندا آهن. ڪي ڪامريڊ جڏهن پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد پارٽي ڪامريڊن خلاف هلائيندا آهن تہ ساڳيا طريقا دشمن ڌر ۽ ڌارين ماڻهن خلاف بہ ڪتب آڻيندا آهن. اهڙيءَ ريت هو پارٽي جي ڪامريڊن سان بہ اهو ساڳيو سلوڪ روا رکندا آهن. جيڪو هو دشمن ڌر ۽ ڌارين ماڻهن سان رکندا آهن. اهي ماڻهو هن قسم جا طريقا استعمال ڪري اختلافن ۽ سازشن جو ٻج ڇٽيندا آهن. پارٽي جي اندروني جدوجهد دوران حراست ۾ رکڻ، گرفتار ڪرڻ، ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ ۽ قيد ڪرڻ جهڙا قدم کنيا ويندا آهن. مثال طور ڪامريڊ ڪابي ڌر واريون سراغ رسانيءَ جون غلطيون ڪندا آهن ۽ اهي گهڻو ڪري ائين ٿي ويندڙيون آهن جو پارٽي جي اندروني جدوجهد ۽ دشمن خلاف جدوجهد ۾ موجود فرق کي سمجهي ڪونہ سگهندا آهن يا پارٽي اندر اندروني نظرياتي جدوجهد جي سراغ لڳائڻ واري ڪوشش سان گڏي ڇڏيندا آهن. اها حقيقت آهي تہ ڪڏهن پارٽيءَ اندر دشمن ڌر جا جاسوس لڪل هوندا آهن. تنهن ڪري اسان لاءِ ضروري هوندي آهي تہ ڪن حقيقتن تي اعتبار ڪري اهڙي قسم جي جدوجهد هلايون، جو انهن کي ظاهر ڪري پارٽيءَ مان ڪڍي سگهون. پرهن قسم جي جدوجهد پارٽيءَ جي ان اندروني جدوجهد لاءِ بلڪل نرالي آهي، جنهن ۾ انهن پارٽي ڪارڪنن جي اصلاح ڪئي ويندي آهي. جن ڪان غلطيون ٿي ويندڙيون آهن ۽ هن قسم جي ٻن جدوجهدن ۾ موجود فرق کي ضرور سمجهڻ کپي. پارٽي جي اندروني ۽ ان جي ٻاهرينءَ جدوجهد ۾ قريبي تعلق آهي پر انهن جو طريقو ۽ شڪل صورت مختلف هوندي آهي.

ڪي اهڙا ڪامريڊ بہ آهن (جن کي حقيقت ۾ ڪامريڊ تہ سڏي ئي ڪونہ ٿو سگهجي) جن جو پارٽي ڪان ٻاهرين طاقتن تي وڌو ويساهہ هوندو آهي ۽ پارٽي کي بلئڪ ميل ڪرڻ ۽ ڌمڪائڻ جي غرض سان انهن کي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ استعمال ڪندا آهن. مثال طور ڪن ماڻهن کي پنهنجي ڪاميابين تي ناز هوندو آهي، يا هو فوج ۽ هٿياربند دستن جو ڪمانڊر هوندو آهي ۽ عوام اهڙن ماڻهن جو گهڻو احترام ڪندو آهي يا انهن جو متحد محاذ جي ڪن حصن سان واسطو هوندو آهي. انهن مان ڪي ماڻهو پارٽيءَ يا پارٽيءَ جي اهم عهديدارن خلاف جدوجهد شروع ڪندا آهن. پنهنجن مطالبن ۽ نقطئہ نظر کي مڃرائڻ لاءِ دٻاءُ رکندا آهن ۽ دعوي ڪندا آهن تہ هو پارٽيءَ جي پابندين ڪان آجا آهن. اهڙا ماڻهو غير پارٽي

ماڻهن جي اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجن اهڙن خيالن جو اظهار ڪندا آهن ۽ يا وري گڏجاڻيون ڪوٺائيندا آهن. ان کان سواءِ ڪي بورجوا ۽ دشمن ڌر جي پارٽيءَ تي هرويرو تنقيد ڪندا آهن ۽ پارٽي جي ڪن حصن، ڪامريڊن ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف جدوجهد شروع ڪئي ويندي آهي. ائين ڪرڻ بہ شديد قسم جي غلطي آهي جيڪا پارٽي جي اثر تي پروسو ڪندڙ ماڻهو ڪندا آهن ۽ پنهنجي آسپاس وارن ماڻهن تي ڏاڍ ۽ دٻاءُ کان ڪم وٺندا آهن ۽ پارٽي کان ٻاهر وارن ماڻهن کي بلئڪ ميل ڪندا آهن. هن قسم جا ماڻهو پارٽي کان ٻاهر وارو نقطئہ نظر رکي پارٽيءَ خلاف جدوجهد شروع ڪندا آهن. تنهن ڪري اهڙا ماڻهو ڪميونسٽ فقط نالي ۾ هوندا آهن ۽ پارٽي جي نقطئہ نظر کان بلڪل جدا هوندا آهن ۽ ان جا دشمن ٿي چڪا هوندا آهن. پنجين ڳالهہ پارٽي جا، گهڻا مسئلا گڏجاڻين ۾ يا گڏجاڻين وسيلي حل ڪيا ويندا آهن. اهو هڪ سنڌو طريقو آهي. پر گهڻين تنظيمن ۾ ائين ٿيندو آهي جو گڏجاڻيون تياري ۽ ڪنهن جاچ پڙتال ۽ اڀياس کان سواءِ ڪوٺايون وينديون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هڪ ڪارڪن جو نقطئہ نظر ٻئي کان گهڻو مختلف هوندو آهي. تنهن ڪري اختلاف راءِ ۾ شدت اچي ويندي آهي. پر جيئن تہ ان قسم جي گڏجاڻين جو حاصل جمع Summation هر حالت ۾ تنظيم جي اهم اڳواڻن جي هٿ ۾ هوندو آهي. تنهن ڪري ڪڏهن نتيجن ۽ ڪيل فيصلن ۾ غلطيون ٿي وينديون آهن. ڪن گڏجاڻين ۾ ڪي شديد قسم جا اختلاف پيدا ٿي پوندا آهن. تنهن ڪري گڏجاڻيءَ جا نتيجا سياسي استاد يا پارٽي جو سيڪريٽري يا ڪو ٻيو اهم حيثيت وارو ڪامريڊ ڪيندو آهي. مون هڪ اهڙي صورتحال پنهنجي اکين سان بہ ڏٺي آهي جو نتيجن ڪيڻ واري اهم شخصيت پاڻ ان گڏجاڻيءَ ۾ موجود ڪانہ هئي. کيس اها خبر ڪانہ هئي تہ ان گڏجاڻيءَ ۾ ڇا ٿيو ڇا نہ ٿيو ۽ اختلاف راءِ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ٿيو هو. حالتن کان مجبور ٿي هن پنهنجي اندازي تي نتيجا ڪڍيا. جيڪڏهن هو ائين نہ ڪري ها تہ کيس پارٽيءَ جي اهم عهدن تان لهڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ها. سندس حالت ڏاڍي خراب هئي. هن لاءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ هو. پوءِ ڪامريڊ مٿا مونا هٽي ان گڏجاڻيءَ جو نتيجو ڪڍيو جنهن کي پارٽي فيصلو ڪري تسليم ڪيو ويو. جيڪڏهن فيصلا هن ريت ڪيا ويندا تہ غلطيون تہ ضرور ٿينديون. ڪي ڪامريڊ ڪن مسئلن بابت واضح ڪونہ هوندا آهن تنهن ڪري ڪو مناسب فيصلو ڏئي ڪونہ سگهندا آهن. اها

ڳالهه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ٻڌائي به ڪونه سگهندا آهن. غور فڪر ڪرڻ يا معاملي جي اپياس لاءِ مهلت به ڪونه گهرندا آهن ۽ نه وري اعليٰ اختيارين کان صلاح مشورو طلب ڪندا آهن. پنهنجي حيثيت جي لڄ لڪائڻ لاءِ ڪو نه ڪو بهانو ڏئي ڇوندا آهن. ڪين خبر ۽ پڪ آهي ته ڇا ڪرڻو آهي. اهڙا ماڻهو سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ فيصلو ته ڪري وٺندا آهن پر هوندو غلط آهي. هن قسم جي ماحول جي پڻ اصلاح ڪرڻ ضروري آهي.

هن قسم جي معاملن کي اڪلائڻ مهل ڪامريڊن کي ڪليءَ دل سان ڇوڻ کپي ته هيءَ شيءِ مون کي ڏانءُ اچي ٿي ۽ جيڪڏهن نه ٿي اچي ته اهو به ڪليءَ دل سان چئي ڇڏڻ گهرجي. ڪين اهڙين شين جي ڄاڻ جي هام هڻڻ نه گهرجي جن جو کين ڪو پتو ئي ڪونه آهي. پارٽيءَ ۾ موجود مسئلن کي ڏُڪي ۽ اندازي تي حل ڪري ڪونه ٿو سگهجي. ان کان سواءِ هر گڏجاڻيءَ ۾ ضرور ڪنهن نتيجي تي پهچڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪن شين بابت شبها موجود آهن ته سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ڪو فيصلو ڏيڻ نه گهرجي. پر حقيقتن جي معلومات کان پوءِ ائين ڪرڻ کپي. فيصلو ان وقت ڏيڻو آهي جڏهن ڪيس صحيح معلومات هجي. جيڪڏهن ائين نه آهي ته مسئلي کي غور ويچار لاءِ رکي ڇڏجي يا اعليٰ اختيارين کان صلاح مشورا طلب ڪرڻ گهرجن. اهو به ضروري ڪونه هوندو آهي ته گڏجاڻين جو حاصل جمع انهن اهم عهديدارن کان ڪرايو جيڪو ان گڏجاڻيءَ ۾ حاضر هجي. پر بحث مباحثي کان پوءِ رپورٽ تيار ڪرڻ وارو ماڻهو به ائين ڪري سگهي ٿو. هن سان گڏ اهو به ضروري ڪونه آهي ته حاصل جمع کي روايتي نتيجو سمجهجي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلو ان کان مختلف هجي.

مون مٿي اهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ مشيني طور ۽ انتها پسند طريقي سان ظئي ڪيون وينديون آهن.

مٿي بيان ڪيل مثال خراب واقعن تان کنيا ويا آهن. اهو هرگز چئي ڪونه ٿو سگهجي ته اسان جي پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ به اهڙا واقعا ٿي سگهن ٿا يعني اهڙيون ڳالهيون موجود ضرور هيون ۽ اهڙي جدوجهد جو نمونو ڪجهه وقت لاءِ هتي به چانيل رهيو.

هن قسم جي غلط ۽ نامناسب پارٽي جي اندروني جدوجهد جو اسان جي پارٽي تي ڪهڙو اثر پيو تنهن جو هيٺ بيان ڏجي ٿو.

(1) انهيءَ ڪري پارٽيءَ اندر چڱ مڙسي واري تصور جي همت افزائي

تي. پارٽيءَ ۾ هن قسم جي جدوجهد جي چئانجڻ ڪري انفرادي طور پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن لاءِ ڏاڍ ۽ ڏچو ٿي پوندا آهن. اهي ويچارا وات مان نہ ٻڙڪ ٻولي سگهندا آهن نہ وري پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهندا آهن نہ وري ڪنهن تي تنقيد ڪري سگهندا آهن. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هڪ يا ٻہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيندا آهن.

ٻي ڳالهہ تہ ان جي برخلاف جدوجهد جي هنن طريقن ڪري ڇڙواڳ قسم جي جمهوريت کي هٿي ملي وڃي ٿي ۽ پارٽي اندر آزاد خيالي جا لاڙا وڌي وڃن ٿا. ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو ڪوبہ ڪارڪن دل جي ڳالهہ ڪرڻ کان گهبرائيندو آهي ۽ ڪنهن تي حقي تنقيد بہ ڪري ڪونہ سگهندو آهي. تنهن ڪري پارٽي اندر خاص نوعيت جو امن امان چانيل نظر ايندو آهي. اختلاف گهٽي وقت تائين لڪائي ڪونہ سگهبا آهن. جڏهن غلطين جو انڪشاف ٿيندو آهي ۽ شيون پنهنجي اصلي شڪل ۾ نڪري نروار ٿينديون آهن ۽ اهي ڪامريڊ ڏندن کي ڪاٽي ڏيو ماٺ ڪيو ويٺا هوندا آهن تہ ڇتي تنقيد ۾ ڪاهي پوندا آهن پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد شروع ڪري ڏيندا آهن. جيڪا دشمنيءَ جو روپ ڌاري پڙڪي ٻاهر نڪري پوندي آهي ۽ پارٽيءَ ۾ اهڙو ڦيٽاڙو ڪاهي پوندو آهي جنهن کي ختم ڪرڻ مشڪل ٿي پوندي آهي. اهو پارٽيءَ اندر ڇڳ مڙسي پيدا ڪرڻ جو نتيجو هوندو آهي.

ٽين ڳالهہ هنن ٽن قسمن جي جدوجهد، پارٽيءَ اندر صحيح نوعيت جي جمهوري مرڪزيت واري اداري کي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو جمهوري اصولن جي باضابطگي تي صحيح ۽ مڪمل طور عمل ڪونہ ٿي سگهيو آهي.

چوٿين ڳالهہ تہ اهڙي جدوجهد پارٽي ڪارڪنن جي اتساهہ، جوش جذبي، اڳتي وڌڻ جي صلاحيت ۽ تخليقي سگهہ کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيندي آهي ۽ پارٽيءَ ۽ ان جي سرگرمين ڏانهن سندن ذميواري وارو احساس ختم ٿيڻ ويندو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ ڪي ڪامريڊ ڪنهن ذميواري سنڀالڻ جي پاڻ ۾ سگهہ ساري ڪونہ سگهندا آهن. اهڙا ڪامريڊ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ست ساري ڪونہ سگهندا آهن نہ وري ڪا نئين شيءِ تخليق ڪري سگهندا آهن. غور ويچار ڪرڻ ۽ مسئلن جي اپياس ڪرڻ تي سندن دل ڪانہ چوندي آهي. ڪم بہ مشيني انداز ۾ بي دلو ڪندا آهن ۽ فقط ٻين جا چيل لفظ اچاريندا آهن. پنجون

نقطو هي آهي ته هن قسم جي جدوجهد ڪري فرقه بندي وڌي وئي آهي ۽ پارٽيءَ اندر گروهي جدوجهد شروع ٿي وئي آهي. ان ڪري پارٽي ميمبرن اندر تنقيد ۽ جدوجهد جو نفسياتي ٻج پيدا ٿي پيو آهي. ڪن ڪامريڊن قدامت پرستي واري نفسياتي سوچ شروع ڪري ڇڏي آهي ته "هر ڪو ماڻهو پاڻ ڇاڻي سندس ڏنڊو ڇاڻي" ۽ "جيترو گهٽ تڪليف ڪبي اوترو ڀلو".

ڇهين ڳالهه ته هن قسم جي جدوجهد ٽراٽسڪي واري نظريي جي ماڻهن لاءِ انقلاب دشمن سونهري موقعا پيدا ڪري ڇڏيا آهن جن جي ڪوشش اسان جي پارٽيءَ کي پوئتي ڌڪڻ جي آهي ۽ اسان جي پارٽيءَ تي حملا ڪري ڪيترو ئي رجعت پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. ٽراٽسڪي نظريي جا ماڻهو ۽ خاص قسم جا ڇاڙتا اسان جي پارٽيءَ جي تضادن ۽ پارٽي جي اندروني غلط جدوجهد مان فائدو وٺي اسان جي پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن ۽ انهن ماڻهن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا آهن جن تي تنقيد ڪئي ويندي آهي يا جيڪي اسان جي پارٽي تي ناراض آهن. موقع پرستي خلاف هلايل اسان جي پارٽيءَ جي جدوجهد سان انقلاب دشمن ڌريون به فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ پروپئگنڊا ڪرڻ ۽ پارٽي کان ٻاهر اسان جي همدردن کي ڀرغلائڻ شروع ڪري ڏينديون آهن ۽ پارٽي اندر اهڙن ڪارڪنن کي متاثر ڪنديون آهن جن تي اعتماد گهٽ هوندو آهي. ان سان گڏ اسان جي اتحاد ۽ ڪارڪنن مان وڙهڻ جي جذبي کي ختم ڪري ڇڏينديون آهن.

مٿي بيان ڪيل گندا نتيجا پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ اختيار ڪيل انتها پسندي ڪري ٿيندا آهن. هنن مان ڪجهه اوڻايون پارٽيءَ ۾ اڃا به موجود آهن. جن کي ختم ڪرڻو پوندو.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ ڪي مشيني ۽ انتها پسند رويا موجود آهن جن ڪري ڪجهه وقت لاءِ اسان جي پارٽي ڏچن ۾ ڦاٿل هئي ۽ ان کي ڏاڍو هاڃو به رسيو آهي. هن قسم جي جدوجهد کي پارٽي جي ڪن اهم حصن مان ڪڏهن ختم ڪيو ويو آهي ۽ مجموعي طور پارٽي اندر ان جو اثر گهٽ آهي. باقي ڪن انفرادي تنظيمن جي وچين ۽ آخري سطح تي مشيني ۽ انتها پسند رويو اڃا به غالب آهي جيڪو مختلف شڪلين ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو روزمره جون تنظيمي سرگرميون اڃا تائين صحيح طريقي سان هلي ڪونه سگهيون آهن. تنهن ڪري اسان کي هن قسم جي گمراهي ڏانهن گهڻو ڌيان ڏيڻ کپي ۽ هر تنظيم منجهان اُن جي

پاڙ پٽي ڇڏجي. انهيءَ لاءِ ته جيئن اسان جا ڪامريڊ ساڳيون غلطيون نه ورجائن ۽ پارٽي جي اندروني نظرياتي جدوجهد کي نيڪ نيتي ۽ ايمانداريءَ سان هلائن ته جيئن اسان جي پارٽي ترقي ڪري ۽ اڳتي وڌي سگهي.

پارٽيءَ اندر بي اصولي جدوجهد

ڪامريڊو!

آئون هن وقت پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي هڪ ٻيءَ گمراهيءَ تي بحث ڪري رهيو آهيان جنهن کي بي اصولي جدوجهد سڏيو ويندو آهي. هي گندو ماحول چين جي پارٽيءَ اندر موجود آهي. ٻاهرين ملڪن جي پارٽين اندر فقط ڳالهين ڪرڻ ۽ لباڙون هڻڻ وارو لاڙو موجود آهي. پر انهن جي ڀيٽ ۾ چين اندر صورتحال وڌيڪ ڳنڀير آهي. اسان کي گهرجي ته ڪامريڊن جي هن ڏس ۾ مدد ڪريون ته جيئن هو ان گندي ماحول کان خبردار ٿي وڃن ۽ ان جي مقابلي واسطي ضروري قدم کڻن. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته پارٽيءَ جو اتحاد ۽ ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويندو.

پارٽيءَ اندر بي اصولن اختلافن ۽ جدوجهدن جو مطلب ڇا آهي؟

منهنجي نقطهء نظر موجب هيٺ بيان ڪيل اختلاف ۽ جدوجهدون بي اصولي آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ان عام صورتحال ۽ اصولن کان هٽي الڳ ٿي ويون آهن. جيڪي اسان جي پارٽي ۽ پورهيت طبقي جي نمائندگي ڪن ٿيون.

(1) ڪي ڪامريڊ اهڙا آهن جو ڪنهن به قسم جا سوال ڪونه پڇندا آهن ۽ نه وري ٻين ڪامريڊن خلاف شروع ڪيل جدوجهد ۾ ئي شريڪ هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته سندن موقف پارٽي مفادن سان نه پر شخصي ۽ گروهي مفادن سان لاڳاپيل هوندو آهي. هن جو مطلب هي آهي ته پارٽي جي اندروني جدوجهد واسطي سندن نقطهء نظر صحيح ڪونه هوندو آهي. هن مان واضح ٿئي ٿو ته هنن سوالن بابت سندن نقطهء نظر حڪمت عمليون ۽ طريقا غلط آهن. اهي فقط انهن ڳالهين جو پاس ڪندا آهن يا وڪالت ڪندا آهن جيڪي سندن شخصي يا سندن ٽوليءَ لاءِ فائدي واريون هونديون آهن. جيڪڏهن ڪين اهڙو ڪو فائدو نظر نه ايندو آهي ته پوءِ اهڙين ڳالهين جي مخالفت ڪندا آهن يا انهن کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. پارٽيءَ ۽ انقلاب جي ڀلائي وارين ڳالهين کي اجائي سمجهندا آهن يا وري انهن کي ٻئي درجي واري اهميت ڏيندا آهن. تنهن ڪري جڏهن اهڙا ماڻهو ڪنهن شيءِ جي مخالفت ڪندا آهن يا پاسو کڻندا آهن ته هو پارٽي يا انقلابي اصول کي نظر ۾ رکي ائين ڪونه ڪندا آهن پر هنن اصولن کان

هٿي ائين ڪندا آهن. ٻين لفظن ۾ هن ريت به چئي سگهجي ٿو ته هو پارٽي ۽ انقلابي اصول ڪي ڪونه ڏسندا آهن ۽ سندن اصولن جو بنياد سندن شخصي مفادن تي رکيل هوندو آهي. جيڪڏهن هر هڪ ماڻهو پنهنجي ذاتي مفاد کي اصول بڻائيندو ته مختلف ماڻهن جا مفاد تضادن جي شڪل وٺي اچي سامهون بيهندا ۽ هڪ ٻئي خلاف جهيڙو شروع ٿي ويندو.

مثال طور اوهان ۾ گهوڙن، کاڌ خوراڪ، ڪپڙن، بيمارن لاءِ سُين ۽ ملازمت ۾ ترقيءَ ۾ ناڪامي جي سوال تان ڦيتاڙو پئجي ويو آهي. هي ڳالهيون شخصي سوال سان تعلق رکن ٿيون جن جو پارٽي اصول سان ڪو واسطو ڪونه آهي. پارٽي لاءِ هڪ اصول متعين ڪرڻ يا هڪ اسڪول لاءِ پٽيوالن، گهوڙن جي کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙن جي تعداد جو تعين ڪرڻ بدران اهي شيون انهن کي ڏنيون وڃن. انهيءَ لاءِ ته جيئن اسان ۽ اسان جي پارٽي انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهي. پر اسان جا ڪامريڊ وري هن قسم جا سوال اٿاريندا آهن ته مون کي هڪ خدمتگار ۽ گهوڙو ڇو نه ٿو ڏنو وڃي؟ يا مون کي سٺي کاڌ خوراڪ ۽ سٺا ڪپڙا ڇو نه ٿا ڏنا وڃن. هر شيءِ جو مرڪز "مون کي" بڻايو ويو آهي ۽ هر شيءِ لاءِ غور ويچار پنهنجي شخصيت سان ڳنڍيو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پارٽيءَ اندر تضاد ۽ تڪرار پيدا ٿي پوندا آهن. جيتري وقت تائين اهڙا ماڻهو راضي هوندا آهن تيستائين اهو ڪونه ڏسندا آهن ته اهڙي ونڊ ورهاست صحيح ۽ اصولي آهي يا غلط هي بي اصولي جدوجهد جو هڪ مثال آهي.

ان جو ٻيو مثال آهي اجايو خرچن خلاف جدوجهد ڪرڻ. ڪي ڪامريڊ پارٽي مفادن کي نظر ۾ رکي اجاين خرچن تي تمام گهڻي تنقيد ڪندا آهن. اهڙيون ڳالهيون مناسب خرچ ڪرڻ وارن اصولن خلاف هونديون آهن. اهڙن ڪامريڊن جو صلاح مشورو هوندو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ خرچ ڪيو وڃي. اهو صحيح طريقو آهي. پر ڪي ڪامريڊ وري اهڙا به هوندا آهن جيڪي هن قسم جو نقطئہ نظر رکي اجائي تنقيد ڪاڻ ڪندا آهن. هي ماڻهو هن مسئلي کي هن نقطئہ نظر سان ڏسندا آهن ته فلاڻي ماڻهوءَ هيترو وڏو خرچ ڪيو آهي، فلاڻي ماڻهوءَ کي تمام سٺي کاڌ خوراڪ ملي رهي آهي، سٺا ڪپڙا ملي رهيا آهن يا اهڙي ڪا سٺي شيءِ ڪاڻ آهي جيڪا کين نه ملندي هجي. پوءِ مون کي ان ماڻهوءَ جيان ڇو نه هٿ ڦاڙ ٿيڻ گهرجي، مان ڇو نه فلاڻي ماڻهوءَ جيان سنو کاوان ۽ سٺا ڪپڙا هندايان؟ مون کي اهو نه ٻڌايو وڃي ته مان پراڻو ڪارڪن نه آهيان يا پارٽي جي خدمت

ڪاڻ ڪئي آهي. پوءِ اجاين خرچن خلاف نعرو هڻي جدوجهد لاءِ سندرو ٻڌي ٻيهي ويندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي تہ ٻين جيان ڪيس گهٽي خرچ ڪرڻ جي موڪل ڪاڻ هوندي آهي. سو هن قسم جي پارٽي جي اندروني جدوجهد بہ بي اصولي هوندي آهي.

ٻيو مثال هي آهي. اوير ائنهوئي Anhui لاءِ اهو طئي ڪيو ويو هو تہ ڪي شخصيتون سرڪاري ڪاتن ۾ نوڪري ڪري رهيون آهن. تنهن ڪري ڪين ٿوري گهٽي پگهار ضرور ڏني وڃي. اهڙي صورتحال ڪان پوءِ ڪن ڪامريڊن چيو تہ ڪين بدلي ڪري سرڪاري ملازمت ڏني وڃي. ڇاڪاڻ تہ سندن مقصد پگهار حاصل ڪرڻ هو. جڏهن انهن جي سرڪاري ڪاتن ڏانهن بدلي نہ ڪئي وئي تہ هنن سرڪاري ملازمن کي پگهار ڏيڻ خلاف جدوجهد شروع ڪرڻ واسطي نعريبازي شروع ڪري ڏني. نہ تہ ان بدران ڪين بحث ڪرڻ لاءِ مشورا ڏيڻا هئا تہ سرڪاري ملازمن کي گذاري لاءِ پگهارون ڏنيون وڃن يا نہ؟ تنهن ڪري هن قسم جي جدوجهد کي بي اصولي سڏي سگهجي ٿو.

ٻي ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ ڪي ڪامريڊ بدنيتيءَ سان اختلاف راءِ پيدا ڪندا آهن ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد شروع ڪندا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن پارٽيءَ اندر ڦيٽاڙو پيدا ڪري سگهجي. اهڙيون ڳالهيون پارٽي جي ترقيءَ واسطي ڪونہ ڪيون وينديون آهن. سندن مقصد بلڪل غلط هوندو آهي ۽ هن قسم جي پارٽي جي اندروني جدوجهد بہ بي اصول هوندي آهي. مثال طور ڪي ڪامريڊ سستي شهرت يا شخصي اهميت يا پنهنجي ڳالهہ ٻيهارڻ يا ڪنهن ڪان جهيڙي جي پلاند وٺڻ خاطر بنا سوچي سمجهي تہ ائين ڪرڻ سان پارٽي کي فائدو رسندو يا نقصان، ٻين ڪامريڊن خلاف پارٽي جي اندروني جدوجهد شروع ڪري ڏيندا آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن انهن ڪامريڊن جو ڪم يا ڪو منصوبو ناڪام ٿئي ۽ ائين ڪرڻ سان پارٽي جو نظم ۽ اتحاد هيٺ مٿي ٿي ويندو آهي.

ٽين ڳالهہ تہ ڪي ڪامريڊ ڪن اصولن جي بنياد تي سوال اٿارڻ بدران تہ هي شيون اختيار ڪيون وڃن ۽ هنن شين تان هٿ ڪنيو وڃي، جوش جذبي ۾ اچي ڪي سوال اٿاريندا آهن ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد شروع ڪري ڏيندا آهن. ڪڏهن وري ٿور وقتي خوشيءَ خاطر ماڻهن تي ناراض ٿي ڪين گاريون ڏيندا آهن ۽ پنهنجي هر قسم جي ساڙ ۽ ڪيني جو اظهار ڪندا آهن. هي بہ بي اصولي جدوجهد جو هڪ مثال آهي. ڪي

ڪامريڊ وري اهڙا بہ هوندا آهن جن کي تجربو گهٽ ۽ نظرياتي ڄاڻ نہ جي برابر هوندي آهي، سوال اٿاري ڪونہ سگهندا آهن ۽ نہ وري ڪن اصولن کي آڏو رکي ڪنهن مسئلي تي بحث ڪري سگهندا آهن. پر ٻين ڪامريڊن سان اختلاف راءِ رکندا آهن ۽ ننڍڙن ۽ عملي قسم جي مسئلن تي ساڻن متفق ڪونہ ٿيندا آهن. جنهن ۾ هلندڙ غير اصولي حڪمت عملي پڻ شامل هوندي آهي. هن قسم جي اختلاف راءِ جو عام نوعيت جي اصولن تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو آهي. تنهن ڪري اهو بي اصولي جدوجهد جو هڪ قسم آهي ۽ ان کي جاري نہ رکڻ گهرجي. مثال طور ڪن ڪامريڊن جو ڪنهن جنگي سرگرمي، جدوجهد جي نموني ۽ تنظيم جي طريقي بابت اختلافي نقطئہ نظر آهن ان قسم جي نقطئہ نظر جو سرگرمين جي حڪمت عملي، جدوجهد ۽ تنظيم جي نمونن يا حڪمت عملين جي اصولن ۽ منصوبن سان تعلق ڪونہ هوندو آهي، بحث جو بہ انت ڇيهہ ڪونہ هوندو آهي ۽ هر ڪامريڊ پنهنجي انفرادي نقطئہ نظر سان ڇڄڙ جيان چنبڙي پوندو آهي پر جيئن تہ سندن سوال غلط طريقي سان تخليق ڪيل هوندا آهن. ان جو اڪثر نتيجو غلط نڪرندو آهي يا ماڻهو انهيءَ نتيجي کي اهميت ڪونہ ڏيندا ۽ ان کي ڇڏي اجايون سجايون ڳالهيون شروع ڪري ڏيندا آهن.

چوٿين ڳالهہ تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد بي ڏياني سان شروع ڪئي ويندي آهي ۽ ان جو تنظيمي اصولن واري طريقي سان ڪو تعلق ڪونہ هوندو آهي. اهڙا ڪجهہ مثال هي آهن.

(1) بي اصولي طريقو ڪم آڻي، ڪن ڪامريڊن کي زوريءَ هڪ پاسي آڻي ٻين ڪامريڊن تي بيجا تنقيد ڪئي ويندي آهي.

(2) اختلافن جو ٻج ڇٽيو ويندو آهي، ڪي جڙتو رٿابنديون ڪري ڪامريڊن کي ڦاسايو ويندو آهي.

(3) ڪامريڊن جي منهن تي ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو ويندو آهي. پر انهن جي پرپٺ سندن گلا مان ڪونہ ڊاپندا آهن.

(4) پارٽي تي اجائي تنقيد ڪرڻ ۽ ان تي غلط الزام تاڻڻ.

(5) ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪامريڊن کي بدنام ڪرڻ.

مٿي بيان ڪيل بي اصولي جدوجهد جا قسم آهن. ان ڪانسواءِ ڪي ڪامريڊ اهڙا بہ آهن جيڪي پارٽيءَ جي صحيح ۽ اصولي قسم جي جدوجهد ۾ ڪي غلط ڳالهيون ٽنبي ڇڏيندا آهن يا وري اصولي جدوجهد جي نالي غير اصولي جدوجهد شروع ڪندا آهن. هتي ڪجهہ اهڙا ڪامريڊ

بہ آهن جيڪي ٻين کي ويڙهائيندا آهن. سندن شخصي مفاد انهيءَ ۾ هوندو آهي تہ ڪامريڊن جا هڪ ٻئي سان ناتا رابطا ڇنل هجن تہ پلو ۾ ڪين جهيڙي جي نتيجي جو پتو ڪونہ هوندو آهي.

پارٽيءَ اندر هن قسم جي بي اصولي جدوجهد خراب آهي ۽ پارٽيءَ لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار آهي.

ڪامريڊ! اهو پڇي سگهن ٿا تہ اصول ڇا آهي؟

جيڪڏهن اصولي نقطئہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ اصول عام قسم جا قانون آهن جن جو شين جي اوسر ۽ ترقي تي ضابطو هوندو آهي. ڪِن شين کي ترقي ڪرڻ واري قانون تحت هلايو ويندو آهي. مجموعي طور تي ساڳي قسم جي شين کي ترقيءَ جي ساڳئي انداز ۾ هلائي ڪونہ سگهبو آهي. اصول بابت سوال جو مطلب آهي شين جي ترقي جي عام قانون مطابق مسئلن جو اڀياس ڪرڻ ۽ انهن کي اڪلائڻ. جيڪڏهن اسان جا مسئلن جي اڀياس ۽ انهن کي اڪلائڻ واسطي لاڳو ڪيل عام قانون غلط آهن تہ مسئلن کي اڪلائڻ واسطي جيڪو طريقئہ ڪار اسان استعمال ڪنداسون سو لازمي طور غلط هوندو. تنهن ڪري اصول جي سوال کي سمجهڻ واسطي جيڪڏهن اسان کان اصول سمجهڻ ۾ ئي غلطي ٿي وئي تہ اها فقط ڪنهن اڪيلي معاملي تائين محدود ڪانہ هوندي پر هر معاملي سان چنبڙيل هوندي ۽ عملي قسم جي مسئلن جي سلسلن کي متاثر ڪندي رهندي.

موجوده دور جي حڪمت عملي ۽ خالص قسم جي نوعيت جا ڪهڙا مسئلا آهن جن جو تعلق اصولن سان نہ آهي؟

اهي گهڻو انفرادي نوعيت ۽ ماڻهو جي زندگيءَ جي ڏيتي ليتي سان تعلق رکن ٿا. مثال طور، اسان سڀ ماڻهو هن ڳالهہ تي متفق آهيون تہ عوام کي گڏ ڪري انهن کي منظم ڪرڻ اصولي معاملو آهي. اسان هن ڳالهہ تي پڻ متفق آهيون تہ هي ڪم عوام جي تنظيمن مرڪزي اڳواڻن جي زير نگراني ٿيڻ گهرجي. جنهن ۾ فوج شريڪ ٿئي ۽ اها هن ڪم ۾ مدد ڪري. ائين ڪرڻ لازمي آهي ۽ اهڙيون سڀ ڳالهيون اصول سان تعلق رکن ٿيون. پر ڪن ڪامريڊن جو خيال آهي تہ عوام کي گڏ ڪرڻ لاءِ مقرر فوجي دستن، يونٽن يا ڪاتي کي ختم ڪيو وڃي ۽ عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪي شخصيتون موڪليون وڃن. ڪن ڪامريڊن جو خيال آهي تہ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ وارن فوجي دستن کي معطل نہ ڪيو وڃي. ڪن ڪامريڊن جو خيال آهي تہ عوامي تنظيمون ڇئن شعبن ۾ ورهايون وڃن. ٻين جو خيال آهي تہ

پنجن شعبن ۾ تقسيم ڪيون وڃن. اهي مسئلا عملي نوعيت جا آهن جن جو اصول سان ڪو تعلق ڪونه آهي.

هتي اسان هڪ ٻيو مثال ڏئي رهيا آهيون. موجوده دور ۾ دشمن جي والار هيٺ آيل علائقي جي پٺئين پاسي اسان جي مزاحمتي جنگ جي حڪمت عمليءَ جو اصول ڇاپا مار جنگ آهي ۽ اها چوڌس پکڙيل آهي. جيڪڏهن هن معاملي ۾ اختلاف راءِ موجود ڪانه آهي ته سمجهڻ کپي ته اسان جي حڪمت عملي واري اصول ۾ اختلاف موجود ڪانه آهي. فرض ڪريو ته ڪي فوجي ڪمانڊر حالتن ڪان مجبور ٿي يا خاص قسم جي سهوليتن ڪري متحرڪ طريقي واري جنگ ڪن ٿا ۽ انهيءَ ڪري سندن شڪست يا فتح ٿئي ٿي. ڏسڻ کپي ته هي انفرادي عملي مسئلو آهي. جنهن جو اصول جي سوال سان ڪو لڳ لاڳاپو ڪونه آهي. جيڪڏهن ٻه ٽي جنگيون غلط طريقي سان وڙهيون ٿيون وڃن ته پوءِ ٻه اهي انفرادي غلطيون چئي سگهجن ٿيون. پر جيستائين ڪو ڪمانڊر پاڻ نه ٿو چوي ته دشمن جي والاريل علائقن جي پٺئين پاسي هلندڙ متحرڪ جنگ اصول آهي. تيستائين ان کي عملي مسئلو تصور ڪيو ويندو شايد ڪنهن خاص صورتحال ۾ هو اها جنگ ڪٽي ٻه وٺي. تنهن ڪري خاص عملي نوعيت جي مسئلن تي هرويرو هوڏ ٻڌي ويهڻ نه گهرجي نه وري ڪنهن اڻ ڪٿ بحث ۾ پوڻ گهرجي.

ٻيو مثال هي آهي ته موجوده دور ۾ اسان جي فوج جنهن نموني سان هٿياربند آهي ته اصولي طور ان کي دشمن جي طاقتور مقام تي حملو ڪرڻ نه گهرجي يا انهن وڏن شهرن تي ڪاهي وڃڻ نه کپي، جيڪي دشمن جي والار هيٺ آهن. جيڪڏهن هن اصول تي اسان جي نقطئه نظر ۾ اختلاف نه آهي ته پوءِ اهو انفرادي عملي نوعيت جو مسئلو آهي. جيڪڏهن اسان خاص حالتن تحت يا ضرورت ڪان مجبور ٿي دشمن جو ڪو ماڳ يا شهر فتح ڪري ٿا وٺون ته ان جو تعلق اصول سان ڪونه هوندو. اصول جو سوال فقط ان وقت اڀري سگهي ٿو جڏهن اسان دشمن جو ڪو قلعو يا شهر فتح ڪري وٺون ۽ اسان دعوي ڪريون ته هاڻي اسان کي دشمن جي سيني قلعن يا شهرن تي حملو ڪرڻ گهرجي. گهرو جنگ واري عرصي دوران ڪن ڪامريڊن جي مرضي هئي ته وڏن شهرن تي حملو ڪيو وڃي. ان ڪري ريڊ آرمي کي هڪ ٻن وڏن شهرن تي حملي ڪرڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ويون هيون. اهو هڪ عملي مسئلو هو جنهن جو تعلق اصول سان ٻه هو. ڇاڪاڻ ته

انهن حملن جو مطلب ته اها ڳالهه اصولي طور ريڊ آرمي جي فائدي ۾ هئي ته هو وڏن شهرن تي حملو ڪري. اسان کي گهرجي ته اصول سان لاڳاپيل عملي نوعيت جي مسئلن تي مصلحت نه ڪريون ۽ ان کي اصولي معاملو سمجهون ته اڳتي ڪڏهن به وڏن شهرن تي حملو نه ڪيو ويندو.

عملي ۽ اهم مسئلن جي نبيرڻ واسطي ڪيترائي امڪاني حل موجود آهن. هڪ کان ٻيءَ جڳهه تائين وڃڻ لاءِ ڪيترائي رستا هوندا آهن. مختلف حالتن مطابق اهي روڊ ۽ رستا سولا به هوندا ته اٽانگا به هوندا آهن. هڪ رستو اسان لاءِ سولو هوندو آهي پر خطرن سان پريل هوندو آهي ته پوءِ اسان اٽانگو رستو اختيار ڪندا آهيون پر اُهو فائدي وارو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن انهن اهم ۽ عملي مسئلن تي اختلاف راءِ موجود هوندو آهي جن جو اصولن سان ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي ته پوءِ اسان کي اها ڄاڻ ضرور هئڻ کپي ته مصلحت کان ڪم ڪهڙي طريقي سان وٺڻ کپي ۽ رعايت ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪجي ۽ ٻين جي نقطئه نظر کي ڪيئن قبول ڪجي ۽ ان سان تحريري معاهدو ڪهڙي نموني سان ڪجي. اتفاق راءِ پيدا ٿيڻ مهل ماڻهن سان رويو سٺو رکو. ائين ڪرڻ سان مسئلن کي چڱي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو ۽ فيصلا به جلد ڪري سگهبا. اسان کي هوڏ ڪرڻ نه گهرجي ۽ ماڻهن کي مجبور نه ڪجي، ته هو پنهنجي نقطئه نظر تان هٽ ڪٽي وڃن ۽ جيڪو ڪجهه اسان ڪريون ان تي اکيون ٻوٽي راضي ٿي وڃن. جيڪڏهن ائين ڪبو ته مسئلن کي نبيرڻ ۾ دير لڳي ويندي، سرگرميون رڪجي وينديون، اختلاف راءِ ۾ شدت اچي ويندي پارٽيءَ ۾ اجايو بحث شروع ٿي ويندو ۽ ڪامريڊن ۾ موجود اتحاد به انتشار جو شڪار ٿي ويندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو جڏهن پارٽي ميمبرن ۾ خاص قسم جي عملي نوعيت جي سوال تي اختلاف راءِ پيدا ٿي پوندو آهي ۽ ضروري سمجهيو ويندو آهي ته مصلحت کان ڪم ورتو ويندو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته خالص قسم جي عملي نوعيت جي مسئلن جي معنيٰ ڇا آهي، جن جو تعلق موجوده حڪمت عمليءَ سان آهي پر اصولن سان ڪو واسطو ڪونه آهي. اهي مسئلا اهڙا آهن جن جو اسان جي جدوجهد جي مقصدن تي يا مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل هر قسم جي جدوجهد تي، اسان جي اختيار ڪيل حڪمت عملي، عام ۽ خاص مسئلن بابت اختيار ڪيل اسان جي موقف تي ڪوبه اثر ڪونه ٿو ٿئي. مٿي بيان ڪيل مثالن ۾ به هن نوعيت جي سوالن جو ذڪر آهي.

مختصر تہ اسان جا عام رهبر اصول اهي آهن جن جو تعلق پارٽي ۽ پورهيت جدوجهد جي مفادن سان آهي. ٻي هر شيءِ هن عام اصول جي ماتحت هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪوبہ مقام، نقطئہ نظر ۽ سرگرمي هن عام اصول جي ضد ۾ آهي تہ اسان کي انهن جي ڀرپور مخالفت ڪرڻ گهرجي. مسئلا گهڻا آهن. پر انهن ۾ ڪي معمولي ۽ ڪي غير معمولي هوندا آهن. اسان جو اصول آهي تہ "جُز" کي "ڪل" سان گڏجي وڃڻ گهرجي، ترت نوعيت جي مفادن کي ڊگهي عرصي وارن مفادن ۾ ضم ٿي وڃڻ کپي ۽ ننڍن اصولن کي وڏن اصولن سان ملي وڃڻ کپي. اصول تي ڪنهن بہ قسم جي مصلحت ڪان ڪم نہ ونجي. اتفاق راءِ تائين پهچڻ کان اڳ انهن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي. اصول سان اڻ لاڳاپيل مسئلن تي هوڙ ٻڌي غير مصلحت پسند رويو اختيار ڪرڻ نہ گهرجي، جدوجهد ۾ اختلاف راءِ کي اڳتي ڪڍي نہ وڃجي. ائين ڪرڻ سان اسان جون سرگرميون گهٽيون متاثر ٿينديون، ايڪو ٻڌي بہ ناس ٿي ويندي

مون هڪ ڀيري ڪنهن ڪامريڊ جي واتان ٻڌو تہ جيستائين پارٽي جي اندروني جدوجهد ۾ منهنجي سياسي نقطئہ نظر کي صحيح سمجهيو ويو تہ ڪوبہ هاڃو ڪونہ رهندو. ان جي معنيٰ تہ جيڪي انتظامي طور غلطيون ڪيون اٿم سي ڪي وڏيون ڪونہ آهن. هن سوچ فڪر جي بنياد تي سندس خيال هي هو تہ جيڪڏهن سندس دشمن خلاف گهڻ طرفي پارٽي جدوجهد شروع ڪئي وئي تہ تمام بهتر ٿيندو پوءِ ڀلي اها تنظيمي اصولن خلاف ڇو نہ هجي. هن قسم جو نقطئہ نظر يا بحث بلڪل غلط آهي. هو صحيح تنظيمي نقطئہ نظر خلاف پنهنجو سياسي نقطئہ نظر استعمال ڪري رهيو هو. ڪيس اها ڇاڻ ٿي ڪانہ آهي تہ هن پارٽيءَ اندر تنظيمي اصولن کي هيٺ مٿي ڪري وڏيون اصولي غلطيون ڪيون آهن. اهڙي ساڳي صورتحال اڄ بہ موجود آهي. پارٽيءَ اندر اتحاد ۽ يڪجهتي کي هاڃو رسائڻ معنيٰ دشمن جي وڏي مدد ڪرڻ، پارٽي ۽ پورهيت مفادن کي تمام گهڻو نقصان پهچائڻ آهي. هن جو مطلب اهو ٿيندو تہ اهڙي غلطي ڪرڻ جيڪا هر اصولي غلطيءَ کان وڌيڪ ڳنڀير آهي. اصول جي ٻين مسئلن جيان هن مسئلي کي بہ نظر ۾ رکي ڪامريڊن کي مختلف اصولي مسئلن جو ڀيٽوار اڀياس ڪرڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن خاص وقت دوران انهن جو پارٽي مفادن تي ڪهڙو اضافي relative اثر ٿئي ٿو. ڪين هن اصول مطابق فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ ننڍن اصولن کي وڏن اصولن اندر ۽ "جز" کي "ڪُل" اندر

ضم تي وجھڻ گهرجي ۽ ڏسڻ کپي تہ ڪهڙن اصولي مسئلن کي ڇڏي ڏيڻو ۽ تور وقتي رعايت ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙن اصولي مسئلن سان ڇهتي ۽ چنبڙي پوڻو آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جي رعايت ڪرڻي ڪانہ آهي. پارٽي جي اندروني اتحاد کي قائم رکڻ لاءِ پارٽي جي انهن ڪارڪنن سان تور وقتي مصالحت ڪرڻي پوندي جيڪي ڪن غير اهم اصولي مسئلن تي اختلاف راءِ رکندا هجن. اسان کي گهرجي تہ اهڙن مسئلن تي ساٿن هرويرو هوڙ ہڏي نہ بيهون نہ وري ساٿن ڊگهي بحث ۾ ڪاهي پئون. هن بدران اسان کي اهم ۽ نتيجہ خيز مسئلن تي وڌيڪ غور فکر ڪرڻ گهرجي. هن کي اصولن تي سوديبازي نہ ٿو چئي سگهجي ۽ نہ وري اهو ڪو وچون رستو آهي. اهو سرگرمين لاءِ مصالحت ڪرڻ ۽ اڪثريت وارن فيصلن کي تسليم ڪرڻ برابر آهي.

مٿي بيان ڪيل مثال پارٽيءَ اندر ٻي اصولي جدوجهد سان واسطو رکن ٿا.

پارٽيءَ اندر ٻي اصولي جدوجهد ۽ مشيني انتها پسندي ڪٿان ايندي آهي؟ ان جي اصليت ڇا آهي؟ اهي هيٺ بيان ڪيل ڳالهين مان ڦٽي نڪرنديون آهن.

(1) عام طور تي اسان جي پارٽي ڪامريڊن جي اصولي ۽ نظرياتي سطح ڏاڍي گهٽ هوندي آهي ۽ گهڻن معاملن ۾ سندن تجربو بہ اڻ پورو هوندو آهي. گهڻي عرصي تائين هيءَ ساري پارٽي بنا ڪنهن اڳواڻ جي ڪم ڪندي رهي آهي ۽ ڪيس ڪو مرڪز بہ ڪونہ هو. اڄ بہ پارٽي اڳواڻ بلڪل مختصر آهن. ڪي مرڪزي آهن تہ ڪي مس هاڻي مقامي طور ٺهي چڪا آهن.

ٻيو تہ پارٽيءَ اندر ڪيترا ننڍا بورجوا موجود آهن. ٻهراڙيءَ جو ننڍو بورجوا تندي تيزي، ساڙ ۽ ڪيني سان ڀريو پيو هوندو آهي، جيڪو سدائين پارٽي جي اندروني جدوجهد متاثر ڪندو رهندو آهي.

ٽين ڳالهہ تہ پارٽي اندر جمهوري اصول ڪڏهن هوندو ۽ ڪڏهن نہ بہ هوندو آهي. ڪامريڊ ڪنهن مسئلي تي اڃا تائين بحث ڪري ڪونہ سگهندا آهن. ڪنهن مسئلي تي داخلي طور اندازي مطابق سوچيو ويندو آهي ۽ ٻهرائيءَ سان اڪلايو ويندو آهي.

چوٿين ڳالهہ تہ هڪ پاسي پارٽيءَ کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪندڙ ڏنڊوڙي ماڻهو لڪي چوري اچي پارٽي ۾ داخل ٿيا آهن تہ ٻئي پاسي کان اسان جي ڪامريڊن کي ساڳي ذهني بيماري چمبڙي وئي ۽ پارٽيءَ کي

پنهنجي ذاتي مقصدن واسطي ڪتب آڻي رهيا آهن. اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هو سچا بالشويڪ آهن. ڪابي ڌر جو لاڙو ڏيکاريندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪين خبر آهي ته ساڄيءَ ڌر ۾ شامل هجڻ کان وڌيڪ کابي ڌر جو هجڻ وڌيڪ سنو سمجهيو ويندو آهي. موقعو ڏسي بيٺ ڪامريڊن تي تنقيد به ڪري وٺندا آهن. انهيءَ لاءِ ته جيئن کين معزز ڪارڪن سمجهيو وڃي.

پنجين ڳالهه ٽراٽسڪي فڪر جا ڇاڙتا ۽ انقلاب دشمن ماڻهو پارٽيءَ ۾ سرڪي اچي شامل ٿيا آهن. سندن ڪوشش آهي ته جيئن پارٽي جي اندروني جدوجهد کي غلط طريقي سان هلائي ان کي بي اثر ڪري ڇڏجي. اهڙي ريت ڪي ٽراٽسڪي نظريي جا لڪل حامي پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ صحيح قسم جي ڪامريڊن تي هرويرو تنقيد ڪندا آهن. هڪ پيري جي تنقيد کان پوءِ اهو ماڻهو وڃي ساڻن ملندو آهي. ڪيس ٽراٽسڪي ٽولي سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته جيئن هو پارٽيءَ اندر ٽراٽسڪي نظريي جو ڳجهي ريت پرچار ڪندو رهي. پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ انهيءَ قسم جون غلط ڳالهيون موجود آهن.

پارٽيءَ اندر ابتدا کان وٺي سخت قسم جو خود تنقيد ڪرڻ جو جذبو موجود آهي. هن قسم جي تنقيد اهم ۽ سٺي آهي. اسان جون پارٽي جون اندروني جدوجهدون صحيح ۽ مناسب طريقي سان هلايون ويون آهن. تنهن ڪري ان ڪيترا پيرا ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد وسيلي اصولي ۽ نظرياتي سطح کي گهٽو وڌايو ۽ بلند ڪيو آهي. هن حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته تنقيد ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد اسان جي پارٽيءَ کي اتساهه ڏنو آهي ۽ ان کي گهڻو اڳتي وڌايو آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو وڃي ها ته هيءَ پارٽي ايتري ترقي ڪري ڪانه سگهي ها. اسان هن ڳالهه کان به انڪار ڪري ڪونه ٿا سگهون ته اسان جي پارٽي جي ڏکي تاريخ ۽ ماضي واري اندروني جدوجهد ۾ نرالي قسم جون گمراهيون ۽ غلطيون ايتري حد تائين وڌيڪ هيون جو ڪڏهن ته پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد صحيح طريقي سان هلائي ڪانه سگهبي هئي. هن ڪري اسان کي هاڃو به ڏاڍو رسيو آهي. اڄ ڪلهه اسان ماضيءَ جي غلطين مان گهڻو سکي ورتو آهي ۽ مستقبل ۾ اسان اهڙين غلطين کان ضرور پاسو ڪنداسون. اسان ڏسون ٿا ته غلطيون ڪري ڏک ڏاکڙا ضرور سٺا آهن ۽ سبق پڻ سکيو آهي، تنهن ڪري سمجهون ٿا ته اسان ڪجهه به ڪونه وڃايو آهي ۽ اسان جي پارٽي ماضيءَ جي اندروني جدوجهد

جي غلطين مان سبق پرائي گهڻي ترقي ڪري چڪي آهي.

مستقبل جي پارٽي جي اندروني جدوجهد جو بنياد چيني پارٽي جي تاريخ مان سکيل سبق تي رکيو ويندو يعني بلڪل ٿوري تڪليف سان پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي ترقيءَ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي ويندي هن جو مطلب اهو آهي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ موجود مختلف گمراهين ۽ غلطين جي چڱيءَ ريت اصلاح ڪرڻ. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن نيون جدوجهدون خبرداري ۽ صحيح طريقي سان ڪري سگهجن.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ڪهڙي طريقي سان شروع ڪرڻ گهرجي

ڪامريڊو!

اسان جي سامهون سوال نهايت ئي چٽو ۽ واضح آهي تہ اسان کي پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ڪهڙي ريت صحيح ۽ مناسب طريقي سان ڪرڻ گهرجي؟

سويت يونين ۽ ٻين ملڪن جون ڪميونسٽ پارٽيون هن ڏس ۾ نهايت ئي تجربيڪار آهن. اهڙيءَ ريت چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پڻ هن ڳالهہ جو وسيع تجربو آهي. هن سوال تي لينن ۽ اسٽالن بہ ڪيتريون هدايتون موڪليون آهن ۽ اسان جي پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽيءَ پڻ ساڳئي قسم جون هدايتون روانيون ڪيون آهن. اسان جي ڪامريڊن کي انهن هدايتن ۽ تجربن جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪرڻ گهرجي. اسان جڏهن پارٽي ناهڻ واري سوال تي پهچنداسون تہ ان موضوع تي ضرور بحث ڪنداسون. اڄ آئون انهيءَ موضوع تي ڪونہ ڳالهائيندس. آئون ڪامريڊن جي ڄاڻ لاءِ چين جي پارٽي جي اندروني جدوجهد جي تجربن جي موضوع تي بحث ڪرڻ چاهيان ٿو.

سڀ کان پهريائين اسان جي ڪامريڊن کي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد نهايت اهم هجڻ سان گڏ هڪ وڏي ذميواري بہ آهي. اسان کي ان ڏانهن هڪ سخت ۽ ذميوار رويو رکڻ گهرجي. بنا سوچي سمجهي جدوجهد ڪرڻ جي گنجائش ڪانہ هوندي آهي. اسان کي گهرجي تہ بنا ڪنهن حجاب جي پارٽي جي لاءِ صحيح موقف رکون، ان جي ترقي لاءِ بي لوث جذبا رکون، بهتر کان بهتر ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ڪامريڊن جي واهر ڪريون تہ جيئن هو پنهنجي غلطين جي

اصلاح ڪري سگهن ۽ مسئلن کي صحيح نموني سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. اسان کي به گهرجي ته باضابطه جاچ پرک ۽ اڀياس وسيلي ۽ حقيقتن ۽ مسئلن کان چڱيءَ ريت واقف هجون. ساڳيءَ ريت اسان جي جدوجهد منظم طريقي سان ۽ ڄاڻو ماڻهن جي رهبريءَ ۾ تيار ڪيل هئڻ گهرجي.

ڪامريڊن کي هيءَ ڳالهه ضرور سمجهڻ کپي ته هو پهريائين پنهنجي اصلاح ڪن ۽ پنهنجي لاءِ موقف صحيح رکن ۽ ان کان پوءِ هو ٻين جي غلطين ۽ اوڻاين جي اصلاح ڪري سگهندا. جڏهن ماڻهو پاڻ پاڪيزه ۽ صاف هوندو تڏهن ئي هو ٻين جي اوڻاين جي اصلاح ڪرڻ ۾ سندن مددگار ٿي سگهندو. پراڻي چوڻي آهي ته "ٻئي کي سڌارڻ لاءِ اول پاڻ کي سڌارڻو پوندو."

جڏهن ماڻهو پاڻ مستحڪم ۽ مضبوط هوندو تڏهن ئي هو ٻئي لڏندڙ لمندڙ ماڻهوءَ کي سهارو ڏئي مستحڪم ۽ مضبوط ڪري سگهندو. جڏهن ڪو انسان صحيح اصولن ۽ نظرين کي ڇهڻي ۽ ڇنبڙي پوندو آهي تڏهن هو ٻين جي غلط اصولن ۽ نظرين کي ختم ڪري سگهندو آهي.

جڏهن ڪنهن جو اصول کي سمجهڻ وارو نقطهء نظر صحيح هوندو آهي تڏهن ٻين جي غلط سمجهڻ واري نقطهء نظر کي ختم ڪرڻ ۾ سندن واهر ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو خاص نوعيت جي مسئلن کان وڌيڪ واقف هوندو ۽ سندس مطالعو به وسيع ۽ باضابطه هوندو ته هو ٻين ڪامريڊن ۽ پارٽي جي به مدد ڪري سگهندو. جيڪڏهن ان جي خلاف ڪنهن ڪامريڊ جو موقف صحيح نه هوندو يا اصولن کي صحيح نموني سان سمجهي ڪونه سگهيو هوندو يا جيڪڏهن گهربل صورتحال کي اصولن مطابق سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪندو يا مسئلن جو باضابطه نموني مطالعو نه ڪندو يا هن ۾ ڪي اوڻايون آهن ۽ ڪن نقطن کي سمجهي ڪونه ٿو سگهي ته پوءِ هو پارٽي جي اندروني جدوجهد دوران ٻين ماڻهن ۾ موجود ڪن غلط ڳالهين جي اصلاح ڪري ڪونه سگهندو. اهڙين اوڻاين جي باوجود به هو هن ڳالهه کي ڇهڻي پوي ٿو ته پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ضرور هئڻ کپي ته هو هر حالت ۾ گمراهه ٿي سگهي ٿو.

فقط اُهي ناقابل ترديد خارجي حقيقتون ۽ تجربا ۽ سچ اڳتي هلي ڪامياب ثابت ٿي سگهن ٿا جن کي عملي طور جاچي ۽ پرکي ڏٺو ويو آهي.

اسان جي خود تنقيد ۽ پارٽي جي اندروني جدوجهد جو اهو مقصد نه آهي ته پارٽي تنظيم ڪمزور ٿئي، ان جي سالميت، تنظيم ۽ وقار کي ڪو هاڃو رسي يا ان جي سرگرمين کي ڌڪي پوئتي ڪجي. پر ان جي برخلاف

پارٽي جي هن جدوجهد جو مقصد پارٽيءَ کي مضبوط ڪرڻ ۽ سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ آهي. تنهن ڪري پارٽي جي اندروني جدوجهد کي پاڻ وهيٽو ڇڏي نہ ڏجي تہ متان هو ڇڙواڳ جمهوريت جو روپ نہ اختيار ڪري وڃي. پارٽيءَ اندر چند ماڻهن جي چڱ مڙسي ۽ ڇڙواڳ جمهوريت جي ڪابہ گنجائش ڪانہ آهي. اهي ٻئي ڳالهيون پارٽيءَ جي زندگي ۾ بي ضابطگيءَ جا بہ رخ آهن.

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد، پارٽي ۽ انقلاب ڏانهن اهم ذميوارين جو احساس ڏياريندي آهي.

ٻيو تہ اسان جي ڪامريڊن کي اهو احساس ضرور هئڻ گهرجي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ٻن قسمن جي نظرين ۽ اصولن وچ ۾ جدوجهد هوندي آهي. تنهن ڪري نظريي ۽ اصول جي معاملي ۾ حدبندي ڪرڻ نهايت ضروري آهي. تنظيمي نقطہ نگاهہ کان پارٽي جي اندروني جدوجهد دوران، ڳالهائڻ جي طريقي ۽ تنقيد ڪرڻ مهل دشمنيءَ ۽ عداوت وارو احساس نہ هئڻ گهرجي ۽ ڪامريڊن کي اهو احساس بہ ضرور هئڻ کپي تہ هر معاملي تي بحث ڪرڻ مهل ٿڌا رهن. انتظامي ضابطن ۽ تنظيمي فيصلن جو ضرور احترام ڪن. اسان کي وڌ کان وڌ مخلص ۽ نيڪ نيت هئڻ کپي ۽ جيڪو بہ صحيح ڏسڻ ۾ اچي چئي ڏيڻ ۾ حجاب نہ ڪجي. تعليم ۽ سکيا دوران نظريي ۽ اصول کي چڱيءَ ريت سمجهڻ کپي. جيڪڏهن ڪو ٻيو متبادل نہ آهي ۽ ضروري بہ آهي تہ پوءِ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ دشمني ۽ عداوت وارو رويو بہ رکڻو پوندو ۽ تنظيمي ڪارروائي لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. پارٽيءَ جي سيني تنظيمن کي مناسب دائري اندر رهندي اهو حق آهي تہ پارٽي ان هر ميمبر خلاف پنهنجو تنظيمي فيصلو ٻڌائي جيڪو چتاءُ ڏيڻ کانپوءِ پنهنجي پڌن ڪمن کان ڪونہ ٿو مڙي ڪن خاص حالتن ۾ پارٽي ضابطن مطابق ڪي قدم بہ کنيا ويندا آهن تہ جيئن پارٽيءَ جي اصولن جي سختيءَ سان پابندي ڪئي وڃي. پر اهڙا قدم بنا سوچڻ سمجهڻ جي اپهرائي ۾ نہ کنيا وڃن ۽ نہ وري انهن کي غلط طريقي سان ڪتب آندو وڃي. پارٽي جي نظم ۽ ضبط کي فقط ڪامريڊن خلاف سخت انتظامي قدمن کڻڻ لاءِ مضبوط ڪري ڪونہ سگهبو آهي. نہ وري ائين ڪرڻ سان اتحاد ۽ ضابطو رکڻ ممڪن آهي. (اهو فقط تڏهن ڪري سگهبو آهي جڏهن پارٽي ڪنهن وڏي ڏچي جي منهن ۾ هوندي آهي). پر ان جي خلاف هي ڳالهيون پارٽي ۾ حقيقي نظرياتي ۽ اصولي

اتحاد ۽ اڪثر پارٽي ميمبرن جي شعور وسيلي برقرار رکي سگھجن ٿيون. جڏهن اسان نظريي ۽ اصول کي صحيح ۽ مڪمل نموني سان سمجهي وٺندا آهيون تہ اسان ضرورت مطابق ۽ ڏاڍي سولائيءَ سان تنظيمي فيصلا بہ ڪري وٺندا آهيون هڪ منٽ ۾ طئي ڪري وٺندا آهيون تہ ڪهڙي ڪامريڊ کي پارٽي مان ڪڍي سگهجي ٿو يا اهڙو اعلان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ فلاڻا ڪامريڊ پارٽي ڇڏي هليا ويا آهن.

ڪامريڊ جيڪي پنهنجي حيثيت کي چنبڙي پوندا آهن يا نظريي ۽ اصول تي پاڻ ۾ بحث ڪندا آهن يا وڙهي پوندا آهن تن کي گهرجي تہ هو تنظيمي طور پارٽي جي ضابطي هيٺ ميمبرن جي اڪثريت جي فيصلن مطابق هلن ۽ پارٽي جي اهم عهديدارن جي چئي آڪئي ۾ رهن. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ پارٽيءَ ۽ ان جي سرگرمين ۾ اتحاد رهي ڪونہ سگهندو. اسان جي ڪامريڊن کي گهرجي تہ هو تنظيمي طور پارٽي خلاف نہ وڃن. اڪثريت جو چيو ضرور مڃين ۽ پارٽي جي اهم عهديدارن جي ذهنيت کي پڻ مانُ ۽ مهت ڏين. پر اهڙيون ڳالهيون نہ مڃڻ کان پوءِ ڪين جيڪو بہ وٽي ڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هنن کي اصول جي سوال تي پنهنجو هڪ جدا نقطۂ نظر آهي. ليڪن ائين ڪرڻ پارٽي جي تنظيمي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي.

پارٽي جي اندروني جدوجهد جو صحيح طريقو اهو آهي تہ جيڪڏهن نظرياتي ۽ اصولي معاملن تي عداوت ۽ دشمني جو رويو موجود آهي تہ اهڙين گندين روايتن کي تنظيمي طور ۽ جدوجهد جي مشڪل صورت ۾ ختم ڪرڻ گهرجي. گهڻن ڪامريڊن انهيءَ ڪري غلطيون ڪيون آهن جو ان وقت نظرين ۽ اصولن بابت ڪو اختلاف موجود ڪونہ هو. تنهن ڪري هنن تنظيمي طور ۽ جدوجهد جي شڪل ۾ هڪ ٻئي کان پاند پلاند ورتا هئا. بحث ڪرڻ مهل ڪاوڙ ۾ هڪ ٻئي تي ڳاڙها ٿي ويندا هئا. هڪ ٻئي تي گارين جا ڍيڄر لائي ڏيندا هئا. هڪ ٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ نفرت کان ڪين هڪ ٻئي جو منهن بہ ڪونہ وٺندو هو. هنن سيني ڪڏن ڪمن کان وڌيڪ خراب ڳالھ اها هئي تہ ڪين اصول ۽ نظريي ۾ ڪو واضح فرق نظر ئي ڪونہ ايندو هو.

تين ڳالھ تہ پارٽي تنظيم، ڪامريڊن ۽ انهن جي سرگرمين تي ٿيندڙ تنقيد مناسب ۽ توريل تڪيل هئڻ گهرجي. بالشويڪن وٽ تنقيد ڪرڻ جو بالشويڪي ماڻ ۽ ماپو هئڻ گهرجي. تنقيد ۾ مناسب حدون اورانگهڻ، ڪن غلطين ۾ هرويرو وڌاءُ ڪرڻ، ڪنهن تي ڪوڙا بهتان هڻڻ غلط آهي.

اهو سمجهڻ بہ غلط آهي تہ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جيتري وڌيڪ سخت هوندي اوترو وڌيڪ ڀلو. اهڙي جدوجهد مناسب حدن اندر هئڻ کپي. مون هن لاءِ ”مناسب“ Proper لفظ ڪتب آندو آهي. هن جدوجهد ۾ نہ انتها پسند رويو رکيو وڃي نہ وري ان کي اڻ پورو ڇڏيو وڃي.

بيان جي غلطين ڏانهن اشارو ڪرڻ يا انهن تي تنقيد ڪرڻ مهل اسان جي نظر نهايت اهم مسئلن تي هئڻ کپي. انهن جي سمجهاڻيءَ ۾ ضابطگي ۽ وضاحت هئڻ گهرجي. اسان کي ننڍين غلطين ۽ امڪاني حقيقتن کي فقط گڏ ڪرڻ نہ گهرجي پر انهن جو چڱيءَ طرح اظهار ڪجي ۽ مڪمل ڪجي. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ ملازم ڏر سمجهندي تہ اسان تي هر ويرو ڏوهہ ٿوپيا پيا وڃن ۽ اڳلو مٿن هر ويرو حملا ڪري بي عزتو ڪري رهيو آهي.

جڏهن اوهان ڪنهن ڪامريڊ تي تنقيد ڪريو تہ هن جا فقط ڏوهہ ۽ غلطيون بيان نہ ڪريو پر اوهان لاءِ ضروري آهي تہ سندس ڪاميابين جو پڻ ذڪر ڪريو سندس خوبين ۽ پارٽيءَ جي خدمتن، صحيح نظرين ۽ اصولن ۽ مستقل مزاجي جي بہ تعريف ڪريو. جيڪڏهن سندس ڪجهہ خيال صحيح آهن تہ توهان تي فرض آهي تہ انهن جو پڻ کليءَ دل سان بيان ڪريو. اوهان جيڪڏهن تنقيد ڪرڻ جو اهو صحيح طريقو ڪتب آندو ۽ ان ماڻهوءَ کي قائل ڪيو تہ سندس خيال غلط آهي تہ پوءِ اوهان ڪيس اڳتي وڌڻ ۾ صحيح نموني سان مدد ڪري سگهو ٿا.

مناسب تنقيد، مناسب رويا ۽ مناسب طريقہ ڪار ڪتب آندا وڃن جيڪي انتها پسند رويي جي بلڪل خلاف هجن. پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ اسان کي اهڙيون ڳالهيون استعمال ڪرڻيون آهن.

چوٿين ڳالهہ تہ پارٽيءَ اندر يا ٻاهر جدوجهد جي مقصد سان گڏجاڻيون ڪوٺائڻ بند ڪيون وڃن. ڪوتاهين ۽ غلطين ڏانهن اشارو تڪميل وقت ۽ تبصري ڪرڻ مهل ڪيو وڃي. پهريائين اصل ڪم کي اڪلايو وڃي ۽ ان کان پوءِ ان ماڻهو بابت ڳالهايو وڃي. اسان کي گهرجي تہ اسان حقيقتن نقطن ۽ معاملي جي شدت جي ڇنڊڇاڻ ڪريون ۽ اوڻاين ۽ غلطين جي ڪارڻ کي ڏسون. ان کان پوءِ اهو ڏسڻو وائسڻو پوندو تہ ان لاءِ ذميوار ڪير آهي ۽ وڏي ۽ ننڍي ذميواري ڪنهن ڪنهن جي هئي. اسان کي ڀڃا ڳاڇا نہ ڪرڻ گهرجي تہ هنن اوڻاين ۽ غلطين جو ذميوار ڪير آهي. جيڪڏهن ڪو ڪامريڊ پنهنجي ضمير جي آواز تي پنهنجي اوڻاين ۽ غلطين کي دور ڪرڻ جي دلي ڪوشش ڪري ٿو تہ اسان جو فرض آهي سندس مدد

ڪريون ۽ ڪيس گهٽي ڪاپاري ۾ پوڻ کان روڪيون. پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد ۾ اسان جي حڪمت عملي اها نہ هئڻ گهرجي تہ پنهنجي سياسي ڪارڪنن ۽ ڪامريڊن کي هرويرو لويون ۽ بچڙو ڪريون يا انهن کي رنجايون ۽ ڪاوڙايون. اهڙي حڪمت عملي پنهنجي روح ۾ هڪ طبقاتي حڪمت عملي آهي. اهڙي ڪارروائي استحصالي طبقو پورهيتن خلاف ڪندو آهي. اسان جي حڪمت عملي ڪامريڊن جهڙي هوندي آهي جيڪي هڪ ٻئي تي صحيح نموني جي تنقيد ڪندا ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا رهندا آهن.

ڪي خاص قسم جا ڏِنگا ڏاوا ڪامريڊ بہ هوندا آهن جيڪي فيصلن جون گهٽيون پيچڪڙيون ڪندا آهن، تنظيمي ضابطن جو بہ خيال ڪونہ ڪندا آهن ۽ اهو بہ ڪونہ ڏسندا آهن تہ ڪميونسٽ اخلاقيات ڇا آهي. هنن وٽ ڪنهن بہ قسم جو دليل ڪونہ هوندو آهي. اصولي مسئلي کي ڪجهہ ڪونہ سمجهندا آهن. ڪڏهن تہ وري اهڙيون حالتون پيدا ٿي پونديون آهن جو اهڙي ڪامريڊ تي ڪيس هلائڻ لاءِ ٻين ڪامريڊن جي گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي آهي. پر هن ڳالهہ کي ڏهاڙيءَ جو معمول بڻائڻ غلط آهي.

پنجين ڳالهہ تہ جن ڪامريڊن تي تنقيد ڪئي وئي آهي يا سزا ڏني وئي آهي تن کي مٿي اپيل ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي. جڏهن ڪنهن ڪامريڊ جي ڪرائي ڪوتائيءَ جو اندازو ڪيو وڃي يا ان لاءِ تنظيمي فيصلو ڪيو ٿو وڃي تہ اسان اصول موجب ان ڪامريڊ کي اطلاع ڏيون ۽ فيصلو سندس روبرو ڏيون. جيڪڏهن هو بحث مباحثي کان پوءِ اهو فيصلو قبول نہ ٿو ڪري تہ اهو ڪيس پارٽي تنظيم ڏانهن موڪليو وڃي جيڪا ان کان پوءِ حيثيت ۾ مٿاهين آهي (يعني سزا جي فيصلي کان پوءِ بہ هو مطمئن نہ آهي تہ ڪيس فيصلو ڏيڻ واري ڏر کانپوءِ مٿاهينءَ اختياريءَ ڏانهن روانو ڪيو وڃي. پوءِ اهو ميمبر مٿي اپيل ڪرڻ چاهيندو هجي يا نہ) ڪنهن بہ پارٽي تنظيم کي اهو حق ڪونہ آهي تہ سزا ڀڳايل ڪامريڊ کي اعليٰ اختياري وٽ اپيل ڪرڻ کان روڪي سگهي. پارٽي جي ڪنهن بہ ميمبر کان اپيل ڪرڻ جو حق کسي ڪونہ ٿو سگهجي. ڪابہ پارٽي تنظيم ڪنهن بہ اپيل کي پاڻ وٽ روڪي نہ ٿي سگهي. ڪنهن بہ پارٽي ميمبر کي نظرياتي يا اصولي نقطي تي وچ واري اختياري کي ڇڏي اعليٰ اختيارن واري پارٽي ڪميٽي يا سينٽرل ڪميٽي وٽ سڌي اپيل ڪرڻ جو حق آهي. اعليٰ اختياري وٽ اپيل ڪرڻ کان اڳ ڪامريڊ کي هر حال ۾ ان تنظيم کي پنهنجي نقطہ

نظر کان مڪمل طرح واقف ڪرڻو آهي، اپيل ڪرڻ جا سبب ٻڌائڻا آهن، اختلاف وارا نقطا واضح ڪري سمجهائڻا آهن جنهن جو هو ميمبر آهي. هن لاءِ اهو بہ لازم آهي تہ اعليٰ اختياري وٽ دانهڻ کان اڳ پنهنجي پارٽي تنظيم کي بہ انهن ساڳين حقيقتن کان واقف ڪري ۽ پنهنجي شخصي مقصد واسطي پارٽي جي اعليٰ اختياري کي نڳڻ جي ڪوشش نہ ڪري. جيڪڏهن پارٽيءَ جي اعليٰ اختارين وٽ هڪ پيرو اپيل داخل ٿي وئي تہ ان جو فيصلو اها اعليٰ اختياري ٻڌائي سگهي، ٿي جنهن کي هيٺينءَ پارٽي ڪميٽي طرفان ٻڌايل سزا گهٽ ڪرڻ رد ڪرڻ يا بحال ڪرڻ جو حق آهي.

جيڪڏهن پارٽي تنظيم اندر ڪنهن نظرياتي يا اصولي سوال تي ڏگهي بحث کان پوءِ اتفاق راءِ پيدا ٿي ڪونہ ٿو سگهي تہ اهڙي مسئلي کي اڪثريت جي فيصلي جي آڌار تي حل ڪري سگهجي ٿو. اهڙي فيصلي تي وچڻ کان پوءِ اقليت ڏر پنهنجيءَ راءِ کي هن شرط سان محفوظ رکي سگهي ٿي تہ اها تنظيمي طور سرگرمين دوران اڪثريت جي فيصلي کي مڃيندي

جيڪڏهن ڪامريڊن جو ڪجهہ تعداد يا هيٺينءَ پارٽي ڪميٽي جو ميمبر اعليٰ اختياري واري پارٽي ڪميٽيءَ يا ان جي ڪنهن حصي کي ڪم جي جاچ پڙتال ڪرڻ جي نيت سان گڏجاڻي ڪوٺائڻ جي گذارش ڪري ٿو تہ پارٽي ڪميٽي مناسب وقت تي اهڙي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿي.

ڇهين ڳالهہ تہ پارٽي جي اندروني ۽ پارٽي کان ٻاهر واري جدوجهد وچ ۾ حد بندي جي ليڪ ضرور ڇڪڻ ڪپي. پر هنن ٻنهي کي پاڻ ۾ ضرور ڳنڍڻ گهرجي. پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد جي شڪل صورت ٻاهرين جدوجهد جي شڪل صورت جهڙي نہ هئڻ ڪپي نہ وري ٻاهرين جدوجهد جي شڪل صورت اندروني جدوجهد جهڙي هجي. هن پارٽي خلاف يا ان کي ڊيچارڻ جي نيت سان ٻاهرين جدوجهد جي سگهہ ۽ حالت گهٽي گهٽ هئڻ گهرجي. سيني سياسي ڪارڪنن کي نهايت خبردار هئڻ ڪپي تہ جيئن ٽراٽسڪي نظريي جا حامي، دشمن ڌر جا جاسوس ۽ انقلاب دشمن ڌر پارٽي جي اندروني تضادن مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪري ۽ منفي سرگرميون نہ شروع ڪري. ڪين اهو بہ خيال رکڻ گهرجي تہ متان اهي ماڻهو هنن کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. دشمن ڌر کي ڪجهہ ڪرڻ کان روڪڻ جو طريقو هي آهي تہ پارٽيءَ اندر وڏ کان وڏ نظم ۽ ضبط رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد صحيح طريقي سان هلائي وڃي.

پارٽيءَ اندر فقط قانوني ۽ نظرياتي جدوجهد جي اجازت آهي. هر قسم جي جدوجهد جيڪا پارٽي منشور کي هاڃو رسائيندي هجي يا پارٽي جي نظم و ضبط کي ڇيهو پهچائيندي سا بلڪل ئي ممنوع آهي.

ستين ڳالهه ته پارٽيءَ اندر غير اصولي اختلافن جي منع هئڻ گهرجي. انهيءَ مقصد لاءِ هيٺ بيان ڪيل قدم کنيا وڃن.

(1) جن پارٽي ڪارڪنن کي پارٽي، ان جي اهم حصي يا ڪنهن پارٽي تنظيم خلاف شڪايتون آهن تن کي گهرجي ته اهڙيون شڪايتون مناسب انداز ۾ پارٽي تنظيم آڏو رکن پر عوام ۾ ويهي اهڙي شڪايت ۽ تنقيد نه ڪئي وڃي.

(2) پارٽي ڪارڪن کي جيڪڏهن ٻئي ميمبر خلاف شڪايتون آهن ته پارٽي جي اهم اڳواڻن کي گهرجي ته ٻنهي ڌرين جي روبرو مٿن تنقيد ڪن يا ڪنهن پارٽي تنظيم اندر انهن سان روبرو ڳالهائين ته اصل قصو ڇا آهي. پر ڪچهرين ۾ ويهي اهڙيون شڪايتون ۽ تنقيدون نه ڪيون وڃن.

(3) پارٽي ميمبرن يا پارٽيءَ جي هيٺين ڪميٽين کي پارٽيءَ جي اعليٰ سطح واريءَ ڪميٽيءَ خلاف ڪا شڪايت آهي ته اهڙا مسئلا پارٽي ڪميٽيءَ جي روبرو رکيا وڃن يا ان کي چيو وڃي ته معاملي تي غور ويچار لاءِ گڏجاڻي ڪوٺائي. ڪين اهو به اختيار آهي ته هن معاملي کي اڪلائڻ لاءِ اڃا به وڌيڪ اعليٰ اختيارين واري پارٽي ڪميٽيءَ ڏانهن رجوع ڪن. پر ڪچهرين ۾ ويهي فقط ڳالهيون نه ڪن نه وري اهڙيون شڪايتون پارٽيءَ جي هيٺين ڪميٽين کي ٻڌائن.

(4) جڏهن پارٽي ڪارڪنن کي ڪنهن ڪارڪن جي غلطين جي سڌ پوي، يا ان جي اهڙن ڪڌن ڪرتوتن جو پتو پوي، جيڪي پارٽي جي مفادن لاءِ هاڃيڪار آهن ته انهن پارٽي ڪارڪنن لاءِ ضروري آهي، ته اهڙيءَ ڳالهه کي لڪائڻ يا ڪنهن ڪارڪن تي ڪک رکڻ بدران پيرائتي ڳالهه وڃي مناسب پارٽي تنظيم کي ٻڌائن.

(5) پارٽي ڪارڪن لاءِ ضروري آهي ته ڪم ۾ صحت مند ماحول پيدا ڪن ۽ پنهنجي ايمانداريءَ جو مظاهرو ڪن ۽ غير صحت مند ماحول ۽ بي ايماني جي سخت مخالفت ڪن. هنن مثان هيءَ ڳالهه به لازم آهي ته ڪچهري ۾ اجايون ڳالهيون ڪرڻ وارن ميمبرن کي نندين ۽ افواهه نه پکيڙن، ڪنهن ڪارڪن جي خانگي معاملن جي جاسوسي نه ڪن، نه انهن بابت ڪي افواهه هلائن. پارٽيءَ جي اهم حصن جي اڳواڻن کي گهرجي ته جڏهن

هو ضروري سمجهن تہ پارٽي ڪارڪنن ڏانهن هدايتون جاري ڪن تہ عام ڪچهرين ۾ ويهي اهم نوعيت جي معاملن جو ذڪر نہ ڪن.

(6) پارٽيءَ جي هر سطح جي اڳواڻ کي ۽ انهن ڪامريڊن کي گهرائڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي جيڪي سدائين ڪچهرين ۽ اجاين سجاين بحثن ۾ رڌل هوندا آهن. انهن سان ڪن معاملن تي بحث مباحثو ڪيو وڃي، سندن اصلاح ڪئي وڃي ۽ کين چتاءُ ڏنو وڃي يا مٿن انتظامي قدم کنيو وڃي.

(7) هر سطح جي پارٽي ڪميٽي کي گهرجي تہ پارٽي ميمبرن جي راءِ جي اظهار جي عزت ڪن. پارٽي ڪميٽيون ڪن مسئلن تي بحث ۽ سرگرمين تي تبصري لاءِ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪڏهن بہ گڏجاڻي طلب ڪري سگهن ٿيون. هنن کي گهرجي تہ پارٽي ڪارڪنن کي پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪن.

غير اصولي اختلاف راءِ کي ختم ڪرڻ گهرجي. اهڙي قسم جا بحث جڏهن بہ کلندا آهن تہ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. چاڪاڻ تہ اهڙن بحثن مان سچ ۽ ڪوڙ کي ڌار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي.

جڏهن اسان ڪارڪنن ۾ چڙيل غير اصولي بحث مباحثي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اسان کي گهرجي تہ ان قسم جي بحث کي اڪلائڻ جي ڪوشش نہ ڪريون پر انهن ڪارڪنن جي ڪمن تي تبصرو ڪريون ۽ حاصل جمع ڏسون. پوءِ اصولي موقف وسيلي مستقبل جي ڪمن جي همت افزائي ڪريون، ڪم لاءِ رهبري ڪريون ۽ منصوبہ بندي کي سمجهڻ جا رستا ٻڌايون. انهيءَ طريقي سان ڪن ڪارڪنن جي غلط نقطہ نظر تي تنقيد بہ ڪري سگهنداسون. ان کان پوءِ هنن کان پڇون تہ اڃا بہ ڪا اختلاف راءِ موجود آهي يا نہ. جيڪڏهن اڃا بہ منجهن اختلاف راءِ موجود آهي تہ پوءِ ڇا ٿيندو جو بحث اصولن مطابق ڇڙي پوندو. جيڪڏهن ڪامريڊن ۾ اصولن تي اختلاف راءِ نہ آهي تہ پوءِ انهن کي چيو وڃي تہ فيصلن ۾ طئي ٿيل ڪمن ۽ رهنما اصولن تي گڏجي هلن. انهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪن ۽ بي اصولي بحث مباحثي کي ڇڏي ڏين. مختصر تہ بي اصولي بحث کي ختم ڪرڻ لاءِ گذريل ڪم جي حاصل جمع تي نظر رکي وڃي، هلندڙ ڪم جي وصف بيان ڪئي وڃي ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ تفصيل ڏنو وڃي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ اجايا اختلاف راءِ ۽ بيجا بحث مباحثا هلندا رهندا. اهڙن اجاين بحثن کي ختم ڪرڻ وارن

معاملن ۾ جج جو ڪردار ادا ڪرڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙن معاملن جو ڪاميابيءَ سان فيصلو تہ ڪري ناهي سگهبو. جيڪڏهن اوهان جو فيصلو صحيح نہ آهي تہ ڪابہ ڌر مطمئن ڪانہ ٿيندي ۽ اختلاف راءِ هلندو رهندو.

اهڙن معاملن ۾ عام طور تي ڪامريڊن جي دلين ۾ موجود شڪ شبها بحث هيٺ نہ آندا وڃن. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ڪو مقصد حاصل ٿي ڪونہ سگهندو. هن قسم جو اختلاف راءِ فقط سرگرمين ۽ پارٽي جي اندروني جدوجهد وسيلي ختم ڪرائي سگهجي ٿو. ائين ڪرڻ سان خاص قسم جا ڪامريڊ اعتبار جوڳا ثابت ٿيندا آهن ۽ پنهنجا شڪ شبها ختم ڪري ڇڏيندا آهن.

جيڪڏهن ڪي ڪامريڊ پارٽيءَ جي اصولي جدوجهد ۾ ڪي بي اصولي ڳالهيون داخل ڪن تہ اسان کي گهرجي تہ اصول بابت اٿاريل مسئلي ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيون ۽ بي اصول ڳالهين ڏانهن ڪو توجهہ نہ ڪريون. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ اصول وارو سوال ڍڪجي ويندو.

جيڪڏهن ڪو ڪامريڊ اصولي جدوجهد جي نالي ۾ بي اصولي جدوجهد جي ابتدا ڪري رهيو آهي تہ اسان کي گهرجي تہ اصولي صحت ڏانهن اشارو ڪريون ۽ اها پرواهہ نہ ڪريون تہ ڪهڙو اصول صحيح آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪامريڊ هن اصول مان غلط فائدو وٺي رهيو آهي. ساڳئي وقت اسان کي مناسب طريقي سان اهو بہ واضح ڪرڻ گهرجي تہ مذڪوره ڪامريڊ جو موقف ۽ طريقہ ڪار غلط آهي. ائين ڪرڻ سان اصولي جدوجهد کي بي اصول جدوجهد ۾ بدلائي ڪونہ سگهبو.

بهرحال پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد بنيادي طور اختلاف راءِ جي هڪ شڪل آهي ۽ اها جدوجهد نظرياتي ۽ اصولي نقطن تي ٿيندي آهي. هر شيءِ جو بنياد شعور ۽ استدلال تي هئڻ گهرجي ۽ هر شيءِ کي مناسب عقلمنديءَ سان سمجهائڻ کپي ۽ هر ڪم کي سنو سمجهي ڪرڻ گهرجي ۽ ان مان چڱائي جي اميد رکجي. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ ڪوبہ فائدو ڪونہ رسندو. جيڪڏهن شين کي مناسب طريقي ۽ عقلمندي سان سلجهائبو تہ اهي صحيح طريقي سان ڪري سگهبيون ۽ بنا ڪنهن مشڪلات جي ڪري سگهبيون. اسان کي گهرجي تہ استدلالي طور سوچيون. ڪنهن ماڻهوءَ جي استدلال ۽ شعور کي پارٽي مفادن، پورهيت جدوجهد جي مفادن جي ماپي سان ڪچڻ کپي. اهو بہ ڏسڻ کپي تہ "جز" جي مفادن کي "ڪل" جي مفادن ۽ "ترت مفادن" کي "ڊگهي عرصي وارن مفادن" ۾ ضم ڪيو ويو آهي؟ استدلال يا نقطہ

نظر کي فقط تڏهن صحيح سمجهي سگهجي ٿو جڏهن اهو پارٽي ۽ "ڪل" جي حيثيت ۾ پورهيت جدوجهد جي مفادن ۾ هجي. جيڪڏهن ائين نہ آهي تہ ان نقطئہ نظر کي صحيح سمجهڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن جدوجهد کي بنا ڪنهن استدلال ۽ عقل جي شروع ڪيو وڃي ٿو تہ اها اصولي جدوجهد ڪانہ آهي. هر شيءِ جنهن جو بنياد استدلال ۽ شعور تي نہ آهي يا ان کي عقل وسيلي نہ ٿو سمجهائي سگهجي اها غلط آهي. تنهن ڪري ان مان صحيح نتيجو ملي ڪونہ سگهندو نہ وري ان جو آخري حل لهي سگهبو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شين کي عقل سان سمجهائڻ کان پوءِ متفق نہ ٿو ٿئي تہ سولائيءَ سان سمجهي سگهبو تہ پارٽي ۽ پورهيت طبقي جي جدوجهد کي ڪير نقصان پهچائي رهيو آهي. ان کان پوءِ انهن ڪامريڊن خلاف تنظيمي طور ڪارروائي ڪرڻ ضروري آهي جيڪي غلطين کان پاڻ ڪونہ ٿا پلن. اهڙيءَ ريت مسئلي جي گهربل نقطي کي سولائيءَ سان حل ڪري سگهجي ٿو. پارٽي جي اندروني جدوجهد لاءِ صبر ۽ تحمل سان گڏو گڏ بحث مباحثا بہ لازمي ۽ شعوري ڳالهيون آهن. ڪامريڊن لاءِ ضروري ڳالهيون هي بہ آهن تہ کين کليءَ دل سان سکڻ گهرجي، پنهنجي نظرياتي سطح کي وڌائڻ گهرجي، حالتن کي سمجهي سگهڻ جي صلاحيت هئڻ کپي ۽ مسئلن جي چڱيءَ ريت جاچ پڙتال ۽ انهن جو مڪمل مطالعو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان لاپرواهي ڪندا، هر شيءِ کي طوطي جيان ياد ڪندا، يا داخليت پسند هوندا، عملي ڪمن سان واسطو نہ هوندو ۽ مناسب حقيقتن جي مڪمل جاچ پڙتال نہ ڪندا تہ صحيح طريقي سان غور ۽ فڪر ڪري ڪونہ سگهندا. جيڪڏهن اوهان وٽ ڪن شين لاءِ عقلي دليل نہ آهي يا توهان ائين ڪري ڪونہ ٿا سگهو ۽ جيڪڏهن ڪا پارٽي تنظيم اوهان کي ڪو اختيار ڏئي ٿي تہ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اوهان پنهنجي مرضيءَ مطابق فيصلا ڪندا، جهيڙي لاءِ بہ تيار ٿي ويندا. جيڪڏهن معاملو سچ پچ ائين ٿي ويو تہ پوءِ اوهان کي پارٽيءَ جي اندروني جمهوريت جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي ڇاڪاڻ تہ پارٽيءَ جي اندروني جمهوريت هن نيت سان قائم ڪئي ويندي آهي تہ گڏيل ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ماڻهو گهربل شين بابت غور ۽ فڪر ڪن.

هتي "غور فڪر" مان منهنجو مطلب ڏيکاءُ وارو غور فڪر نہ آهي پر اهو عملي، حقيقي ۽ اصل قسم جو غور ۽ فڪر آهي، جيڪو عملي طور آزمائجي بہ چڪو هجي. ڪي دانشور قسم جا ماڻهو "غور ۽ فڪر" بابت لفظن جو خالي بحث ڪندا آهن جيڪو ظاهر ۾ ڏاڍو خوشنما هوندو آهي.

اهي هر موضوع تي ڪنهن حقيقي بنيادن ڪان سواءِ ڊگهو بحث بہ ڪري سگهندا آهن ۽ اُپ ۽ ڌرتيءَ جي وچ تي موجود هر شيءِ تي ڳالهائي سگهندا آهن. اهي فقط خالي ڳالهيون ۽ پارٽي جا اصطلاح هوندا آهن جن جي ڪا معنيٰ ئي ڪانہ هوندي آهي. اهڙيون شيون پارٽيءَ ۽ انقلاب لاءِ سخت هاڃيڪار هونديون آهن. جيڪڏهن اسان ڪي صحيح قسم جي سوچ فڪر کي اڳتي وڌائڻو آهي تہ هن قسم جي خالي ڳالهين ۽ لباڙي قسم جي اصطلاحن جي مخالفت ڪرڻي پوندي، خارجي ۽ مادي نوعيت جي سوچ فڪر کي ترقي ڏيڻي پوندي جيڪو حقيقت مان ڦٽي نڪرندو آهي. اُهو ئي سرگرمين ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندو آهي. هن جي معنيٰ آهي تہ اسان جو نظريو مادي نوعيت materialistic هئڻ گهرجي.

سوچ فڪر ۽ استدلال کي هر شيءِ جو بنياد بڻائڻ کپي. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ ڪنهن بہ قسم جو فائدو ڪونہ ٿيندو. نہ وري اوهان انهن فڪري ڳالهين کي غلط ثابت ڪري سگهندا. خالي قسم جون ڳالهيون بہ هڪ نفرت جوڳو عمل آهي. غور فڪر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. پر سچي ۽ صحيح بالشويڪ ٿيڻ لاءِ هن کان سواءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ آهي.

بالشويڪ نظريي جا پوئلڳ صحيح سوچ ۽ فڪر جا قائل ۽ حق جا حمايتي هوندا آهن. اهي اهڙي قسم جا ماڻهو آهن جيڪي ٻين سان گڏجي غور ۽ فڪر ڪرڻ جهڙو ڏکيو ڪم ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو جدوجهد جا ماڻهو هوندا آهن. جيڪي ڪڏهن بہ عقل جي خلاف ۽ نامعقول ڪونہ ٿيندا آهن.

ڪامريڊو!

پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد لاءِ اهي مختصر طريقا آهن. اسان جا ڪامريڊ جڏهن پارٽيءَ جي اندروني جدوجهد شروع ڪن تہ مٿي بيان ڪيل طريقا ڪتب آڻن ۽ پارٽي اندر غلط لاڙن کي ختم ڪن ۽ هر ڪارڪن جي پارٽي جوش، جذبي کي بہ آزمائي ڏسن. پر خاص ڪري سياسي ڪارڪن جي پارٽي جذبي کي ائين ڪرڻ سان اسان جي پارٽي نظرياتي ۽ تنظيم ڏاڍي مضبوط ٿي ويندي اسان جو مقصد بہ اهو آهي.

ښو کمیونست کیئن تجي ؟

لیوشائوچي / عطا محمد پنیرو

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڙِڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)